Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 501

(الف) سوانح حیات

مولانا محمّد قاسم رکوي

مولوي محمّد قاسم سن ۱۳۰۵هـ/۱۸۸۷ع ۾ گوٹ قلبونہ تعلقي رتيه ري ۾ حڪيم حابي الله بخش جي گھر ۾ پيدا ٿيو. تعليم جي ابتدا اپنھنجي گوٹ جي مسجد کان ڪيائين. بعد ۾ پنھنجي ننڊي ڀاءُ مولانا محمّد هاشم سان گڏ بنگلدير ي ۾ عربيءَ جي تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪيائين. ان کانپوءِ ميرو خان گڑھي ياسين ۽ پنھواريءَ ۾ تعليم وٺي درس نظامي ختم ڪري بنگلديري لڌ 'دٽي واھڙ' گوٹ ۾ درس تدريس جو ڪم شروع ڪيائين.

گڑھي ياسين جي مدرسي ۾ داخلا وقت هڪ عجيب وغريب واقعو ٿيو. مولانا صاحب پنھنجي ننڊي ڀاءُ مولوي محمّد هاشم سان گڏ گڑھي ياسين جي مدرسي ۾ داخلا لاءِ ويا. ليڪن مدرسي جي صدر مدرس مولانا محمّد قاسم ياسيلوي مدرسي ۾ شاگردن جي ڪثرت سبب کين داخلا ڏيڻ کان معذوري ظاهر ڪئي. ٻئي پاڙ ناميد ٿي واپس گوٹ آيا. مولانا محمّد قاسم ڏاڍو مغموم ۽ دل شڪسته رهڻ لڳو، ليڪن چند ڏينھن بعد کين خواب ۾ بشارت ملي ته ٻئي پاڙ گڑھي ياسين وڃو ۽ اوھان جي داخلا ٿي ويندي. ٻئي پاڙ گڑھي ياسين آيا ۽ مولانا ياسيلوي کين ڏسي مرڪيو ۽ کين چيائين ته اوھان خلاڻ ڪمري ۾ وڃي رهو.

مولانا موصوف 'دٽي واھڙ' ۾ سالن جا سال پڙھائيندو رهيو ۽ ڪٿي عرصي بعد جڏھن سندس ننڊو ڀاءُ مولوي محمّد هاشم نئين گوٹ ۾ اچي رهيو ته مولانا موصوف به 'دٽي واھڙ' کي ڇڏي اچي ڪ ۾ سڪونت پذير ٿيو ۽ اتي عربي مدرسو قائم ڪري تعليم ڏيڻ لڳو ۽ زندگيءَ جي آخري ڏينھن تائين اتي تعليم ڏيندو رهيو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 502

مولانا صاحب فارسيءَ ۾ ڪافي شعر چيو آهي، پر افسوس جو اُن مان ڪجھ به هاڻي موجود نہ آهي. ڳولڻ ڪري اهو مواد ۱۹۴۴ع واري لوڏ ۾ لڙهي ختم ٿي ويو، چوته مولانا صاحب انهيءَ زماني ۾ رُڪ ۾ سڪونت پذير هو.

مولانا مرحوم هڪ وڏو عابد ۽ خداترس بزرگ هو دنيا جي جھنجھٽن کان دور پنھنجي مالڪ حقيقي جي رضامنديءَ ۾ ڪوشان رهندو هو. سندس سڄو وقت درس تدريس يا عبادت الٰهي ۾ گذرندو هو. پنھنجي خواهش يا آرام واري زندگيءَ ڪان ڪوهين پري پيچندو هو.

مولانا صاحب عاليشان خوش خط هو، سندس سرسنڌي خواه فارسي لکائي جڏڪ موتي جاڙاڻا هوندا هئا. سياست يا نماڻش سندس طبع جي بلڪل مخالف شيون هيون.

هي درويش عالم باعمل بزرگ ۱۳۶۷ھ/۱۹۴۷ع ۾ پنھنجي ربّ سان وڃي ملیو. مولانا صاحب کي هڪ پٽ ۽ هڪ ڌي هئي. سندس پٽ ته مولانا جي بعد جلد فوت ٿي ويو(۱)

---

(۱) چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهنامه "شريعت" سکر، سوانح حيات نمبر ۱۹۸۱ع ص. ۱۴۳ - ۱۴۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 503

(الف) سوانح حيات

مولانا خوش محمد ميروخاني

مولانا خوش محمد جو امل نالو عزيز الله هو سندس والد جو نالو ميان يار محمد هو. پاڻ ذات جو تنيو هو[۱] سندس ولادت سن ۱۳۰۶ھ مطابق ۱۸۸۹ع ۾ ميروخان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي سندس وڏا امل ڀل مگسي ضلعو ڪچي (بلوچستان) جا رهاڪو هئا، پوءِ اتان لڏي ڦرياڻين تعلقي شهدادڪوٽ جي هڪ ڳوٺ "ڏنگ" ۾ اچي رهيا جتان پوءِ وري مولانا جو ڏاڏو ميان واحد بخش لڏي اچي ميروخان شهر ۾ سڪونت اختيار ڪئي. (۲)

مولانا خوش محمد جي ابتدائي تعليم ۾ گهڻو مت سندس چاچي ميان خان محمد جوهو، هن پرائمري تعليم ميروخان ۾ حاصل ڪئي. پاڻ ننڍپڻ کان وٺي ذهانت جو ماهر هو. قرآن حڪيم ۽ فارسيءَ جي تعليم شهر جي آخوند ميان نيڪ محمد تونيي کان ورتي ۽ مولوي حافظ قاري خير محمد لاشاري ويل ڳوٺ "چُنڊ جويو" تعلقو ميروخان، ان کان پوءِ پاڻ مولانا دين محمد بلوچ

---

[۱] - ڊاڪٽر مظهر الدين سومري صاحب پنهنجي پي - ايڇ ڊي جي تحقيقي مقالي ۾ مولانا صاحب جي ذات جي باري ۾ 'ڏنگ' جاڻايو آهي جو صحيح نه آهي. 'ڏنگ' هڪ ڳوٺ جو نالو آهي.

(۲) - مولانا ميروخانيءَ جي پوٽي حافظ عزيز الرحمٰن کان ۸۸-۳-۳ تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 504

مولانا میر محمد نورنگي، مولانا محمد اسماعيل ٻني گھوتکي واروءِ مولانا غلام رسول شيخ 'ٻلي ڏني آباد' واري ڀرڻ نامياڻن عالمن کان علم پرايائين (۱) ستي بيان ڪيل مذڪوره عالمن وٽ علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ آخر ۾ مولانا غلام رسول شيخ 'ٻلي ڏني آباد' واري مدرسي مان مولانا غلام رسول شيخ جي اهتمام هيٺ تاريخ ۲۷، رمضان المبارڪ ۱۳۲۳ھ مطابق ۱۹۰۵ع ۾ دستار بندي ڪرايائين. فارغ التحصيل ٿيڻ بعد پنهنجي گوٺ ميروخان ۾ اچي درس تدريس جو ڪم شروع ڪيائين.

مولانا خوش محمد ظاهري علمن جي فراغت حاصل ڪرڻ کانپوءِ روحانيت ڏانهن مائل ٿيو. ٻاڻ ان دور ۾ وڏي بزرگ ۽ روحانيت جي صاحب مولانا سيد تاج محمد امروڻيءَ جي هٿ تي بيعت ڪيائين. ٻاڻ طريقت جا سيڻي طريقا مرشد جي نگرانيءَ ۾ طئي ڪيائين. مولانا خوش محمد پنهنجي روحاني رهبر مولانا سيد تاج محمد امروڻي جي ارشاد موجب گوٺ "اهير" لڳ ٻني 'تعلقي ميروخان ۾ اچي ديني علمن جو مدرسو قائم ڪيائين. انهيءَ مدرسي ۾ ڪجهه وقت تعليم ڏيڻ کانپوءِ سن ۱۳۵۳ھ مطابق ۱۹۳۴ع ۾ قرآن حڪيم جي دوره تفسير جي سلسلي ۾ پنجاب وڃي مولانا احمد علي لاهوري وٽ شاگرد ٿي رهيو. اهو چند مهينن جو دوره تفسير جو درس ريل هو. مولانا درس جي سلسلي پوري ٿيڻ کانپوءِ مروج امتحان ۾ سندس شاگردن کان

---

(۱) - مولانا خوش محمد ميروخانيءَ جي استادن ۾ مولانا عبدالرحمٰن ڏامراڻي جو نالو به شامل آهي.

(مولوي عنايت الله ڏامراڻو، "احسن القصص"، قلمي، سوانح حيات مولانا عبدالرحمٰن ڏامراڻو - ص - ۷

"سمائي مهراڻ" سوانح نمبر، ۱۹۵۷ع سندي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ - ص - ۱۱۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 505

اول آيو. سندس ذهانت سبب مولانا لاهوري، مولانا ميروخانيءَ جو ڏاڍو خيال رکندو هو. ايتري قدر جو جڏهن مولانا وطن وريو تي تہ مولانا احمد علي صاحب کيس ريلوي اسٽيشن تائين چڏڻ آيو (۱) انهيءَ دوره تفسير جي سلسلي ۾ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن هن بنده راقم الحروف کي هڪ ملاقات ۾ ٻڌايو تہ:

"مولانا ميروخانيءَ لاهور ۾ دوره تفسير دوران ٻہ چار مهينا علامہ عبدالله سنديءَ جي طرز تي ترجمو پڙهيو ۽ ان دوران مولانا احمد علي جا تقريري نوٽ قلمبند کندو ويو. جن کي مولانا خوش محمد بعد ۾ تفسيري انداز ۾ مرتب کيو ۽ تفسير مفاتيح الانوار' جو نالو ڏنو جڏهن تہ مولانا ميروخاني جو عربيءَ ۾ پنهنجي استاد مولانا احمد علي لاهوريءَ کان درجو بلند هو. ان کري الهن نوٽس جي وڏي اهميت هئي."

مولانا ميروخانيءَ کي ڪجهہ وقت مولانا عبيدالله سنديءَ جي تائڪيل سنڌ جي مشهور علمي ۽ ديني درسگاهہ 'دارالرشاد' پيرجهنڊي ۾ شاگرديءَ جو پٽ شرف حاصل ٿيو (۲) مولانا خوش محمد جي تعليمي سلسلي ۾ مولانا محمد ابراهيم ڪاڙائي وري هن ريت روايت ڪري ٿو:

Gul Hayat Institute

---

(۱) - مولانا عبدالوهاب چاچڙ، 'ماهنامہ شريعت' سکر سوانح حيات نمبر. آڪٽوبر ۱۹۸۱ع، يونائيٽيڊ پيڪيجز لميٽيڊ ص - ۲۶۲

مولانا خوش محمد ميروخاني "فصول اڪبريٰ" مولانا عبدالوهاب ڪولاچيءَ کان پڙهيو، جيڪو ان فن جو امام هو. (علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي)

(۲) - مظهرالدين سومرو ڊاڪٽر، "تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو"، پي. ايڇ. ڊي لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، اسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ص - ۳۳۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 506

"مولانا ميروخاني عربي کتاب شروعات کان "قطبي"

تائين مولانا عبدالله رتائي وٽ پڙهيو ۽ پوءِ "بنيءَ ويو" (۱) مولانا

کاڙهڻائي جيئن ته هڪ مستند ۽ وڏو عالم هو. ان کري سندس اها روايت

صحيح معلوم ٿئي ٿي.

هڪ پيري بزرگ سيد تاج محمد امروٽي پنهنجي درگاه

تي ويٺا هئا. جتي مولانا ميروخاني ۽ سندس کجه ٻيا هم عصر عالم موجود هئا.

انهيءَ مجلس ۾ مولانا امروٽي قرآن پاڪ جي هيءَ آيت تلاوت ڪئي. لَعَمْرُكَ اِنَّهُمْ

لفي سَكْرَتِهِمْ يَعْمَهُوْنَ (۲) (اي نبي! تنهنجي جان جو قسم

ان وقت انهن ٽي شوڄڙهيل هو جنهن ۾ هو آپي کان ٻاهر نڪري

وڃي ٻيا) ان کانپوءِ سڀني وڏن عالمن کي ارشاد ڪيائين

ته انهيءَ آيت سگهوريءَ جو تفسير ٻيان ڪيو وڃي ۽ ساڻيئي وقت ان لاءِ وقت

پڻ ڏنو ويو جڏ ته اها انهن عالمن لاءِ هڪ امتحان ۾ آزمائش هئي. انهيءَ

علمي مجلس ۾ سڀني عالمن پنهنجي پنهنجي نوعيت سان مضمون جي مناسبت

سان تقريرون ڪيون جن ۾ ڪنهن به قسم جي پرجڏهن مولانا

خوش محمد جي تقرير ڪرڻ جو وارو آيو ته مولانا صاحب انهيءَ آيت سگهوريءَ

جو تفسير ۾ نهايت ئي مدلل تقرير ڪئي. روايت ڪندڙ روايت ڪري ٿو

مولانا صرف عمدي جي لفظ تي ئي ڏيڊ ڪلاڪ ڪن تقرير ڪئي. مولانا خوش محمد جي

اسري ذهانت ۽ ذڪاوت سندس روحاني مرشد سيد تاج محمد امروٽي خوش ٿي ڪيس

پيشانيءَ کي چميون ڏيندي ۽ فرمايائين ته تو جهڙا سالڪ، نيڪ ۽ ذهين پٽ جڏي کوبه

---

(۱) - مولانا عبدالوهاب چاڦڙ، "ماهنامه شريعت" سکر سوانح حيات نمبر آکٽوبر ۱۹۸۱ع

يونائيٽيڊ پبليڪيشنز لميٽيڊ - ص ۵۶۵ -

(۲) - "الحجر" آيت ۷۲ پاره ۱۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 507

عالم پل ڀھان چڏي وڃي تہ هن کي پنهنجي موت جو کوبہ ڏک نہ ٿيندو ۽(۱)

مولانا خوش محمد پنهنجي وقت جو وڏو عالم، مدرس

مفتي ۽ خطيب هو. پاڻ پنهنجي عمر جي آخري گهڙين تائين پنهنجي

شهر ميرو خان ۾ درس تدريس جو ڪم ڪندو رهيو. تقريبًا چارسو پنجاهه

شاگردن کانئس علمي فيض پرايو ۽ اهڙن مان گهڻائي دستار بند ڪري فارغ

التحصيل عالم ٿي نڪتا. سندس شاگردن جو حلقو سنڌ، بلوچستان، خراسان،

خاران، ايران، افغانستان ۽ سعودي عرب تائين موجود آهن (۱) سندس

مشهور شاگردن مان پهرين نالو سنڌي مشهور عالم علامہ غلام مصطفيٰ

قاسميؒ جو آهي. علامہ صاحب ابتدائي ڪتاب "مأة عامل" "نحو ميرؒ" وغيره

وٽس پڙهيا (۲) ان کانسواءِ مولانا عبدالعزيز پاندوي، مولانا عبدالله چانڊيو،

مولانا شاهہ محمد هڪڙو، مولوي علي انور تنيو، مولوي محمد ابراهيم بيڻؒ

وارو، مولوي نورالدين نورؒ، مولوي حبيب الله نوناري، مولوي حڪيم غلام

صديق نوناري، مولوي نواب الدين چانڊيو، مولوي حڪيم محمد نواز

سيناري، مولانا غلام محمد بن مولانا ميرمحمد نورنگي، مولوي عبدالرؤف

جاگيراڻي، مولوي محمد نواز جمالي، مولانا مظهرالدين انديڙ، مولانا سلطان احمد

جتوئي، مولانا محمد حسن رائيپوري، مولوي محمد اسحاق جلوڻي، مولوي

علي محمد حقاني، جيڪي هينئر لاڙڪاڻي شهر ۾ ٻوڏائي روڊ تي مدرسہ

عربيہ "اشاعت القرآن" جو مهتمم پيڙ آهي، مولانا غلام صديق چنجڻي، سندس

پائٽيو مولوي حافظ عبدالقادر ۽ سندس فرزند مولوي حبيب الرحمٰن شامل آهن. (۳)

---

(۱) - عبدالوهاب چاچڑ مولانا، "ماهنامہ شريعت"، سکر سوانح حيات نمبر آڪٽوبر ۱۹۸۱ع - ص ۲۶۴

(۲) - سماهي "الرحيم" سنڌي - ص - ۸۹ - ۹۰

(۳) - مولانا ميرو خاني جي شاگرد حڪيم مولوي محمد نواز سيناري شهداد ڪوٽي کان روبرو ورتل انٽرويو -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 508

پڑھڻ پڑھائڻ سان سندس ايتروتہ شغف هو، جوڀاڙي عمر ۾ حڪيمن کيس پڑھائڻ کان منع ڪئي، پر مولانا صاحب نہ مڃيو، ۽ جيائين تہ جيستائين جسم ۾ جان آهي تيستائين پاڻ پڑھائيندس.

مولانا ميروخانيءَ جي هم عصرن ۾ مولوي حبيب الله نيڙهيءَ وارو، مولوي محمد عظيم شيدا، مولانا عبدالڪريم ڪمارڙو، مولانا محمد صادق ڪنڊي وارو، مولانا فتح محمد سيوهاڻي، مولانا عبدالڪريم ڪورائيءِ مولانا حمادالله هاليجوي قابل ذڪر آهن. (۱) مولوي حافظ محمد ڪامل ويڙل ڳوٺ "سنهڙي" (تعلقو لاڙڪاڻو) وارو مولانا جو دل گهرو دوست ۽ هم ڪلاسي هو، جيڪو ميروخان ڪوٽ انيندو ويندو هو.

مولانا خوش محمد ميروخاني تعليم ڏيڻ سان گڏوگڏ اعلاء ڪلمة الله لاءِ به ڪافي جدوجهد ڪئي. ماڻهن جي اصلاح خاطر ٻنڊين ڳوٺن ۾ وڃي تبليغ ڪندو هو. تبليغ جي واسطي جلسن منعقد ڪرڻ لاءِ ضلعي لاڙڪاڻي جي 'انجمن محمدي' [۲] جي ڪجهه وقت لاءِ سرپرستي به قبول ڪيائين.

---

(۱) - مولانا ميروخانيءَ جي شاگرد مولوي محمد نواز سيتار (ويڙل شهداد ڪوٽ) کان ۸۷-۳-۱۳ تي ورتل انٽرويو.

[۲] - 'انجمن محمدي' جو بنياد ۽ جهنڊڙن ۾ مولوي عبدالرشيد جماڻي، مولوي عبدالرشيد پيرزادو ويڙل علي ڳوٺ آباد معلو لاڙڪاڻو، حڪيم احمد بخش عباسي ڳوٺ سچي ڏني (تعلقو لاڙڪاڻو) وارو شامل آهن. هن انجمن تحت لاڙڪاڻي ۾ ڪيترائي ديني جلسا ٿيندا پئي رهيا آهن. (مولانا ميروخانيءَ جي شاگرد مولانا علي محمد حقاني مهتمم ۽ مدرس مدرسه 'اشاعت القرآن' دودائي روڊ لاڙڪاڻي کان ورتل انٽرويو)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 509

جنهن جو خاص کم دين جي تبليغ آهي. مولانا صاحب کي سن ۱۳۳۵ھ مطابق ۱۹۳۶ع ۾ حج جي سعادت به نصيب ٿي.

مولانا ميروخاني پنهنجي وقت جي بين عالمن وانگر سياسي هلچل کان به غافل نه رهيو، ۽ 'خلافت تحريڪ' جو سرگرم ڪارڪن به ٿي رهيو. انگريزن خلافت تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ "امن سياڻي" عالم مولوي فيض الڪريم کان 'تحقيق خلافت' نالي هڪ فتوىٰ لکائي جاري ڪئي(۱) جنهن ڪري سندن جي ڪيترن عالمن گادي نشينن ۽ مشائخن صحيحون ڪيون ته مولانا ميروخاني به ان جي تائيد ڪئي هئي پر پوءِ هن جلد ئي اها سياسي غلطي محسوس ڪري ان جواز الوڪيو ۽ خلافتي عالمن طرفان جاري ڪيل فتوىٰ 'اظهار الڪرامة' جي تصديق ۽ تائيد ڪئي(۲) ان ڪانپوءِ پاڻ خلافت تحريڪ ۾ ئي شامل رهيو.

مولانا خوش محمد ميروخاني وڏي پايه جو عالم ۽ عربيءَ جو وڏو ماهر هو. سندس ڪيترين فتوائن ۽ تحريرون نڪتل آهن جيڪي عربي، اردو، ۽ سنڌيءَ ۾ آهن. سندس ذاتي ڪتبخاني ۾ تقريبًا هزارکن ڪتاب آهن جنهن ۾ اڪثريت درس نظامي جي ڪتابن جي آهي. (۳)

Gul Hayat Institute

مولانا ميروخاني حڪمت به ڪندو هو ۽ سن ۱۹۴۵ع ۾ ۲۲ ڊسمبر

---

(۱) - مولوي فيض الڪريم: 'تحقيق خلافت'، ڪراچي، ديلي گزيٽ پريس، ۲۲، مئي ۱۹۱۹ع، ص - ۳۷

(۲) - 'اظهار الڪرامة في مقاصد الخلافت والامامة'، سکر انجمن شوريٰ علماء سنڌ سال - ۹ - ص - ۵

(۳) - مولانا ميروخاني جي پوٽي حافظ عزيز الرحمٰن کان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

زرعي زمين هئي. اها ئي سندس معاشي ذريعو هئي.
اولاد ۾ ڪيس ٣، پٽ ۽ ٥، نياڻيون ٽيون. وڏو پٽ
يار محمد هو جيڪو وفات ڪري ويو. ان کانپوءِ ڪيس
ٻيو پٽ جانو جنهن جو نالو پٽ يار محمد رکيائين.
سندس ٽيون پٽ مولوي حبيب الرحمٰن هو. جيڪو پڙ
عالم هو ٿورو وقت ٿيو جو وفات ڪري ويو.

مولانا خوش محمد ميروخاني تاريخ ٢٥
شوال ١٣٩٦ھ مطابق ٢٠ آڪٽوبر ١٩٧٦ع اربع ڏينهن فجر
جي نماز کان بعد هن فاني دنيا مان رحلت ڪري
ويو. ڪيس سندس ٺاهيل گوٺ ميروخان ۾
پنهنجي قائم ڪيل مدرسي جي احاطي ۾ مدفون
ڪيو ويو.(١)

---

(١)- مولانا صاحب جي پوٽي حافظ عزيز الرحمٰن کان
١٩-٢-٨٨ تي روبرو ورهتل انٽرويو.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 511

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا خوش محمد ميروخاني لاڙڪاڻي ضلعي جو مشهور معروف ديني عالم ۽ مدرّس هو. هن پنهنجي سڄي حياتي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ گذاري. مولانا پنهنجي پويان گهڻائي شاگرد ڇڏيا آهن جيڪي ديني مدرسن ۾ درس تدريس جو ڪم ڪندا رهن ٿا. ان بنياد تي کيس "استاد العلماء" جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ مولانا موصوف جي تصنيف ۽ تاليف جي سلسلي ۾ ڪابه تصنيف هن وقت تائين اڃا چاپي هيٺ ڪونه آئي آهي. پر تڏهن به سندس ڪجهه ڇڏيل قلمي مخطوطات جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

۱- تفسير مفاتيح الانوار

هن تفسير جي باري ۾ اسان هن کان اڳ ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جو راءِ لکي آيا آهيون. هتي صرف ايترو لکجي ٿو ته انهن ورتل مولانا احمد علي لاهوريؒ جي نوٽن تي ٻڌل "تفسير مفاتيح الانوار" مولانا ميروخانيؒ جو ڏنل آهي. مولانا ميروخاني لاهور ۾ "دورهِ تفسير" دوران جيڪي مولانا لاهوريؒ کان تقريرون ٻڌيون انهن کي نوٽ ڪندو ويو ۽ بعد ۾ انهن کي هڪ تفسيري انداز ۾ مرتب ڪيو اٿس. بقول علامه غلام مصطفيٰ صاحب جي ته انهن تقريرن جي طرز مولانا عُبيدالله سنڌيؒ واري آهي جو خود شاهه ولي الله هي فلسفي جو قائل هو. انهيءَ ڪري هن تفسيري نوٽن جي وڏي اهميت آهي. مگر افسوس جو مولانا صاحب اختصار کان ڪم ورتو آهي. اڳر هي مڪمل ۽ مفصّل هجي ها ته تفسيري علم جو هڪ بحر

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 512

بيڪران هجي ها، مگر ان هوندي به اسان هتي هن جو مختصر خاڪو پيش ڪريون ٿا.

جيئن ته مولانا خوش محمد ميروخاني پاڻ به ولي الله

فلسفي کان متاثر هو. ان ڪري هن پهريائين قرآن پاڪ جي مضمونن جي هڪ فهرست تيار ڪئي آهي. ليڪن مولانا جي ان فهرست ۾ جدت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. عام عالمن واري رنگ کان ڪافي هٽي ويو آهي. هر آيت جو مفهوم ۽ ان جي مناسبت سان رکندڙ مضمون بيان ڪيو آهي. ڪيترن قراني اصطلاحات جو ذڪر ڪيو آهي. انساني خواهشن ۽ جبلتن جو ڏڪر ڪيو آهي. اهڙن عمدن موضوعن ۾ شاه ولي الله جي تعليمات جي روشنيءَ ۾ انسان جي قوتن جا قسم روحاني، طبعي، عقلي ۽ جئن 'اخلاق فاضله' جو ذڪر وغيره اچي وڃن ٿا. ان کان پوءِ عالمانه مقدمو ڪيو آهي جو پڙ وڏي اهميت جو حامل آهي. ان مقدمي جون چند خصوصيتون هي آهن:

۱- آيتن جي ربط جي ضرورت.

۲- قرآن مجيد ۾ ننڍين ۽ وڏين سورتن جي هڪڙ جو مقصد ۽ آيتن جي ترتيب.

۳- تفسير ۽ تاويل ۾ فرق ۽ تفسير بالرّاء جو مفهوم.

۴- قرآن مجيد جا مخاطب.

۵- قرآن شريف جي تعليم جو روح.

۶- شاه ولي الله جي تعليم جي روشنيءَ ۾ قرآن جو سمجهڻ.

۷- شعائرِ اسلام جو بيان ۽ 'علوم پنجگانه' جو تفصيل

مولانا خوش محمد ميروخاني پاڻ قرآن پاڪ جو وڏو مفسر هو. پاڻ پنهنجي شاگردن کي قرآن حڪيم جي سمجهاڻي پنهنجي درس واعظ ۽ تقرير جي ذريعي ڏيندو هو ۽ قرآن جي اصل روح کي عام ماڻهن تائين پهچائيندو هو. ان سان گڏ ماڻهن کي اجاين رسمن ۽ مشرڪانه عقيدن کان به باهر ڪيڊڻ ۾ پنهنجو تبليغي فرض ادا ڪندو هو. اهڙي طرح سان مولانا ميروخاني ديني تبليغ جي سلسلي ۾ وڏو نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 513

(الف) سوانح حیات

مولانا محمد هاشم اسحاق دیرائي

مولانا محمد هاشم ولد حاجي الله بخش سن ۱۳۰۶ھ مطابق ۱۸۸۹ع ۾ گوٺ قلبونہ لڳ بنگلدیرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جائو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي گوٺ کان شروع ڪئي ۽ پنهنجي ماميٽ ملا عمر کان قرآن شريف حفظ ڪيائين. ان کانپوء مولانا عبدالله بنگل ديرائي، مولانا خوش محمد ميرو خاني، مولانا عبدالقادر پنهواري ۽ مولانا محمد قاسم ٻرهي ياسينءَ وٺ پڙهي نظامي پورو ڪيائين. (۱)

علمي فراغت بعد اسحاق ديري تعلقي ٻرهي ياسين ۾ ديني مدرسو قائم ڪري درس تدريس جو آغاز ڪيائين. ڪيس مولانا تاج محمود امروٽيءَ جي گهٽي صحبت ۽ ملاقات نصيب ٿي، پوان جي وفات بعد لڏي اچي "رڪ" اسٽيشن پرسان نئين گوٺ ۾ ويٺو ۽ اتي "انجمن مجاهدان اسلام" جي نالي سان هڪ تعليمي ادارو به قائم ڪيائين.

مولانا صاحب تدريس ۽ تبليغ سان تصنيف جو به ڪم ڪيو ۽ سندس ڪيل ڪتابن مان "بنات الرسول" "قتله جو مسئلو" ۽ "احياءُ القلوب" ذڪر لائق آهن. (۲)

مولانا محمد هاشم "خلافت تحريڪ" ۾ شامل ٿي سياست ۾ پير پائڻ، پاڻ تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن ۽ مبلغ ٿي رهيو. (۳) ۽ تحريڪ سان انصاف ڪرڻ خاطر مدرسي کي ملندڙ سرڪاري گرانٽ وٺڻ کان به انڪار ڪري ڇڏيائين. (۴)

---

(۱) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهوار "شريعت" سوانح حيات نمبر سکر يونائيٽيڊ پيڪيجز لميٽيڊ آڪٽوبر، نومبر ۱۹۸۱ع ص - ۱ - ۱۱

(۲) ——— ايضاً ———

(۳) - روزنامہ "الوحيد" ڪراچي، مورخہ ۲۷ آڪٽوبر ۱۹۲۳ع، ص - ۴

(۴) ——— ايضاً ——— مورخہ ——— ۱۳ جون ۱۹۲۰ع، ص ۴ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 514

مولانا صاحب تحريڪ جي جلسن ۾ شريڪ ٿي ۽ جي انگريزن خلاف عوام کي بيدار ڪندو هو، جنهن ڪري هن جيل جي سزا به پوگي. (۱) جڏهن خلافتي عالمن تحريڪ جي فائدي ۾ فتوائون جاري ڪيون، تہ پاڻ به سندس ساٿ ڏنائين. (۲)

'خلافت تحريڪ' کان سواءِ هن 'جميعت العلماء' جي سياسي ميدان تان به وطن جي آزادي ۾ پاڻ پتوڙيو. مولانا صاحب سکر ضلعي جي نامياري جميعتي عالمن مان هڪ هو. پاڻ ڪيترو وقت هن جماعت جي ضلعي شاخ جو ناظم، نائب صدر، صدر ۽ "جميعت العلماء سنڌ" جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ميمبر به ٿي رهيو. (۳)

آخر ۾ مولانا صاحب سن ۱۳۵۹ھ مطابق ۱۹۴۰ع ۾ وفات ڪئي. (۴)

---

(۱) - روزانہ "الوحيد" ڪراچي، مؤرخہ ۱۲ مارچ ۱۹۲۹ع ، ص. ۴

(۲)-i "اظهار الكرامة في مقاصد الخلافت والامامة" سکر، انجمن شوريٰ علماء سنڌ، سال ؟ ص ۱۴۱

ii- "امن سپاه ۾ شامل سڀني ٽنهي فڪرن جي علماءِ سنڌ جو متفقہ فتويٰ" ڪراچي جميعت علماء سنڌ، ۱۳۴۰ھ ص ۲۰

(۳) - سومرو مظهر الدين ڊاڪٽر، "تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو" ٽيسز ۱۹۸۳ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو ص ۵۵۷

(۴) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهوار "شريعت" سوانح حيات نمبر سکر يونائيٽيڊ پيڪيجز لميٽيڊ آڪٽوبر، نومبر ۱۹۸۱ع ص ۱۴۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 515

(الف) سوانح حيات

مولوي محمد صالح "وصالي" شهدادكوٽي

مولانا محمد صالح ولد مولوي نظام الدين کوسو جي ولادت "نارٽي" بلوچستان ۾ انڪل ۱۳۰۸ھ/ ۱۸۹۰ع ۾ ٿي. بعد ۾ سندس وڏا اتان لڏي اچي شهدادکوٽ ۾ ويٺا سندس والد مولوي نظام الدين به ديني عالم هو، جيڪو پنجاب جو فارغ التحصيل هو، ۽ مولانا سيد تاج محمود امروٽي جو صحبتي هو.

مولوي محمد صالح جي تعليم پرائمري جو تفصيل معلوم ٿي نه سگهيو آهي، البت ايترو معلوم ٿيو آهي، ته درس نظامي ۽ جي تعليم ڏوري تعلقي جي مختلف مدرسن ۾ ورتي هئائين.

مولوي صاحب علمي فراغت کان بعد مختلف مدرسن ۾ پڙهايو، جن ۾ نواب گل محمد زئيب جو مدرسو گوٽ گاڏهي تعلقو شهدادکوٽ، مدرسو گوٽ "رشيد وهڙ" تعلقو لاڙڪاڻو، ۽ آخر ۾ شهدادکوٽ ۾ پڙهايائين، ونائس جن شاگردن علمي فيض پرايو تن جا نالا معلوم ٿي نه سگهيا آهن، البت سندس ٻن شاگردن جا نالا معلوم ٿيا آهن، جن ۾ مولوي غلام قادر کوسو ۽ مولوي محمد يوسف کوسو تعلقو شهدادکوٽ شامل آهن.

مولوي محمد صالح روحاني طرح مولانا سيد تاج محمود امروٽي جو دست بيعت هو. کيس اولاد ۾ صرف نياڻيون ٽيون. (۱)

---

(۱) - مولوي الله ورايو کوسو ساکن شهدادکوٽ (مولانا وصاليءَ جو عزيز عمر ۵۵ سال) کان ۳۰ جون ۱۹۹۲ع تي ڪيل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 516

مولوي صاحب شعر شاعريءَ ۾ به طبع آزمائي ڪئي آهي. شعر ۾ تخلص 'وسالي' استعمال ڪيو آهي. سندس شاعريءَ جا ڪومي نظم' جي عنوان سان هڪ نصيحت آموز شعر دستياب ٿي سگهيو آهي، جنهن جا ڪجهه بند مثال طور ملاحظه فرمايو:

جڏي خواب غفلت اداڻي سجاڳ - ٽٽڙ ويسلو آ نشاني نياڳ
هين وانگر توون پاڻ پنهنجو سنيار - ترڻي جڏي جوٽين خوار زار
يهودين نصارن ترڻي ڪئي - رهي هاڪ حشمت تنهنجي چو وئي
ڪفن وقت ۾ لوڻ هوندڪئي - اهاوا ڳ تنهنجي مٽاچو وئي
ٿيا شرط پورا نه اسلام جا - اهيءَ لئه ويا ڏينهن آرام جا
رکي هوش هڪدم انٿي تيار - ويل وقت پنهنجي ڪي جلدي سڌار
ڪري مال ڪائين پراوا جهنٽي - پري ڪر لڇائي ڪي پاڙون پٽي
پنهنجي ذات سچائي ادا - ڪبو عمل صالح جڏيوڪر گندا
پيڙ پنگ جو آهي بلڪل حرام - برو ڏينهن محشر انهن جو تمام
وسالي ختم ڪر توون پنهنجو ڪلام - وڏي ءِ ٻنڊي ڪي چڱج والسلام (۱)

مولانا محمد صالح وسالي سڄي عمر ديني خدمت ۾ گذاري ۽ سن ۱۹۶۰ع ڌاران هن فاني دنيا مان رحلت ڪئي. (۲)

---

(۱) - وفائي دين محمد مولانا، ماهنامه "توحيد"، ڪراچي، جنوري، ۱۹۶۵ع، ص ۳۲
(۲) - مولوي الله ورايو ڪوسي کان ۳ جون ۱۹۹۲ع تي ڪيل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 517

(الف) سوانح حيات

مولانا درمحمد خاک کانڈلوي (کانڈڑوي)

ابوالاقبال مولانا درمحمد ولد عبدالرب قريشي صديقي

پاڙو خيالاڻي، سندس ولادت ۱۳۱۰ھ/ ۱۸۹۲ع ۾ گوٺ کانڈڑا تعلقي واري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. پاڻ پنهنجي نالي جي پويان کانڈيلوي [۱] سڏائيندو هو.

مولانا درمحمد قرآن مجيد ۽ فارسيءَ جا ابتدائي ڪتاب ملامحمود لاکيروٺ پڙهيو. ان بعد گوٺ آڏيءَ جي مدرسي ۾ داخل ٿيو جتي مولانا مسعود کوکرو ٺ کيس تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ مدرسي باڪي تيوڻي (ضلعي لاڙڪاڻي) ۾ وڃي حافظ فدا احمد وٺ پڙهيو. ان بعد سن ۱۳۳۰ھ/ ۱۹۱۲ع ۾ دامراهن (ضلعي لاڙڪاڻي) ۾ مولانا عبدالرحمان دامراهي وٺ پڙهڻ کان پوءِ کيس وقت لاءِ وڃي مولوي قادربخش سولنگيءَ وٺ گوٺ "ملاڻ" (ضلعو لاڙڪاڻو) ۾ رهيو ۽ اتي علم

---

[۱] - کانڈيلوي انکري ٿو سڏجي، جو سندس وڏن بزرگن مان مخدوم قاضي ضياءُالدين صديقي قريشي هندستان ۾ مظفرنگر جي پسگرائي ۾ هڪ ڀاڙ جي ڪنڊ ۾ سنواري گوٺ ٻڌايو، جو ڪانڊ ۾ ڪاڻي سان مشهور ٿيو، جو اڄڪلهه هلي اردوءَ ۾ ڪانڌ هلهه ۽ سنڌي ۾ ڪانڊ ۾ ٿيو. ان گوٺ ڪانڌ هلهه مان ڪيترا نالي ۽ اڳ بزرگ ٿيا، جيئن علامه مولانا الٰهي بخش صديقي (شارح مثنوي مولانا روم) تبليغي جماعت جوباني مولانا محمد الياس رح وغيره.

ان خاندان مان هڪ بزرگ شاه احمد ان وقت ۾ هڪ تعلق بادشاهه سان گڏ سنڌ ۾ آيو. جتي نصيرآباد (ضلعي لاڙڪاڻي) ۾ ڪانڊلا نالي گوٺ ٻڌائي آباد ڪيو، جو ڪانڊڑا سڏجي ٿو. کيس هتي به پ فرزند ٿيا. هڪ خيال احمد ٻيو محمد احمد. مولانا درمحمد خاڪ، خيال احمد جي نسل مان آهي. انکري خيالاڻي سڏجي ٿو.

(سامي "مهراڻ" شاعر نمبر ۱۹۶۹ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ص ۲۷۹)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 518

پرايائين. تنهن کانپوءِ مولانا مير محمد نورنگي ۽ قنبر جي پرسان مولانا مير محمد مارفاڻي بلوچ جي مدرسي ۾ وڃي پڙهيو. آخر ۾ مدرسه 'منڊيڇا' ڪ گابي کاوتي' تعلقو وارهه (ضلعو لاڙڪاڻو) ۾ مولانا محمد صالح ابڙي وٽ باقي ڪتاب پڙهي ۲۵ ورهين جي عمر ۾ سن ۱۳۳۸ھ/۱۹۲۰ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو. (۱)

مولانا درمحمد خاڪ علمي فراغت کان بعد هيٺين مختلف ديني مدرسن ۾ تعليم ڏيندو رهيو. اٺ سال گوٺ "الهڈنو ڪانڊرو" لڳ لالو روئنڪ' (تعلقو وارهه) گوٺ 'ونگل ماڻي' (تعلقو وارهه) گوٺ 'بالي شاهه' (ضلعو دادو)، گوٺ 'وزيد خان جتوئي' لڳ 'ڪانڊرا' (تعلقو وارهه) ۾ اٺ سال مولوي عبدالفتاح صديقي جي مدرسي شڪارپور ۾ درس تدريس جو ڪم ڪيائين. اهڙي طرح مولانا خاڪ ڪجهه وقت وڃي حيدرآباد ۾ به رهيو، جتي 'نارانجيل' واري مسجد ۾ خطيب ٿي رهيو. (۲)

مولانا درمحمد وٽان گهڻن ئي شاگردن علمي فيض پرايو، تن ۾ مولوي الهڈنو ڪوڪر گوٺ 'حسن آباد' تعلقو ميهڙ' مولوي محمد صالح ڪولاچي شهر 'باده' تعلقو ڏوڪري ۽ سندس فرزند مولوي منظور احمد قابل ذڪر آهن. (۳)

مولانا درمحمد صاحب درس تدريس ڏيڻ سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم به جاري رکيو ۽ هيٺيان ڪتاب لکيائين جن جي وچور هن طرح آهي: خزانة العارفين (شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جي صوفيانه شرح)، 'اعانة الغنی الوحيد فی رد عقائد السنی الحديد'، 'الرحی الوفی'،

---

(۱) - مولوي منظور احمد (مولانا درمحمد جو فرزند) کان ۹، ۱۱، ۸۹ ع ۾ گوٺ ڪانڊرا ۾ ورتل انٽرويو

(۲) ——— ايضاً ———

(۳) ——— ايضاً ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 519

'جذبات خاک'، 'قصیده برده فارسي'، 'پکين جي پچار تي تظهروار'، تحفة الاخوان'، 'اللمعة فی تحقیق خطبة الجمعة'، 'گوهرن جو گنج' (قلمي) 'وطن جي واکاڻ'، تاريخ بزرگ شهدادکوٽي، 'مچ ناموسی حرفی' (سلوڪ جي باري ۾)، 'رونق محفل کافيون'، 'گلشن پرهار مولود شريف'، 'نورالابصار فی جوانا الجمعة فی القری والامصار'، 'فضل الکريم فی رویة رسوله الرحيم'، 'نينهن جو نياپو'، 'ٻڙولاهه نه ٻاجهجو'، 'فراق نامو يوسف'، 'لولي جي لات'، 'فتح الفتاح'، 'سبيل السلوک'، 'برکات البسملة'، 'فوائد الفاتحة'، 'زين العباد'، 'حساء الحاسد'، 'تقويت التميز'، 'کليات خاک'، 'مکتوبات خاک'، 'سهرن جو سينگار'، 'مرشد ملکاڻي'، 'ڪتي پينو جو قصو'، 'پوک ڪرڻي آ جو قصو'، 'خطبات خاک'، ۽ رباعيات خاک' شامل آهن. ان کان سواءِ مولانا صاحب جا ڪيترائي علمي، ادبي مضمون، مقالا ۽ مختلف رسالن هٿرو ک 'الرحيم'، 'نئين زندگي' ۽ 'مهراڻ' ۾ چپجندا رهيا آهن. (۱)

مولانا درهڙي خاک سندي، سرائڪي، عربي ۽ فارسيءَ جو سٺو شاعر ۽ اديب به هو. پر پاڻ تخلص "خطائي" هئس ۽ ان کانپوءِ 'خاک' تخلص استعمال ڪيائين. شعر جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس، جنهن ۾ حمد، نعت، ڪافي، غزل ۽ نظم شامل آهن. (۲)

مولانا خاک سياسي لحاظ کان به آگيرو هو هن خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو سان پنهنجي سياسي زندگيءَ جو آغاز ڪيو. هو اڪثر سنڌ ۾ تحريڪ جي اهم گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿي انگريز سامراج خلاف تقريرن ۽

---

(۱) - ابوالاقبال درمحمد صديقي مولانا، "اعانة الغنی الوحيد فی رد عقائد السنی الجديد"، اداره سبحاني نصيرآباد، ۱۹۶۸ع، ص - ۲۵

(۲) - سامهي "مهراڻ"، 'شاعر نمبر'، ۱۹۶۹ع، سندي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ص ۲۷۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 520

شاعريءَ ذريعي عوام ۾ بيداريءَ جو احساس پيدا ڪندو هو. جڏهن مسلم ليگ طرفان ملڪ جي ورهاڱي لاءِ سنڌ اندر به ڪوششون ورتيون ويون تہ مولانا درمحمد خاڪاني پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ قاضي اسدالله شاه نگرائيءَ جي رفاقت ۾ ملڪ جي ورهاڱي تائين پنهنجون سياسي خدمتون سرانجام ڏينده رهيو.(۱)

مولانا درمحمد ۱۸۸۰ ۾ رهين جي جماڻ ۾ سنڌ جي مشهور عالم ۽ بزرگ مولانا عبدالغفور همايونيءَ جي هٿ تي قادري طريقي ۾ بيعت ڪرڻ کان پوءِ دادو ضلعي جي اهل الله بزرگ مولانا حافظ غلام محمد ملڪاڻي جي هٿ تي نقشبندي قادري طريقي تي پڻ بيعت ڪيائين.

مولانا خاڪ جي همعصر عالمن ۾ مولوي محمد عظيم شيدا سولنگي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، مولوي عطا محمد سومرو نصيرآباري، مولوي هدايت الله ٽوڻيو نصيرآباري، مولوي غلام رسول عباسي ٻيڙو وچانديي وارو، مولوي ميان محمد چنجڻي ڪوٽ ميان داد چنجڻي (تعلقو وارهہ) مولوي ڪريم بخش ملڪسي، مدرس مدرسہ علي اڪبر شاه ميهڙ، مولوي عبدالحئي رهڙي وارو، مولوي محمد مصطفيٰ ملڪاڻي (غلام محمد ملڪاڻي جو فرزند)، مخدوم مولوي عبدالحليم ڊرهيلو (ضلعو نواب شاهہ)، پير غلام مجدد سرهندي شڪارپوري، مولانا محمد قاسم مشوري، مولوي نيان حسين سرهندي راڊڻ تعلقو ميهڙ، ۽ مولوي عبدالرحمان ملڪاڻي دادو شهر قابل ذڪر آهن.(۲)

مولانا صاحب جي اولاد ۾ چار ڌيئا ٽيون ۽ پنج پٽ ٿيا جن جا نالا هي آهن. نثار احمد، مقبول احمد، مولوي منظور احمد، سردار احمد ۽ اقبال احمد

---

(۱) - مظهرالدين سومرو ڊاڪٽر: "تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو" ڊي فل لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، سنڌ يونيورسٽي، ۱۹۷۹ ع ص - ص - ۳۴۰ - ۳۴۱

(۲) - مولوي منظور احمد (مولانا خاڪ جو پٽ) کان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 521

نثار احمد، مقبول احمد ۽ اقبال احمد فوت ٿي ويا آهن.

مولانا درمحمد خاڪ جي آخري آرزو هئي ته سندس ۽ تفسير لکجي. پر حياتيءَ کيس وفا نه ڪئي. اهڙيءَ طرح هن سڄي عمر ديني ۽ علمي خدمت ڪندي ٻوڙي ورهين جي همر ۾ تاريخ ۳۰، ربيع الاول سن ۱۴۰۱ھ/۶، فيبروري ۱۹۸۱ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. سندس آخري آرامگاهه گهرجي ويسان مسجد ڪڪ آهي. (۱)

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا درمحمد خاڪ پنهنجي دور جو نامياري نقاد ۽ محقق هو. هن ديني عالم سموري زندگي، ديني اشاعت يعني تدريس تبليغ ۽ تحرير ۾ گذاري. هن ڪيترائي ديني ڪتاب لکيا ۽ ترجما ڪيا. "اللمعة في تحقيق خطبة الجمعة" جي عنوان سان عربي زبان ۾ سندس ڪيل ڪتاب جي پوليي جاڻب ۽ دلڪش نظر اچي ٿي. دراصل اهو ڪتاب مولانا غلام صديق [۲] چنجٽي جي تحرير جي جواب ۾ سن ۱۳۶۱ھ/۱۹۴۲ع ۾ جوڙيائين. ستاويهن صفحن

---

(۱) - مولوي منظور احمد (مولانا درمحمد جو فرزند) کان تاريخ ۹-۱۱-۸۹ تي ڳوٺ ڪاندڙا ۾ ورتل انٽرويو.

[۲] - مولانا غلام صديق (۱۹۲۰ع - ۱۹۶۵ع) ولد مولانا محمد "شيدا" چنجٽي، مولانا درمحمد "خاڪ" جي پارٽيسري ڳوٺ "مياندادچنجٽي" ڪڪ نصيرآباد (تعلقو ۽ ضلع جوويٽل هو. مختلف عالمن وٽان ديني تعليم حاصل ڪري آخر ۾ ميان خوش محمد ميرواڻيءَ وٽان فارغ التحصيل ٿيو. دستار بنديءَ کان بعد پنهنجي ڳوٺ ۾ درس تدريس جو ڪم ڪندو هو. پاڻ سٺو شاعر به هو، شاعريءَ ۾ "آصف" سندس تخلص هو. (مولانا غلام صديق جي پٽ مولوي عبيدالله کان ورتل انٽرويو.)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 522

چانديو ٿوڙهي بجار وارو، مولانا مخدوم غلام عثمان الرهڑوي، مولانا محمد عبدالحي الرهڑوي، مولانا محمد سليمان وعظ الاسلام ڏوکري وارو، مولانا نور محمد شاهه گمٽ سوجهرو گوهرڙ (تعلقو ميهڑ)، مولانا محمد صالح ماڏائي، مولانا احمد مانڪاڻي، مولانا عبدالڪريم جلباڻي، مولانا محمد صالح الرهڑوي، مولانا محمد اڪمل الرهڑوي، مولانا ولي محمد ڪانڊڙوي، مولانا محمد ابراهيم ڪشموري، مولانا دوست علي، مولانا عمرالدين گاڏهي، مولانا محمد قاسم، مولانا عبدالمجيد جانڊاهي، مولانا حافظ مولاداد برڙهي، مولانا محمد ايوب ٽنڊو "هني" (تعلقو قنبر)، مولانا محمد عظيم شيدا ياروديرو، مولانا عبدالغفار (سلطان ڪوٽي)، مولانا غلام مصطفيٰ لوهڙ، مولانا محمد فضل حق گڙهي خيرمحمد ڪرنيو، مولانا محمد حسن البصري الصديقي ۽ علامه مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي (۱)

مولانا درمحمد خاڪ ڪتاب جي شروعات جنهن ريت ڪئي آهي تنهن جو خلاصو هن ريت آهي:

"مولانا غلام صديق جي ڪيل تحريم جيڪا غير عربي پوليءَ ۾ خطبي پڙهڻ جي عدم جواز متعلق هئي، سا سندس چاپي جي معرفت منهنجي نظر مان گذري ۽ ان فتويٰ کي مون اول کان آخر تائين چڱيءَ طرح پڙهيو، مگر انهيءَ تحريم ۾ مونکي ڪيترائي بالمل قول نظر آيا ۽ عبارت پڻ بي مزه ۽ ڪمزور ان ڪري مون فرض ڄاتو ته مضبوط ۽ صحيح دليلن سان تحريم جو جواب لکان" (۲)

---

(۱)- ابوالاقبال درمحمد قريشي، صديقي ڪانديلوي، "اللمعة في تحقيق خطبة الجمعة"، اداره سبحاني ڪانڊڙا، ضلعو اڙڪاڻو، ص- ۱۱ کان ۱۷

(۲)- ايضاً ص- ۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 523

عربي متن مثال طور ملاحظه فرمايو :-

" امابعد فيقول العبد الاثيم الفقير الراجي الرحمة
وبه الرحيم درمحمّد بن عبدالرب اعاذه الله الصمد من
شرحاسد اذاحسد بان تحرير غلام الصديق في عدم جواز
الخطبة بغير العربية وصلني من يد عمه فنظرت فيه
من اوله الى آخره بنظر الامان والانصاف ولمارائيته
مشحونا بالاقوال الباطلة والعبارات القبيحة والركيكة
ولم يكن فيه دليل من الادلة القوية ولكن كان مبناه
على الضعف كنسج العنكبوت فعزمت بالجزم بنقض تحريره
والاصلاحه بالاستقلال بعون الله ذي الجلال" (۱)

مولانا درمحمّد جمعي جي نماز م غيرعربي خطبي
بابت تحقيقي مواد ڈيڻ کان آڳ فاضل فقيه مولانا غلام صديق جي قول
جواصلي متن ڈيڻ بعد پنهنجا دليل تحريرڪيا آهن ۰هو فاضل فقيه
جي قول کي "قوله" ۽ پنهنجي ڈنل دليلن کي "اقول" جي لفظن جو تعارف
ڪرائيندو نظر اچي تہ مثال طور عربي عبارت ملاحظه فرمايو :-

قوله : الخطبة بغير لسان العربية مكروه كراهة تحريمية (۲)

ترجمو :- "عربي زبان کان علاوه بي ڪنهن ٻوليءَ م خطبو
ڈيڻ مڪروه تحريمي آهي"

---

(۱) ابوالاقبال درمحمّد قريشي صديقي کاندهلوي، "اللمحة في تحقيق خطبة
الجمعة"، اداره سبحاني کاندهلا، ضلع لاڙکانو ص ۱

(۲) ـــــــ ايضًا ـــــــ ۱۹۷۷ع - ص ۲ ـــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 524

فاضل نقاد مولانا غلام صديق جي ٻڌايل اعتراض

کي عالمانه انداز ۾ قوي دليلن سان رد ڪيو آهي. ان ڏس ۾ هن ديني عالمن ۽ متعدد ڪتابن جا حوالا پڻ ڏنا آهن. سندس چوڻ آهي ته جمعي نماز کان اڳ خطبو انساني اصلاح واسطي ڏنو وڃي ٿو. ان ڪري خطيب کي گهرجي ته اهڙي زبان ۾ خطبو ڏيئي، جنهن مان سامعين ذهني الجهي سان ذوق ڪن ۽ نصيحت آميز نڪتا هڏي اصلاحي پهلو اجاگر ڪن. جيڪڏهن سامعين کي خطبو سمجهه ۾ نه آيو ته پوءِ وعظ نصيحت جو مقصد ماڻي نه سگهندا. ان ڪري خطبو اهڙي هوليءَ ۾ ڏنو وڃي، جنهن کي سامعين چڱيءَ طرح سمجهي سگهن. هوڪهڙي انداز ۾ دليل ڏيئي سمجهائڻ جي ڪوشش لوڪري اچو ته ان جو تفصيلي جائزو وٺون.

(الف) اقول: بقوة القادر الكريم وحماية الله الحكيم

ان هذا جواب منقوض بوجوه وغيرة احدها قد ادعيت في التحرير بكراهة التحريم فهي لا تثبت الابترك الواجب لا بترك السنة كما قد صرح به صاحب غنية المستملي حيث قال اعلم ان الفعل ان تضمن ترك واجب فمكروه كراهة تحريم وان تضمن ترك سنة فمكروه كراهة تنزيهية (۱)

ترجمو: "قادر ڪريم جي طاقت ۽ حڪمت واري الله جي حمايت سان چوانوَ ته بيشڪ تنهنجو جواب گهڻن ئي دليلن سبب منقوض (ڪچل) آهي. هڪ ته تو پنهنجي تحرير ۾ دعويٰ ڪئي آهي

---

۱ - ابوالاقبال درمحمد قريشي صديقي، "اللمعة في تحقيق خطبة الجمعة"، ادارہ سبحاني ڪانڊيارو، ۱۹۷۷ع ضلعو لاڙڪاڻو. ص - ۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 525

ته غيرعربي زبان ۾ خطبو پڙهڻ مکروه تحريمي آهي. پراهو واجب جي ڇڏڻ وقت ته قابل قبول آهي، پر سنت جي ڇڏڻ وقت نا قبول آهي. [۱] هڙئي طرح ان جي وضاحت 'غنية المستملي' واري هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:-

يقين ڄاڻ ته جيڪڏهن تون ترڪ واجب جي ضمن ۾ خطبي جو مفهوم سمجهين تو ته پوءِ مکروه تحريمي جو حڪم صادر ٿيندو، پر جيڪڏهن تون 'ترڪ سنت' جو مفهوم سمجهين ته پوءِ مکروه تنزيهي جو حڪم صادر ٿيندو"

اهڙي طرح 'رد المختار' واري بيان جي تائيد ۾ ڪيو آهي. جيڪڏهن تون ترڪ واجب يا ترڪ سنت جو قائل آهين ته پوءِ پهرين مکروه تحريمي ۽ پوءِ مکروه تنزيهي ٿيندو"

(ب) وراجعهان الخطبة بغير العربيه مع القدرة على العربية جائز مطلقا عند امامنا الاعظم عليه الرحمه بلا قيد الكراهة كما قد حقق به صاحب فتوىٰ مجموعه خانى خطبه روز جمعه بپارسى بگويه نزد امام اعظم عليه الرحيم رواباشد وايضا قد ايده مافى السراجية لو خطب بالفارسيه يجوز وايضا فى جامع المضمرات ان خطبة على الاختلاف يعنى ان

---

[۱] - جمعي جو خطبو واجب نه آهي، بلڪ سنت آهي، جيڪڏهن خطبو واجب سمجهي هاته پوءِ غير عربي زبان ۾ خطبو ڏيڻ مکروه تحريمي حڪم جي هيٺ اچي ها.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 526

يجوز عند ابي حنيفة بغير العربية للقادر والعاجز كليهما وهندهما لاحدهما - وثقه به علامة العصر مولانا غلام الصديق شهداد كوتى عليه الرحمة فى بيانه القلمي لوخطب بالفارسية يجوز وايضا قد صرح به مولانا اشرف على فى فتاوىٰ سوالا وجوابا

سوال جمع کے درمیان میں یا آخر میں بطور وعظ خطبہ کا ترجمہ کر دینا جائز ہے یا نہیں. الجواب جائز ہے هكذا ايستفاد فى العالمگيرى وايضا حق به المحقق الشيخ عبدالحق الدهلوى فى شرح سفر السعادت افضل آنست كه خطبه بزبان عربى باشد ونزد امام ابى حنيفه بغير عربى نيز جائز است هرزبانيكه باشد. (۱)

ترجمو:

اسان جي امام اعظم عليه الرحمة وٽ ڪاهت جي قيد کان سواءِ مطلقاً [۲] طاقت رکڻ جي باوجود به عربي زبان کان سواءِ ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ خطبو پڙهڻ جائز آهي. اهڙي تحقيق فتاوىٰ مجموعه خاني ۽ واري ۾ ڪئي آهي ته امام اعظم عليه الرحمة جي ٻڌڻ ڏيڪ جمعي ڏينهن فارسي زبان ۾ خطبو ڏيڻ جائز آهي. اهڙي ريت "سراجي" مصنف به تائيد ۾ لکيو آهي ته جيڪڏهن فارسي ۾ خطبو ڏنو ويو ته آهي. جيتوڻيڪ عربي زبان ۾ ماهر صحيح يا ڪمزور ۽ صاحبين [۳] وٽ فقط هڪ ڀلو ڏيڻ جيڪڏهن عربي

(۱) - ابوالاقبال درخشه قريشي صديقي "اللمعة فى تحقيق خطبة الجمعة" اداره سبحاني كاندڙا ۱۹۷۷ع ضلعو اٽڪ. ص - ۳

[۲] - مطلقاً ٻي وضاحت هن ريت آهي ته هر حالت ۾ خطبو عربي زبان ۾ جائز آهي.

[۳] - صاحبين مان مراد آهي امام محمد ۽ امام ابو يوسف

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 527

جوترجمو پيش ڪرڻ جائز آهي يا نه ؟ جواب جائز آهي. سالهائي ريت فتاوىٰ عالمگيريءَ ۾ پڻ ثابتي ملي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح محقق شيخ عبدالحق دهلوي پنهنجي فارسي جي ڪتاب "في شرح سفر السعادت" ۾ لکيو آهي ته عربي زبان ۾ خطبو پڙهڻ وڌيڪ افضل آهي ۽ امام اعظم ابوحنيفه رحمه جي نزديڪ عربي زبان کان سواءِ ٻي ٻوليءَ ۾ خطبو پڙهڻ جائز آهي، جيڪا ٻولي خطيب ڄاڻي ٿو.

مٿيان ٽائيل دليلن بعد فاضل نقاد لکي ٿو:-

"جڏهن ناميارن ديني عالمن جي اتفاق راءِ سان بغير ڪنهن قيد جي غير عربي زبان ۾ خطبو پڙهڻ جائز آهي ته پوءِ مولانا غلام صديق کي جاهلانه ضد کان ڪم نه وٺڻ گهرجي. هوا هڙواڪشاف هن لفظن ۾ ڪري ٿو. مثال ملاحظه ٿئي:-

فجميع هذه العبارات الصريحه دالته على ان الخطبة بغير العربيه باى لسان كان جائز مطلقا وفى العربية على سبيل الاستحباب فلما ثبت جوازه بلا قيد الكراهة فلا يحكم بتقيده لان المطلق يجرى على اطلاقه كذا فى اصول الفقه فحكم كراهة التحريم على ما ثبت جوازه مطلقا بعيد جدًا فتنبه يا ابن المولوى ولا تكن من الغافلين (۱)

مولانا درمحمد خاڪ جيتوئيڪ عالمانه انداز ۾ قوي دليلن سان مولانا غلام صديق جي تحرير جو جواب ڏنو آهي، پر ان جي باوجود هن ڪٿي ڪٿي ناشائسته لفظ استعمال ڪيا آهن جيڪي هڪ ديني عالم کي نٿا

---

(۱) - ابوالاقبال درمحمد صديقي قريشي، "اللمعة فى تحقيق خطبة الجمعة" اداره سبحاني ڪانڊرا، ۱۹۷۷ع، ضلعو لاڙڪاڻو، ص ۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 528

سونهن ۔ ديني معاملات ۾ هرڪو ديني عالم ڪوشش ڪندو آهي ته هو حق ۽ سچ جي دنيا ۾ قائم رکي ۽ خداداد صلاحيتن کي استعمال ڪندي شرعي فتوائون جاري ڪري. ان ڏس ۾ ڪنهن به ديني عالم جي شرعي فتوىٰ حق ۽ سچ تي مبني هوندي آهي . مگر فاضل نقاد مولانا غلام صديق جي اهڙي ڪوجنا کي باطل قرار ڏيندي هن ريت رقمطراز آهي :-

(الف) فهذا قولك الباطل ايضا يصدق عليك وعلى رفقائك فارجع الان عن الباطل الى الحق (۱)

ترجمو: تنهنجو قول باطل آهي، اهڙي طرح اسو باطل هجڻ توتي ۽ تنهنجي ساٿين تي ثابت ٿو ٿئي، انڪري توکي گهرجي ته هنان ئي باطل کان منهن موڙي ۽ حق جي راهه اختيار ڪري.

(ب) لاتكن من زمرة المعاندين ابدا (۲)

ترجمو: "توهان ڪڏهن به عناد ڪندڙن جي ٽولي ۾ نه ٿيو"

---

(۱) ۔ ابوالاقبال دهلوي محقق قريشي صديقي ڪانديلوي، "اللمعة في تحقيق خطبة الجمعة"، اداره سبحاني ڪانديرا ضلع لاڙڪاڻو، ص - ۹

(۲) ـــــــ ايضاً

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 529

خزانة العارفين

حصه اول

(شاهجي بيٺ بيتن جو شرح)

خزانة العارفين (حصواول) مولانا درگڏ خاڪ

جوڪفايت قيمتي ۽ پيار پريو پورهيو تڪاچي تو. جنهن مان سندس مذهب سان محبت ۽ اهل الله سان عقيدت جو پتو پوي تو.

پيش لفظ ڪانپوءَ مولانا خاڪ شاه صاحب جوهڪ روحاني معجزو [1] پنهنجي هڪ انوکي خواب جي صورت ۾ بيان ڪيو آهي. جنهن مطابق پٽائي گهوٽ مسجد شريف ۾ تشريف فرمائي مولانا خاڪ کي خزانة العارفين، لکڻ تي سرهائي جو اظهار ڪيو آهي ۽ ڪيس مبارڪ باد ڏني آهي. گڏوگڏ پنهنجي هٿن مبارڪن سان مولانا خاڪ کي سفيد ڪپڙن ۾ ڪپڙي پارائي ۽ 'اويسي خليفي' جو خطاب عطا ڪيو. ۽ مسجد شريف جو نالو 'لطيفي مسجد' تجويز فرمايو آهي.

معجزي جي بيان ڪانپوءَ مولانا صاحب ۴۵ صفحن تي حضرت پٽائي گهوٽ جي سوانح حيات متعلق مدلل ۽ سيرحاصل معلومات ڏني آهي. ان بعد رسالي جي منتخب بيتن جي شرح ڪئي آهي. جنهن ۾

---

[1] - معجزو بنين کان صادر ٿيندو آهي ۽ ولي الله کان ڪرامت صادر ٿيندي آهي جڏهن ته مولانا خاڪ مذڪوره خواب واري واقعي کي معجزو ڪويو آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 530

هربيت جو موضوع سري تي ڪيو اٿس. توحيد جي تعريف ڪرڻ وقت مولانا صاحب عالمانه انداز اختيار ڪيو آهي. پڙهندڙ کي شارح جي دل ۾ مذهب جي محبّت جو سمراڙ موجزن نظر اچي ٿو. مٿ مان خزاني پرڪاش جي مصداق هيٺين بيت جي شرح ملاحظه فرمايو:

اندر آئينو ڪري پرين پوءِ پسيج،
انهيءَ راه رسيج تہ مشاهدو ماڻيين.

شرح: قلب جو مثال آئيني وانگر آهي. اهو قلبي آئينو تصديق ۽ الله تعالىٰ ڏانهن رجوع ٿيڻ سان اجرو ۽ صاف ٿيندو آهي. علامت اجري ٿيڻ جي هيءَ آهي تہ اندر جي آئيني اجري ٿيڻ وقت دل انوار الٰهي جي واردات جو مورد ۽ محيط ٿي رهندي آهي. اندر اجرڻ جي ڪري انسان صحيح معنىٰ ۾ انسان ٿيڻ جو حقدار آهي، ورنہ حيوان کان بہ پري آهي.

حاصل ڪلام تہ جڏهن بہ قلب انساني اسم ذاتي جي اوٽ سان اجرو رهي ٿو تہ پوءِ اهو انسان محبوب معنوي جي مشاهدي ماڻڻ سان ملڻ تائين منزل مقاصد جي پهچي ٿو. (۱)

ڪتاب جا ۳۰ صفحا مختلف علماء ڪرام طرفان ڪتاب 'خزانة العارفين' جي تصديق ۽ سارهه سان پريل آهن. آخر ۾ ۱۱ صفحن جو 'غلط نامو' ڏنو ويو آهي.

سمورو ڪتاب ۳۷۰ صفحات تي مشتمل آهي. جيڪو سال ۱۹۶۲ع ۾ جناب مظهر احمد صديقي جي زير نگراني مدينه پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻي ۾ چپجي پڌرو ٿيو.

---

(۱) - ابوالاقبال دين محمد خاڪي، "خزانة العارفين" (حصه اول). جون ۱۹۶۲ع مدينه پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻو، ص - ۱۱۸ ۽ ۱۱۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 531

شاعري:-

مولانا درمحمد خاڪ" نثر کانسواءِ شاعريءَ ۾ ذوق رکندڙ هو. مولانا صاحب شعر ۾ تخلص پهريائين "خطائي" ۽ پوءِ "خاڪ" استعمال ڪيوآهي. شعر جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿائين. هن مختلف بولين جهڙوڪ، سنڌي، اردو، سرائڪي، عربي، فارسي ۾ شعر شاعري ڪئي آهي. سندس شعر گهٽي پاڻي ناصحانه انداز ۾ آهي. سنڌي زبان جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿائين. جن ۾ حمد، نعت، ڪافي، غزل قابل ذڪر آهن.

مولانا جو ڪلام سنڌي زبان جي معياري رسالن جهڙوڪ "سماهي"، "مهراڻ"، "نئين زندگي" ۽ "الرحيم" ۾ چپجندو رهيو آهي. ان کان سواءِ ڪيترو ڪلام قلمي صورت ۾ به آهي. هتي سندس سنڌي شاعري ۾ نحتيه ڪلام جا ڪجهه بند پيش ڪجن ٿا:-

"محمد مصطفيٰ هادي، همه هادين جو هادي آهه!
نيا پي نينهن جو نادي، همه هادين جو هادي آهه!
فاغفر امتي هرلون، جمڙ سان جام فرمايو،
گهري بخشش بي گادي، همه هادين جو هادي آهه!
مکو مهراڻ بنجي پيو، مدينو معرفت جو گهر،
عرب ايران آبادي، همه هادين جو هادي آهه!
ٻڌي رحمت جهان جي، عرب ۾ عرش کان آيو،
ثنا خوان "خاڪ" اولادي، همه هادين جو هادي آهه"[1]

---

[1]- سماهي "مهراڻ" شاعر نمبر، ۱۹۶۹ع نمبر ۲ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ص- ۲۸۰.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 532

من نعت ۾ مولانا "خاڪ" محبوب مصطفىٰ جو شان ۽ عظمت بيان ڪندي ٻڌايو آهي ته محمد مصطفىٰ صلى الله عليه وسلم سڀني نبين ۽ رسولن جو سردار، رهبر جو به رهبر آهي. پاڻ ايترو ته رؤف رحيم آهي جو جڏ سان ئي امت جي بخشش جي دعا گهرائين. سندس جڏ سان مڪي ۽ مديني شريف جون وادیون سندس نور سان منور ٿيڻي ويون. يعني ظلمت ۽ جهالت جي اونداهي ختم ٿي ۽ الله جي رحمت ۽ معرفت جو گهر ٿيڻي ويون. نه رڳو ايترو پر سارو عرب ۽ ايران بلڪ سارو جهان سندن هدايت جي نور سان روشن ٿي ويو.

ڪافيءَ جو مثال :-

"صورت سچڙ جي سهڻي سبحان آدمي ۽،
تجليءَ جو تاب طوري، تابان آدمي ۽!
جت ڪت جناب جاني، جلوو نما آهي،
سڄ سونهن جي ڏيئَ سان دل ٿي سما آهي،
اعزاز "خاڪ" خوشتر فردوس فرش کان آهه،
ايجاد عشق آڳ افلاڪ عرش کان آهه،
جلوه نما جو جذبو جو لان آدمي ۽". (۱)

مولانا 'خاڪ' مٿين ڪافي ۾ صوفيانه رنگ اختيار ڪيو آهي، ۽ آدم سر الٰهي' واري نظريي جي اپنار ڪئي آهي. اهو پڻ ٻڌايو آهي ته انسان ائين ئي اشرف المخلوق آهي جو اُن ۾ رب وسي ٿو. مولانا صاحب وحدة الوجود جي فلسفي جو بيان ڪندي ٻڌائي ٿو ته ان جانب جو جمال هر شيءِ ۾ سمايل آهي،

---

(۱) - سماهي "مهراڻ" 'شاعر نمبر'، ۱۹۶۹ع، نمبر ۱ ۽ ۲، حيدرآباد سندي ادبي بورڊ ص - ۲۸۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 533

۽ عشق جو وجود اصل کان آهي. جڏهن زمين تورڻي آسمان جو وجود به عمل ۾ ڪونہ آيوهو تہ ان وقت به عشق موجود هلوءُ. ارض، جنت کان هن خاڪ کي وڏيڪ اعزاز حاصل آهي. انسان ذريعي الله تعالىٰ پنهنجي عظمت ۽ ڪبرياءِ جو اظهار فرمايو آهي.

غزل جو مثال:-

"جڏهن ٿو نگر ۽ گدا هلندو خُدا جي روبرو،
نيڪ وبد هر ڪو جزا هندو خدا جي روبرو،
جي دنيا جي دور ۾ ويٺا وساري موت کي،
موت تن کي زور سان ٿيندو خدا جي روبرو،
هن دنيا جي آشيانيءَ ۾ نہ رهندو ڪو پکي،
پر اُڏي هر ڪو وڃي رهندو خدا جي روبرو،
جت فقير و پير شاهه و مير ٿيندا گدا جي،
خاڪ هر ڪو حق اُتي ڏيندو خدا جي روبرو" (۱)

مولانا درحقيقت 'خاڪ' پنهنجي هن اصلاحي غزل ۾ ڏيان چڪائيندي هدايت ٿو ڪري تہ هي هان فاني ۽ بي بقا آهي، تنهنڪري هن فاني دنيا جي رنگينين کي ڏسي موت کي نہ وسارجو. هن دنيا جي عارضي زندگيءَ تي پروسو ڪري پنهنجي خالق کان منهن نہ موڙجو. هن دنيا ۾ ڪو به هميشہ رهڻ وارو نہ آهي تورڻي امير هجي غريب هجي، پير هجي، فقير هجي، شاهه هجي يا گدا هجي، مطلب تہ هڪ ڏينهن هر هڪ انسان جزاءِ سزا لاءِ پنهنجي ربّ جي آڏو پيش ٿيندو.

---

(۱)- سمائي "معراڻ" شاعر نمبر، ۱۹۶۹ع، نمبر ۱۽ ۲، حيدرآباد سندي ادبي بورڊ ص- ۲۸۴ ۽ ۲۸۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 534

(الف) سوانح حيات

مولوي فقيرهدايت علي نجفي "تارڪ"

مولوي فقيرهدايت علي ولد فقيرالهداد عرف تراب علي ٽوڻيو جي ولادت ۱۳۱۲ھ/ ۱۸۹۳ع ۾ ڳوٺ 'لالورائڻڪ' تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. سندس وڏا محمدبن قاسم جي دور ۾ عربستان کان سنڌ ۾ آيا ۽ خيرپور ضلعي جي موجوده ڳوٺ 'هنگورجه' ۾ اچي رهڻ لڳا. جتان کجه عرصي بعد ذاتي تعلقات جي بنياد تي ڳوٺ 'لالورائڻڪ' ۾ اچي ويٺا. (۱)

فقيرصاحب ابتدائي تعليم پنهنجي والدوٽان حاصل ڪئي، ان بعد تعلقي وارهه جي 'ڪنڊو' شهر ۾ مولانا سيد عبدالعزيز شاه خارانيءَ جي مدرسي ۾ فارسيءَ جي تعليم ورتائين، جتان وري 'لالورائڻڪ' ۾ مولوي محبت الله ٽوڻيو وٽ اچي عربي فارسيءَ ۾ تحصيل ڪيائين. سندس شاگرد رشيد اظهر گيلاني 'تارڪ فقير جي شخصيت جو نقشو 'ديوان تارڪ' ۾ 'حرف اول' جي عنوان تحت هن طرح چٽي ٿو:-

"تارڪ صاحب هڪ ٻي وقت عاشق، صادق، صوفي، فقير، مولوي، حافظ، قاري، خطيب، خوشنويس، عابد، زاهد، شب خيز، صوم صلوٰة جو پابند، علم نجوم، علم جفر، علم رمل ۽ علم طب جو ماهر هو. ڪشف القلب ۽ ڪشف القبور به حاصل هئس." (۲)

اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر نواز علي شوق 'ديوان تارڪ' جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:-

"تارڪ فقير هڪ عالم دين هو، ان سان گڏ سچو صوفي به هو. هن قرآن مجيد جي ڪن آيتن جو تصوف جي رنگ ۾ سنڌي تفسير

---

(۱) - بروهي مبارڪ، 'مولوگراف' ۱۹۶۵ع، ص- ۱

(۲) - "تارڪ" هدايت علي نجفي فقير، "ديوان تارڪ" حيدرآباد ۱۹۸۹ع سنڌي ادبي بورڊ. ص - ۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 535

لکيو آهي، جيڪو مثنوي "برهان الواصلين" ۽ "آثار العرفان" نالي ۾ مثنوين ۾ موجود آهي.

تارڪ فقير پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو تصنيف تاليف ۽ ترجمي ۾ صرف ڪيو، اهڙيءَ ريت هن پنهنجي زندگيءَ سڀائي ڪئي. حياتيءَ جي مختصر عرصي ۾ ايترو گهڻو لکڻ هر ڪنهن جو ڪم نه آهي. ان لاءِ وڏي ذهانت، محنت، ذوق، شوق ۽ شعور گهرجي ٿو." (۱)

تارڪ فقير هڪ قادر الڪلام صوفي شاعر هو. تارڪ جي زبان مان نڊيءَ پڙ ڪا نئين موزون ڪلام نڪرندو هئا. ظاهري طرح ته هو پنهنجو شعر پنهنجي والد بزرگوار ۽ استاد محبت الله ڪي ڏيکاريندو هو.

ان زماني ۾ لاڙڪاڻو شاعرن جو مرڪز هو. قادري بزرگن بزم مشاعرو جو بنياد وڌو هو، جنهن اٺ هيٺ سٺ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ مشاعرا بڻجون قائم ٿي ويون. تارڪ فقير جي طبع نڊيءَ هوندي ڪا نئين موزون هئي. هُو پنهنجي والد سان گڏ اهڙين ادبي محفلون ذوق شوق سان ڏسندو هو، اهڙيءَ طرح سندس طبيعت جولاڙو شاعري ڏانهن ٿيو. پوءِ ايئن شاهه لطف جي محبت ۾ لطفي تخلص رکي شعر چوڻ شروع ڪيائين. ڏينهن ڏينهن ڪافين چوڻ لڳو. ان کانپوءِ عروضي شاعريءَ ۾ مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين. خاص طرح غزل ڪيس گهڻو پسند هو. لاڙڪاڻي ۽ ٻين مختلف شهرن ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ وقت بوقت شريڪ ٿيندو هو.

سن ۱۹۱۷ع ۾ مخدوم صفي الله نقشبندي سجاده نشين درگاهه نوشهرو فيروز جي دست حق تي دست بيعت ڪري وحدت جي وات ورتائين. ڪيس سڏ ڏيڻ ۾،

---

(۱) "تارڪ" هدايت علي لطفي فقير، "ديوان تارڪ"، مرتب ڊاڪٽر علي نواز شوق - ۱۹۸۹ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد - ص - ۲، ۳ ۽ ۱۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 536

فارسي ، اردو ۽ هندي زبانن تي عبور حاصل هو.

تارڪ فقير جي ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ

هن گهڻو ڪري ٻيٽ سنڌي الفاظ استعمال ڪيا آهن ، پر ڪڏهن ڪڏهن ضرورت آهر عربي ، فارسي الفاظ به استعمال ڪيا آهن . تصوف وارن شعرن ۾ ڪٿي ڪٿي قرآن مجيد جون آيتون ، حديث شريف جا ڪي جملا ۽ صوفين جا ڪي مقولا استعمال ڪيا اٿس . اهي اهڙي خوبصورتيءَ سان استعمال ڪيا اٿس جو اهي جڙ سنڌي شاعريءَ جو حصو ٻڌجي ويا آهن . ايترا تصوف جا اصطلاح ٻئي ڪنهن عروضي شاعر پنهنجي ڪلام ۾ شايد ئي استعمال ڪيا هجن هيٺ سندس اهڙن شعرن مان ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا :

سُبحاني ، اَنا احمدُ ۽ اَني انا الله ،
مردن سندو آهي اهو آواز طريقت

—

جي تيا موتوا ، سي حيّ لا يموت ،
ثم وجه الله ، سريو تن سڪون

—

آءُ اَنا احمد بلاميم ، محيي مومن تيس ،
من راني ، مامتي باظاهرو باطن تيس
دل جي رمز فقر فخري سائڻ شامل ٿوڪريان . (۱)

تارڪ مرحوم تي حج ڪيا ۽ سڄي عمر خدا جي ياد ۾ گذاريائين . هو سڄي عمر مجرد رهيو . آخر ۾ هن صوفي باڪمال بزرگ ، ۹۴ سالن جي عمر ۾ ۱۸ محرم ۱۳۵۸ هه مطابق ۹ مارچ ۱۹۳۹ع تي پنهنجي مالڪ حقيقي سان ويا ملايو . سندس مقبرو لالو رائڻ جي ادبي ۾ ڪنڊي واهه جي ڪپر تي مسجد جي ڀرڪڙ ۾ آهي . (۲)

---

(۱) ـ تارڪ فقير هدايت علي نجفي ، "ديوان تارڪ" ، مرتب ۽ ڪتہ نواز علي شوق ، حيدرآباد ۱۹۸۹ع سندي ادبي بورڊ ، ص ـ

(۲) ـ برڪتي مبارڪ علي ، مونوگراف ، ۱۹۶۵ع ـ ص ـ ۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 537

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

"تارڪ" فقير تصنيف وتاليف ۽ منظوم ڪلام ذريعي ديني اشاعت ۾ ممدو ورتو. سندس زندگيءَ جو وڏو حصو علم وادب جي خدمت ۾ گذريو. تصنيف تاليف ۽ مختلف زبانن جي ڪتابن جو ترجمو ڪرڻ سندس محبوب مشغلو هو. هڪ اندازي موجب هڪ سو ڪن ڪتاب لکيا هئائين، انهن مان ۴۵ ڪتاب سندس شاگرد رشيد سيّد انور علي شاه "اظهر" گيلاني جي ذاتي لائبريري گهوٽڪيءَ ۾ محفوظ ۽ طباعت جا منتظر آهن. باقي ڪتاب فقير جي وفات کان پوءِ مختلف ماڻهن جي هٿ چڙهي گم ٿي ويا. هيٺ سندس انهن ڪتابن جو ذڪر ڪجي ٿو، جيڪي مذهبي موضوع سان لاڳاپيل آهن:

۱- مراثي تارڪ: (قلمي)

سندس هن ڪتاب ۾ سندي مرثيه، نوحه، سلام ۽ سوز موجود آهن.

۲- برهان الواصلين: (سندي)

قرآن مجيد جي چند آيتن جو منظوم ترجمو، منظوم تفسير تصوف جي رنگ ۾ رڳيل ۲۸۸ صفحن تي پکڙيل آهي، جيڪو ۹ آڪٽوبر ۱۹۳۲ع ۾ لکيو ويو.

۳- آثار العرفان: (سندي)

قرآن شريف جو منظوم ترجمو ۽ تفسير صوفيانه رنگ ۾ قلم بند ڪيل آهي.

۴- حديقة الاولياء: بامحاوره سندي زبان ۾ روضة الشهدا جو ترجمو آهي، جيڪو ۸۰۲ صفحن تي پکڙيل، ۶ جولاءِ ۱۹۳۳ع ۾ لکيو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 538

۵ ـ عمدة الصلالب فی انساب آل ابي طالب :

هي کتاب تن حصن ۾ ورهايل سليس سنڌي زبان ۾ آهي. سنڌ ۾ آيل سادات جو عجيب وغريب تذکره آهي. هي کتاب عربي زبان ۾ چپيو هو. بعد ۾ تارڪ صاحب هن جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو. ڪتاب ۱۶۰ صفحن تي پکڙيل آهي

۶ ـ مضامين تارڪ : "اردو" علمي، ادبي، مذهبي تاريخي، تنقيدي اصلاحي مضامين جو مجموعو ۷۸ صفحات تي پکڙيل آهي.

۷ ـ رموز سالڪين : عربي زبان ۾ تصوف جي باريڪ ۽ بي نظير نڪات تي عارفانه انداز ۾ بحث ڪيل آهي. هي ڪتاب ۶۱ صفحن تي پکڙيل آهي. (۱)

تارڪ فقير جي منظوم ڪلام مان سندس هڪ نعت پيش ڪجي ٿي :

سيد خير الامم سردار آ
هر دو عالم ۾ اجهو آڌار آ
هاشمي هاڪ، حبيب ڪرڪار
مصطفيٰ، مرسل مٿو مهندار آ
پاڪ پيغمبر پيارو رب جو
رهنما امت سندو سالار آ
آبطحا جو ۽ يثرب جو ڌڻي
دين داور، دادگر، دادار آ
خود خدا صلوات سڀ ان جي پڙهي
ان سندو هو دلربا دلدار آ
چا بشر، تعريف ڪري ان جي ڪندو،
عقل انسان، قاصر ۽ لاچار آ
"تارڪ" ان جي در سندو ادنيٰ گدا،
در قدم سان طالب ديدار آ (۲)

---

(۱) ـ تارڪ هدايت علي نجفي فقير. "ديوان تارڪ" مرتب ڊاڪٽر نواز علي شوق حيدرآباد ۱۹۸۹ع سنڌي ادبي بورڊ ص ـ ۱۷ ڪان ۲۲

(۲) ـــــ ايضاً ـــــ ۲۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 539

(الف) سوانح حيات .

مولانا غلام رسول عباسي

مولانا غلام رسول ولد مولوي جان محمد عباسي جي

ولادت ۶ ربيع الاول ۱۳۱۲ھ/ ۱۸۹۴ع ۾ ڳوٺ سنڌڙي تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ٿي . سندس والد صاحب پڙهڪ عالم ۽ سٺو حڪيم هو . مولوي جان محمد ڳوٺ "حيات هليه" تعلقي لاڙڪاڻي مان شادي ڪئي بعد ۾ لڏي اچي ان ئي ڳوٺ ۾ سڪونت اختيار ڪئي .

مولانا غلام رسول ابتدائي تعليم ڳوٺ "حيات هليه" ۾ پنهنجي والد وٽ ورتي . فارسيءَ جي تڪميل ڪانپور عربيءَ جي تعليم ڳوٺ رامپي ڳوڙهڙ (نوڙنگ) تعلقي قمبر ۾ سنڌ جي مشهور معروف عالم مولانا ميرمحمد نورنگيءَ وٽ ورتي . اڳرئي طرح هن پنهنجي تعليم ۳۳ سال جي عمر ۾ مولانا نورنگيءَ وٽ مڪمل ڪئي . جتي سندس دستار بنديءَ جي رسم سن ۱۳۳۵ھ/ ۱۹۱۷ع ۾ عمل ۾ آئي . البته مولانا غلام رسول چار مهينا "اوستا پير ڏني آباد" ضلعي جيڪب آباد جي مدرسي ۾ به پڙهيو . (۱)

مولانا غلام رسول عباسي سان سندس استاد مولانا ميرمحمد نورنگيءَ جي خاص الفت هئي . مولانا عباسي پنهنجي هڪ مضمون ۾ رقمطراز آهي :-

استاد سائين آخري عمر ۾ بيماري ۽ ضعف جي حالت ۾ ڳوٺ "پيڙي چانديي" ۾ اچي مون وٽ رهيا . وڃڻ کان هڪ ڏينهن اڳ خيس جي ڏينهن ، مسڪين جي مشوري سان ڳوٺ وياءِ آءُ پڙ

---

(۱) - سندس فرزند مولانا جان محمد عباسي کان ۸۹-۱-۱۴ تي روبرو ورتل انٽرويو .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 540

سندن خدمت ۾ حاضر رهيس. وفات کان بعد سندن وصيت موجب جنازي جي نماز هن مسکين پڙهائي (۱)

مولانا غلام رسول درس ڏيڻ جو اغاز ساڻيئي سال ڳوٺ "هيڙي جانديي" تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ڪيو. ان ڳوٺ جو انتخاب ڳوٺ جي رئيس گل محمد خان جانديي جي تقاضاءِ پنهنجي استاد مولانا نورنگيءَ جي حڪم تي ڪيو۽ پنهنجي مدرسي جونالو 'دارالفيوض' رکيو. هتي ۲۳ سال درس تدريس ۾ مشغول رهيو. ان کانسواءِ هن حڪمت ۽ طب ۾ به وڏي شهرت حاصل ڪئي، سن ۱۳۶۸ھ/ ۱۹۴۸ع ۾ نقل مڪاني ڪري لاڙڪاڻي شهر ۾ آيو. مولوي صاحب هتي به ان ساڻيئي نالي سان مدرسو قائم ڪيو ۽ ذريعي معاش لاءِ هڪ مطب ڪوليو. لاڙڪاڻي ۾ الهيءَ مدرسي ۾ ۲۲ سال تعليم ڏيندو رهيو ۽ وفات تائين به ڪجهه ڪتاب پڙهائيندو رهيو.

مولانا عباسيءَ پورا پنجونجاهه سال ديني علم پڙهايو ۽ اهڙيءَ طرح هن اڪهڙيءَ کان به مٿي دين جي خدمت ڪئي. سندس شاگردن جو دائرو سنڌ، بلوچستان، ايران ۽ افغانستان تائين وسيع هو. جن مان برڪ شاگرد جن علم ۽ فضل ۾ وڏي شهرت حاصل ڪئي اهڙن مان ڪن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

سنڌ - مولوي علي محمد ڪاکيپوٽو، مولانا محمد اسماعيل قريشي، مولانا پير نجي الله شاه راشدي ياروديرو تعلقو وارهه، مولانا عبدالعزيز سومرو 'پابندي قبي' (تعلقي رتيديري) وارو، مولوي احمد پيرزادو (رادو)، مولوي حميد الله انڙ تعلقو ڏوکري، مولوي محمد خان جانديو جيڪب آباد ۽ سندس پاڻ مولوي عبدالقادر عباسي حال مقيم قمبر شهر شامل آهن.

---

(۱) - سماهي مهراڻ (سوانح حيات نمبر) سندي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ۱۹۵۷ع، ص - ۱۶۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 541

بلوچستان - مولوي علي محمّد بلوچ سبي، قاضي محمّد ابراهيم پنج گور مڪران، قاضي ابوبڪر لس بيلو، قاضي عبدالرحيم تمب مڪران، مولوي ڪريمداد مستري (استاد جامعه نصيريه قلات) قاضي آغا فخرالدين چشموي، سجاده نشين درگاه چشمه شريف ڪوئٽه، قاضي غلام محمّد خاراني سابق قاضي خضدار ۽ قاضي سعدالله نوشڪي شامل آهن.

افغانستان - قاري غلام محمّد ۽ مولوي گل محمّد بلوچ شامل آهن.

زاهدان ايران - مولوي يار محمّد بلوچ خطيب جامع مسجد زاهدان ۽ مولوي خداءِ نظر صدر مدرس جامعه زاهدان. متين عالمن مان ڪي عالم اهڙا آهن جن پنهنجي تعليم جي تڪميل مولانا عباسيءَ وٽ ڪئي ۽ ڪي اهڙا آهن جي ڪافي عرصو وٽس تعليم پرائيندا رهيا. (۱)

مولانا غلام رسول جو مطالعو نهايت وسيع هو. تقابلي مطالعو سندس مشغلو هوندو هو. مسئلن جي ادراڪ ۾ پنهنجي فڪري نتيجن لاءِ ڪوشش ڪندو هو. علم صرف ۽ نحو، منطق ۽ فلسفي تي ڪيس وڏو دسترس حاصل هو. ان ڪري هو ڪوري تقليد کان پاسو ڪندو هو. حديث ۽ تفسير سندس مطالعي جو خاص موضوع هيلو. ان جو ثبوت اهو آهي جو هن تفسير تنوير الايمان جي نالي سان پاره ۳۰ "عم" جو تفسير ڪيو آهي. جو ديني اشاعت جي سلسلي ۾ هڪ قابل قدر اضافو آهي.

مولانا عباسيءَ ڪيترن موقعن تي پنهنجي بزرگ استادن سان به اختلاف ڪيو. سندس هم عصر عالمن سان فقهي مسئلن تي ڪافي بحث مباحثو به ٿيندو هو. تحريرن ۾ ڪڏهن ڪڏهن لطيف طنز به ڪندو هو.

---

(۱) - مولانا غلام رسول عباسيءَ جي فرزند مولانا جان محمّد عباسيءَ کان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 542

هڪ دفعي هڪ تحريرم پنهنجي هم عصر عالم جي هڪ تحريرتي تنقيد ڪندي لکياٸين ته

"نه هرڪه سر بتراشد قلندري داند" (هرمتي کوڙائٽ وارو قلندر ٿي نه ٿو سگهي)

مولانا غلام رسول پنهنجي هم عصر عالمن ۾ امتيازي مقام ۽ مرتبو رکندو هو. اختلافي مسئلن ۾ ڪيس امين ۽ حڪم به بڻايو ويو. اهڙن واقعن مان هڪ يادگار واقعو اڙڪاڻي جي تاريخ ۾ ٿي گذريو آهي.

صغير جي طلاق جي مسئلي تي عالمن ۾ اختلاف پيدا ٿيو ته صغير جي طلاق ڏيڻ سان طلاق واقع ٿيندي يا نه؟ ڏرين تحريرون لکيون آخرڪار تصفيه لاءِ مناظرو طئ ٿيو. جيڪو شهداد ڪوٽ شهر ۾ ڪيو ويو. ان ۾ ڏرين مولانا عباسيءَ کي امين مقرر ڪيو. اهو هڪ وڏو اعزازي ۽ علمي برتريءَ جو اعتراف هو. چوته ان موقعي تي سنڌ ۽ بلوچستان جا وڏا عالم ۽ فقيه حضرات اچي گڏ ٿيا هئا. جنهن ۾ مولانا قمرالدين مهيسر سندس استاد مولانا ميرمحمد نورنگلي، مولوي برڪت علي بلوچ ۽ نامور علماء شريڪ هئا. اڳي هزارن ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ ڏرين جي دلائل بدڻ ڪانپوءِ مولانا غلام رسول پنهنجو فيصلو ڏنو. وڏي حيرت ۽ حق پرستيءَ جي گالهه اها آهي ته پاڻ پنهنجي استاد مولانا نورنگيءَ جي راءِ سان اختلاف ڪيائين ۽ فيصلي ۾ پنهنجي استاد جي راءِ به نه رکيائين. جڏهن مولانا عباسي جي فيصلي جي تائيد دارالافتاء ديوبند مان ٿي آئي ته مولانا نورنگيءَ پنهنجي شاگرد مولانا غلام رسول کي پاڪ پائي چمي ڏئي فرمايو ته پٽ تون علم جو حق ادا ڪيو آهي ۽ صحيح فيصلو ڏئي دين جو منهن مٿي ڪيو آهي، پوءِ مولانا نورنگيءَ اخبار ذريعي پنهنجي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 543

راءِ کان رجوع کیو تہ جیئن خلق خدا کي سندس آخري راءِ جو پتو پوي. (۱)

شهدادکوٽ واري مناظري جي باري ۾ مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي روايت ڪري ٿو تہ ان زماني ۾ جيئن تہ صغيرن جي نڪاح ٻوٽ جو رواج گهڻو هوندو هو. تنهنڪري اڪثر صغيرن جي طلاقن جي ضرورت به پيش اچي ويندي هئي. اڪثر ڪري امروٽي فڪر وارا عالم صغير جي طلاق کي جائز سڏيندا هئا. مطلب تہ انهن ڏينهن ۾ صغير جي طلاق بابت جتي ڪٿي مناظرا ٿيندا رهندا هئا. اهڙو هڪ مناظرو شهدادکوٽ شهر ۾ ٿيو. هڪ طرف کان مولانا قمرالدين مهيسر هو، جيڪو مولانا غلام عمر جلوٽيءَ جي سوچ فڪر وارو هو تہ ٻئي طرف کان مولانا برڪت چانڊيو. مولانا عبدالله ڪورائيءَ ۽ مولانا مير محمد نورنگيءَ جهڙا عالم سگورا هئا. هن پوين عالمن صغير جي طلاق کن حالتن ۾ جائز ٿئي قرار ڏني. هن مناظري ۾ ورهي به امين مولانا غلام رسول عباسيءَ کي مقرر ڪيو ويو. بهرحال مناظرو مولانا غلام رسول صاحب جي صدارت هيٺ ٿيو، ۽ فيصلو مولانا غلام عمر جلوٽيءَ جي حق ۾ ٿيو.

مولانا غلام رسول جيڪو ٽيڪ مولانا نورنگيءَ جو شاگرد هو، پر تنهن هوندي به هن فيصلو پنهنجي استاد جي مخالفت ۾ ڏنو. هن مان اهو ثابت ٿيو تہ مولانا غلام رسول استاد جو هر ويرو پاسو نہ ورتو ۽ فيصلو جيڪو حق سمجهيا ٿيڻ، اهو ڏنائين. (۲)

مولانا غلام رسول کي تصوف ۽ علم تريقت سان گهڻو ئي شغف هو. بزرگن ۽ الله وارن سان صحبت کي وڏي اهميت ڏيندو هو.

---

(۱) - رحمت الله ابڙو، ڊاڪٽر، "مولانا غلام محمد جلوٽيءَ الڙڪاڻويءَ سندس ديني ۽ فقهي خدمتون"، تحقيقي مقالو، ۱۹۸۲ع، سنڌ يونيورسٽي جامشورو، ص - ۱۹۸

(۲) - غلام مصطفیٰ قاسميءَ کان ۲۶-۸-۹۱ ۾ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 544

مخدوم بصرالدين ڏانهن به گهوڙا ايندو ويندو هو. آغا حسن جان سرهنديءَ جي خدمت ۾ به حاضر ٿيندو هو مولوي غلام محمد مهيسر ڪمال ديرائي (ضلع نوابشاه) جو بيحد عقيدتمند هو. ان کان سواءِ بزرگ ميان غلام صديق شهدادڪوٽيءَ جي درگاهه تي پيرا پريندو هو. 'مڪتوبات امام رباني' مجدد الف ثانيءِ 'مثنوي مولانا روم' ۽ 'حافظ شيرازيءَ جو ديوان' سندس مطالعي ۾ رهندا هئا. 'مڪتوبات امام رباني' ۽ 'مثنوي مولانا روم' کان ڪن شاگردن کي پڙهائيندو هو. 'جذب' ۽ 'سلوڪ' جي صوفيانه اصطلاحن جي تشريح ۾ هڪ رسالو به لکيو هئائين. مولانا صاحب فقهي مسئلن ۾ بنيادي طرح فتويٰ لاءِ حنفي فقه جي مشهور ڪتاب 'ردالمحتار' کي اهميت ڏيندو هو.

پاڻ سلوڪ جي راهه ۾ پري پري جو سير سفر به ڪيائين. هڪ دفعي آغا عبدالحي جان چشموي سجاده نشين چشمه شريف سان گڏ سفر ڪيائين. جنهن ۾ ملتان ۾ خواجه بهاؤالدين زڪريه، لاهور ۾ داتا گنج بخش، سرهند ۾ امام رباني مجدد الف ثاني ۽ دهليءَ ۾ خواجه باقي بالله ۽ خواجه نظام الدين اولياء جي درگاهن تي به ويو. پاڻ انهن بزرگن جي ديني خدمتن ۽ هندستان ۾ اسلام جي تبليغ ۽ اخلاقي ۽ روحاني تزڪيه جو معترف هوندو هو. البت انهن ريتن رسمن جي خلاف هو جيڪي بدعت جي دائري ۾ اچي وڃن ٿيون. علماء ديوبند ۽ علماء رامپور جا ڪتاب سندس مطالعي هيٺ رهندا هئا. مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ مولانا مودودي جون تصنيفون سندس زير مطالعو رهنديون هيون. پاڻ تعصب کان آجو هو ۽ تحقيق جو ساٿي هو.(۱)

---

(۱) -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 545

مولانا غلام رسول عباسي سياسي ۽ سماجي کمن ۾ به وڏي دلچسپي رکندو. مولانا صاحب پنهنجي استاد مولانا نورنگيءَ وانگر انگريزن جو سخت مخالف هو' تحريڪ خلافت' جي زماني ۾ پاڻ هجرت جي پوري تياري ڪئي هئائين. اهوئي سبب هوجو تحريڪ خلافت لاڙڪاڻي جي سرگرم ڪارڪن پير تراب علي شاه راشدي قمبر واري ۽ پير علي محمد شاهه بقاپور واري سان به سندس ڏاڍي دوستي هوندي هيس. مذڪوره پير صاحبان به پنهنجي وقت جاوڏي بصيرت ۽ قومي غيرت جا مالڪ هئا.

مولانا صاحب قناعت پسند انسان هو. ۽ پاڻ دولت جي حرص هوس کان آجو رهيو. ان جو ثبوت ان گالهه مان ملي ٿو جو، صغير جي طلاق جي سلسلي ۾ شهداد ڪوٽ ۾ هڪ علمي مناظرو ٿيو جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي. جيڪو ان وقت جي انگريز سرڪار جي ضلعي ڪليڪٽر جي بندوبست سان ٿيو هو ۽ اهو مناظرو مولانا عباسي صاحب جي دانشمندي ۽ علمي برتريءَ جي ڪري پرامن نموني ۾ ٿيو هو. جنهن ۾ مولانا غلام رسول کي ان مناظري جو امين مقرر ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ حڪومت طرفان مولانا صاحب کي پنج هزار روپيه انعام طور ڏنا ويا. پر هن بزرگ ان رقم وٺڻ کان انڪار ڪيو. سندس چوڻ هوته "دين پڙهڻ ۽ پڙهائڻ گوارا نڪيو(۱)

مولانا غلام رسول عباسي سڄي عمر ديني خدمت ڪندي. ۶ ربيع الاول ۱۳۹۰ھ/ ۱۳ مئي ۱۹۷۰ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. سندس وفات به ولادت واري تاريخ تي ٿي(۲)

---

(۱) ـ رحمت الله ابڙو، ڊاڪٽر، "مولانا غلام عمر جتوئي لاڙڪاڻوي سندس ديني ۽ فقهي خدمتون،" پي ـ ايڇ ڊي لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو. ۱۹۸۲ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو. بحواله نجي الله راشدي. ص ـ ۱۹۹. ۲۰۱

(۲) ـ مٿيون سمورو احوال مولانا غلام رسول عباسيءَ جي فرزند مولانا جان محمد کان روبرو ملاقات ۾ تاريخ ۲۴ ـ ۱ ـ ۹۱ع تي ورتو ويو. اهڙوئي مضمون سندس نالي تي "لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو" ۾ ڇپيل آهي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا غلام رسول پنهنجي ۵۵ سال ديني علم جي پڙهڻ پڙهائڻ، دين جي تبليغ ۽ ان جي اشاعت ۾ صرف ڪيا ۽ ڪيترائي عالم ڪانئس فيض ياب ٿي نڪتا سندس شاگردن جو تعداد وسيع آهي. جن جو دائرو سند، بلوچستان، افغانستان ۽ ايران تائين پکڙيل آهي حقيقت ۾ ديني علم پڙهائڻ ۽ ديني عالم پيدا ڪرڻ به ديني اشاعت جو هڪ حصو آهي. اهڙو ذڪر مٿي سندس سوانح عمريءَ ۾ ڪيو ويو آهي. هتي سندس تحرير ڪيل تفسير پاره ۳۰، 'عَمَّ' جو ذڪر ڪبي ٿو.

۱- "تفسير تنوير الايمان في تفسير القرآن" پاره ۳۰- عَمَّ

Gul Hayat Institute

مولانا غلام رسول عباسي پاره ۳۰، عَمَّ جو تفسير سندي ٻوليءَ ۾ ڪيو آهي، جيڪو شيخ علي محمد، ڪريمي پريس لاهور طرفان سن ۱۳۴۹ھ/۱۹۳۰ع ۾ چپيو آهي. دراصل هي تفسير مولانا محمد عثمان نورنگ زاده جي ڪيل

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 547

"تنويرالايمان فی تفسيرالقرآن" جي طرز تي لکيل آهي. اهوئي سبب آهي جو مولانا غلام رسول عباسي هن تحريرکيل تفسير جي سرورق تي لکيو آهي "مسمی به تفسيرالقرآن يعني ضميمه سابق تنويرالايمان" [۱]

مولانا غلام رسول هن تفسير ۾ تحت للفظ ترجمي کان جي کوشش کئي آهي. ترجمي کانپوءِ وڏو تفسير کيو آهي جنهن ۾ موضوع کي سمجهائڻ لاءِ قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ قصا بيان کيا آهن. تفسير دوران کٽي کٽي وچ ۾ مسئلن جي نالي سان بيت به ڏنا ويا آهن. ان کانسواءِ

---

[۱] ـ سندس هن تفسير لکڻ جو سبب ايئن سمجهه ۾ اچي ٿو، ته ان وقت مولانا محمد عثمان نورنگ زاده پنهنجي لکيل 'تفسير تنويرالايمان فی تفسير القرآن' جي ۳۰ پارن کي پوروکري نه سگهيو ۽ وفات کري ويو. جيتوڻيڪ سندس پوٽي مولوي محمد بن مولوي محمد ابراهيم مذکوره تفسير جي باقي رهيل پارن جو تفسير کيو آهي، پر ان وقت پيدا ٿيل غيريقيني کيفيت ڪري متان تفسير اڻپورو رهجي نه وڃي سنڌ جي ڪجهه عالمن هن تفسير جي ڪن پوين پارن جو سنڌي پولي ۾ تفسير کيو. ان جو ثبوت مولانا محمد عثمان نورنگ زاده جي پوٽي مولوي محمد جي لکيل پاره ۳۰ 'عَمَّ' جي تفسير جي آخري صفحن تي سندس لکيل اهڙي اظهار مان ملي ٿو. مولوي محمد 'تفسير تنويرالايمان فی تفسيرالقرآن' پاره ۳۰ 'عَمَّ يتسآءَلُوْنَ'، شڪارپور، مولوي محمد عظيم اينڊ سنز تاجران ڪتب، ۱۳۹۷ھ) اهڙي طرح 'مدرسه عربيه غريبزاده' تعلقي پني عاقل ضلعي سکر جي مدرس مولوي محمد عثمان جو لکيل ساڳئي پاره ۳۰ 'عَمَّ' جو تفسير پڙهه منهنجي نظر مان گذريو، جيڪو مولچند بڪ سيلر سکر، ماه رجب ۱۳۴۷ھ ۾ رفاه عامه اسٽيم پريس لاهور مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 548

پاره جي آخري ربع ۾ سورة "البينة" کان وٺي سورهٔ 'الناس' تائين آيتن جي ترجمي کانپوءِ هرهڪ سورة جي لفظن جي ترڪيب، آيتن جو ربط، سورتن جو شان نزول ۽ پوءِ تفسير ڪيو آهي. البت هتي مولانا صاحب جيڪڏهن آيتن سان گڏ ان جو نمبر به ڏنئي ها ته پڙهڻ ۾ اڃا وڌيڪ سولائي ٿئي ها. مولانا صاحب جو هي تفسير گهڻن معتبر تفسيرن تان اخذ ڪيل آهي پر هن الهن تفسيرن جا نالا نه ڏنا آهن. البت مولانا، تفسير ڪرڻ دوران صفحي ايٽن تي تفسير 'بيضاوي'، تفسير 'درمنثور'، ڪتاب اسماء و صفات' ۽ امام بيهقي رحمت الله عليه جا حوالا ڏنا آهن. (۱) ان کان علاوه تفسير جي آخري ٻن صفحن يعني ۹۹ ۽ ۱۰۰ تي تفسير ۾ آيل موضوعات جي لحاظ کان فهرست ڏني آهي.

بهرحال مولانا غلام رسول جو هي ڪيل تفسير سنڌي ٻولئ ۾ ديني اشاعت جي لحاظ کان هڪ قابل قدر اضافو آهي

۲- حج جي سفر بابت هڪ فتويٰ جي تائيد

فتويٰ جو پس منظر

Gul Hayat Institute

فتويٰ جي الفاظن منجهان معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت حرمين شريفين تي نجدي حڪومت هئي. هي حڪومت ڪنهن حڪمت عمليءَ تحت پنهنجي ملڪ ۾ پيادل حج تي ايندڙ ماڻهن کي روڪي رهي هئي. ان کانسواءِ حج تي ويندڙن کان حج جو ڪرايو وغيره کانسواءِ وڌيڪ پئسا وٺي رهي هئي. ان جي خلاف سنڌ

---

(۱) -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 549

جي عالمن هڪ مهم هلائي ۽ فتوائون ڏنائون ته پيادل حج ڪرڻ جائز آهي ۽ حج ڇڏڻ عبادت تي وڌيڪ پئسا حاصل ڪرڻ شرع جي خلاف آهي. اهڙي فتوىٰ مولانا عبدالقادر جاري ڪئي. ان فتوىٰ جي تائيد ۾ مولانا غلام رسول صاحب بلڪل مختصر پر جامع عربي زبان ۾ جيڪا عبارت لکي آهي سا ملاحظ ٿئي :-

"ماحرره المحرر العلام من حرمة منع الحجاج المشاة به غير اخذ مال منهم فهو حق حقيق بالقبول فان الحج ماشيا مشروع من المستطيع ومنصوص عليه بالفضيلة ونهي عن الامر المشروع المنصوص دخل في الدين وحرام باجماع المسلين اما اخذ المال منهم بغير سبب شرعي من الاجرة وغير ماهو باطل ومحظور بالنص قال الله تبارك وتعالىٰ ولا تاكلوا اموالكم بينكم بالباطل" الاية (۱)

كتبه الفقير غلام رسول

المتوطن ٻيرو چانڊيه

الجوب صحيحٌ
فقير محمّد عالم ملوي
عفا عنه ربه القوي

الجواب صحيحٌ
غلام مرتضىٰ پيرزاده
قريشي صديقي

مولانا غلام رسول جي مٿين عبارت جو خلاصو اهو آهي ته پيادل حج ڪندڙ حاجين کي سواءِ شين ونڊ جي حج کان روڪڻ جي

---

(۱) ماهنامه "توحيد"، ڪراچي، اپريل ۱۹۴۶ع، ص - ۱۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

حرام هجڻ ۾ جيڪي ڪجھ عالم سگھوري لکيو آهي، سو سراسر حق آهي، ۽ قبول ڪرڻ جي لائق آهي. ڇاڪاڻ ته پيادل حج ڪرڻ طاقت رکندڙ شخص کان ثابت آهي ۽ پڻ وڏيڪا اجر وارو آهي. انڪري جائز ڪم کان منع ڪرڻ دين ۾ دخل اندوزي آهي ۽ مسلمانن جي اجماع سان حرام آهي. باقي کانئن شرعي سبب کان سواءِ مال حاصل ڪرڻ، سو باطل آهي ۽ نص سان منع ٿيل آهي. الله تعالىٰ فرمايو آهي، "ولا تاكلوا اموالكم بينكم بالباطل" [1]

(توهان هڪٻئي جا مال ناحق طريقي سان نه کائو)

---

[1]

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 551

(الف) سوانح حيات

مولانا حڪيم غلام صديق لونساري .

مولانا غلام صديق لونساري سن ۱۳۱۲ھ/۱۸۹۴ع ڏاري ڳوٺ "حيدرچانڊيئي" ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جائو مختلف مدرسن ۾ پڙهيو آخر ۾ ميروخان ۾ مولانا خوش قد ميروخاني وٽ دستار بندي ڪرائين .

فارغ التحصيل ٿيڻ بعد دارالعلوم ديوبند ۾ ويو، جتي مولوي نوابالدين چانڊيو سندس هم درس هو. (۱) ديوبند کان واپسيءَ تي قنبر علي خان ۾ پير تراب علي شاه راشديءَ جي مدرسي ۾ درس تدريس جو ڪم شروع ڪيائين . درس ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. وٽانئس ڪيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو .

مولانا غلام صديق پنهنجي وقت جي حالتن کان بي خبر نه هو. ان وقت هلندڙ خلافت تحريڪ ۾ حصو وٺڻ سان سياست جي ميدان قدم رکيو. پاڻ هن تحريڪ جو پرخلوص ۽ سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو. وطن جي آزاديءَ خاطر انگريزن خلاف تقريرون ڪري سنڌ جي عوام کي بيدار ڪندو رهيو، جنهنڪري هن حريت پسند سنڌي عالم کي وقت جي سرڪار طرفان زبان بنديءَ جا حڪم ٻه مليا. (۲)

مولانا لونساري ڪيتري وقت تائين خلافت ڪاميٽي قنبر جو ميمبر ٻڌي رهيو. (۳) ان کانسواءِ جڏهن خلافت جي حيثيت کي منسوخ ڪرڻ لاءِ مولوي فيض الڪريم ٽاروشاهي "تحقيق الخلافت" نالي هڪ فتوىٰ جو رسالو شايع ڪيو ته ان جي جواب ۾ خلافتي عالمن به "اظهار الڪرامة في مقاصد الخلافة والامامة" نالي رد لکيو، مولانا غلام صديق لونساري خلافتين جو سات ڏيندي ان رد جي تائيد ڪئي. (۴)

---

(۱) - علامه غلام مصطفىٰ قاسميءَ کان ۳-۳-۱۹۹۱ع تي ورتل انٽرويو.

(۲) - روزانه "الوحيد" ڪراچي-۱۶، ڊسمبر ۱۹۲۰ع، ص - ۴

(۳) - اظهار الڪرامة في مقاصد الخلافة والامامة "سڪرٽريٽ شوريٰ علماء سنڌ سال ؟ ص، ۱۵۲

(۴) - روزانه "الوحيد" ڪراچي، ۲۱، مارچ، ۱۹۲۳ع، ص - ۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 552

"خلافت تحريڪ" جي خاتمي کان پوءِ "جميعة العلماء" ۾ شرڪت

ڪيائين ۽ ان جو سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو.[1]

مولانا غلام صديق پنهنجي دور جو اهم ماڻهو هو. موڪ ۱۴/۱۵ آگسٽ ۱۹۳۷ع ڪراچيءَ ۾ "جميعة العلماء" سنڌ جو جيڪو عظيم اجلاس زير صدارت مولانا حسين احمد مدني جي ٿيو هو، ان ۾ شرڪت ڪندڙ نمائندن جي هفتيوار روزنامي "اصلاح" موڪ ۲۰ آگسٽ ۱۹۳۷ع جو هڪ ليک آهي. "ڪن نمايان هستي رکندڙ بزرگن جو ذڪر خير" هن اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن ۾ مولانا حڪيم غلام صديق لغناريءَ جو نالو به هو.

سن ۱۹۳۹ع ۾ مولانا عُبيدالله سنڌي جلاوطنيءَ کان پوءِ واپس سنڌ ورليو. ۽ اچي "سنڌ ساگر پارٽي" ۾ شامل ٿيو. هن جي قيام ۽ ڪارڪردگيءَ ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون. "حج لواري" خلاف تحريڪ "ستيه گره" ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي اهم شرڪت ڪندڙن ۾ مولانا غلام صديق جونالو سرفهرست آهي. ۽ ساڻس گڏ مولوي غلام فريد سپرو، گوٺ نورمحمد سپرو، تعلقو قنبر ۽ مولوي عبدالڪريم خلافتي گوٺ "ٻڌي" (تعلقو ميرو خان) جا نالا قابل ذڪر آهن.

مولانا غلام صديق لغناري هڪ سٺو حاذق حڪيم به هو. سندس معاشي ذريعو حڪمت هئي. مولانا غلام صديق عمر جي آخري وقت ۾ شهداد ڪوٽ ۾ وڃي مطب کوليو. حڪمت جو ڌنڌو شروع ڪيو ۽ سن ۱۳۶۵ھ/۱۹۴۶ع ۾ هن فاني دنيا مان رحلت ڪري ويو.[2]

---

[1] - عبدالوهاب چاچڙ مولانا، ماهنامه "شريعت" "سوانح حيات نمبر" ۱۹۸۱ع ص، ص ۴۴۷، ۴۴۸ (بحواله هفته روزه "اصلاح" موڪ ۲۰ آگسٽ ۱۹۳۷ع ڪراچي)

[2] - علامه غلام مصطفيٰ قاسمي کان ۲۵-۸-۱۹۹۱ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 553

(الف) - سوانح حيات.

مولانا عبدالكريم ڪل بُٹوي

مولانا عبدالكريم ذات ڪل گوٺ "بُٹي" تعلقو ميرخان

۾ سن ۱۳۱۲ھ/۱۸۹۴ع ۾ هڪ غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. سندس والدصاحب جو نالو معلوم ٿي نه سگهيو آهي. هن سموري تعليم پنهنجي گوٺ "بُٹي" ۾ مولانا دين محمد بٹوي کان ورتي علمي فراغت حاصل ڪئي.

علم جي تحصيل بعد بُٹيءَ جي هڪ مسجد جو خطيب ٿيو ۽ ان سان گڏ گوٺ يوناني حڪمت جو مطب به کوليائين. جيئن ته بزرگ تاج محمود امروٽي وٽ وڃي خلافت تحريڪ جو ورڪر ٿيو. پاڻ هن تحريڪ ۾ سرگرمي سان حصو ورتائين. هي پُرجوش ورڪر هو. تقريرجي ذريعي هاد لاءِ ماڻهن کي تيار ڪندو رهندو هو. (۱) تقريرجي ڪاميابيءَ واسطي خلافتي عالمن جڏهن فتوىٰ جو سلسلو شروع ڪيو ته پاڻ خاص طرح سان ولايتي ڪپڙي واري فتوىٰ جي باري ۾ انهن جو سات ڏنائين. (۲)

مولانا عبدالكريم انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هن تحريڪ جي پٽيرائي ۾ عملي طور تي نه صرف ان ئي ضلعي سطح جي جلسن

---

(۱) - محترم علي حسن ٽوڻيه ويٽل 'محبوب ٽوڻيه' عمر ۸۱ سال (مولانا عبدالكريم جو دوست ۽ گوٺائي) کان، ۲۰ مئي ۱۹۹۲ع تي قنبر ۾ ورتل انٽرويو.

(۲) - ڏسو، "ولايتي ڪپڙي خريد ڪرڻ جي منع هجڻ واري فتوىٰ"، ڪراچي، ۱۳۴۰ھ جميعت العلماء سنڌ، ص - ۲۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 554

۾ شريڪ ٿيندو ويو. موبائي سطح جي اجلاسن ۾ به پڇجي انگريز دشمنيءَ جو اظهار ڪندو هو.[۱] سندس اهڙيءَ تحريڪ دوستيءَ ۾ انگريزدشمني جو برداشت ۾ ڪيس جيل جي سزا ڀوگڻي پيئي. (۲)

خلافت تحريڪ دوران جان محمد جوڻيجي ۽ سيٺ عبدالله هارون سان ملاقاتون ڪندو هو.

خلافت تحريڪ جي خاتمي کان بعد جڏهن بنياد تي ڪانگرس ۽ مسلم ليگ، جماعتن آزاديءَ لاءِ تحريڪ هلائي ته پاڻ مسلم ليگ ۾ شموليت اختيار ڪيائين. مسلم ليگ ۾ اچڻ کان بعد هن ڪانگرس لاءِ آزادي مخالفت شروع ڪئي، جا آزادي مقبول وئي.

هن انگريزن کان آزادي ملڻ تي آزادي خوشي ڪئي. ان خوشيءَ ۾ هن هڪ ڳوٺ خيرات ڪئي. غريبن کي کارايائين. سرمائيدارن ۽ ڪامورن جو مخالف هوندو هو. پوليس کيترا دفعا گرفتار ڪري ڪيس ايس. پي وٽ وئي وئي، پر هن جي بهادري ۽ جرئتمندانه جواب ڏيڻ تي راضي ٿي ڇڏي ڏيندو هو. يونائي حڪمت ۽ ڪرامت سندس معاشي ذريعو هئي.

اهڙيءَ طرح هي مرد مجاهد سچي زندگيءَ درس تدريس تبليغ ۽ مجاهدانه ڪارنامه سرانجام ڏيندي بنا اولاد جي سن ۱۳۷۶ھ/۱۹۵۶ع ۾ فوت ٿي ويو. (۳)

---

(۱) - روزانه "الوحيد"، ڪراچي، مؤرخه ۲۷، اپريل ۱۹۳۸ع، ص - ۳

(۲) - ايضاً ۱۲، مارچ ۱۹۲۹ع، ص - ۶

(۳) - محترم علي حسن لوڻيو، ڪان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 555

(الف) ۔ سوانح حيات

مولانا ثناءالله ثنائي

"مولانا ثناءُالله ثنائي عباسي جو حسب نسب بغداد جي خليفي هارون رشيد سان وڃي ملي ٿو. سندس خاندان جو وڏو بزرگ سيان ميان بغداد مان لڏي اچي ملتان ۾ مقيم ٿيو. جتي سندس بزرگيءَ جي ايتري ساک جمي جو ٽوري ئي وقت ۾ ميان ميان ملتاني جي نالي سان سڏجڻ لڳو. ميان ميان جي وفات بعد سندس فرزند صدرالدين عرف سڏن سوائي ملتان مان لڏي سنڌ ۾ آيو ۽ ضلعي لاڙڪاڻي جي تعلقي ڏوکريءَ ۾ هڪ ڪوه ڀڳ پنهنجو گوٺ ٻڌي ويٺو. جنهن ڪان پوءِ هو ڪوهاڙا سڏجڻ لڳا."

ميان ثناءالله ۱۳۱۳ھ/۱۸۹۵ع ۾ مولوي الله بخش جي گهر ۾ ٽولهه ٿيو. سندس ننڍپڻ جي احوال مان معلوم ٿئي ٿو تہ ميان صاحب پنهنجي مزاج ۽ اعليٰ عادتن سبب منفرد شخصيت جو مالڪ هو. سندس والده پٽ هڪ پارسا عورت هئي. (۱)

مولانا ثناءالله ثنائي ديني تعليم جي شروعات پنهنجي والد مولوي الله بخش وٽ ڪئي. قرآن حڪيم فارسيءَ درسي نظاميءَ جا ٻيا ڪتاب ونس پڙهي پورا ڪيائين. ان کان بعد وڌيڪ تعليم پرائڻ لاءِ اٽڪ سنڌ جي چونڊيءَ جي عالم ابوالفيض مولانا غلام عمر جلوڻيءَ وٽ مدرسہ دارالفيض سونو جلوڻيءَ (تعلقو وارهه) ۾ پهتو.

مولانا ثنائي ڪجهہ وقت تائين ان مدرسي ۾ رهيو. مولانا غلام عمر کان فيض حاصل ڪندو رهيو جتي مولانا دين محمد وفائي، مولانا محمد قاسم مشوري، مولانا تاج محمد رضائي آريجوي ۽ مولوي محمد بن احمد ڪوکر سندس هم مڪتب هئا. جن مان مولانا ثنائي جا آخر تائين دوستي وارا تعلقات رهيا. (۲)

---

(۱) ۔ شاد بشير احمد پٺاڻ راڪٽر، "مولانا ثناءالله ثنائي جي شاعري ۽ جو تنقيدي جائزو" پي ايڇ ڊي لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، ۱۹۸۹ع، جامشورو سنڌ يونيورسٽي. ص ۔ ۳

(۲) ۔ ميان عبادالله (مولانا ثنائيءَ جو فرزند) ڪان ۱۵ مئي ۱۹۸۶ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 556

مولانا ثناء الله جي پراڻي وقت جي عالمن جيان علم طب سان به غير معمولي دلچسپي هئي، تنهن ڪري ديني تعليم مڪمل ڪرڻ کانپوءِ طب جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ حڪيم حاذق شمس الحڪماء پير عبدالغفار شاهه راشدي ساڪن ريلڙ (تعلقو لاڙڪاڻو) جو وڃي شاگرد ٿيو، جتي هن علم طب متعلق چڱيءَ معلومات حاصل ڪئي.

جيئن جسم جي طراوت لاءِ غذا جي ضرورت هوندي آهي. تيئن قلب جي اطمينان لاءِ روحاني آسودگي ضروري آهي. خدا جا نيڪ ٻانها هميشه قلبي سڪون جا متلاشي هوندا آهن. مولانا ثنائي ديني ۽ طبي تعليم حاصل ڪرڻ بعد پنهنجي روحاني تربيت لاءِ پنهنجي مرحوم والد جي اختيار ڪيل قادري طريقي تي ڪاربند رهندي ان دور جي بلند پايه بزرگ مولانا تاج محمود امروٽي جي خدمت ۾ وڃي حاضر ٿيو ۽ کين پنهنجو روحاني رهبر ڪري ورتو. اهڙيءَ طرح روحاني تربيت جا راز ۽ رموز مولانا امروٽي وٽان سکيو. مولانا ثنائي کي پنهنجي مرشد سان غير معمولي محبت ۽ عقيدت هئي، جنهنڪري سندس شان ۾ قصيدا پڻ لکيائين.

Gul Hayat Institute

مولانا ثناء الله ثنائي الله لوڪ انسان هو. ڪڏهن به مايا ميڙڻ جي ڪيڏ ڪونه لڳو. هن مستقل ڪوبه ڌنڌو اختيار ڪونه ڪيو. حڪمت سکيو پر ان کي به پنهنجو ذريعه معاش ڪونه بڻايائين. وڏڙن کان ملهل ميار جريب پني ۽ به ڪَن ڏورن جائي سندس گذر سفر جو ذريعو هڻا. بس توڪلي جوان هو. (۱)

---

(۱) "شاد" بشيراحمد پنڙ ڊاڪٽر، "مولانا ثناءالله ثنائي جي شاعريءَ جو تنقيدي جائزو" پي ايڇ ڊي لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو. ۱۹۸۹ع جامشورو سنڌ يونيورسٽي. ص. ۱۵-۱۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 557

مولانا ثنائي بي واڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڏاڍن ڪيل

هڪ منظوم خط سان سندس توڪل جو پتو پوي ٿو. خط جون چند سٽون

هن ريت آهن:-

توڪل بي ڳڻ ري حياتي ايئن - ننڊ وهار اڙهاڻ جيئن جيئن

ڏنم هڪ الله جي نوڪري - نڪو هنر، حرفت نه سوداگري

ڏنو رزق مونکي پٽي قدرت قضا - جيئن جانور پکي کن مزا

بناڪار پالي ٿو پروردگار - سندم رزق ساري جو باري قي بار

عمر ۾ نه دنيا جو دڌو ڪيم - نه واعظ ڪيم نه چند وکيم

دعا ۾ سگهو هو آهين جو اهول - اسان پي اهوئي ڪيو هو قبول.

مولانا ثنائي انتهائي تيز فهم ۽ ريزڪ انسان هو.

خوش مزاجي سندس رڳ رڳ ۾ رچيل هئي. فقيراڻي طبيعت سبب هڪ ماڻهوءَ

سان نهايت قرب سان پيش ايندو هو. مولانا ثنائي جي پرهيزگاريءَ جا هيٺي

مثال آهن. جن مان هتي فقط هڪڙو مثال پيش ڪجي ٿو:-

"هڪ پيري جمعي جي نماز ڪانپوءَ ڳوٺ واري مسجد

جي باهران ميدان ۾ سندس والد مولوي الله بخش جماعت سان

مخاطب ٿيندي چيلو ته مان اڄ هيءَ وهڙي الله جي نالي خيرات

ٿو ڪريان. پر هن کي اهو ماڻهو ڏسي، جنهن عمر ۾ پنهنجي

گهرواريءَ جي حق کي نه لتاڙيو هجي. ان موقعي تي انڪل پنجاهه

سٺ ماڻهو موجود هئا. پر ڪنهن کي به جرئت ڪانه ٿي جو اڳتي وڌي

وهڙيءَ کي تڪبير وهي. ايتري ۾ ثنائي اڳتي وڌي آيو ۽ والد

صاحب کي چيائين ته بابا سائين! وهڙيءَ کي تڪبير مان وهندس.

مان اڃا الله جي فضل سان اهڙي برائي کان بچيل آهيان. ان وقت

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 558

شائي بي عمر ۱۸ سال هئي، جيڪا انسان جي قوهه جواني واري عمر ليکبي آهي." (۱)

مولانا ثنائي جي شخصيت نهايت پروقار هئي. مذهبي گهراڻي ۾ پرورش ٿيڻ سبب شروعات کان سوڌاري رڪيل هئس. قد پورو ويڪو. چهري تي متانت ۽ تازگي، صاف ۽ سادو لباس. جوانيءَ ۾ سندس آواز ۾ ڪرڪ هو. ۸۳ ورهين جي عمر ۾ به پيرُ چنڊي ٽڪر وهلندو هو.

مولانا صاحب جي ورثي خواه ماحول مان گهڻو ڪجهه مليو. هن هڪ مذهبي گهراڻي ۾ آک کولي ۽ ان ڪري مذهب دوستي ان جو موروثي ٻڌ هو. پاڻ وڏي عمر ماڻيائين عالمن ۽ اديبن سان ملاقاتون ٿوريون سير سفر ڪيائين. انهيءَ مشاهدي ۽ تجربي ٻڌ سندس عقيدن تي گهرو اثر چڏيو. ان کان علاوه پاڻ علم ۽ قلم جو ماهب هو. جنهنڪري مطالعي جي نعمت به ڪيس گهڻي نصيب ٿي. (۲)

مولانا ثناءالله ثنائي جي مذهبي عقيدت

مولانا ثناءالله مذهبي گهراڻي ۾ جائو، مذهبي ماحول ۾ پليجي جوان ٿيو، مذهبي عالمن، اديبن ۽ شاعرن سان دوستي رکيائين. انهوئي اثر هيٺ جو سندس قلم ۽ علم مان مذهبي عقيدي جي هلڪ نظر اچي ٿي. ميان ثناءالله ثنائي پڪو ۽ سچو مومن هيو. هو توحيد جي

---

(۱) - ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڏانهن ڪيل منظوم خط، قلمي بياض، ص - ۳
ورتل ڊاڪٽر بشير احمد ٽيسر، ص - ۲۴

(۲) - "شاد"، بشير احمد پٺاڻ ڊاڪٽر، مولانا ثناءالله ثنائي جي شاعري جو تنقيدي جائزو" جي مل لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، ۱۹۸۹ع، جامشورو سنڌ يونيورسٽي، ص - ۳۲-۳۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

عقيدي کي تسليم ڪندي هڪ سچي مومن جي حيثيت سان پنهنجي شعر و شاعريءَ جو آغاز ڪندي نظر اچي ٿو. ملاحظہ ٿئي سندس شاعريءَ مان اهڙي هڪ:

خداريءَ کي ماڻهوءَ کي ماري نہ سگهندو
بي ماري کي انسان جياري نہ سگهندو
اهو سڄ ۽ چنڊ خلقيو خدا آ
پيو آدمي کي اڀاري نہ سگهندو
هدايت جو هادي به الله آهي
ستارين کي شيطان کاري نہ سگهندو. (۱)

توحيد کان بعد رسالت تي ايمان آڻڻ عين فرض آهي. چوته رسالت کي تسليم ڪرڻ بغير کو به انسان ڪامل مومن ٻڌجي نہ ٿو سگهي. مولانا ثنائيءَ جي دور ۾ به ڪيترائي ڏڙاهيا جيڪي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ذات کي نور، بشر ۽ علم غيب جي ڄاڻ رکڻ يا نہ رکڻ بابت متضاد نظريہ رکندڙ هئا. اهڙي دور ۾ متضاد ماڻهن ۾ اصلاح ڪندي مولانا ثناءالله ثنائيءَ پنهنجي عقيدت جو جنهن نموني اظهار ڪري ٿو ان جي هڪ ملاحظہ ٿئي:

رسول الله آهي نور پر نور البصر آهي
خلق جي خير خواهي لئه اهو خير البشر آهي
بشر کان نور کان آهي ماڻهڙو جو مٿي رتبو
اولوالعزم نبين ۾ ڏڏ جو اثر آهي
هٿيو معراج واري رات ۾ جبريل نوراني
بشر ٻڌجي هليو حضرت، بشر عالي قدر آهي

---

(۱) - ثنائيءَ ثناءالله مولانا. قلمي بياض تان وٺل.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 560

پلي نور البصر پي چئه، پلي خير البشر پي چئه

"ثنائي" امتن جي واسطي حامي حشر آهي. (١)

بعض مڪاتب فڪر جي عالمائن جو اهو نظريو آهي ته

بغير ڪنهن وسيلي جي حقيقي معبود تائين پهچڻ ناممڪن آهي. البت

ڪن جو چوڻ آهي ته دنيا ۽ ورڙي دين جي معاملن ۾ بغير ڪنهن وسيلي جي

فقط الله تعالى ڏانهن متوجهه ٿيڻ گهرجي چوته رب العالمين ڪل شئي قدير

۽ سميع ۽ بصير آهي، اهوئي اسانجي نيتن جو پارکو ۽ حاجت روا آهي.

مولانا ثنائي جيئن ته معتدل راهه اختيار ڪندڙ هو

اهوئي سبب هيلو جو هن پنهنجي مشاعري ۾ ذريعي اعتدال پسنديءَ کان ڪم

وٺندي اهڙو دڳ اختيار ڪيو آهي، جنهن ۾ لعل به ليئي ۽ پريت به رهجي وڃي ٿي.

سندس سوچ ۽ لوڇ هن ريت آهي ته

"وسيلو وٺڻ گرچ آهي روا

ته پي حق ٻڌي لڳ وسيلي سوا

نه الله پنهنجي ڪي هرگز وسار

وسيلو ٻوٽ، ري وسيلي به سار

فقط حيان الله ۾ ڪار سار

ٻيو ڪل ماڻهن جو آهي ماجاز" (٢)

مولانا ثناءالله ثنائي ٩ محرم الحرام ١٣٩٧ھ/ ٣١ ڊسمبر ١٩٧٦ع

جهڙي جي ڏينهن وڃي پنهنجي رب ڪي پرلڳ. سندس مزار ڀونڊ جي مسجد شريف ۾

ٻاهران پنهنجي والد مرحوم جي پيرانديءَ ڪان آهي.

---

(١) - ثنائي ثناءالله مولانا، "قلمي بياض" تان ورتل.

(٢) - ثنائي ثناءالله مولانا، "اعتقادنامو"، لاڙڪاڻو، مدينه پرنٽنگ پريس، س- ١٩

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 561

ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا ثناءالله ثنائي بي تدريسي ۽ تبليغي ديني خدمتن کان سواءِ تحريري ديني خدمتون به هروجه قابل ذڪر آهن. جيئن ته مولانا "ثنائي" پنهنجي دور جو هڪ قادرالڪلام مسلمان شاعر هو، تنهنڪري سندس ديني خدمتن جو وڏو حصو منظوم ملي ٿو. مولانا "ثنائي" بي شاعري بابت نامياروڪ محقق ڊاڪٽر بشيرامد "شاد" پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ لکي ٿو:-

"مولانا ثناءُالله ثنائي شاعريءَ جي جن صنفن ۾ پرپور طبع آزمائي ڪئي آهي انهن ۾ حمد، نعت، مولود، مدح، مناجات، بيت، غزل، سه حرفي ۽ ڪافي شامل آهن. سندس سموروڪلام مذهبي عقيدن ۽ اصلاحي نڪتن سان ٽمٽار آهي. مولانا بي تحريري خدمتن ۾ مطبوعه ۽ غيرمطبوعه مواد ملي ٿو. هڪ هزار سبي قريب ته فقط سندس مولود تحرير ٿيل آهن. سندس ڇپيل ڪتابن جو تعداد ۱۵ آهي، جڏهن ته ٻارهن قلمي مسودا ملن ٿا." (۱)

سڀ مولانا ثنائي جي انهن مطبوعه خواه غيرمطبوعه ڪتابن جو مختصر تعارف پيش ڪبي ٿو جيڪي مولانا بي تحريري ديني خدمات ۾ شمار ٿين ٿا.

---

(۱) "شاد" بشيرامد پٺاڻ ڊاڪٽر. "مولانا ثناءالله ثنائي بي شاعري جو تنقيدي جائزو". پي ايڇ ڊي لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو. ۱۹۸۹ع جامشورو سنڌ يونيورسٽي. ص -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 562

(الف) مطبوعہ کتاب

اعتقادنامو۔

"اعتقادنامو" کتاب مولوي ثناءالله "ثنائي" جي مذهبي عقيدن بالخصوص عقيدهٔ توحيد جي موضوع تي ليکل آهي. کتاب جي شروعات ۾ هڪ مناجات ڏني وئي آهي. جنهن کان بعد "کهڙو اعتقاد رکجي" "غيب داني جي مسئلي تي روشني"، "هن عالمن جي گفتار ۽ رفتار"، "سرور ڪائنات جي مدح خواني جو ثواب" "شفاعت جواز"، "ولايت جو وسيلو" اهڙن موضوعن کي ڪتاب ۾ زينت بنايو ويو آهي. ڪتاب جي پڇاڙي ۾ مناجات سان ڪئي وئي آهي. ڇهٽ صفحن تي مشتمل "اعتقادنامو" لاڙڪاڻي جي مدينه پرنٽنگ پريس سان حاجي گل محمد شيخ جي ڪوشش سان ڇپجي منظرعام تي پهتو. "اعتقادنامي" مان الله پاڪ جي حڪمت جي عنوان سان چند سٽون ملاحظه ٿين :-

ٿئي سوال سيکو اگر مستجاب
نه دنيا جو خانو ٿئي ها خراب
ڪوڪنهن کي دعا سڀ ماري به ها
ته ڪوڪنهن سڀ کي جيئاري به ها
اهڙي ۾ به اولهو سندس راز آ
لڏو اونٽ جوڪنهن نه اندراز آ. (۱)

---

(۱) - ثنائي ثناءالله مولانا، "اعتقادنامو"، لاڙڪاڻو، حاجي گل محمد شيخ، مدينه پريس، س - ۲۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 563

شاهنامو شريف

مثنوي بي تصنيف تي شاعريءَ جو مجموعو "شاهنامو شريف"
مولانا ثنائيءَ جي ادبي خدمتن جي هڪ پيش ڪري تو. هڪ سو چاونجاهه صفحن
تي مشتمل هي شاهنامو حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ سندس فرزند جي
قربانين ۽ زندگيءَ جي ڪن پهلوئن تي روشني وڌي تو. اسلامي تاريخ جي مونوگ تي
هن مجموعي کي حاجي گل محمد شيخ چپائي پڌرو ڪيو. ڪتاب مان چند سٽون
مثال طور هيٺ تحرير ڪجن ٿيون.

اهو آهي قرآن اندر دليل ۔ ته هاهر ٿيو غار کان جو خليل
ڏٺائين فلڪ تي هڪ ستارو عجب ۔ چيائين ته شايد اهو آهي رب. (۱)

خطبات ثنائي.

"خطبات ثنائي" پنج اسلامي تعليمات جي مونوگ تي مبني آهي.
هن ڪتاب ۾ مولانا ثناءالله ثنائي اسلامي مهينن ۽ منجهن روينا تيندڙ واقعن
کي درج ڪيو آهي. علاوه اهڙن بدرسمن ۽ بيڪرين عادتن جي پڻ بيخ ڪني
ڪئي وئي آهي. سن ۱۹۵۶ع ۾ ڪاٽياواڙ بوڪ اسٽور لاڙڪاڻو جي ڪوشش
سان اتحاد پريس سکرمان جيبل "خطبات ثنائي" سڏ جي ڪنڊ ڪرڻ ۾ غير معمولي
شهريت يافته ڪتاب آهي. ۱۴۴ صفحن تي مشتمل ڪتاب ۾ ڏنل هر جمعي ۽ عيدن
لاءِ خطبن مان ڪي سلوڻ نمونيءَ طور هيٺ ڏجن ٿيو

ڇا خدا ڪيو شان روز ريدار جو ۔ روز آ ايمان روز ريدار جو
ڏيب روز ريدار کي ڏينو ڏڻي ۔ هي وڏو آسان روز ريدار جو
لوڻ خدا مغفي طرح بخشي چڏي ۔ عيب ۽ عصيان روز ريدار جو. (۲)

---

(۱) ۔ ثنائي ثناءالله مولانا، "شاهنامو شريف"، لاڙڪاڻو حاجي گل محمد شيخ، مدينه پريس، ص۔ ۱۷

(۲) ۔ ثنائي ثناءالله مولانا، "خطبات ثنائي"، لاڙڪاڻو، نور محمد ڪاٽياواڙ بوڪ اسٽور، ۱۹۵۶ع
ص ۔ ۸۲ ۔

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 564

گلشن عرف ميلاد النبي .

مولانا ثناءالله ثنائي بي ايمان افروز مناجاتن ۽ مولودن
ي مشتمل "گلشن عرف ميلاد النبي" دين جي اشاعت ۾ خاصي جاءِ والاري
ٿو . سورهن صفحن تي مبني مناجاتن ۽ مولودن جي ڪتاب مان هڪ مناجات
جون چنڊ سٽون ڏجن ٿيون . جن ۾ مرحوم ثنائي پنهنجي ڪوتاهين ۽ ڪمزورين
جو اعتراف ڪندي نظر اچي ٿو . مثال طور ملاحظه فرمايو :

ڪپي تو سندي ٿي عنايت خدايا
اسان کان نه ٿي آ عبادت خدايا
گناهن چڏڻ جي نه همت آ مون ۾
مگر تون ڏي توبهه جي طاقت خدايا .(۱)

توحيد کان بعد رسالت جي عظمت کي بيان ڪندي مرحوم
ثنائي پاڻ سڳورن جي ولادت باسعادت جو ذڪر ڪيو آهي . سندس انهيءَ
هڪ جوڙيل مولود مان چنڊ سٽون پڙ تحرير ڪجن ٿيون :

اڄ جايو آ سردار نبي
سچي ملڪ سندو مختيار نبي

ان رات انوٽي نور ايئن - وسي چيٽ بهار جو مينهن جيئن
ٻوليءَ چنڊ ٻهليو لاتو حور هيئن - مٿي ماءِ سندو منتار نبي. (۲)

ديوان نعتيه ثنائي .

مناجاتن، مولودن ۽ نعتيه غزلن ي مشتمل ديوان نعتيه
ثنائي مولانا ثنائي جي مذهبي عقيدت ۽ ادبي خدمتن جو بهترين شاهڪار آهي .

---

(۱) - ثنائي ثناءالله مولانا ، "گلشن عرف ميلاد النبي" لاڙڪاڻو ، قاضي فڊ ڪتب فروش ، س - ۴

(۲) ——— ايضاً ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 565

الف - ب وار ترتيب سان هڪ سو ارڙهن صفحن تي مشتمل هن ديوان ۾ پولي سڌي ۽ انداز بيان اثرائتو نظر اچن ٿا. حمد، مصطفيٰ ۽ صحابه ڪرام جي صفت وساراه سان سرشار هن ديوان مان چند سٽون ملاحظه ٿين:

رسول الله رهبر تي انسان کي رهنمائي ڪر
نه ڏس عيبن انسان جن ڏي پلا ڏوهه ٻڌائي ڪر
انسان ڪمزور ٻي واهه سوا تنهنجي وڻن ڪاڏي
اچي هن حال هيٺي ۽ ست مشڪل ڪشائي ڪر. (۱)

شمع رسالت عرف انوار نبي ﷺ

هن مجموعي ۾ ثناء الله ثنائي ۽ ماستر حاجي پير بخش بروهي عاصي جي شعرو شاعريءَ جي ڪامبند ڪيو ويو آهي. مرتضيٰ پريس لاڙڪاڻي مان شيخ حاجي عنايت الله تاجر ڪتب جي دلچسپي ۽ ذاتي ڪوشش سان ڇپيل ڪتاب شمع رسالت جي منڊ ۾ ۽ مناجاتون ڏينون ويون آهن، جن مان هڪ مناجات اردو ۾ ترجمو ڪئي وئي آهي. انتيهه صفحن تي مشتمل "شمع رسالت" مان هڪ جو نمونو ملاحظه ٿئي:

شڪر جو امتي آهيون رسول الله اڪبرجا
اسان عاصين اڌارن ۽ هزارين ڏينب ڏاترجا
ڏسون تا جي گناهن ڏي ته دوزخ جا ٿيا آهيون
ڏسون تا جي شفاعت ڏي ته لائق حوض ڪوثر جا. (۲)

---

(۱) - ثنائي ثناء الله مولانا، "ديوان نعتيه ثنائي"، لاڙڪاڻو، ويڙهو مل ڪشن مل، شيوا جي پرنٽنگ پريس، ص - ۲۸

(۲) - ثنائي ثناء الله مولانا، "شمع رسالت"، لاڙڪاڻو، شيخ حاجي عنايت الله مرتضيٰ پريس، ص - ۱۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 566

اشعار ثنائي :

سعدي پريس ڪراچيءَ مان مولوي فضل عظيم تاجران ڪتب شڪارپور پاران ڇپيل ڪتاب "اشعار ثنائي" چاونجاهه سفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ مولانا ثناءُالله "ثنائي" جي مداحن، مناجاتن ۽ رباعين تي قلمبند ڪيل ويو آهي. مولانا ثنائي جو هي مجموعو فن توڙي فڪر جي لحاظ کان معياري نظر اچي ٿو. ڪتاب جي شروعات هڪ اصلاحي شعر سان ڪئي وئي آهي، جنهنجو عنوان آهي "چال سدار" هيٺ مثال طور چند سٽون ڏجن ٿيون :

حيف هجئي ان حال متي - عاشق تئين لب لال متي
خيال تنهنجو خط خال متي - هوش وڃايئه تال متي
پاڻيئه ربّ ڪان نراڻ متي - شڪ اڻيءَ ڪي دوست ڏڪار
وقت وڃئي ٿو چال سدار (۱)

(ii) - غير مطبوعه ڪتاب

رسالت نامو :

مثنوي طرز تي مولانا ثناءالله ثنائي جو جوڙيل "رسالت نامو" هڪ سو چوڏهن صفحن تي مشتمل آهي. هن قلمي بياض ۾ ننڍن وڏن عنوانن جي صورت ۾ اسلامي تاريخ کي قلمبند ڪيو ويو آهي. مثال طور ڪجهه سٽون ملاحظه فرمايو:

پيغمبر جا تبليغ ڦهرون ڪئي - اهاهن طرح سان چئي تي ڇڏي
اڻيءَ وقت موجود ٻيڪي هئا - سڏن گهر جا ياتي قريشي ٻيا
سيني کي سڏي هي ڏڪ ڇيو - ته الله آهي سون ڏي ڪيو. (۲)

---

(۱) - ثنائي ثناءالله مولانا، "اشعار ثنائي"، شڪارپور، مولوي فضل عظيم - س - ۶

(۲) - ثنائي ثناءالله مولانا، "رسالت نامو" قلمي، بياض - س ۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

معراج نامو :

مولانا ثناء الله ثنائي کهڻ مشق شاعر هو. هن مختلف موضوعن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شاعرانه خدمتن ۾ 'معراج نامو' بهعلمي ۽ ادبي شاهڪار سمجهيو وڃي ٿو. هن قلمي ڪتاب ۾ فاضل شاعر معراج النبيؐ جي موضوع تي عقلي ۽ نقلي دليلن سان نهايت سهڻي نموني نياڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. نموني طور چند سٽون هيٺ ڏجن ٿيون

مؤذن ڏني بانگ پربانيار - تياري اهاڻي ته پڙهي نماز
هڏ منڌي ڪري پيشوا - فرشتن ٻنين ڪئي اقتدا
سين ساڻ سهڻي ملاقات ٿي - ته جلسي اول شروعات ٿي.
ٻين پڙهيو حمد الله جو - ثنا خوان سڀ کوٽيو درگاهه جو. (۱)

هجرت نامو:

"هجرت نامو" پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جي هجرت بابت جوڙيو ويو آهي. مولانا ثناء الله ثنائي هن قلمي بياض ۾ مڪي کان مدينه پاڪ دوران پاڻ سڳورن جي هجرت متعلق نهايت مؤدبانه نموني نياڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ۸۰ صفحن تي مشتمل هن منظوم قلمي بياض مان غار دوران حضرت ابوبڪر صديق رضه جي رفاقت، مڪمل ۽ خدمت جي هلڪ پيش ڪجي ٿي

نبي پاڪ گوڏي منڌي سر رکي - سهڻي پيا، هاڻ جاء سهڻي سکي
ڏئي ٽيڪ صديق رضه ويڙهائين - ڪري منجهه ۾ پاڻ مادر جهيڻن
ڪرڻ خوش نصيبي منڌي ناز ٿيو - ڀهاڻن جو سردار همراز ٿيو
انهيءَ ٽنگ ۾ هو نرهار نانگ - جو ويڙهي ڪري هو ڪوسالن جو سانگ
ته سردار سالار دارين جو - شهنشاهه آگاهه ثقلين جو. (۲)

---

(۱) - ثنائي ثناء الله مولانا، "معراج نامو"، قلمي بياض تان ورتل، ص - ۱۹
(۲) — ايضاً — "هجرت نامو"، — ايضاً — ص - ۲۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 568

جنگ نامو: هن قلمي بياض ۾ اسلامي جنگين جو منظوم ذڪر قلمبند ڪيو ويو آهي، جن ۾ جنگ خيبر، جنگ موته ۽ جنگ مڪ ذڪر لائق آهن. مولانا "ثنائي" جي شاعرانه خدمتن ۾ پنجاهه صفحن تي مشتمل صنف جي سڃاڻپ "جنگ نامو" انتهائي اثرائتو ۽ ايمان افروز ڪتاب آهي. هن قلمي ڪتاب مان جنگي منظر جي هلڪ پيش ڪجي ٿي:

ڏسڻ انفل هن طرح پئي وڃا - ته هيڏانهن پئي نعرا الهي لڳا
اُتن جڏهن الله اڪبر چئي - ته فلڪن تي ملڪن به شاباس ڇئي
سَون ڪي پيو هڪڙو صحابي دسي - خدا پاڻ پيو هي نظارو ڏسي
مسلمان جي زور واري تراڙ - هئي ڊال گهوڙي ۽ ڪافر مان پار. (۱)

حليما:

مولانا ثناءالله "ثنائي" جي شاعري نصيحت پري نظر اچي ٿي. فاضل شاعر مولانا سعدي رح جي منظوم فارسي ڪتاب "ڪريما" جي طرز تي سنڌي ۾ "حليما" جي نالي سان منظوم ڪتاب جوڙيو جيڪو انساني اصلاح لاءِ مؤثر ۽ مفيدترين معلومات ٿو. خطاب نامراد نفس، درصفت ڪرم، درصفت سخاوت، بخيلي مان مراد، علم جو بيان، جاهلن جو جلال، ظلم جي زوال وري، قناعت، عبادت، صبر ۽ مات وغيره هن ڪتاب جا مکيه موضوع آهن مثال طور چند سٽون ملاحظه فرمايو:

زماني ۾ ظاهر جو نوڙت ڪندو - ته هوندو هميشه گندن ۾ گندو
سڀئي سمجهندا پيا انهيءَ کي سيڪو - ڪري نيارو نوڙت بڪيو ۽ اڇيلو
انهيءَ طرح رک پنهنجو رعب تاب - ڪندين نيارو نوڙت نه ٿيندين خراب
فڪر ناهي گهر ۾ نه ڏاڍو هجي - سداسيٽ وارو سياڻو هجي
نه گهر ۾ چلوڙو ڪتولو هجي - لکن ته پي لوڏ ظاهر ڪجي. (۲)

---

(۱) - ثناءالله ثنائي مولانا "جنگ نامو"، قلمي بياض، ص - ۱۹
(۲) - ايضاً "حليما" قلمي بياض تان ورتل - ص - ۱۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 569

(الف) سوانح حيات

مولانا پير نجي الله شاه راشدي

پير نجي الله ولد سيد نور الحق شاه راشدي جو خانداني سلسلو ڇهين پيڑهيءَ ۾ شاهه صدر الدين لکيءَ واري سان وڃي ملي ٿو.

پير نجي الله جي ولادت سن ۱۳۱۳ھ/ ۱۸۹۵ع ۾ گوٺ قبوب خان وگهڻ' تعلقي وارهه ۾ ٿي. سندس خاندان جو تعلق پنجين ڇهين پيڑهيءَ کان ونني علم وادب سان رهيو آهي. سندس خاندان ۾ پيري، مريدي جو سلسلو به هليو اچي ٿو. پير نجي الله شاهه جو والد ماجد به هڪ بزرگ شخص هو، جنهن جي سڃي عمر دين جي خدمت ڪندي گذري. سندس والد صاحب هر سال هڪڙي ديني مجلس ڪوٺائيندو هو جيڪا' مجلس حمديءَ جي نالي سان سڏي ويندي هئي. جنهن ۾ هزارين ماڻهو اوري پري کان اچي شريڪ ٿيندا هئا. ان مجلس ۾ وڏا وڏا ديني عالم اچي تقريرون ڪندا هئا. سنڌ بلوچستان ۽ ٻيل گيري' (ميرپور خاص سان لڳ علائقو) جا ماڻهو به ان مجلس ۾ شرڪت لاءِ ايندا هئا. ماڻهن جي گهٽي اجتماع سبب پوءِ انگريزن هن مجلس تي پابندي هڻي ڇڏي. پير نجي الله جو والد ماجد سن ۱۳۳۶ھ/ ۱۹۱۷ع ۾ وگهڻ مان لڏي هڪ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي 'پير گوٺ' / پير گوٺ' جي نالي سان هڪ نئون گوٺ ٻڌي ويٺو جيڪو اڄ تائين وگهڻ جي پرسان وارهه روڊ تي 'پير گوٺ' جي نالي سان سڏجي ٿو.

پير نجي الله شاهه ابتدائي عربي ۽ فارسي تعليم شهر 'وگهڻ' ۾ مولانا اميد علي جيڪب آبادي کان ورتي. پوءِ گوٺ گڙهي خيرمحمد ڪرنيو تعلقي ڏنبر ۾ مولانا فضل حق چانڊيو وٽ ورتي ان بعد گوٺ شيخ نورمحمد (شيخ جوڻڪ) تعلقي ڏنبر ۾ مولانا سعد الله ٽوڻيو وٽ ڪجهه ڪتاب پڙهيائين.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 570

بعد ۾ ڳوٺ ٻيڙو چانبيلو ۾ تعلقي لاڙڪاڻي ۾ مولانا غلام رسول عباسيءَ وٽ پڙهيو. تنهن کانپوءِ ڳوٺ ٽوررنگ ۾ مولانا ميرمحمد نورنگيءَ وٽان تعليم حاصل ڪري وڌيڪ تعليم پرائڻ لاءِ سنڌ جي مشهور ۽ معروف ديني درسگاهه دارالرشاد پير جهنڊو ۾ ست سال پڙهيو. ان کانپوءِ وري آخر ۾ مولانا ميرمحمد نورنگيءَ وٽان فارغ التحصيل ٿيو.

مولانا پير نجيبالله راشدي علمي فراغت کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪجهه وقت درس تدريس جو ڪم ڪيو. پر پوءِ والد صاحب جي وفات کان پوءِ اهو مشغلو جيڏي ڪجهه وقت وڃي ڪراچي وسائي. سن ۱۹۳۶ع ۾ پير صاحب مطالعا تي دوري تي هندستان هليو ويو جتي حڪيم اجمل خان ۽ مولانا اشرف علي تانويءَ سان سندس ملاقاتيون ٿيون.

پير صاحب کي مطالعي جو ڏاڍو شوق هوندو هو. وٽس عاليشان ڪتبخانو موجود هو، جنهن ۾ اندازاً چار پنج هزار چپيل ۽ قلمي نسخا موجود هئا. پير صاحب، مولانا شبير احمد عثماني (ڪراچي وارو) کي به بيل گاڏين ۾ ڏيئون هئائين. اهي ڪتاب ڪراچيءَ ۾ مولانا شبير احمد عثماني اڪيڊمي ۾ موجود آهن. مولانا شبير احمد عثماني سندس ڪتبخاني جي خريد ڪرڻ لاءِ هڪ لک روپين جي آڇ ڪئي هئي. پر پير صاحب ڪتابن فروخت ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو.

پير صاحب اهل سنت حنفي، صوفي، قادري، نقشبندي طريقي جو هيلو ۽ عامل شخص هيلو. پاڻ بزرگ احمد شاه شاهي کان متاثر هيلو ۽ سندس مريد هو.

پير صاحب ڪجهه تصنيف تاليف جو ڪم به ڪيو آهي جنهن ۾ رساله "تهذيب اللسان في ادب البيان" "فصيح اللغات وضرب الامثال"

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 571

'فقيد المثل' ۽ 'ايها العلماء' (قاسمي) شامل آهن. ان کانسواءِ پير صاحب شاعريءَ ۾ به طبع آزمائي ڪئي آهي جنهن جو ذڪر آڏتي ڪبو.

پير نجي الله راشدي جي همعصر عالمن ۾ مولانا حسن الله پاڻائي، مولوي محمد عظيم شيدا، مولانا محمد قاسم مشوري، مولانا تاج محمد آريجوي، مولانا محمد ابراهيم ڪارڙائي. مولوي دوست علي مضري، مولانا عطا محمد سومرو نصير آبادي، مولانا محمد هارون، مولوي محمد سالار (دگهو وارو)، مولوي غلام محمد لغاري، مولوي ڪريم بخش ملڪسي ۽ مولوي چنڊ شاهه جا نالا قابل ذڪر آهن.

پير صاحب وٽ پيري مريديءَ واروسلسلو به هلندڙ هو، پر مريدن جي ورن تي ڪڏهن به نه ويندو هو.

سندس معاشي ذريعي ۾ پنج ڇهه سو جريب زرعي زمين هئي. پير صاحب کي اولاد ۾ ڇهه پٽ ۽ ٽي ڌيئر، جن ۾ صفي الله شاهه محمد راشد شاهه، اقبال احمد شاهه، عصمت الله شاهه، ولي الله شاهه ۽ ڪليم الله شاهه آهن.

پير نجي الله راشدي سڄي عمر درس تدريس تصنيف تاليف ۽ مطالعي ۾ گذاري ۽ ۳۱ جنوري ۱۹۸۴ع تي ۸۹ سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. سندس آخري آرامگاهه پير گوٺ ۾ آهي. [1]

---

[1] ـ مفصل سمورو احوال محمد راشد شاهه (پير نجي الله جو فرزند عمر ۵۰ سال) کان ۲۹ جون ۱۹۸۷ع تي ورتو ويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 572

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

پير نجي الله راشدي درس تدريس ۽ تبليغ کانسواءِ
کجھ تصنيف ۽ تاليف ذريعي به ديني اشاعت ۾ حصو ورتو. پير صاحب
جون تصنيفات سندس پوين وٽان دستياب ٿي نه سگھيون آھن. البت
کن صوفي شاعرن جي ڪلام مان سندس منتخب ڪيل مجموعو مليو
آھي، جنھن ۾ سندس کجھ شاعري پڙ ملي آھي. پير صاحب گھٽوڪري
مذھبي ۽ اصلاحي شاعري ڪئي آھي جنھن جو جائزو ھيٺ پيش ڪجي ٿو.

پير صاحب جي گھٽي سندي شاعري دستياب ٿي نه سگھي
آھي، تاھم جيڪي اشعار سندس فرزندن سيد قطب راشد ۽ سيد اقبال شاه
وٽان ھٿ آيا آھن، انھن مان ظاھر ٿئي ٿو تہ کيس عربي فارسي ۽ تي ڪافي
دسترس حاصل ھئي، جيڪو ٽيڪ سندس شاعري ۾ قديم تتبع اختيار ڪيل
آھي، تاھم ڪافي فصيحانہ ۽ بليغانہ انداز نظر اچي ٿو. پير صاحب منتخب
شاعري ۽ تي مشتمل ھڪ مجموعو تحرير ڪرڻ شروع ڪيو ھو، جيڪو سندس
حياتيءَ ۾ مڪمل ٿي نه سگھيو ۽ غير مطبوعہ آھي. سنجھس شاه عبداللطيف
ٻٽائي، شاه عنايت ۽ شاه ڪريم جي رسالن مان انتخاب ڪيل آھي. ان
مجموعي جو نالو "فقيد المثل" رکيائين. جنھن جي شروعات مورخہ ۳، جمادالثاني
۱۳۴۴ھ/ ۱۹۲۵ع کان ڪيائين. ان مجموعي ۾ سندس سندي شاعري به موجود
آھي. پاڻ کجھ وقت ٻير جھنڊي ۾ مقيم ھو، جتي محمد اسمٰعيل ڀمالي نالي
ھڪ شخص کان ان مجموعي جي ڪتابت ڪرايائين. پير صاحب پنھنجي شاعريءَ
۾ تخلص ڪتي "نجي الله" ۽ ڪٽي پنھنجي فرزند جي نالي سان "ابوصفي"
استعمال ڪيو آھي. نموني طور سندس سندي شاعريءَ جو مثال پيش ڪجي ٿو،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 573

ملاحظو ٿئي:-

"پرڏا سلاما باھ سان ناگھ نبي الله
بذبح عظيم سان ٿيو صفا صفي الله
علمه بحالي سان ٿي عرفڪريان الله
پدر پسر ٻئي ٿيا خاصا خليل الله
داعي دعوت موڪلي اِنّ الدين عند الله
آيو امت ڏي ڪٽي محمّد رسول الله" (۱)

پير نجي الله صاحب فارسي اشعار جي انتخاب

جوھڪ ٻيو مجموعو به گڏ ڪيو ھو، جيڪو قلمي صورت ۾ سندس فرزندن وٽ موجود آھي. ان مجموعي ۾ ھن ۱۱۲، معروف صوفي شاعرن جن ۾ جامي، بھلول، تمامي، شمس تبريز، جلالي، عرفي، رومي، حافظ، سعدي ۽ ٻين جو ڪلام منتخب ڪيو آھي. ھي مجموعو چارسو صفحن تي مشتمل آھي.

پير صاحب وٽ قديمي مثالي ۽ ناياب ڪتبخانو ھيو، جنھن جي سار سنڀال پٽ تمام سٺي نموني ڪندو ھو. ان ڪتبخاني ۾ ۷۰۰ھ يا اڳ جا لکيل ڪتاب ۽ حديثن جا ڪي ڪتاب پڻ موجود آھن. جنھن ۾ ڪافي تعداد فارسي ڪتابن جو ملي ٿو. پير صاحب جي ان فارسي شاعري واري انتخاب واري مجموعي جو نالو "عديم النظير" آھي، جيڪو پڻ ڪتبخاني ۾ موجود آھي. سندس ھي مجموعو ۱۳۴۴ھ جو آھي. پير صاحب جي فارسي شاعري ۾ ڪافي پختگي ۽ روانی نظر اچي ٿي پاڻ ھڪ تبع ۾ طرح ڪٽي ٻي ـــــ ٻي ديگر ـــــ نه مي ـــــ تي خوب طبع آزمائي ڪئي آھي. فارسي اشعار ۾ استعارن ۾ پنھنجو تخلص "نجي الله"، "ابوصفي" ۽ "صفي"

---

(۱) - راشدي، نجي الله پير "فقيد المثل" (قلمي)، ۱۳۴۴ھ ص - ۲۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 574

يا "صفی الله" استعمال کيو آ تائين. ملاحظه کندا سندس چند فارسي اشعار:

"هر جا که بينی بحق باطل نمی ماند.
اگر ماند دمی ماند دمی دیگر نمی ماند" (۱)

ترجمو:- (حق سان باطل کٹي به نه رهندو- اگر رهندو ته هڪ گهڙيءَ لاءِ هوندو وڌيڪ نه رهندو)

"صفیٰ" زين شش جهت دوران زسختی گرچه می آيد
اگر آيد دمی آيد دمی ديگر نمی آيد" (۲)

ترجمو:- (صفي جيڪڏهن زماني جي طرفان کان تڪليف سختي ايندي ته ڪا گهڙي ايندي آهي ورنه وڌيڪ نه ايندي آهي)

وري چوي ٿو:-

"کجا بيدردرا ازدرد سندان ياد می آيد
اگر آيد دمی آيد دمی ديگر نمی آيد" (۳)

ترجمو:- (بيدرد ۽ بي حس ماڻهو کي اسان درد وارن جي ياد ڪٿي ٿي اچي، اگر اچي ٿي ته ڪا گهڙي وري نه.)

پير نجي الله صاحب جي فارسي شاعريءَ ۾ ڪافي برجستگي، روانی، خوش ذوقي ۽ نصيحت ٽپڙاچي ٿي. سندس توحيد پرستي ٻڌ اشعارن ۾ عيان آهي جنهن جو مثال سندس هيٺين شعر ۾ ملاحظه کندا:-

"تعلق موی غير الله نبی الله نمی گنجد
اگر گنجد دمی گنجد دمی ديگر نمی گنجد" (۴)

ترجمو:- خدا پاڪ کان سواءِ مان غير الله سان تعلق نه ٿو رکي سگهان)

مطلب ته پير نجي الله رشديءَ جي مختلف نامور صوفي شعراءِ جي ڪلام جي تلخيص واري ڪوشش سندس حسن ذوقي، علم دوستيءَ ذوق لطافت جو ڏس ڏئي ٿي.

---

(۱) - رشدي نجي الله پير، "ديوان عديم النظير" (قلمي) ۱۳۴۴هـ ص - ۱۲۷
(۲) ايضاً
(۳) ايضاً
(۴) ايضاً ص - ۱۲۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 575

(الف) سوانح حيات

مولوي غلام فريد سپرو

مولوي غلام فريد ولد لعل بخش سپري جي ولادت انداز ۱۳۱۳ھ/ ۱۸۹۵ع ڏاري گوٺ "نور محمد سپرو" ٻڌ "ڪوٽ سليمان" تعلقي قنبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي.

مولوي غلام فريد پهرياڻين تعليم "مينهل جي گوٺ" (تعلقو قنبر) مولوي محمد صالح شابراڻيءَ وٽ، پوءِ "شيخ جي گوٺ" (تعلقو قنبر) مولوي غلام رسول چانڊيءَ وٽ پڙهيو. ان کانسواءِ ڪجهه هنڌن تي به پڙهيو. پر وري آخر ۾ "مينهل جي گوٺ" ۾ انداز ۱۳۴۲ھ/ ۱۹۲۳ع ۾ دستار بندي ڪيائين.

مولوي غلام فريد علمي فراغت کان بعد ڪجهه وقت پنهنجي گوٺ ۾ درس تدريس جو ڪم ڪيو. سندس شاگردن جا نالا معلوم ٿي نه سگهيا آهن. مولوي صاحب معلم هئڻ سان گڏ سٺو مبلغ ۽ خطيب به هو. سندس تقريرن ۾ وڏو اثر هو، آواز سٺو ۽ سمجهائڻ به سٺو هيس. (۱)

مولوي غلام فريد اهلحديث مسلڪ اختيار ڪيو هو پاڻ عام ڪليل فتويٰ ڏيندو هو ته جمع نماز هنگ ۾ رڳو تن ماهٿن هوندي به جائز ۽ فرض آهي. سن ۱۹۴۱ع ڌاران "شيخن جي گوٺ" جي مدرسي جي جامع مسجد ۾ جمعي نماز بابت مناظرو ٿيو ويو، جنهن ۾ مولوي فضل حق چانڊيو، مولوي غلام حسين بوهڙ ۽ مولوي غلام فريد سپري حصو ورتو. (۲)

مولوي غلام فريد مجاهدانه زندگي گذاري هن سياسي ۽ سماجي ڪمن ۾ به سرگرميءَ سان حصو ورتو، سندس تعلق جميعت العلماء هند سان رهيو. سن ۱۹۳۶ع ۾ شيخ عبدالمجيد جي اليڪشن ۾ پولنگ ايجنٽ به ٿيو هو. من پنهنجي وقت ۾

---

(۱) ـ ڪفايت الله (مولوي غلام فريد جو فرزند) ڪان ۱۲/۱/۱۹۹۲ع تي قنبر ۾ ورتل انٽرويو.

(۲) ـ پروفيسر مولوي عبدالحي چانڊيءَ ڪان ۱۱/۳/۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 576

هلندڑ خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو ۽ ان سلسلي ۾ جيل به ڪاٽيائين. خلافتي عالمن طرفان
ڪيل فتويٰ "اظهار الڪرامة في مقاصد الخلافة والامامة" تي به سندس تصديقي صحيح
اٿس. (۱) ان کان سواءِ ان وقت لواريءَ واري جڙتو حج جي بند ڪرائڻ ۾ به وڏو حصو ورتو
۽ ستياگرهه ڪيائين. اهڙيءَ طرح سوامي نند سرسوتيءَ هڪ ڪتاب "ستيارٿ پرڪاش"
لکي ڇپايو. مولانا غلام فريد ان جي مخالفت ۾ زبردست حصو ورتو. هن ان سلسلي ۾
زوردار تقريرون ڪيون ۽ سندس سرڪار کان گهرڪيائين ته ان ڪتاب تي بندش وڌي وڃي
ٿيڻ ان وقت جي وزير اعليٰ سر غلام حسين هدايت الله ان ڪتاب تي [۲] بندش وڌي جيڪا
اڄ تائين آهي. مذڪور ڪتاب ۾ ۱۴ باب هئا چوڏهون باب، اسلام جي خلاف هو ۽ قرآني
آيات تي اعتراض هئا. اهڙي طرح تيرهين باب ۾ عيسائي مذهب ۽ پارهون باب هندو
ڌرم جي خلاف هو. سوامي دياننڊ پاڻ آريا هو ۽ صرف پنهنجي مذهب جي اشاعت
ڪندو هو، باقي مذهبن تي اعتراض ڪندو هو

مولانا غلام فريد جي اولاد ۾ هڪ پٽ نالي ڪفايت الله ۽ هڪ نياڻي

جي. آخر ڪار هي مرد مجاهد سن ۱۳۶۶ھ/۱۹۴۶ع ۾ وفات ڪري ويو. (۳)

---

(۱) - نور احمد قريشي پيرائي حافظ (قلمي سوانح عمري مولوي غلام فريد سپرو)

[۲] - سنڌ ۾ آريا سماج پنٿ طرفان ستيارٿ پرڪاش پسند ڪيو هو. جيڪو آريا سماج جي
پايو وڌندڙ سوامي دياننڊ سرسوتي جو اصل هندي ۾ لکيل هو. جنهن جو سنڌي ترجمو
۱۹۱۲ع ۾ پنڊت جيوڻ لعل، پروفيسر تارا چند گاجراڻي شري گوپيٽ راءِ ڪيو هو. جو
پيوسٽ آفيس چاپو ۱۹۳۷ع ۾ ٿيون ۱۹۴۶ع ۾ نڪتو. پيچاڙي واري سال سنڌ سرڪار
هن پستڪ تي بندش وڌي هئي. جو ته ان جو چوڏهون سملاس مسلمانن جي جذبن
کي آزار ڏيندڙ هو (منگهارام پروفيسر "سندي نثر جي تاريخ"، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ۱۹۷۷ع
ص - ۲۲۳ -

(۳) - نور احمد قريشي پيرائي حافظ (قلمي سوانح عمري مولانا غلام فريد سپرو)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 577

(الف) سوانح حيات

مولانا محمّد اسماعيل ابڑائي هالپوٽو

مولانا محمّد اسماعيل ويٺل ڳوٺ گل محمّد ابڑو (تعلقو قنبر) ۾ ولادت ۽ ولادت جي باري ۾ معلومات ڪا نه سگهيو آهي [۱] مولانا قاضي قدابراهيم جي روايت موجب هن ابتدائي تعليم آباد جي قاضي صاحبداد وٽ ۽ سندن جي ٻين عالمن کان ورتي پوءِ رامپور ويو ۽ ڪجهه تعليم حضرت مولانا محمّد قاسم نانوتوي کان ورتائين (۲) مولانا محمّد اسماعيل جي تعليم پرائڻ جي سلسلي ۾ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب روايت ڪري ٿو:-

"اسانجي استاد جو استاد مولانا محمّد اسماعيل ابڑائي بلاواسطه (سند وسنڌون) مولانا فضل حق خيرآبادي وٽ تعليم حاصل ڪئي." (۳)

مولانا محمّد اسماعيل علمي فراغت کانپوءِ پرهنجي ڳوٺ ۾ ديني مدرسو قائم ڪري درس تدريس جو شغل شروع ڪيو. ۽ تانئس ڪيترائي شاگرد پڙهي فارغ ٿيا. سندس شاگردن جو تفصيل معلوم ٿي نه سگهيو آهي. البته سندس مکيه شاگردن مان مولانا ڪظر محمّد 'پنگ' وارو ۽ مولانا خادم حسين جلوٽي هئا، جنهن کان مولانا قمرالدين انڊيٽر ۽ ان کان مولانا عبدالڪريم ڪورائي پڙهيو.

---

[۱] - راقم جو مولانا مذهب جي سوانح حيات جي سلسلي ۾ احوال وٺڻ لاءِ سندس ڳوٺ وڃڻ تي به معلوم ٿيو ته سندس پشت مان ڪو به ماڻهو نه رهيو آهي، جنهنڪري نااميدي واپس موٽڻو پيو. ان ڪري سندس ولادت ۽ وفات وغيره جي باري ۾ هتي ڪجهه نه لکيو آهي.

(۲) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهنامه "شريعت" سکر سوانح حيات نمبر اڪتوبر ۱۹۸۱ع ص ۱۳۱

(۳) ـــــ ايضاً ـــــ غلام مصطفيٰ قاسمي نمبر، جنوري، فيبروري ۱۹۹۰ع - ص ۲۲۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 578

مولانا نظر محمد پُنگ وارو ، مولانا قمر الدين انديڙ ۽ علامہ عبدالکريم
ڪورائي جن سنڌ ۾ ڪيترائي ديني عالم پيدا ڪيا، اهڙي
طرح مولانا محمد اسماعيل جڻ سڄيءَ سنڌ جي عالمن جو
استاد هو.

مولانا محمد اسماعيل وڏي پايہ جو عالم
۽ فلسفي هو ، مولانا گل محمد ۽ مولانا غلام صديق شهداديءَ
ڏانهن منطق ڪبريٰ جاڪي سوال لکي موڪليا، جن جا جواب گهٽي
دير کان پوءِ ڏنائون جو ان لاءِ هندستان مان ڪتاب گهرائڻا پين.
ڪنهن مجلس ۾ پاڻ ۾ ملاقات ٿين تہ مولانا محمد اسماعيل ،
مولانا غلام صديق کي چيو تہ غلام صديق ! "اهڙن سوالن جي
جواب جو علم نہ توکي هو ۽ نہ پٺهي کي، اهو جواب ڪيئن لکيئو"
مولانا غلام صديق چيس تہ "علم آبي کي به هو ۽ مون کي به آهي ،
البتہ ڪتاب کونہ هئا اهي گهرائي جواب لکياسين"
مولانا محمد اسماعيل جي وفات سن ۱۹۱۴ع/۱۳۳۲هـ ۾ ٿي. (۱)

Gul Hayat Institute

---

(۱)- حافظ نور احمد قريشي پيرائي، "سوانح حيات مولانا محمد اسماعيل
پيرائي" (قلمي) بيان تان ورتل

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 579

(الف) سوانح حيات

مولانا غلام عمر چانڊيو

مولانا غلام عمر ولد سعد الله خان چانڊيو جي ولادت ڳوٺ ڀگهسومرخان، ڳٻ نوڙهي، تعلقي قنبر ۾ ٿي. سندس ولادت جي تاريخ معلوم ٿي نه سگهي آهي.

مولانا غلام عمر فارسيءَ جي تعليم "مدرسه ڪورسليمان" ۾ ورتي. عربي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مولانا محمد صديق شيخ وٽ "سيتا" (ضلعو دادو) ويو. جيئن ته پاڻ ڏاڍو ذهين هو، تنهنڪري ٽن سالن اندر دستار بندي ڪرائين.

مولانا غلام عمر فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ درس تدريس جو شغل اختيار ڪيو. پاڻ جڏهن سيتا ۾ مولانا محمد صديق وٽ آخري سال ۾ پڙهي رهيو هو ته پير رشد الله ڀنڊي ڏٺي "سيتا" ۾ گرد نواح ۾ مريدن وٽ دعوتن تي آيو ۽ مولانا محمد صديق کان پڇنجي مدرسي پير جهنڊي لاءِ پڇنجي اولاد پير ضياءُ الدين، احسان الله، پير مٺل شاه ٽنڙاه وارو ۽ ٻين لاءِ استاد گهريو. مولانا محمد صديق پڇنجي هن شاگرد مولانا غلام عمر جي ذهانت ۽ قابليت ڏسي سندس ڀانڊ پير صاحب ڪي ڏني. اهڙي طرح مولانا غلام عمر پير جهنڊي جي مدرسي ۾ پڙهائڻ لاءِ ڇڏيو ۽ مولانا غلام عمر پڙهائڻ دوران طب يوناني به ايتي سکي.

مولانا صاحب پير جهنڊي ۾ چار پنج سال تعليم ڏني ان کان پوءِ "نلاهر" تعلقو ڏوڪري ۽ پوءِ بهاولپور (الاڙڪاڻو تعلقو) ۾ راشدي پيرن جي اولاد لاءِ خاص استاد مقرر ٿيو جن مولانا صاحب کان فارسي پوري ڪئي ۽

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ڪجھ عربي پڙھي ، جنھن کان پوءِ مولانا غلام عمر بقاپور وارو مدرسو ڇڏي
پنھنجي گوٺ ۾ اچي مطب کوليو تاحيات طبيب ۽ حڪيم ٿي رھيو ۽ پڻ طب
۾ ڪيترا ستا حڪيم نبض شناس ۽ معالج پيدا ڪيا جن مان مولانا محبت الله
ٽنيو ڏڙھي وارو جيڪو پوءِ لالو شھر ۾ استاد ٿي رھيو. ۽ وري ان جو شاگرد
حڪيم قاضي عبدالڪريم لالو وارو ، پير ارشاد الله لالو وارو ھيا پاڻ ھتي
وقتي طور مولانا ڪريمداد جي غيرحاضريءَ ۾ سندس مدرسي ۾ طالبن
کي سبق به ڏيندو ھو.

مولانا غلام عمر جي تصنيف ۽ تاليف جي سلسلي ۾ پروفيسر
مولوي عبدالھي چانڊيي پنھنجي ٻڌايو تہ "مولانا غلام عمر سُورة اللھب جو شرح لکيو ھو
جيڪو قلمي شڪل ۾ خود ھن ڏٺو ھو. پر افسوس جو اھو ھينئر اٽ لپ آھي". (١)
مولانا غلام عمر ھڪ بي باڪ ۽ حق گو ديني عالم ھو. سندس
انھ وھڪ واقعو مولوي عبدالحئي صاحب ھن طرح بيان ڪيو:

"چانڊئي قوم جي سردار نواب غيبي خان جي
ٻيائٽي ھڪ دفعي بيمار ٿي پئي. ھن جو ڏاڏو علاج ڪرايو ويو
پر چاڪ نہ ٿي. پوءِ مولانا غلام عمر جيڪو پڻ ھڪ سٺو حڪيم
ٻھو ، تنھن کي علاج لاءِ گھرايو ويو. مولوي صاحب نواب صاحب
جي ٻيائٽيءَ جو علاج ڪيو ۽ ڇوڪري چاڪ ٿي وئي. نواب صاحب
ٻيائٽيءَ جي صحت ياب ٿي خوشيءَ ۾ ھڪ وڏي دعوت جو بندوبست
ڪيو جنھن ۾ علائقي جا وڏا رئيس ۽ تمدار مدعو ڪيا ويا.

---

(١) - پروفيسر مولوي عبدالحئي چانڊيو (مولانا غلام عمر ڏوھلڻ) کان ١٤ اپريل
١٩٩٢ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 581

ان سلسلي ۾ مولانا غلام عمر کي به دعوت ڏني ويئي. نواب صاحب مولانا صاحب کي آڻ ۾ ئي کا فيي تحفاءِ سوکڙيون ڏنيون هيون، جنهن ۾ هڪ گھوڙو به شامل هو. جڏهن دسترخوان تي کاڌو رکيو ويو، مولوي صاحب به نواب صاحب جي سامهون ويٺو هو. سڀني کائڻ شروع کيو، پر مولوي صاحب نه کاڌو، جڏهن کانئس نه کائڻ جو سبب پڇيو ويو ته چيائين ته "هڪ شرابيءَ سان گڏ مانيي کڏهن نه کائيندس" جنهن تي نواب صاحب ڏاڍو کاوڙيو ۽ تحفا وغيره کانئس واپس وٺڻ جو اعلان کيو. اتي نواب صاحب کي ٻين رئيسن ۽ تمن دارن چيو ته نواب صاحب! اوهان لهو چاتا کريو. مولوي صاحب هڪ وڏو عالم دين ۽ حڪيم آهيي، جنهن اوهان جي ٻنائيءَ جو علاج کيو آهيي ۽ هُو صحتياب تي آهيي"؟ ان کانپوءِ نواب صاحب اتي اعلان کيو ته "مان شراب پيئڻ کان هميشه لاءِ توبه کئي." (۱)

مولانا غلام عمر نهايت ذهين حاضر جواب ۽ مناظر هو سندس کيترائي مناظرا مشهور آهن. خصوصًا ميرعلي نواز خان تالپر (خيرپور ميرس) وٽ کنهن مسئلي تي بحث ٿيو، بحث ۾ سنڌ ۽ پنجاب کان شيعا ۽ سني عالم آيل هئا. گھڻي بحث مباحثي کان پوءِ مولوي صاحب کي فتح ٿي. مولانا غلام عمر پنهنجون سڀ روايتون حضرت علي کرم الله وجهه جون پيش کيون، پوءِ ميرعلي مراد کيس 'رئيس العلماء' جو لقب ڏنو ۽ انهن عالمن کان کيس پڄ بڌ رايائين. امرتيءَ طرح گوٺ ۽ لالو رائڻ (تعلقو ولهار ضلعو لاڙڪاڻو) ۾ ميراث جي مسئلي ۾ مولانا حسن الله

---

(۱) - پروفيسر مولوي عبدالحيءَ چانڊيو (مولانا غلام عمر جو ڏوهٽو) کان ۱۴-۱۲-۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 582

پاتائي ۽ مولانا پير محمد قريشي 'جوٽاٽن' (تعلقو واهم) واري کان مولانا جي تحريري صحيح ثابت ٿي.

حقيقت هي آهي ته گوٺ 'ٻٽ سرائي' تعلقو ميرڪ ان زماني ۾ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ هئي) هڪ سرائي پنهنجي نرال کي ڪاوڙ مان چيوته "ڪُلڻ نه ڇڏ جيڪڏهن ڪُلڻ ڇڏيندين تڏهن تُطلاق طلاق طلاق' اٿئي" مائي مٺڙ جي ڪاوڙ ۽ طلاق جي اعلان جي پرواه نه ڪندي ڪُلڻ ڇڏي صاف ڪيو. اهو واقعو الهڻ ڏينهن ۾ هڪ اهم معاملو ٿي ڪري ٿيو. ڪي عالم طلاق برقرار رکن پيا ته ڪي طلاق برقرار نه پيا رکن. وڏو جهيڙو تنازع ۽ فساد هلي پيو، عالمن جون ٻه ٽي پارٽيون ٿي پيون

نيٺ اهڙي تحريري مدرسي نوٽ ۾ آئي، اجا تحريري جو جواب نه ڏنو ويو هيوته مولانا محمد عمر جان چشموي نقشبندي سالياني دوري تي مدرسي نوٽ ۾ آيو اهڙو موقعو هوندو هوته ضلعي لاڙڪاڻي جا سڀ وڏا مولوي نوٽ ۾ ۽ اچي حاضر ٿيندا هئا. آخرڪار 'ٻٽ سرائي' جا سرائي اها تحريري مولانا پير محمد جوٽاٽن واري طلاق بحال ڪيل واري تحريري ۽ ان طلاق سان واسطو رکندڙ نرال ۽ طلاق جو شوهر رکندڙ مٺڙ ۽ ٻيا همدرد پائڙ اچي گڏ ڪيا.

مولانا غلام عمر چيوته طلاق نه ٿيندي اجايو ڏڙ اتاريل آهي، طلاق واروفيصلو غلط آهي. ان موقعي تي وڏا عالم، مولانا محمد عظيم شيدا، مولانا محمد مبارڪ، مولانا غلام رسول چانڊيو، مولانا فضل حق، مولانا محمد قاسم، عبدالڪريم خليفه اعظم بزرگ چشمه، مولانا عبدالحڪيم تنيو ۽ نوجوان مولانا دين محمد لوٽيو وغيره اتي اچي گڏ ٿيا هئا.

مولانا غلام عمر پنهنجي هڪ نوجوان عالم دين محمد کي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 583

چيوته اهو فيصلو لوڻن کي. مولانا دين محمد کي ڪنوار آڻائي مائي کي چيوته "ڪنوار چٽ" مائي ڪني اندر آڻي وڃي گهمائي پنهنجي آڻي ڇڏي ڏني ته مولانا دين محمد چيوته هي مائي آڻي تي ڇڏي ڪنوار ڇڏڻ ناممڪن آهي اڄ ڪي طلاق نه ٿيندي"

اهو فيصلو ٻڌي سڀني عالمن خوش ٿي فيصلو قبوليو ۽ مولانا پير محمد جوڻاٽين واري جي فتوي جا رد ٿي ۽ ڏريون رهي ٿي واپس هليون ويون.

مولانا غلام عمر سن ۱۳۳۷ھ/ ۱۹۱۸ع ۾ وفات ڪئي سندس آخري آرامگاهه گوٺ لوڻهي بجار ۾ آهي. ڪيس اولاد ۾ ٻه فرزند چاڙيا، تن مان مولوي عبدالڪريم زنده آهي. (۱)

۱۔ پروفيسر مولوي عبدالهي چانڊيو (مولانا غلام عمر جوڻ وهلڻ) کان ڏڻل انٽرويو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 584

(الف) سوانح حيات

مولانا حاجي احمد ملّوي

مولوي حاجي احمد بن فضل محمد ابڙو گوٺ "ملا ابڙا" تعلقو ڏوکري سنڌس ولادت جي تاريخ معلوم ٿي نه سگهي آهي، پاڻ علم جي تحصيل حيدرآباد ۾ مولوي محمد حسن[1] قريشي صاحب وٽ ڪيائين ۽ پوءِ اهڙي سالڳئي مدرسي ۾ ورهين جا ورهيه مدرّس ٿي رهيو. ونس قاضي عنايت الله ۽ سنڌس پاءُ قاضي هدايت الله متعلوي ۽ مولانا سيّد اسد الله شاه ٽلڙائي تعليم حاصل ڪئي. (۲)

مولانا در محمد خاڪ شاگرديءَ ۾ سنڌس نالو مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَ جي شاگردن ۾ ٻه بيان ڪيو آهي. (۳)

مولوي احمد ست دفعا حج پڙهيو ۽ شيخ عبد الغني مجدّدي شاگرد شاه محمد اسحاق دهلويءَ کان صحاح سته جي اجازت حاصل ڪئي. هڪ دفعو حرمين مان (قاهره (مصر) جو سفر ڪيائين جتان هڪ مڪتب فروش کيس قرض طور فقط زباني اعتبار تي ڪيترا ڪتاب فروخت ڪري ڏنا. هن بزرگ پنهنجي قول جي برقرار رکڻ ۽ پرائي امانت ۽ قرض ادا ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ ڪتاب فروخت ڪري

---

[1] - مولانا محمد حسن ولد مولوي حاجي محمد قريشي صديقي، سنڌس خاندان مان پشت بپشت عالم ٿيندا آيا. پاڻ مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَ جو شاگرد هو سنڌس مدرسو حيدرآباد شهر جي مائي خيري واري مسجد شريف ۾ هو. ۶۰ ورهين جي عمر ۾ سنڌس وفات ۱۳۰۹ھ/ ۱۸۹۱ع اڻيءَ حساب مان سنڌس پيدائشي سال ۱۲۴۹ھ/ ۱۸۳۳ع ۾ ٿيندو.

(۲) - دين محمد وفائي مولانا "تذڪره مشاهير سنڌ" (جلد اول) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۶۵ع - ص - ۱۷۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سمورو قرض مصرجي ان واپاريءَ کي ادا ڪري ڏنو

مولانا حاجي احمد ملّوي بيحد متقي ۽ شريعت جو پابند هو ۽ دين جي گالهين ۾ تڏهن سخت هو. حيدرآباد جڏهن ڪانپوءَ گهلوڙ وقت بلوچستان ۾ وڃي رهيو، اتي منڙيءَ ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيائين ۽ سندس ڪيترا ماڻهو مريد ٿيا ان ڪانپوءَ وري اچي پنهنجي اصل گوٺ "ملا ابڙا" ۾ رهيو ۽ اتي ٻنيءَ جو نڪرو آباد ڪري ان ۾ ڳذران ڪندو هو. مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو:

"۱۳۲۷ھ/۱۹۰۹ع ۾ اسانجي طالب العلميءَ جو زمانو هو، ان ڪري سندس شاگرد هدايت الله متعلوي جو هڪ ڪتاب "ڪواڪب السعادات" نالي پهن حصن ۾ پڌرو ٿيو، جنهن ۾ حضرت امير معاويه رضه جي شان ۾ گستاخي ٿيل هئي. جڏهن اڄ عالمن ان تي اعتراض اٿاريا، انهن سڀني ۾ مولانا احمد صاحب سڀ کان پيش پيش هو. "تحفة اولي الباب في رد علي طائن الاصحاب" نالي هڪ رسالو مولوي صاحب جي نالي چپجي پڌرو ٿيو جنهن ۾ حضرت معاويه رضه تي وارد ٿيل اعتراض جا جواب ڏنا ويا ۽ قاضي صاحب تي آخر ۾ تعزير جي لائق هجڻ جي فتويٰ ڏني وئي. قاضي هدايت ان جو جواب "رد الهفوات" لکي پنهنجو بچاءُ ڪيو، اهو رڳو ڏسڻ ۾ ايئن هليو ٿي ته قاضي صاحب فوت ٿي ويو ۽ اهو دور ايئن ختم ٿيو."

۱۳۳۹ھ/۱۹۲۰ع ۾ يورپ جي وڏي جنگ ختم ٿيڻ ڪانپوءَ ترڪيءَ جي خلافت جو مسئلو چڙيو، جنهن ۾ سڄي دنيا جي مسلمانن حضرت مولانا تاج محمود امروٽي جي سرڪردگيءَ ۾ وڏو همو وريو ۽ هن قومي تحريڪ کي پوري قوت سان هلايو ويو ۽ مولوي احمد صاحب ملّويءَ اهڙن ماڻهن مان هو، جن پوري جوش ۽ جذبن سان هن ڪم ۾ ڀرو ورتو.

آخري عمر ۾ هن تصوف ۾ گهڻ ڪري پڙهائي وغيره جو شغل

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 586

چڈي ڏنوهو. پڪي موحد هجڻ ڪري مخالف ڪيس وهابي سڏيندا هئا. خلافت تحريڪ جي ختم ٿيڻ کانپوءِ ڪي سال سندس نالو بدنام ۾ نه آيو. معلوم ٿيوته سفر جي حالت ۾ هن بزرگ عالم هوفي شڪارپور ۾ ۱۹۳۲ع ۾ وفات ڪئي. (۱) داڪٽر غلام علي سانگيءَ "لاڙڪانو ساه سيبانو" ۾ سندس وفات جو سال ۱۹۲۲ع لکيو آهي. (۲)

مولانا حاجي احمد ملوي بابت مولانا جمال الدين بن مولانا خدا بخش ابڙو هن طرح بڌايو آهي:-

"مولانا حاجي احمد کي هڪ ننگر قد عمر نالي هو جنهن تحصيل علم جي ڀڳ به ڏني هئي، پر پوءِ سُنت ڪري وياهو. مولوي قد عمر سمورو علم پنهنجي پيءُ مولوي حاجي احمد وٽ حاصل ڪيو هو، جو اُن پٽ جي وفات ڪري شايد مولانا صاحب کي سخت صدمو پهتو هو. تنهن ڪري ان واقعي کان پوءِ هُو صاحب کي سيلاني ٿي پيو هو. سندس پوٽو احمد بن محمد بن ملا احمد عالم دين آهي جيڪو عربستان ۾ رهي ٿو.

اهو ئي سبب آهي جو مولانا احمد صاحب جو موت به سفر ۾ ئي واقع ٿيو. پاڻ جڏهن جيڪب آباد جي طرف پنهنجي مريدن ۽ خادمن ڏانهن ٿي ويو ته شڪارپور ۾ ڪيس موت به اچي پهتو ۽ اتي وفات ڪيائين ۽ وصيت ڪيائين ته مونکي دفن به شڪارپور ۾ ئي ڪيو وڃي سندس وصيت ٿي عمل ڪندي ڪيس اتي ئي دفن ڪيو ويو." (۳)

مولانا صاحب جي دعا مقبول هئي. ان وقت ۾ "بارهه نماز" به پڙهايو ٿيندو هو. هڪ دفعو ٻئين واهه ڳوٺ "ملا ابڙا" جي ڀڳ ۽ ٻيو دفعو اهاڻا نماز لاڙڪاڻي شهر ۾ موجوده سول اسپتال واري جاءِ تي اولهه ۾ (پراڻي منزلگاهه) ۾ پڙهايائين. (۴)

---

(۱) - مولانا دين قد وفائي "تذڪره مشاهير سنڌ" (پاڪو ڇاپو) سنڌ ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۸۵ع، ص ۱۷۹

(۲) - "لاڙڪانو ساه سيبانو"، ۱۹۸۴ع، ميونسپل ايمپلائز يونين لاڙڪانو، ص - ۲۳۷

(۳) - رحمت الله ابڙو داڪٽر، "مولانا غلام عمر جتوئي جون علمي ۽ فقهي خدمتون" ڏيسمبر ۱۹۸۲ع سنڌ يونيورسٽي جا مشورو، ص - ۴۳۸

(۴) - مولانا احمد جي عزيز حڪيم قد احسان کان ڳوٺ 'ملا ابڙا' ۾ ۳۰ جون ۾ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 587

(الف) سوانح حيات

مولانا دين محمد بلوچ

مولانا دين محمد ولد گهلوڙ خان چانديو گوٺ ٻڏيي، تعلقي ميرپورخاص ۾ جائو سندس ولادت جي تاريخ وارثن کان ملي نه سگهي آهي. جيئن ته مولانا جي نسب ۾ علمي رونق ڪانه هئي، ان ڪري مولانا جي والدي پنهنجي اولاد جي پڙهائڻ جو خيال ڪونه هو، پر جيئن ئي مولانا دين محمد وڏو ٿيو، تيئن ئي کيس خود بخود علم جو شوق پيدا ٿيو. نتيجي طور پاڻ مولانا پنهنجي سر پڙهڻ خاطر گوٺ چڏيو ۽ سندس ابتدائي تعليم "پنهورن" جي گوٺ تعلقي ميرپورخاص ۾ ٿي. (۱)

مولانا دين محمد ابتدائي تعليم وٺڻ کانپوءِ ضلعي لاڙڪاڻي جي مشهور معروف عالم ديني مولانا غلام صديق شهداڪوٽي جي خاص شاگرد قاضي الله بخش ڪاهراڻي (متوفي ۱۳۳۴ھ) وٽ شاگرديءَ ۾ رهيو. قاضي صاحب فارسيءَ جي علم ۾ وڏو درڪ رکندو هو. فارسي "دواوين" به قاضي صاحب جو تاليف ڪيل آهي. مولانا دين محمد فارسيءَ ۽ سنديءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ کانپوءِ عربيءَ جا ابتدائي ڪتاب شروع ڪيا. پاڻ تمام ذهين هوندو هو ۽ همعصر شاگرد کانئس سبق جا گهمرا پڙهندا هئا. عربيءَ جي ڪنز، فاقيه، قي پهچڻ کانپوءِ تڪ لاءِ مولانا غلام صديق شهداڪوٽيءَ کان پڙهڻ شروع ڪيائين. ان کانپوءِ وڌيڪ تعليم پاڻ لاءِ ان وقت سنڌ جي مشهور مدرسن "نوڙهي"، "همايون" ۽ ابڙن ۾ آيو. پوءِ هليائين مدرسي "نوڙهي" ۾ مولانا ڪريم بخش وٽ. پوءِ گوٺ "ابڙن" ۾ مولانا محمد اسماعيل ميمڻ وٽ ۽ بعد ۾ مدرسي همايون (تعلقي شڪارپور) ۾ ويو. آخر ۾ سيالڪوٽي نصاب جا پويان ڪتاب رياست بهاولپور (پنجاب) جي ڪنڊ شهر ۾ استاد العلماء مولانا نظر محمد صاحب وٽ پورا ڪري ۱۳ ڏينهن ۾ دستار بندي ڪرائين. (۲)

---

(۱) - حڪيم دين محمد چانديو (مولانا دين محمد جوپوٽو عمر ۵۲ سال) کان ۲۸-۱۲-۱۹۸۶ع تي لاڙڪاڻي ۾ ورتل انٽرويو ۽ سماهي "مهراڻ" سوانح حاڪمبر ۵۷ ۱۹ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ص- ۱۵۲

(۲) - حڪيم دين محمد چانديو (عمر ۵۲ سال مولانا دين محمد جوپوٽو) کان لاڙڪاڻي ۾ ۲۸-۱۲-۱۹۸۶ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 588

مولانا دين محمد بڏوي فارغ التحصيل ٽيڊ ڪانپور پنهنجي آبائي ڳوٺ
”بڏي“ ۾ سن ۱۳۱۲ھ/۱۸۹۴ع ۾ اچي ديني مدرسو کوليو جتي ديني درس تدريس ۾
مشغول رهيو. هتي سندس ننڍو ڀاءُ اميد علي ڀاڻن ٻيلي ٿي ٻيڙو ۽ وڏو ڀاءُ
فقير محمد ايترو متاثر نه ٿيو، جيڪو ڪري فقير محمد ايترو فيض ڪونه پرايو. اميد علي جا
پٽ علم وارا ٿيا ۽ فقير محمد جو پٽ جاهل رهجي ويو. مولانا جي حلقه درس ۾ سوَن
جي تعداد ۾ شاگرد اچڻ لڳا ۽ ڪيترائي دستار بندي ڪري اسلام جا مبلغ ثابت
ٿيا، جن مان مکيه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

مولانا خوش محمد ڏيروخاني، مولانا فتح محمد سيلاني، مولانا
عبدالڪريم بڏوي، مولوي نواب الدين چانڊيو، مولوي علي انور تونيو، مولانا فتح محمد چانڊيو،
ميان فقير محمد ڪاتب، حڪيم محمد عالم چانڊيو ۽ سندس فرزند مولانا محمد ابراهيم چانڊيو فيض
ياب ٿيا. جيڏو ٽيڪ مولانا دين محمد بڏوي جي وقت جا عالم خلوت نشين هوندا هئا، پر مولانا
دين محمد هجري ۾ ويهڻ پسند ڪين ڪندو هو. مولانا جو تعلق حديث پسند علماء سان
هو، ۽ وقت جي سياسي حالتن کان بي خبر نه هوندو هو. پاڻ انگريزن جي سخت
مخالف هوندو هو ۽ انگريز حڪومت ٿي اسلام لاءِ خطرو تصور ڪندو هو. جڏهن
خلافت تحريڪ شروع ٿي تہ ان ۾ بيباڪ ٿي حصو ورتائين ۽ گورنمينٽ کان مدرسي لاءِ
جاگرانٽ ملندي هيس ان تان به دستبردار ٿيو.

مولانا صاحب پاڻ شاعر نه هو مگر علم عروض سان گهڻي دلچسپي
هيس. سندس شاگردن مان حاجي محمد حسن چانڊيو ۽ حاجي محمود خادم لاڙڪاڻوي
مشهور شاعر ٿي گذريا آهن. مولانا صاحب هڪ سٺو خوش خط به هو ۽ کيس حج
جي سعادت به نصيب ٿي. مولانا دين محمد بڏوي تاريخ ۲، جمادالاول ۱۳۵۰ھ/۱۰، ۹، ۱۹۳۱ع ۾ چيٽن
وڃي حق دارالفنا کان دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو. سندس آخري آرامگاه به اتي ئي آهي. (۱)

---

(۱) ـ حڪيم دين محمد چانڊيو (مولانا دين محمد جو پوٽو عمر ۵۲ سال) کان لاڙڪاڻي ۾ ۲۸، ۱۲، ۱۹۸۶ع
ڌرتل انٽرويو. ۽ سماهي ”مهراڻ“ ۱۹۵۷ع سندي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ص- ۱۲۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 589

(الف) سوانح حيات

مولانا محمّد سليمان ابڑو

مولوي محمّد سليمان ولد ابڑو فقير ويل "ملا ابڑا" تخلقوڏوکري سندس ولادت جي تاريخ معلوم ٿي نه سگهي آهي.

هن پنهنجي پوري تعليم مولانا غلام عمر "سولوجتوئي" واري وٽ حاصل ڪئي. مولانا محمّد سليمان، مولانا غلام عمر صاحب جو خاص پيارو شاگرد هو ۽ سدائين استاد صاحب جي خدمت ۾ رهندو هو. سفر خواه حضر ۾ لساسُ گڏ هوندو هو. ان ڪري هن پنهنجي استاد کان ڪافي ڪجهه پرايو. هي مولانا غلام عمر جي ڪتبخاني جو نگران به رهي چڪو آهي. سندس شمار مولانا جتوئي جي وچين طبقي جي شاگردن ۾ ٿيندو آهي. (۱)

مولانا محمّد سليمان تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ ڪيترو وقت درس تدريس جو ڪم ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ ڪجهه وقت "ڪوٽ ڪارڙن" تعلقي ڏوکري ۾ هڪ مسجد شريف ۾ پيش امام ۽ مدرس ٿي رهيو، پر گهوٽڪري "ڪوٽ وڏي واهڙ" ۾ "ملا ابڑا" ۾ ديني خدمت سبب مشهور آهي. "ڪوٽ وڏي واهڙ" ۾ هڪ جامع مسجد شريف مولانا صاحب ڏي منسوب ڪيل اڄ به موجود آهي.

Gul Hayat Institute

مولانا صاحب ديني تصنيف ۽ تاليف جو ڪم به ڪيو. هن جو هڪ ڪتاب "مسئله فدڪ" نالي ڇپيو. مولانا هڪ فقيه ۽ صاحب فتوىٰ هو. پاڻ سلوڪي هو. سندس شمار وقت جي وڏن عالمن ۾ ٿيندو هو. ايتري قدر جو مولانا تاج محمود شاه امروٽي بزرگ، مولانا دين محمّد وفائي جي مدد سان چپايل ڪتاب "اظهار الڪرامة [۲]

---

(۱) - ابڑو رحمت الله ڊاڪٽر "مولانا غلام عمر جتوئي سندس عامي ۽ فقهي خدمتون"، ٽيسس ۱۹۸۳ع سنڌ يونيورسٽي، ص- ۴۸۴ ۽ ۴۸۵

[۲] "اظهار الڪرامة في مقاصد الخلافت والامامت"، انجمن شورىٰ علماء سنڌ، سڪر، شيخ عبدالرزاق محمّد سليمان وڪلوريه پريس، ص- ۱۴۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 590

۾ پنهنجي تائيد ۾ صحيح ورتي هئي.

مولانا قدّ سليمان مولانا ابوالجمال خدابخش ابڙي جي

ڪيل هڪ عربي رسالي "القول القوي في رد قول الڪوي" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو

ڪيو آهي.

مولانا صاحب پنهنجي پنهنجي وقت جي سياسي خواه

سماجي ڪمن ۾ حصو ورتو هو. ان جو ثبوت لاڙڪاڻي شهر ۾ 'تحريڪ خلافت' جي

سلسلي ۾ منعقد ڪيل 'يوم الخلافت' واري جلسي ۾ سندس شرڪت سان ملي ٿو.

ان سلسلي ۾ شيخ عبدالعزيز سکر واري پنهنجي ڪتاب "لاڙڪاڻي ۾ شاهي ميڙ"

۾ لکيو آهي ته جلسه خلافت کي لاڙڪاڻي ۾ ڪامياب ڪرڻ وارن عالمن ۾ لوڻ 'ملاابڙا'

جا عالم به حصيدار آهن، جن ۾ مولانا محمد سليمان جونالو

به شامل آهي. (۱)

مولانا صاحب هڪ سڏو حڪيم ۽ شاعر به هو، پنهنجي لوڻ

۾ حڪمت ڪندو هو، هن سڄي عمر دين اسلام جي خدمت ڪندي گذاري

ڪيس اولاد ڪونه هو، سندس وفات سن ۱۹۵۶ع ۾ ٿي. (۲)

Gul Hayat Institute

---

(۱) - شيخ عبدالعزيز محمد سليمان (مرتب) سکر ۱۹۱۹ع، ص - ۱۴

(۲) - "لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو"، ۱۹۸۴ع - ميونسپل ايمپلائيز يونين لاڙڪاڻو، ص ۲۳۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 591

(الف) سوانح حيات

مولانا لطف الله عباسي

مولوي لطف الله ولد نور محمد عباسي تيرهين صديءَ جي پوئين ڏهاڪي ۾ لوڙ تيو. صحيح تاريخ معلوم ٿي نه سگهي آهي، سندس ولادت گوٺ فتح الله گمرا، تعلقو ڪنگري ضلعو خيرپور ۾ ٿي. سندس وڏا بهاولپور (پنجاب) کان آيا هئا. سندس وڏي پاءُ ميان محمد علي (مؤذن درگاهه عاليه راشديه پير جو گوٺ) کان ٻڌايل آهي ته اسان جا وڏا بهاولپور کان سنڌ ۾ آيا. پهرين ستخمر جيو بهاولپور کان آيو، سو سندس ڏاڏو قاضي خوش محمد هيو، جو خيرپور ۾ ميرن وٽ قاضي مقرر ٿيو. پر مسلڪ جي اختلاف ڪري علحدگيءَ بعد ڪيس پير صاحب پاڳاري پاڻ وٽ رهايو. سندس شادي به ان گوٺ مان ٿي ۽ وفات به اتي ٿي ٿي. سندس تربت خاص قبرستان ۾ آهي، يعني درگاهه واري مسجد جي صحن جو اتر وارو درجيئن ٻي ڪنڊ تي سڄي هٿ واري تربت قاضي خوش محمد جي آهي.

مولوي صاحب پنهنجي ابتدائي زندگيءَ ۾ پنهنجي ننڍي پاءُ اميد عليءَ سان گڏ جي جهنگ ڪپي زمين ڪيي ان ۾ ڪپتي وغيره ڪري گذر سفر ڪندو هو. مذهبي گهرائي هجڻ ڪري ڪجهه وقت مير سيد غلام مرتضيٰ شاه جيلاني گمبٽ واري وٽ رهيو ۽ سندس ننگري ۾ قرائي تعليم ڏني ۽ گاهه گاهي پير صاحب سان گڏ سير سفر ۾ به نڪري ويندو هيو. ڪجهه عرصي کان بعد ڪيس ديني علوم مڪمل طور حاصل ڪرڻ جو ارادو ٿيو.

پهرئين تعلقي قنبر جي مولانا غلام رسول بلوچ وٽ تعليم حاصل ڪرڻ ويو. ان کان بعد عادلپور تعلقو گمبٽ ۾ مولانا نور محمد صاحب وٽ ڪجهه علم پڙهايئين. ان کان بعد ديوبند وڃڻ جو خيال آيس ۽ سفر مسافرن کان ٽيندو ويو سهارنپور نڪتو جتي مولانا حبيب الرحمان سهارنپوري جي درس ۾ شامل ٿيو. حالات

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 592

ڀي ناسازگاريءَ سبب واپس سنڌ آيو ۽ مولانا عبدالله صاحب بنگلديراڻيءَ ڀي مدرسي ۾ داخل ٿيو. جتي درس نظامي مڪمل ڪري دستار فضيلت پڌائين. سندس فارغ التحصيل ٿيڻ جو سن غالبًا ۱۳۴۵ھ/ ۱۹۲۶ع آهي

مولانا لطف الله فارغ التحصيل ٿيڻ کان بعد بنگلديري ڀي ويجهو ڳاهمن، جي ڳوٺ رهڻ لڳو. شادي به اتي ڪيائين ۽ ڪيس وڏو فرزند صفي الله جو من وقت هاءِ اسڪول جو هيڊ ماسٽر آهي پڙهي اتي جاڏو. ان کانپوءِ پاڻ پير صاحب گمبٽ واري جي چوڻ تي پنجوديري تعلقي رتديري ۾ رهائش اختيار ڪيائين ۽ مدرسو جاري ڪيائين. شروعات ۾ سن مدرسي ۾ ڪافي ننڍا وڏا طالب العلم داخل ٿيا. فارسيءَ تائين تعليم جو هيڪڙو خوب رهيو. ان بعد طالبن جي جوڳي بندوبست نه هئڻ ڪري ۽ مولانا جي بي پرواه طبيعت سبب مدرسي جي خدمت نه ٿي سگهي ۽ آهستي آهستي طالب به گهٽ ٿيندا ويا. مولانا صاحب ڪنهن کان سوال ڪونه ڪندو هو پنهنجي ذريعي معاش لاءِ ڪيتي ڪندو هو. پوءِ تائين يونيورسٽي جي امتحان ۾ فارسي نصاب ڪيئي ڀوناڻا پڙهڻ ايندا هئا جن کي دل سان پڙهائيندو هو. سڀ ڀوٽ سندس شاگردي ۾ منسلڪ هو.

زهد، تقوىٰ ذڪر اذڪار ۽ نوافل جو به ڪيس انهماڪ هوندو هو. پير ياسين مخدوم زمان، مولانا غلام قادر صاحب ملڪاڻي سان نقشبنديءَ سلسلي ۾ بيعت ڪيائين ۽ پنهنجي مرشد جو جلدي قرب حاصل ڪيائين. پوئين دفعي ڪيس مرشد فرمايو هو ته جلدي واپس اچجو، ليڪن تقدير جي هڪ آهنگي نه هئڻ سبب بزرگ ملڪاڻي جي وفات جلدي ٿي ويئي ۽ باقي منزلون طئ ٿيڻ کان رهجي ويون. ان کان بعد ميان عبدالرحمان ملاءِ اتيار واري سان نسبت ڪيائين. ليڪن خيال هيس ته حضرت امروٽيءَ جي نظر رهجي ليڪن ان جي به جلدي وفات سبب اها اميد به پوري نه ٿي. ان کان بعد پنهنجن پيارن دوستن جيئن ته قاضي ڏڏي بخش صاحب وسائي جيهي وارو ۽ حاجي جان محمد بنگلديري واري سان رفاقت ڪري قطب الارشاد

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 593

حضرت حمادالله هالیجوي شریف واري ۾ بیعت کیائین ۽ محنتون ۽ مشقتون کنري اجازت خلافت جي حاصل کیائین

مولوي عباسي صاحب ابتدائي زندگيءَ کان وٺي نمازجو پابند هو. هرموسم ۾ شب خيزهو. صبح جي نماز بعد اشراق تائين ورد وظائف ۾ مشغول هوندوهو. اشراق بعد هارن کي قرآني تعليم ڏيئي گهرايندوهو ناشتي کان بعد وڏن طالب العلمن کي سبق ڏيندوهو. جهن بعد زمين تي وڃي ڪم ڪارڪندوهو. سالن جا سال روزانو منزل قرآن شريف جي تلاوت ڪندوهو. شام جوبه جي ڪڏهن ضرورت هوندي هيس تہ زمين تي ڪم ڪندوهو. جملي ٽي جريب ٻني ڪندوهو. ٽيهري بعد مسجد ۾ ٽي ويڙهوندوهو. مغرب بعد گهرايندوهو. عشاء نماز کان اڳ ۾ قادري سلسلي جي ذڪر هرجون چار تسبيحون جماعت سان گڏ ڪندوهو هرهڪ تسبيح هزار ضربن جي هوندي هئي. ان کان بعد عشا جي نماز ادا ڪري گهرايندوهو. مهمان نوازيه واهه جوهوندوهو. سفيدپوش، سفيد ريش تداور ۽ حسين جميل ۽ زهد تقوىٰ واري زندگيءَ جي ڪري بزرگ پيو نظر ايندوهو. اڪثر عالم، فاضل، دوست، احباب فقير، فقراء سندس مهمان هوندا ٿيءَ هوندا هئا ۽ انهن سان ڪافي وقت وڃي ڪچهريون ڪندوهو ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن وٽ به وڃي ٻه ٽي ڏينهن گذاري ايندوهو. پنهنجي گوٺ ۾ هرجمعي تي وعظ نصيحت ڪندوهو ٻاهر به ڪڏهن ڪڏهن وعظ تقرير لاءِ ويندوهو مذهبي مسئلا ۽ تحريرون به ڪيندوهو. پر سندس تحريرون محفوظ رهي نہ سگهيون آهن.

مولانا عبدالڪريم صاحب ڪوراڻي ميرپور پٿو سندس همعصر عالمن مان مولانا عبدالڪريم ڪمارڙو، مولانا خوش محمد ميروخاني مولانا قاضي ڏٽي بخش وسايو جيهو نزد ميرپور پٿو، مولانا حڪم قاسم

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 594

گڙهي ياسين وارو، مولانا حمد عظيم سولنگي ياروديروثم نصيرابادي هئو.

ڪيس وقت جي ضرورت آهر سموراڻ مذهبي ڪتاب ۽ طب جا ڪتاب هئا. حڪمت به جاڻندو هو.

مولانا صاحب سن ۱۹۷۲ع ۾ لڏي لاڙڪاڻي رحمت پور ۾ اچي ويلو ۽ سندس وفات رحمت پور محلي ۾ تاريخ ۲۵، شوال ۱۴۰۵ھ ۾ ٿي. سندس آخري آرام گاه پنجو ديرو جي ان مسجد جي احاطي اندر آهي جتي پنهنجي عمر جو وڏو عملي حصو گذاريائين

مولانا لطف الله صاحب کي اولاد ۾ ٿي نياڻيون ۽ ست پٽ. نالي صفي الله، نجي الله، ڪليم الله، عصمت الله نعمت الله، عنايت الله ۽ حافظ احسان الله شامل آهن. (۱)

---

(۱) - مشين معلومات محترم صفي الله ۽ نجي الله (مولانا لطف الله جا فرزند) کان ۲۵، مئي ۱۹۹۱ع ڪي تحريري طور ورتي ويئي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

باب ثیلون

(۱۸۹۶ء کان ۱۹۲۱ء)

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 596

(الف) سوانح حيات

مولانا ولي محمد ابڙو

مولانا ولي محمد ولد درياخان ابڙي جي ولادت سن ۱۳۱۴ھ/ ۱۸۹۶ع ۾ گوٺ ڪنبو، تعلقي وارهه ۾ ٿي. مولانا صاحب قرآن شريف پنهنجي گوٺ ڪنبو، ۾ آخوند محمد آچر ميرجڻ وٽ پڙهيو. ان کان پوءِ ڪنبوءَ ۾ مولانا عبدالعزيز خارانيءَ وٽ، بعد ۾ لوڙهيءَ جي مدرسي ۾ مولانا ڪريمداد وٽ عربي ۽ فارسي پڙهيو. ڪجهه وقت دارالرشاد، پير جهنڊي ۾ به پڙهيو. ان کانپوءِ وڌيڪ تعليم پراڻ لاءِ دارالعلوم ديوبند هلو ساڻس گڏ فقير ڪريم بخش چانڊيو، مرادي، وارو به هو. ديوبند مان ان وقت مولانا عبدالحڪيم سومرو شاهلي فارغ ٿي واپس ٿي رهيو هو. مولانا ولي محمد کي مدرسه ديوبند ۾ مشورو ڏنو ويو ته مولانا عبدالحڪيم وڏو قابل ۽ ذهين عالم آهي، تنهنڪري توڻ جهڻ وٽ وڃي پڙهه. پوءِ مولانا ولي محمد مولانا عبدالحڪيم سان واپس آيو ۽ وٺ مدرسه، شاهل سڏائي (تعلقي شڪارپور) ۾ پڙهيو ۽ سن ۱۳۴۳ھ/۱۹۲۴ع ۾ اتان فارغ التحصيل ٿيو.

مولانا ولي محمد ابڙي علمي فراغت کانپوءِ درس تدريس جو شغل شروع ڪيو ۽ مختلف ديني مدرسن ۾ پڙهايائين، جن ۾ پير تراب علي شاهجي مدرسي علي خان قنبر ۾ پنج سال، پوءِ مدرسي لوڙهيءَ ۾ پنج سال سندس استاد مولانا ڪريمداد خاص طرح پنهنجي فرزند ۽ مولانا محمد قاسم جي پڙهائڻ لاءِ ڪيس مدرسي علي خان قنبر مان ونئي آيو هو. مدرسي پير نجي الله شاهجي راشدي جي گوٺ لڪ يارو ديرو، تعلقو وارهه. مدرسي پير علي اڪبر شاه شهر ميهڙ (ضلعو دادو) مدرسه دائود ڪنڊ ڙاءِ، تعلقو ميهڙ مدرسه محمديه، ڪنبو تعلقو وارهه شامل آهن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 597

مولانا ولي محمد ابڑي وٽان گھڻن ئي شاگردن علمي فيض پرايو

جن مان گھڻا نالا هيٺ ڏجن ٿا :

مولوي رضا محمد مگسي قنبر، مولوي قاري خير محمد بلوچ تعلقو قنبر،

مولوي عبدالمجيد لاشاري گوٽ جانداهي تعلقو وارهه مولوي عبدالغفور ابڑو ڪنڊو، مولوي محمد قاسم

چانڊيو تعلقو قنبر، مولوي جان محمد وگهڙ تعلقو قنبر، مولوي غلام قادر پرڙو تعلقو قنبر

۽ مولوي عبدالهي چانڊيو ، مولانا ڪريمداد جوپوٽو حال مقيم قنبر شامل آهن .

مولانا ولي محمد جي هم عصر عالمن ۾ مولوي محمد عظيم شهيدا،

فقير ڪريم بخش چانڊيو مرادئ وارو، مولوي هدايت الله لوٽينو نصيرآباد، مولوي

در محمد ڪانڊڙو نصيرآبادي، مولوي عطا محمد سومرو نصيرآبادي، مولوي نبي بخش

پرڙو وارهه، مولوي غلام رسول جوڻيجو لاشارين وارو، مولوي غلام رسول عباسي

هيڏي چانڊ ئي وارو، مولوي تاج محمد مگسي قنبر، مولانا محمد ابراهيم ڪاڙڙائي ۽ مولانا

غلام مصطفيٰ قاسمي جا نالا قابل ذڪر آهن .

مولانا ولي محمد ابڑي جي اولاد ۾ چار پٽ ۽ اٺ نياڻيون ٿيون.

مولانا صاحب روحاني لحاظ کان پير عبدالغفار عرف پير ملوڻ کان متاثر هو.

مولانا ولي محمد سڄي عمر ديني درس تدريس ۾ گذاري

Gul Hayat Institute

۽ سن ۱۳۹۱ھ/۱۴ آگسٽ ۱۹۷۱ع ۾ دارالفنا کان دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو. سندس

آخري آرام گاهه ڪنڊو ۾ ئي آهي. (۱)

---

(۱) مستند سموري معلومات مولانا ولي محمد ابڑي جي فرزند محترم بدرالدين

(عمر ۵۸ سال) کان ۱۹-۴-۱۹۹۲ع ۾ ورتي وئي .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 598

(الف) سوانح حيات

حافظ امام بخش سومرو

مولانا حافظ امام بخش ولد محمد ابراهيم سومري جي ولادت ۱۲ ربيع الاول سن ۱۳۱۵ھ/ ۱۱ آگسٹ ۱۸۹۷ع تي ڳوٺ گل محمد ٽوڻيو تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. ابتدائي تعليم ۾ ناظران قرآن شريف ۽ ڪجھ فارسي تعليم پنھنجي ڳوٺ ۾ مولانا عبدالرحمان ٽوڻئي وٽ ورتائين. قرآن شريف جوحفظ به ڳوٺ ۾ ئي حافظ امام الدين ٽوڻيو (جيڪو مولانا عبدالرحمن جوسوٽ ھو) ۽ حافظ محمد يوسف (نابينا) وٽ ڪيائين، ۽ بعد ۾ تعلقي قنبر ۾ حافظ محمد قاسم سومري وٽ قرآن شريف جو دور پورو ڪيائين. ان کانپوءِ وڌيڪ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ضلعي لاڙڪاڻي جي معروف ۽ جيد عالم مولانا غلام صديق شھداديءَ وٽ ورتائين. آخر ۾ ويري مولانا عبدالرحمن ٽوڻئي جي چوڻ تي ڳوٺ ۾ سندس پٽ مولانا غلام مصطفىٰ وٽ عربي فارسيءَ جا ڪتاب پڙھيائين پر دستار بند ي نه ڪيائين. (۱)

حافظ امام بخش علمي فراغت کانپوءِ سڌو ئي پنھنجي ڳوٺ جي پرسان ڳوٺ ھارون ٽوڻيو ۾ درس تدريس ڏيڻ لڳو، جتي ۴۰ سال پڙھايائين ان دوران مدينو پاڪ به ويو، جتي ڪجھ عرصو رھي علم تجويد القرآن پڙھائين. بعد ۾ ورھاڱي کانپوءِ پنھنجي ڳوٺ گل محمد ٽوڻئي ۾ "الغوثيه الشفيقه" نالي ديني مدرسو قائم ڪيائين. سندس مدرسو پنھنجي وقت ۾ اوج ڪمال تي پھتل ھو. پري پري جا شاگرد حافظ صاحب جي علم جي برڪت ۽ فيض مان مستفيض ٿيڻ لاءِ وٽس اچڻ لڳا. سندس درسگاھ مان تقريبًا ھزار، بارھن سو شاگرد فيض ياب ٿي نڪتا.

---

(۱) - مخدوم حافظ عبدالرحيم سومري (حافظ امام بخش جو فرزند) کان ۶ جون ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 599

صيٽ سندس افضل شاگردن مان کجھ معروف نالا ڏجن ۾ جن وٽ نائس علمي فراغت پائي سندس مختلف هنڌن تي ديني مدرسا کوليا ۽ درس تدريس جو ڪم ڪيو ۽ گھڻائي شاگرد پيدا ڪيا :-

حافظ فضل هارون ٽوٽيو گوٺ 'هارون ٽوٽيو' حافظ ميرفضل راهوجو گوٺ "سامتيا" تعلقو ٽنڈو ڪري ، حافظ فضل ڪامل جلوٽي گوٺ بلوديرو تعلقو ٽنڈو ڪري ، حافظ عبدالقادر ڪلهوڙو ڪارڙا' تعلقو ٽنڈو ڪري ، حافظ فضل بچل ميمڻ ساڪن گوٺ 'سولنو جلوٽي' ، حافظ رازل ميمڻ 'موچو ديرو' ضلعو خيرپور ميرس ، حافظ ڏتل شاهه 'اگڙا' تعلقو گمبٽ ، حافظ غلام جعفر چانڊ 'هنگورجا' تعلقو گمبٽ ، حافظ خيرمحمد اڇڙ 'ڪمال ديرو' ضلعو خيرپور ، حافظ فضل عرف نالي لو مشوري (مولانا فضل قاسم مشوري جو فرزند) حافظ مولاداد چانڊيو ساڪن 'ڪوٺ گھارو' تعلقو وارهه ضلع خيرپور جوسٽي [1] (تعلقو قنبر) ۾ پنجٽي سال ديني مدرسو هلايو ، حافظ غلام حيدر ڄڻن شهداد ڪوٽ ۾ مدرسو هلايو ، حافظ مرادعلي جلوٽي گوٺ 'ڏيرا' تعلقو ٽنڈو ڪري ، حافظ اميراحمد راهوجو 'گوزو' تعلقو خيرپور ناٿن شاهه ضلعو دادو ، حافظ امام بخش سومرو 'مڏباهو' تعلقو ٽنڈو ڪري ، حافظ علي مراد 'سست' زرداري گوٺ 'ڇاڇڙ' تعلقو لاڙڪاڻو ۾ 'گلسي پتا' تعلقو ۽ پڙهيائين . حافظ امام بخش سومري موجوده پير پاڳاري شاهه مردان شاهه ۾ ڪجھ وقت پھنجي گوٺ ۾ ۽ ڪجھ وقت 'پير گوٺ' ۾ ناظران قرآن شريف پڙهايو .

حافظ امام بخش صاحب جون پنھنجي وقت ۾ وڏن عالمن ۽ بزرگن سان ملاقاتيون ۽ علمي رهاڻيون ٿيون ، جن ۾ ابوالفيض مولانا غلام محمد جلوٽي ، مولانا محمد قاسم مشوري ، مولانا تاج محمد ڪوکر "رضائي" آريجوي ، مولانا

---

[1] - راقم خيرپور جوسي ۾ حافظ مولاداد صاحب چانڊيو وٽ قرآن جا ۱۵ پارا حفظ ڪيا .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

قاضي قدابراهيم "خليل" ڪارڙائي ۽ مولانا قدبخش قريشي ذوڪري وارو قابل ذڪر آهن.
ان ڪانسواءِ پاڻ روحاني طرح قادري طريقي ۾ پير صالح قدشاه راڻيپوري ۽ نقشبندي
طريقي ۾ خواجه قدعمرجان چشموي بزرگن کان دست بيعت هو. (۱)

حافظ صاحب هڪ زاهد ۽ عابد شخص هو، ڏينهن جو
شاگردن کي پڙهائيندو هو ۽ رات جو عبادت ڪندو هو. اٿندي ويهندي خدا جي
ذڪر ۾ مشغول هوندو هو. پاڻ خوش اخلاق، خوش طبع، خوش گفتار ۽ مهمان
نواز هوندو هو. زهد، تقويٰ، چلن چالين ۾ به مشغول رهيو. ڪيترن ئي
مسجدن ۾ ڏهاڪا ڪڍيا ٿين. سندس گفتار صوفيانه رنگ ۾ ورتل هوندي هئي.
ڪيس ڇهه پيرا حج جي سعادت نصيب ٿي. پاڻ ڪشف ڪرامت جو صاحب هو ۽ مستجاب الدعا
هو. سندس روحاني فيض جي چشمي مان هزارين اُجايل اُڄ اُڀائي وياءِ ڪيترن ئي پنڪيل ۽ بيڪار
انسانن حق ۽ سچ جي واٽ ورتي.

حافظ صاحب سيوهاڻي بزرگ قلندر لعل شهباز جو به نهايت عقيدتمند
هو. اٺهڙي سندس درگاهه تي حاضري پريندو هو.

حافظ امام بخش ڪجهه شعر و شاعريءَ ۾ به طبع آزمائي ڪئي آهي جنهن
۾ ڪجهه بيت ۽ مولود جيا اٿس شعر ۾ تخلص "حافظ" استعمال ڪيو اٿس.
هيٺ سندس هڪ مولود جيا ڪجهه بند نمونيءَ طور ملاحظه فرمايو:

مٺو مرسل مصطفيٰ آهي مرني نبيا
مرڻي مرسل جي هڻل نيڪ نوري نجيا
اهڙو ٻيو ڪونه ڪو، هڙو ڪامل ڪريما

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 601

ڀٽواحمد عربي آهي، حاذق حڪيما
"حافظ" جئي هيٺن تي، ٿيندو حامي حبيبا
لائق لنگهي تي ڪندو، ڪري لطفون لبيبا.(۱)

حافظ امام بخش صاحب سڄي حياتي ديني درس تدريس ۾ گذاري. اهڙي طرح هن بزرگ ۶۳ سالن جي ڄمار ۾ سومر رات تاريخ ۱۵، جماد الثاني ۱۳۸۸ھ مطابق ۹، سيپٽمبر ۱۹۶۸ع تي هڪ روڊ حادثي دوران ضلعي دادوءَ جي اسپتال ۾ الله کي پيارو ٿي ويو. سندس جسم خاڪيءَ کي مدرسي آڏو ڪلڙ طرف دفنايو ويو. هر سال سندس ياد ۾ ۱۴، جماد الثاني ٿي ڀارهو ملهايو ويندو آهي.(۲)

---

(۱) - حافظ حبيب الرحمٰن سومرو (مرتب) "حبي جوت جلائي ويا" ۱۹۹۱ع، لاڙڪاڻو - محمدي پرنٽنگ پريس، ص- ۸

(۲) - حافظ حبيب الرحمٰن سومرو (مرتب) "حبي جوت جلائي ويا" ڪتابي سلسلو ڀارهون، ۱۹۹۱ع، لاڙڪاڻو، مدينه پرنٽنگ پريس ص- ۳ ۽ ۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 602

(الف) سوانح حيات

مولانا محمد قاسم مشوري

مولانا محمد قاسم ولد حاجي محمد عثمان[1] مشوري بلوچ جي ولادت ۱۲ ربيع الاول سومر جي رات سن ۱۳۱۶ھ/۱۸۹۸ع ۾ گوٺ صاحب خان مشوري[2] ۾ ٿي. سندس وڏا اصل ۾ پاڪ نارين، صوبي بلوچستان جا هئا.

مولانا محمد قاسم ننڍپڻ ۾ قرآن شريف پنهنجي والده ماجده وٽ پڙهي پوروڪيو. ان کان پوءِ سندس والد صاحب کيس تعليم پرائڻ لاءِ گوٺ "ملا ابڙا" تعلقي ڏوڪريءَ ۾ مولانا محمد عالم ابڙي وٽ ڇڏيو، جيڪو ابوالفيض مولانا غلام عمر جلوٽيءَ وٽ گوٺ سوني جلوٽيءَ ۾ پڙهيلو هو. انکان پوءِ وڌيڪ ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مولانا مشوري صاحب مفتي غلام عمر وٽ مدرسه دارالفيض، سوني جلوٽيءَ ۾ داخل ٿيو. مولانا غلام عمر وٽ فقه، ميراث ۽ فتويٰ

---

[1] ـ حاجي محمد عثمان انتهائي صالح ۽ باڪمال درويش هو ڪو وقت پنهنجي گوٺ ۾ قرآن شريف جي تعليم ڏيندو رهيو سندس علم جي طلب ۽ شوق جي ڪري دلچسپ هئي. اهڙين طرح آهي ٿا پاڻ تفسير، حديث ۽ فقه جا فنون پنهنجي صاحبزادي (مولانا محمد قاسم) وٽ سندس فارغ ٿي اچڻ ۽ پنهنجي گوٺ ۾ "جامع عربيه قاسميه" جي ڪلهڙ ٿي حاصل ڪيائين ظاهر آهي ته سندس عمر به ان وقت ۴۵ سالن جي لڳ ڀڳ هوندي. انهيءَ عمر ۾ والد جو پنهنجي صاحبزادي وٽ پڙهڻ علم ۽ فضل جي تاريخ ۾ غالباً هڪ انوکو مثال آهي. سندس والد صاحب سَو سالن جي عمر کان مٿي ۾ وفات پاتي.
(مفتي عبدالرحيم سڪندري، "الراشد"، ماه رمضان، شوال، ذوالقعده ۱۳۹۷ھ/ص ۱۰۰ ۽ ۱۰۱)

[2] گوٺ صاحب خان مشوري، لاڙڪاڻي کان ۱۰ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي. مولانا مشوري صاحب جي نسبت سان سندس گوٺ کان ٽن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي اوڀر طرف "مشوري شريف" نالي سان اسٽيشن قائم ڪيل آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 603

جوخاص اهتمام هو. اهڑيءَ طرح مولانا محمّد قاسم سن ۱۳۳۸ھ/۱۹۱۹ع ۾ پڙهي فارغ التحصيل ٿيو. سندس دستار بندي به مدرسي 'دارالفيض' سوني جلوئيءَ ۾ ٿي.

دستار بنديءَ جي موقعي تي پهريان ورَ مولانا غلام محمّد مهيسر ڪمال ديرائي (ضلعو خيرپور) ورايا. ۽ پوءِ سندس استاد مولانا غلام عمر جلوئي دستار بنديءَ جا ورورائيندي دُعا فرمائي ته، "اي محمّد قاسم توڻ برڪي باغ بنائيندين اهو وقت ايندو جو جتي توڻ هوندين اتي ماڻهڻ جا هجوم هوندا." (۱)

مولانا مشوري صاحب جي روحاني تربيت سلسلهٔ 'قادريءَ' ۽ 'نقشبنديءَ' ۾ ٿيل آهي. جيڪو ٻيڪ ظاهري علمن جي تڪميل به پنهنجي استاد ابوالفيض مولانا غلام عمر وٽ ڪئي، پر ڪيس روحاني ۽ باطني فيض سندس پير طريقت مولانا سيّد حابي امام الدين شاهه راشدي ڏاهي. [۱] کان حاصل ٿيو. طالب العلميءَ ۾ ئي

---

(۱) ـ مفتي عبدالرحيم سڪندري، 'الراشد'، ماهه رمضان، شوال ۽ ذوالقعد ۱۳۹۷ھ، جميعت العلماء سڪندريه پير جوگوٺ، ص ۱۰۳

[۱] ـ حابي امام الدين شاهه راشدي ولد پير سيّد رشيد الدين (صاحب العلم الثالث) ولد پير محمّد ياسين (صاحب العلم الثاني) ولد پير سيّد محمّد راشد (روهني ڏڻي). هن بزرگ پنهنجي والد بزرگ جي تربيت ۾ تصوف ۽ سلوڪ جون منزلون طئي ڪري قادريه راشديه طريقي ۾ خرقه خلافت ڏڪيو. نوجواني جي زماني ۾ پنهنجي والد بزرگوار جي حڪم سان ٽلاهه شريف (تعلقي ڏوڪري) باقرائٽي اسٽيشن جي اوڀر ۾ اچي مقيم ٿيو ۽ اتي ئي تمام وڏي جماعت سندس فيض ۽ ارشاد سان بهره ور ٿي. حابي امام الدين شاهه راشدي خاندان جي پوئين رجالن ۾ هڪ وڏو ڪامياب بزرگ ۽ بقية السلف هو. پير صاحب ۲۷، ربيع الثاني سن ۱۳۵۰ھ ۾ هن فاني دنيا مان رحلت ڪئي. (دين محمّد وفائي مولانا، 'تذڪره مشاهير سنڌ'، (جلد اول) ۱۹۸۵ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ص. ص. ۱۷۶ - ۱۷۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 604

ٹلاهر شريف (تعلقہ ڈوکري) ۾ سيد امام الدين شاهہ جي هٿ تي بيعت ڪئي هئائين. (۱)

مولانا محمد قاسم پنهنجي ذهني صلاحيتن ۽ ذڪاوتن سبب پنهنجي مشفق استاد مولانا غلام عمر جتوئي جي دل ۾ هڪ خاص مقام پيدا ڪيو، جنهن سبب ڪيس نہ فقط سفر ۽ حضر ۾ شريڪ رکيو، بلڪ فتويٰ ۽ جزي ڪولٹ لاءِ به واحد معتمد عليہ مولانا محمد قاسم هيو. جيڪڏهن مولانا محمد قاسم نہ هوندو هوتہ سائل کي ايستائين انتظار ڪرڻ پوندو هو. هڪ طرف مشفق استاد جي رهبري ۾ فتويٰ ۽ جزين ڪولٹ جو ڪمڪندو هو، تہ ٻئي طرف هيٺين درجي جي عربي طالب العلمن کي سبق پڙهائڻ سان گڏ وگڏ پنهنجي معمول جا سبق ۽ ان جي مطالعي ۾ بيحد مصروف رهندو هو. اهڙيءَ طرح هڪ پاڻ پنهنجي طالب العلميءَ ۾ پڙهائڻ جو سلسلو شروع ڪري چڪو هو، ۽ ان طرح سمورا درسي ڪتاب پنهنجي استاد جي تطهير رهين ڏهاڙي درس تدريس ۾ ڇڪيءَ طرح علوم حاصل ڪيائين. (۲)

مولانا محمد قاسم مشوري پنهنجي دستار بنديءَ کان پوءِ به فتويٰ ۽ ميراث جي علم ۾ پوري ٽيهن لاءِ سال ڏيڍ مدرسي سوني جتوئي ۾ پنهنجي استاد وٽ ترسيل ۽ پوءِ پنهنجي استاد مفتي غلام عمر جتوئي جي مشوري سان سن ۱۳۶۲ھ/۱۹۴۲ع ۾ ڳوٺ اچي مدرسو الجامع العربيہ القاسميہ کوليائين جنهن جو بنياد پنهنجي استاد مولانا غلام عمر ڪان رکايائين. (۳)

---

(۱) ـ مفتي عبدالرحيم سڪندري 'الراشد' ماهہ، رمضان، شوال ۽ ذيقعد ۱۳۹۷ھ، جميعتہ العلماء سڪندريہ پير جو گوٺ، ص ۱۰۳

(۲) ـ رحمت الله ابڙو واڪنر، مولانا غلام عمر جتوئي، 'سندس علمي ۽ فقهي خدمتون' جي ـ فل لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، ۱۹۸۲ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو، ص ۲۲۸ ـ ۲۲۹

(۳) ـ مفتي عبدالرحيم سڪندري، 'الراشد' ماهہ، رمضان، شوال، ذيقعد ۱۳۹۷ھ جميعت العلماء سڪندريہ پير جو گوٺ ص ـ ص ۱۰۲ ـ ۱۰۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 605

مولانا مشوري صاحب پنهنجي سڃي حياتي ديني درس واعظ ۽ تبليغ ۾ گذاري سندس درگاھ مان سوين شاگردن فيض پرايو ۽ ڪيترائي عالم ۽ حافظ ٿيا. سندس شاگردن مان ڪيترن وڃي سنڌ جي مختلف جاين تي ديني درسگاھ قائم ڪيا سندس شاگردن مان ڪجھ نالا ھن ريت آھن ۽

مولانا غلام محمد قاسمي خيرپور ناٿن شاھ، مولوي فقير غلام محمد ٻاگھيو انچارج ڪتب خانو ۽ مدرّس مدرسة الجامعة العربية القاسمية، درگاھ مشوري شريف، مولوي عبدالرحمان پنھور ضلعو حيدرآباد، مولانا محمد قاسم جلوٽي، گوٺ سولنو جلوٽي مولوي علي بخش چانڊيو گوٺ پير ترھو ضلعو دادو، مولوي قادربخش بلوچ سيتائي، مولوي محمد صديق جلوٽي، گوٺ ڪسو جلوٽي، تعلقو ميرپورخاص مولوي مرحوم عبدالله مشوري، گوٺ غازي خان مشوري، لڳ باقراڻي، مولانا سيد حاڪم شاھ، گوٺ سلطان خان جماراڻي، لڳ رشيد وگھڙ، مولوي حافظ عبدالله شيخ باقراڻي، مولوي غلام علي اُتيرو ضلع دادو، مولوي غلام بروھي ڪوٺڻا، مولوي حافظ عبدالقادر ڪاھوڙو گوٺ ڪارڙائي تعلقو ڏوڪري مولوي قمرالدين بلوچ گوٺ گھوگھارو ضلعو لاڙڪاڻو، مولوي احمد بخش جمالي حال مدرّس مدرسو القاسمية انوارالاسلام، قائم شاھ بخاري لاڙڪاڻو حافظ عبدالرحيم ولد حافظ امام بخش سومرو گوٺ گل محمد ٽوڻيه، تعلقو ڏوڪري، مولوي گل محمد لاکو بارھ، مولوي اسدالله پنھور تعلقو گمبٽ، حافظ مولوي محمد عرف نالي ميمڻ راجپر پد عيدن ضلعو نوابشاھ، مولوي محمد عرف پلو خھدار، مولوي نظام الدين چانڊيو گوٺ پير ترھو ضلع دادو ٽوسلم مولوي ھادي بخش شيخ. [1] سندس وڏو فرزند ميان علي محمد جيڪو ھيئڙ

---

[1]- مولانا مشوري صاحب جو ھي شاگرد سندس ھٿ تي مسلمان ٿيو ۽ ونس پڙھيو مولانا صاحب کيس پنھنجي مريدن مان شادي به ڪرائي، ھيئڙ ھو سندس درگاھ ۾ ئي رھندو آھي. (مولانا مشوري صاحب جي فرزند ميان علي محمد کان ورتل انٽرويو)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 606

سندس درسگاھ جو صدر مدرس ۽ مھتمم آھي سندس ڏھنن ۾ مولوي نور احمد ۽ پوٽن ۾ حافظ منظور احمد، مولوي منير احمد ۽ ٻيا. (۱)

مولانا محمد قاسم مشوري نہ رڳو ھڪ سٺو مدرس، مفتي ۽ فقيه ھو، پر ان سان گڏ ھڪ سٺو مقرر واعظ به ھو. مولانا صاحب واعظ ۽ تبليغ لاءِ نہ رڳو لاڙڪاڻو ضلعو پر سندس جي ٻين ضلعن ۽ شھرن ۾ ويندو ھو. خاص طرح لاڙڪاڻي شھر جي جناح باغ ۾ ھر سال ۱۰ محرم تي ھڪ وڏو ديني جلسو ٿيندو ھو، جنھن ۾ پاڻ واعظ ۽ نصيحت ڪندو ھو ۽ ان موقعي تي پري پري کان ماڻھو اچي شريڪ ٿيندا ھئا. سڄ ۾ سندس مريدن ۽ معتقدن جو ڇڪتو تعداد آھي. اھڙيءَ طرح سندس ديني درسگاھ ۾ ھر سال ۱۲ ربيع الاول جي موقعي تي به ڏينھن ھڪ وڏو ديني جلسو ٿيندو آھي، جنھن ۾ سڄ ۽ سڄ کان ٻاھران آيل وڏي تعداد ۾ سندس مريد ۽ معتقد اچي شامل ٿيندا آھن. سندس واعظ ۽ تبليغ جي ڪري ڪيترائي غير مسلم بازيگر ۽ بالگرا سندس حق تي مسلمان ٿيا جن جو ھڪ گوٺ لاڙڪاڻي شھر ڀڳ "صديق آباد" جي نالي سان آھي. (۲)

مولانا مشوري صاحب درس تدريس سان گڏ ڪيترن تصنيفن جو مالڪ به ھيو. ھن ڪيئي ديني ڪتاب تحرير ڪيا ۽ ڪيترن ئي پيچيده ديني مسئلن تي تحريرون ۽ فتوائون جاري ڪيون سندس تصنيفات جا نالا ھي آھن.

"معلم الفرائض"، "فصل الخطاب في لزوم الستر والحجاب" (پرده عورت)، "نفحات الڪرامات"، "مجمع الفيوضات" (ملفوظات شريفه پير روزي ڏٺي جو ترجمو) ٿن جھن ۾، "اتحاف الاشراف"، "رحمتي راڻ شب معراج"، "ارشاد العباد الي تصحيح النطق بالضاد"

---

(۱) ـ سندس فرزند ميان علي محمد کان وڏل انٽرويو.

(۲) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 607

"هدية الابرار في ان المصطفىٰ نور الانوار"، "البينات والضحات"، "شمس الهدىٰ العيون الاعمىٰ" (شيعن جي لاءِ) "ضياءُ الهدىٰ (شيعن جي رد ۾)"، "رساله البشريٰ لمن احتفل بميلاد مصطفىٰ صلى الله عليه وسلم"، "الحجة البيضاء في حرمة الصدقات الواجبة على الشرفاء"، "المواعظة القاسميه" (ڇهن جلدن ۾ سندس واعظن جو مجموعو) "اشباع الكلام في تحقيق مدار رضاع والفطام" ۽ "هداية المصلي". ان کانسواءِ "فتاوىٰ قاسميه مشوروي" (جلد اول وثاني) جي نالي سان علمي صورت ۾ ضخيم جلد لکيا اٿس، جن کي مجموع المسائل" به سڏي سگهجي ٿو. (۱)

مٿين تصنيفن کانسواءِ مولانا صاحب وٽ کجهه زير تصنيف کتاب به هئا جن جا نالا هي آهن:-

"نهج الصواب لتحقيق الخراب"، "فتح الله الورود"، "تفسير قاسميه"، "الکتاب في بحث الرضاع"، "نفي في بحث عالم الغيب"، "بنات الرسول"، "تقصيص للحيته وتسويد للحيته" ۽ "دليل المعقول في تحريم البطول" شامل آهن. (۲) سندس تصنيفات مان گهڻا کتاب ۽ رسالا ڇپيل آهن ۽ کجهه قلمي نسخن جي صورت ۾ سندس کتب خاني ۾ موجود آهن. مولانا صاحب جي درسگاهه ۾ ديني نشر اشاعت جي لاءِ قاسميه پرنٽنگ پريس جي نالي سان هڪ پريس آهي جنهن ۾ مولانا صاحب جا کجهه کتاب ۽ ديني اشتهار ڇپايا ويا آهن.

مولانا محمد قاسم صاحب پنهنجي درسگاهه ۾ هڪ وڏو کتبخانو به قائم ڪيو آهي، جنهن ۾ هزارين کتاب ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل موجود آهن، جاکاڻ ته مولانا

---

(۱) - سندس فرزند ميان علي محمد کان ورتل انٽرويو.

(۲) - مفتي عبدالرحيم سڪندري، "الراشد"، ماه رمضان، شوال ۽ ذيقعد ۱۳۹۷ھ جميعة العلماء سڪندريه پير جوگوٺ، ص - ۷۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 608

صاحب هڪ سنڌ مفتي ۽ فقيه هو، تنهن ڪري ڪيس مطالعي ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪافي ڪتابن جي ضرورت محسوس ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ هن پاڻ وٽ ڪتابن جو هڪ وڏو ذخيرو جمع ڪيو.

مولانا مشوري صاحب جون ڪيترن عالمن، بزرگن ۽ درويشن سان صحبتون ۽ ملاقاتون رهيون، جن ۾ مولانا دين محمد وفائي جيڪو سنڌس هڪ مڪتب هو، حافظ امام بخش سومرو پير پرچوندي شريف، مولانا عبدالله چانڊيو، مولانا خوش محمد ميروخاني، مولانا ميرمحمد نورنگلي، مولانا محمد ابراهيم ڪارڙائي، آغا حسن جان سرهندي، چشمي واري بزرگ، مولانا عبدالغفور همايوني، مولانا عبدالڪريم ڪمارو، مولانا منظور حسين خيرپوري مدني ۽ مولانا ميرمحمد لڦتر چنگانگ (بنگلاديش) جا نالا شامل آهن. (۱)

مولانا مشوري صاحب نثري شاعري به ڪئي آهي، جنهن ۾ تخلص "قاسم" استعمال ڪيو اٿائين. سندس شاعري ڪجهه مولورن تي مشتمل آهي.

مولانا صاحب کي اولاد ۾ ٽي ڌيئٽون ۽ چار پٽ عطا ٿيا جن مان به فوت ٿي ويا ۽ به زنده آهن. جن مان هڪ ميان علي محمد جيڪو عالم آهي ۽ ٻيو حافظ محمد عرف نالميٺ آهي. مولانا صاحب جي ضعيف ٿي وڃڻ ڪانپوءِ سندس وڏو فرزند ميان علي محمد مدرسي جو صدر مدرس ۽ مهتمم آهي.

مولانا محمد قاسم مشوري آخري عمر ۾ ڪجهه سال بيمار رهڻ ڪانپوءِ ۹۴ ورهين جي عمر ۾ ۱۰ رمضان المبارڪ سن ۱۴۱۰ھ/۲۸ مارچ ۱۹۹۰ع تي صبح جو روزي سان هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو. سندس آخري آرام گاهه سنڌس ئي قائم ڪيل پرائمري مدرسي واري جاءِ تي آهي

---

(۱) ـ مولانا محمد قاسم جي فرزند ميان علي محمد کان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 609

مولانا محمّد قاسم مشوري مدرس ۽ مؤلف مفتي سان گڏ وگڏ فقيه ۽ مفتي به هو. سندس قلمي مواد ۾ "فتاوىٰ قاسميه مشوروي" (جلد اول وثاني) قابل ذکر آهن ۸۳۷ صفحن تي مشتمل انهيءَ مجموع المسائل ۾ مولانا جي استادن جو سلسلو ۽ بعد ۾ مختلف ديني، فقهي، اعتقادي ۽ فروعي مسئلن جي متعلق استفتاء بيان ٿيل آهي. مولانا مفتي محمّد قاسم مشوري جي "فتاوىٰ قاسميه" جي ترتيب مولانا جي فرزند ميان علي محمّد مشوري جي هٿان ٿي. ڪتابن جي مند ۾ ٽن صفحن تي مشتمل فهرست ڏني وئي آهي جيڪا ڪتابن ۽ بابن جي صورت ۾ هن طرح رکيل آهي. ڪتاب العقائد، ڪتاب الطهارت، ڪتاب الصلوٰة، ڪتاب الذکوٰة، ڪتاب الصوم، ڪتاب الحج، ڪتاب النڪاح، ڪتاب الرضاع، ڪتاب الطلاق، ڪتاب الظهار، ڪتاب الايمان، ڪتاب الحدود، ڪتاب السرقة، ڪتاب المفقود، ڪتاب الشرڪة، ڪتاب الوقف، ڪتاب البيوع، ڪتاب الڪفالة، ڪتاب الحوالة، ڪتاب القضاء، ڪتاب الشهادت، ڪتاب الصلح، ڪتاب الدعوىٰ، ڪتاب الڪراهية، ڪتاب الاقرار، ڪتاب المضاربة، ڪتاب الوديعة، ڪتاب العارية، ڪتاب الاڪراه، ڪتاب الهبة، ڪتاب الاجارة، ڪتاب الحجر، ڪتاب الشفعة، ڪتاب القسمه، ڪتاب المساقات، ڪتاب الذبائح، ڪتاب الاضحية، ڪتاب الاشربة، ڪتاب الصيد، ڪتاب الرهن، ڪتاب الضمان، ڪتاب الجنايات، ڪتاب الديات، ڪتاب العاقل، ڪتاب الوصايا، ڪتاب الخنثىٰ ۽ ڪتاب الفرائض. (۱)

مولانا مشوري صاحب انهن سيني مسئلن ۽ فتوائن جا جواب قرآن، حديث ۽ فقه جي روشنيءَ ۾ ڏنا آهن. مولانا جي اهاسموري قلمي ڪاوش ديني اشاعت ۾ هڪ سدا وڻندڙ واڌارو آهي. سندس تحرير ڪيل "فتاوىٰ قاسميه" مان ڪن فتوائن جو خلاصو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

---

(۱) -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 610

سوال

جيڪڏهن ڪا ڪافر ياڻي عورت مسلمان ٿئي تہ ان عورت کي ٻئي هنڌ شادي ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي يا ان لاءِ شرعًا ڪي شرط بہ مقرر ٿيل آهن ؟ (۱)

جواب

جيڪڏهن ڪافره عورت مسلمان ٿئي تہ ڪيس ڪافر مڙس بہ موجود آهي تہ ان کي جهٽ پٽ ٻئي هنڌ نڪاح ڪرڻ درست نہ آهي بلڪ اڳ ۾ سندس مڙس کي اسلام جي آڇ ڪبي پوءِ جي هو مسلمان ٿيو تہ هيءَ عورت سندس نڪاح آهي ۽ ڪيس انهيءَ مڙس جي حوالي ڪبو ۽ جي انڪار ڪندو تہ اها سندس طلاق ليکبي ۽ جي عورت مدخول بها آهي تہ ۳ حيض عدت ۾ ويهندي . ان کانپوءِ ٻئي هنڌ نڪاح ڪري سگهندي . مولانا صاحب فتويٰ جي تائيد ۾ ڪنز جي هي عبارت آندي آهي :-

"قال فی الکنز ولو اسلم احد الزوجین
عرض الاسلام علی الآخر فان اسلم والا فرق
بینهما واباءه طلاق لا ابائها وفی الفتح
اعلم ان هذه الفرقة طلاق عند الطرفین
فتعتد اذا اسلمت بعد الوعول لها ولو بعی
الزوج الخ" (۲)

"ڪنز ۾ ڪليل آهي تہ جيڪڏهن مڙس منجهان کوبہ هڪ اسلام آڻي توتہ ٻئي کي اسلام پيش ڪبو جيڪڏهن اهو مسلمان ٿيو تہ ٺيڪ، نہ تہ هنهي جي وچ ۾ جدائي ڪرائي ويندي . مرد جو اسلام آڻڻ کان انڪار، سندس عورت لاءِ طلاق ٿيندي ۽ نہ عورت جو اسلام آڻڻ

(۱) ـ مشوري محمد قاسم مولانا، 'فتاوىٰ قاسميہ' (قلمي) ص ۱۷۵، موجود مدرسہ جامعہ عربيہ قاسميہ، گوٺ صاحبخان مشوري ـ

(۲) ـ مشوري محمد قاسم مولانا، 'فتاوىٰ قاسميہ' (قلمي) باب الڪتاب الطلاق، ص ـ ۱۷۵ موجوده مدرسہ جامعہ عربيہ قاسميہ، گوٺ صاحبخان مشوري ـ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 611

کان انکار. "فتح قدیر" ۾ لکیل آهي ته اها جدائي طلاق آهي ۽ هي ڏرين وٽ. اسلام آڻڻ ۾ مرد جي انکار کرڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن عورت مدخول بها آهي ته عدت گذارڻ ڏي".

مولانا مفتي محمد قاسم مشوري وٽ صغير جي طلاق متعلق هڪ مسئلو پيش ٿيو جنهن ۾ کانئس پڇيو ويو ته صغير جي طلاق جائز آهي يا نه ؟ ان سلسلي ۾ کانئس پڇيل سوال ۽ سندس طرفان ڏنل جواب جو خلاصو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

سوال

هڪ شخص نالي مولوي الهڏني پنهنجي نياڻي صغيره مسمات امّ ڪلثوم جو نڪاح نالي يار محمد پٽ قادر بخش جيڪو صغير هو تنهن کي پنهنجي طرفان قبول ڪري ڏني. يار محمد جي طرفان ايجاب قبول سندس چاچي حضور بخش ۽ سندس نانيءَ نالي غلام محمد ڪيو جنهن کي صغير جي پيءُ قادر بخش به جائز رکيو ۽ صغيره امّ ڪلثوم جي طرفان نڪاح جي تبوليت سندس پيءُ مولوي الهڏني ڏني آهي. هينئر مولوي الهڏني جي مرضي آهي ته اهو نڪاح کنهن به طرح رد ڪرايان. جنهنڪري يار محمد جي پيءُ ۽ مامن وٽ ايلاڻ منت ۽ قسم کڻي آيو آهي ته ڪين نڪاح کان عليحدگي عطا ڪن. بيان فرمائيندا ته شريعت موجب صغير يا صغيره جي وارثن کي انهيءَ نڪاح جي رد ڪرائڻ جي اجازت ملي سگهي ٿي يا نه ؟ بينوا توجروا. (۱)

جواب

نڪاح کي رفع ڪرڻ يا طلاق ڏيڻ جو اختيار شريعت موجب مڙس لاءِ ثابت هوندو آهي ۽ نه سندس وارثن لاءِ. جيئن ته حديث شريف ۾ وارد ٿيل آهي:

الطلاق لمن اخذ بالساق، يعني طلاق ڏيڻ جو حق رکو مڙس لاءِ آهي نه سندس

---

(۱) - مشوري مولانا محمد قاسم، "فتاوي قاسميه" (قلمي) موجود مدرسه "جامعه عربيه قاسميه"، گوٽ صاحب خان مشوري، ص- ۲۷۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 612

وارثن ۽ ٻين لاءِ. جنهن صورت ۾ امّ ڪلثوم جو مڙس صغير آهي جو طلاق ڏيڻ جو شريعت موجب اهل نہ آهي، تنهنڪري سندس بلوغت تائين الهيءَ نڪاح کان آزادگي ملڻ محال آهي.

مولانا صاحب فتويٰ جي تائيد ۾ 'دار المختار' جي هيءَ عبارت آندي آهي:-

"قال فی الدر المختار طلاق المولیٰ علی امرأة عبده لحدیث ابن ماجه الطلاق لمن اخذ بالساق والمجنون والصبی اواجازه بعد البلوغ الخ" (۱)

Gul Hayat Institute

---

(۱) - مشوري محمد قاسم مولانا 'فتاویٰ قاسميه'، (قلمي) موجود مدرسه جامع عربيه قاسميه، گوٹ صاحب خان مشوري، ص - ۲۷۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 613

(ب)

ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا مشوري صاحب لاڙڪاڻي ضلعي جي جيّد عالمن مان هڪ هو. پاڻ هڪ مدرّس، فقيه، مفتي ۽ محرّر هو. هن پنهنجي سڄي حياتي ديني درس تدريس ۽ واعظ نصيحت ۾ گذاري

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي لکي ٿو:

"مولانا محمّد قاسم مشوري صاحب سنڌي عالمن ۾ وڏو فقيه آهي". (۱)

ڊاڪٽر رحمت الله ابڙو پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ رقمطراز آهي ته:

"مولانا محمّد قاسم صاحب ڏينهن رات دين اسلام جي خدمت ڪري ٿو. چاڪاڻ ته هڪ سلو واعظي ۽ مبلغ پڻ آهي. سندس روزمره جي ڪمڪارجا اوقات مقرر ٿيل آهن، جنهن تي هو صاحب ۱۹۲۷ع کان وٺي (جڏهن کان ولي مدرسو قائم ڪيو اٿس) قائم رهندو ٿو اچي. مولانا مشوري صاحب هر خميس ڏينهن تحريرن لکڻ جو ڪمڪندو آهي. تحريرن لکڻ جو هڪ سلو نظام وٺس ڪيل آهي اهو ڪٽي ورلي ڏيندو. ان کري 'علم الفرائض' ۾ ڪيس تمام وڏو درڪ حاصل آهي. ان مان تي سنڌي بولي ۾ سندس لاثاني ڪتاب 'معلم الفرائض' پڙ ڪيل آهي" (۲) سندس درسگاهه مان فيضياب ٿيل عالمن ۽ حافظن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي.

---

(۱) ــ غلام مصطفيٰ قاسمي، مولانا الرحيم، (سنڌي) ماهه. نومبر ۽ ڊسمبر ۱۹۷۸ع شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ، ص- ۴

(۲) ــ رحمت الله ابڙو ڊاڪٽر، 'مولانا غلام عمر جلوٽي'، سندس علمي ۽ فقهي خدمتون' ڊي- فل لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو. ۱۹۸۲ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو سنڌ، ص- ۲۲۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 614

مولانا مشوري صاحب جي ان تصانيف تي هيٺ روشني وجهون ٿا، جيڪي اسان جي موضوع جي مطابق ورهايل کان اڳ جون آهن:-

١) - معلم الفرائض:-

مولانا محمد قاسم مشوري جي تصنيفن مان 'معلم الفرائض' سندس هڪ اهم تصنيف آهي. 'حافظ برادران مکتبه شمسيه براج روڊ سکر' طرفان ڇپيل آهي. هن کتاب جي پهرين ايڊيشن ١٩٣١ع ۾ ٻي ايڊيشن ١٩٣٣ع ۾ آئي. جڏهن هن ڪتاب جي افاديت ۽ اهميت جي مد نظر، ان جي تازي اشاعت سال ۾ آئي جنهن ۾ مولانا صاحب ضميمي جو اضافو ڪيو آهي. هيٺ ان تصنيف جي مقصد ۽ اهميت جو جائزو ورتو ٿا.

مولانا مشوري صاحب ديني علوم حاصل ڪرڻ بعد علم ميراث جي اهميت ۽ افاديت کي محسوس ڪندي ۽ ان جي پيچيدگين جي پيش نظر اها ضرورت محسوس ڪئي ته علم ميراث جي مسئلن کي سولي سنڌيءَ ۾ عام فهم اسلوب بيان ۾ پيش ڪجي، جيئن ديني مدارس ۾ 'سراجي' توڙي علم ميراث متعلق ڪورس طور رکيل ٻين ڪتابن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۾ طالبن توڙي استادن کي سولائي ٿئي. ان نقطهٔ نظر کي آدو رکي مولانا صاحب مدني ڪتاب 'معلم الفرائض' نهايت آسان اولي ۾ تاليف ڪيو.

ڪتاب جو مصنف ڪتاب جي تاليف جو مقصد بيان ڪندي مهاڳ ۾ لکي ٿو:-

"هن عاجز آثم محمد قاسم کي خيال ٿيو ته پنهنجي قليل بضاعت آهر هن علم مقدس جي خدمت لاءِ قدم اڳتي رکان ۽ سنڌيءَ ۾ هڪ مختصر رسالو تيار ڪريان، جو اهل علم لاءِ عموماً ۽ 'سراجي' وغيره، ورثي جي ڪتابن پڙهائيندڙن طالب العلمن ۽ پڙهائيندڙن لاءِ خصوصي سهولت ۽ سهنجائي جو سبب ٿجي ۽ عربي ۽ فارسيءَ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 615

کان ناواقف سندي دانن کي پڙ ورثي جي علم سکڻ جو موقعو ملي.
جيتوڻيڪ من کان اڳ به کي رسالا ان بابت علمائن سگورن لکيا آهن
پر هڪ تي اهي عام فهم نه آهن جو عربي فارسي لفظن جي استعمال
۽ عبارت جي دقت، سندن فائدو عربي ۽ فارسي جاڻڻ لاءِ
مخصوص ڪري چڏيو آهي، پيوته ڪيترن ضروري مسئلن تي پوريءَ
طرح روشني نه وجهڻ سبان انهن جي آڏار تي کوبه سندي دان
تحرير جي ڪم ۾ دخل ڏئي نه توسگهي. تنهن تہ اکثر رسالن جي غير
ضروري طوالت پڙهندڙن کي ملامت ۾ وجهي چڏي ٿي. مگر من
مسڪين پنهنجي ناقص همت آهر من رسالي جي عام فهم ٿيڻ
۽ اختصار سان ضروري مسئلن جي چٽي ڪرڻ ۾ گهٽي ڪوشش
صرف ڪئي آهي. البت جيڪي مسئلا عام طرح استعمال ۽ ضرورت
۾ نٿا اچن سي نظر انداز ڪيا اٿم." (۱)

مُعلم الفرائض جي تازي ايڊيشن ۱۲۸ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن جي
آخر ۾ ضميمو ڏنل آهي جيڪو ۱۰۰ صفحن تي مشتمل آهي. مؤلف ضميمي ۾
انهن اهم مسائل جو وضاحت سان بيان ڪيو آهي، جن مسائل جو ڪتاب ۾
جزوي جائزو ورتو ويو آهي. انهن اهم مسئلن ۾ ذوي الارحام جا قسم،
خنثيٰ جا احڪام، حمل يعني پيٽ واري ٻار جا احڪام، مفقود يعني گم ٿيل
جو بيان، مرتد جو بيان، قيدي جا احڪام، پاڻيءَ ۾ ٻڏل، باهه ۾ سڙيل يا پٽ
هيٺان دٻجي مئلن جا احڪام، استهلاب جا قسم ۽ انهن جا احڪام اچي وڃن ٿا.
مٿن سمورن مسئلن تي ڪتاب جي ضميمي ۾ سير حاصل علمي بحث ٿيل آهي.

---

(۱) ـ محمد قاسم مشوري مولانا، مُعلم الفرائض، حافظ برادران مڪتبه شمسيه براج روڊ
سکر، ۱۹۳۳ع، ص ـ ص ـ ۳ ۽ ۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 616

"معلم الفرائض" ۹۰ صفحن تي مشتمل پهرين ايڊيشن وارو هي ڪتاب پنهنجي غير معمولي موضوع سبب ديني حلقن ۾ بيحد مقبول رهيو آهي. دراصل مولانا صاحب هن ڪتاب ۾ اهڙي موضوع کي احسن طريقي سان نباهيو آهي. هن موضوع تي خصوصًا سنڌي زبان ۾ هن کان اڳ ڪو به ڪتاب شايع ڪونه ٿيو آهي. تنهن ڪري هن ڪتاب کي اسين پنهنجي موضوع جي نقطه نگاهه کان جامع سڏي سگهون ٿا. علم الميراث يعني ورثي جي ديني مسائل جي اهميت بابت ڪتاب جو مصنف نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي حديث جي روشنيءَ ۾ پنهنجي مهاڀ ۾ رقمطراز آهي ته،

"حضرت پيغمبر صه جن فرمايو ته ورثي جو علم پاڻ ڏانهن سکوءِ اهو ماڻهن کي ڏيڪاريو ڇو ته ورثي جو علم سموري علم جو اڌ آهي يعني انسان جي حياتيءَ مماتي جي ٻن حالتن مان خاص مماتي جي معاملات سان متعلق آهي. سندس ضروريءَ ۽ وڏو ياگو پاڻ الله سبحانهٗ وتعالىٰ پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ تفصيل سان بيان فرمايو آهي، تنهن ڪري اهڙي عظيم الشان علم جو سکڻ هر هڪ مسلمان تي لازمي آهي." (۱)

Gul Hayat Institute

ڪتاب جي شروعات ميت جي ترڪي ۾ لاڳو ٿيندڙ حقن ۽ حق دارن جي ترتيب سان ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ميت جو ڏيل مال ڪهڙن حقن تحت ۽ ڪهڙن حقدارن ۾ خرچ ڪري سگهجي ٿو. انهن حقن توڙي حقدارن جو احوال نهايت سهڻي پيرايي ۾ مفصل عبارت ذريعي بيان ڪيو ويو آهي. هولي ٿوڙي اسلوب بيان نهايت عام فهم ۽ سليس اختيار ڪيو اٿس. اهڙو بحث

---

(۱) - محمد قاسم مشوري مولانا معلم الفرائض، حافظ برادران مڪتبه شمسيه براڄ روڊ سکر، ۱۹۳۳ع، ص - ۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 617

کتاب جي ڏهن صفحن تي ڦهليل آهي. اهڙيءطرح وارث نه ٿيڻ جا سبب پڻ ڄاڻايا ويا آهن.

مولانا صاحب آگهتي هلي ورثي جي حقدارن جي سڃاڻپ بابت سير حاصل بحث ڪيو آهي. حصن جي مدم نصف يعني اڌ ربع يعني اڌ جواڌ، ثمن يعني اڌ جي اڌ جواڌ، ثلثان يعني ٻه ٽهائون ثلث يعني ٻه ٽهاين جواڌ يعني ٽهائي، سدس يعني ڇهائي جواڌ يعني ڇهين پٽي ٻڌايا آهن. جنهن ۾ وڏي خوبي اها نظر آچي ٿي جو مولانا صاحب انهن حصن جي جي معنيٰ عربيءَ سان گڏ نهايت سولي سنڌيءَ ۾ يعني اڌ ٽهائي وغيره سمجهائي آهي، جيڪا ايتري ته عام فهم آهي جو هر ڪو پڙهيل خواهه اڻ پڙهيل ان جو مطلب ۽ معنيٰ سمجهي سگهي ٿو.

مذڪور حصن جي مالڪن يا وارثن جي ورهاست به عمدي نموني بيان ڪيل آهي، جنهن ۾ چار مرد ۽ اٺ عورتون آچي وڃن ٿيون. مردن جي رشتي ۾ پيءُ، ڏاڏو، پاءُ ماٽيلو ۽ مرس آچي وڃن ٿا جڏهن ته عورتن جي رشتن ۾ نرال، ديءُ، پوٽي، سڳي ڌيءُ، مائٽي ڌيءُ، ماءُ ۽ ڏاڏي شمار ٿين ٿا. ان کان پوءِ فاضل مصنف هر هڪ وارث جون حالتون ۽ مقرر حصن کي تفصيل سان بيان ڪيو آهي. جيڪا معلومات اصل ۾ پڙهندڙ جي علم ۾ اضافي جو باعث بڻجي ٿي ۽ جيڪڏهن ڪو انهن مالڪن ۽ حصن کي پوري توجهه ۽ غور سان پڙهي پرجهي ياد ڪري ته هوند هُو ورثو ورهائڻ ۽ تحرير لکڻ جي فن کان پوريءَ ريت واقفيت حاصل ڪري سگهي ٿو. مولانا صاحب اها سموري معلومات مثال بيان ڪري چارٽن ذريعي سمجهائي آهي ۽ ان سموري بحث دوران هن صاحب اهل سنت جي چئني فقهي مسلڪن جي امامن ۽ اڪابرن يعني امام ابو حنيفه، حضرت امام شافعي، حضرت امام مالڪ، حضرت امام احمد بن حنبل ۽ حضرت امام محمدؒ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 618

ابن مسعود رضہ جن جي فکر ۽ فيصلن جي روشنيءَ ۾ حوالن سان بيان ڪئي آهي.
مولانا صاحب 'عول' جي اصطلاحي معنيٰ کي به سهڻي نموني سمجهايو
آهي. ڪتاب جي صفحي ۳۰ تي لکي ٿو:

"ورثي جي علم وارا پنهنجي اصطلاح ۾ عول هن کي سڏيندا
جو ذوي الفروض کي اصل مسئلن جي انگن پوري نه پوڻ ڪري کي
عدد اصل مسئلي تي وڌايا وڃن ته جيئن وارثن کي اصل مسئلي
جي حصن پورن نه اچڻ وقت سندن حصا اهڙيءَ طرح گهٽايا وڃن
جو سڀني وارثن کي حصن جي اندازي موجب ضرر نه پهچي نه گهٽ
نه وڌ."

ان کانپوءِ مولانا صاحب اهڙا مثال ڏنا آهن جن سان اهو مسئلو
پڌرو ٿي ٻهي ٿو ۽ ورهاست جا مونجهارا لهي وڃن ٿا.

مولانا صاحب ان گالهه جي وضاحت انهيءَ اصول موجب ڪري ٿو
جنهن ۾ وارثن کي پورن حصن ۾ ورهائي ڏيڻ لاءِ اهڙو مختصر انگ گولي ڪيو آهي
جنهن مان سڀني وارثن کي بنا پاڇي بچڻ ۽ عددن پيڇ جي پورا حصا اچي ويندا
آهن. اهڙي ورهاست واري اصول کي تعليم سڏي ٿو. مسئلي جي صحيح
ڪرڻ يا وارثن تي پورن حصن ونڊي ڏيڻ جا ست قاعدا بڌايا ويا آهن. انهن
قاعدن کي مولانا صاحب نهايت تفصيل سان بيان ڪيو آهي.

اهڙيءَ ريت 'عول' جي ابتر 'رد' جو بيان به تمام صفائيءَ چٽائيءَ
سان ڪيل آهي. جنهن متعلق مولانا صاحب جي ڪتاب جي صفحي ۳۱ تي رقمطراز
آهي:

"'رد عول' جو ضد آهي يعني جيئن عول ۾ وارثن جي
زيادتي (گهٽائي) ڪري سندن حصو گهٽايو ويندو آهي، اهڙيءَ طرح

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 619

"رد ۾ وري وارثن جي ٽوڙائي ڪري وارثن جا حصا وڌايا ويندا آهن"

تنهن کانپوءِ رد جا اصول يا قاعدا ٻڌايا ويا آهن وارثن يا ڀاڻيدارن

تي ترڪ ڪهڙي ريت ورهائبو آهي هن ڪتاب ۾ مولانا صاحب انهن مسئلن کي به

نهايت آسان نموني سمجهايو آهي ۽ مثال ڏئي مسئلو پڌرو ڪري ڏيکاريو آهي.

مولانا صاحب ڪجهه اهڙن پيچيده مسئلن جو حل پڌ ٻڌايو

آهي جيڪي مسائل عام ماڻهوءَ جي علم ۽ سمجهه کان مٿي آهن. مثلاً "هتي خنثيٰ"

جو مسئلو سمجهايل آهي. سڀ کان اول "خنثيٰ" جو مطلب ۽ معنيٰ جي وضاحت

ڪندي مولانا صاحب ٻڌايو آهي ته:

"خنثيٰ" ان کي چئبو آهي جنهن کي زال ۽ مرد ٻنهي جا عضوا

هجن. پوءِ جيڪڏهن ان کي مرد جا عضوي مان پيشاب ايندو

هوندو ته مرد (مرد) جي حڪم ۾ آهي نه ته زال (عورت) جي حڪم ۾.

۽ جيڪڏهن ٻنهي مان نڪ اڇس نه جنهن مان پهريائين اڇس ان

تي اعتبار آهي. پر جي ڪڏهن ٻنهي مان گڏ نڪ اڇس يا وري

اصل ٻنهي عضون کين اڇس نه ته ان جو نالو "خنثيٰ مشڪل" آهي. امڙو

خنثيٰ مشڪل بلوغت کان اڳ نه زال سڏبو نه مرد. باقي بلوغت جي

زماني کان پوءِ جيڪڏهن مردي جون علامتون جيئن ڏاڙهي جو

اچڻ ۽ مڙس وانگر جماع تي قادر ٿيڻ وغيره ظاهر ٿيس ته مڙس

ليکبو ۽ جيڪڏهن زال جون وصفون جيئن ٻڌن جوپيدا ٿيڻ

۽ حيض اچڻ وغيره ڏيکارجن ته زال سمجهي ويندي ۽ ٻنهي صورتن

۾ "خنثيٰ مشڪل" مشڪل نه رهندو" (۱)

---

(۱) - محمد قاسم مشوري مولانا "معلم الفرائض"، حافظ برادران مڪتبه شمسيه براج

روڊ سکر، ۱۹۳۳ع، ص - ۶۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 620

مذکورہ وضاحت کانپوءِ مولانا صاحب 'خنثیٰ' جا وراثت ۾ جائز حصا
ٻڌايا آهن ۽ مثالن جي ذريعي انهن جي وضاحت ڪئي آهي.

سڳنيءَ طرح مولانا صاحب پيٽ واري ٻار جو ٻڌائجي پيءُ جي
ورثي ۾ حصي جو ذڪر نهايت چٽي نموني ۾ ڪيو آهي، ۽ ٻڌايو آهي ته پٽ تو ورثي
ڏيءُ جي مورتن ۾ اهي ڪيتري حصي جا حقدار رهندا. ان کانپوءِ مفقود يا گمرتي
ويل ماڻهوءَ متعلق مفصل بيان ڪيو اٿس جنهن متعلق ٻڌايو ويو آهي ته نوي ورهين
تائين گم ٿيل شخص کي زال جي حق ۾ جيئرو تصور ڪيو ويندو. ان دوران اها عورت
کنهن ماڻهوءَ سان نڪاح ڪرڻ جي مجاز نه رهندي. اهڙي ماڻهوءَ جو مال سندس
وارثن کي ورهائي ٻه نه ڏنو ويندو. البت ٻئي جي مال ۾ وارث ٻڌجڻ لاءِ مُل تصور
ڪيو ويندو يعني کنهن به ورثي جو حقدار نه رهندو ان وچ ۾ جيڪڏهن واپس
اچي نڪتو ته حقدار رهندو، پي مورت ۾ سندس موت جي تصديق ٿيڻ بعد
سندس مال وارثن ۾ ورهائي ڏبو.

اهڙيءَ طرح مرتد، قيديءَ ۽ ٻڌل ٻرڙيل يا پت هيٺ آيل
ماڻهن بابت وارثن جي باري ۾ ديني مسئلا ٻڌايا ويا آهن. ان بعد ورثي جي ڪن
مشڪل مسئلن بابت سوالن جوابن ذريعي سمجهاڻي ڏني وئي آهي ۽ سڳنن بندن
جي پيچيدگين جو ذڪر نهايت چٽائي سان ڪيو ويو آهي. جنهن کانپوءِ ڪتاب ۾ آخر
۾ اسلامي تاريخ ۾ فيصلو ٿيل ورثي جي خاص معاملن جيڪي خاص ناالن يا لقب
القابن سان منسوب آهن، انهن مسئلن کي ڪيو ويو آهي. جيڪي ٻارهن حصن
۾ تقسيم ڪيل آهن ۽ انهن مان هر هڪ حصي کي وضاحت سان بيان ڪيو ويو آهي.
انهن مسئلن ۾ داؤدي يا ديناري مسئلا جيڪي امام ابوحنيفه جي شاگرد داؤد طائي
ڏانهن منسوب آهن، عثماني مسئلا حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي فيصلن
سان تعلق رکن ٿا. مثلاً حمزيه مسئلا فقيه حمزالزيا ڏانهن رجوع ڪيا ويا آهن مامونی
مسئلا خليفي مامون الرشيد سان منسوب آهن. امتحاني مسئلا شريحي مسئلا، مرواني

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 621

مسئلا جيڪي مروان جي فيصلن تي مشتمل آهن. اڪدري يا غرّاء مسئلا جيڪي امام ابوحنيفہ جي ورثي بابت قولن تي بدل آهن. مشرڪي يا حماري مسئلا، منبري مسئلا، تشبي مسئلا ۽ عمريتين يا غرّاوين مسئلا اپي وچين تا. ڪتاب ۾ آخرم صفحن تي ورثي بابت ڪجهہ اهم شرعي قانون تحرير ڪيا ويا آهن، جن جي ڄاڻ رکڻ ورثي ورهاڱيندڙ لاءِ تمام ضروري آهي

ڈاڪٽر يار محمّد قاضي پنهنجي پي - ايچ ڈي جي مقالي ۾ 'معلم الفرائض' جي اهميت ۽ افاديت متعلق هن ريت لکيو آهي:-

"مولانا محمّد قاسم مشوريءَ جو ورثي بابت ڪليل 'معلم الفرائض' سنڌي لوليءَ ۾ فقہ جي اهم شاخ علم ميراث تي هڪ لاثاني تاليف آهي، ۽ سنڌيءَ ۾ ڪيل ان قسم جي سڀني رسالن کان زياده مفيد آهي. مخدوم عبدالرحيم گرهوڑي جو 'اساس الفرائض' منظوم ۽ پراڻي لوليءَ ۾ هڻڻ سبب هن وقت مفيد عام نہ رهيو آهي ۽ 'سراجيءَ' جو سنڌيءَ ۾ ڪل قديم ترجمو هن وقت ناپيد آهي. ان حالت ۾ 'معلم الفرائض' نئي لهڪ اهڙو ڪتاب آهي. جيڪو علم ميراث تي سنڌي لوليءَ ۾ نہ فقط دستياب آهي، پر گهڻو ڪار آئو پڻ آهي. اهڙيءَ طرح 'معلم الفرائض' ۾ مؤلف ڪيترائي نقشا، جدولون، مثال ۽ تاريخي فيصلا جمع ڪيا آهن، جن سندس افاديت ۾ خاص اضافو آندو آهي." (۱)

خاص طرح هينئر جڏهن ته ملڪ ۾ اسلامي نظام نافذ ڪرڻ جي ڪوشش تي رهي آهي، تڏهن ته هي ڪتاب احياء وڌيڪ ان سلسلي ۾ ڪارگر

---

(۱) - يار محمّد قاضي ڈاڪٽر، "سنڌي لوليءَ ۾ فقهي ادب جي ارتقا" پي - ايچ ڈي لاءِ ڪليل مقالو. ص ؟

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 622

ثابت ٿيندو ۽ قانون دانن، ججن، طالب العلمن، معلمن ۽ عالمن جي رهبري ڪندو. جاڪاڻ ته اسان جي ملڪ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي هتي انگريزي قانون رائج آهي. جنهن ڪري ان قانون کي هلائڻ لاءِ اسان جاجج ۽ قانوندان گهوڙڪري انگريزي قانون ۾ نئي مهارت حاصل ڪن ٿا. ۽ اسلامي قانون جي هاڻ ۽ تجربو ڪين نه هجن جي برابر آهي. انڪاسواءِ اسلامي قانون ۾ علم ميراث کي وڏي اهميت حاصل آهي. تنهنڪري مولانا صاحب جو مذڪوره ڪتاب ورثي جي مسئلن حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ سندن رهبر ثابت ٿيندو.

۲ - پرده عورت:

مولانا مشوري صاحب جي تصنيف ڪيل هن ڪتاب جو اصل نالو "فصل الخطاب فی لزوم الستر والحجاب" المعروف "پرده عورت" آهي. هي ڪتاب ۱۳۵ صفحن تي مشتمل آهي. ۽ ادارهِ دار الاشاعت قاسميه غوثيه نواسشاه پاران سال ۱۹۹۰ع ۾ چپايل آهي. ابتدا ۾ هن ڪتاب ۾ بحث ٽيل خاص مضمونن کي نمبروار فهرست جي شڪل ۾ ڏنو ويو آهي. جنهن کانپوءِ مولانا مشوري صاحب جي هڪ معتقد فقير محمد حسين شاه القاسميءَ ڪتاب جو تعارف ڪرايو آهي.

تعارف ۾ شاه صاحب لکي ٿو:-

"هن ڪتاب جو اصل نالو عربي زبان ۾ "فصل الخطاب فی لزوم الستر والحجاب" المعروف "پرده عورت" آهي. تقريبًا سال ۴۷-۱۹۴۶ع ۾ هڪ بي دين نالي محمد حسين پنهور رسالن ۽ اخبارن تان ڪجهه مضمون گڏ ڪري هڪ ڪتاب نالي "مسلم عورت" تصنيف ڪري شايع ڪرايو هو. جنهن ۾ هن اسلام ۾ عورت جي پردي جو انڪار ڪري عالمن، محدثن ۽ فقيهن لاءِ هڪ ڪيل چئلينج ڏنو. جنهن جي چئلينج کي قبول ڪندي سندس ڪتاب جي تردید

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 623

۾ مولانا مشوري صاحب هي ڪتاب "پرده عورت" تصنيف ڪيو، اسلام
متان ڪيل حملي جو جواب ڏئي اهل اسلام جي آگواڻي ڪري پنهنجو
فرض پورو ڪيو." (۱)

هن ڪتاب ۾ چار باب ۽ هڪ خاتمو آهي. پهرئين باب ۾
قرآن شريف جي آيتن مان عورت جو پردو ثابت ڪيو ويو آهي، ٻئي باب ۾ حديث
شريف مان پردي جو ثبوت ڏنو ويو آهي، ٽئين باب ۾ فقه جي مسئلن جي مستند
ڪتابن مان عورت جي پردي جي شرعي حيثيت بڌائي وئي آهي، چوٿين باب ۾ مصنف
پنهنجي ڪتاب "مسلم عورت" جا ڪجهه حوالا ڏئي انهن جا جواب ڏنا ويا آهن. اهڙي
طرح هن باب ۾ تنقيدي نوعيت مان گفتگو ٿيل آهي جنهن ۾ 'قولُه' ۽ 'اقول' جا
الفاظ ڪم آندل آهن، جنهن مان مراد ۽ مطلب هن ريت آهي:

'قولُه' مان مراد ڪتاب 'مسلم عورت' جي مصنف محمد حسين
پنهنجو جو قول آهي. ۽ 'اقول' مان مراد مولانا مشوري جو جواب آهي. ان ڪانپوءِ
'خاتمه' ڏنل آهي، جنهن ۾ عام جاهل ماڻهن، زميندارن خواه پيرن يا مُلن جي
ڪن بدرسمن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن ڪان اسلام روڪي ٿو.

تعارف ڪانپوءِ ڪتاب جي متعلق سنڌ جي ڪجهه علماء
ڪرام جون تقريظات ڏنل آهن. جن عالمن هن ڪتاب متعلق تقريظات ڪيون آهن،
تن ۾ مولانا سيد علي اڪبر شاه (ميهڙ) مخدوم امير احمد عباسي مدير جامع عربيه
حيدرآباد سنڌ، مولانا دين محمد اديب فيروز شاهي، حاجي عبدالله جان المعروف
شاه آغا سرهندي مجددي (ٺٽو سائيڏاد)، مولانا عبدالرؤف بخيا پوري ۽
مولانا واعظ الاسلام پير غلام مجدد سرهندي شامل آهن.

---

(۱) - مشوري محمد قاسم مولانا، "پرده عورت"، نوابشاه سنڌ، اداره دارالاشاعت
قاسميه غوثيه، ۱۹۹۰ع، ص - ۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 624

فقير محمّد حسين شاهم القاسمي کتاب جي تعارف ۾

جاڻايو آهي ته

"دراصل کتاب "پرده عورت" جو مسودو ۴۷-۱۹۴۶ع ۾

ئي حضرت مولانا مشوري صاحب تيار ڪيو هو، ۽ پريس ۾ به اچڻ وارو

هو، پر ڪن مجبورين سبب اهو مسودو درگاه مشوري شريف جي

ڪتب خاني ۾ ئي رهجي ويو. پر تازو جڏهن درگاه شريف تي جماعت

جي گدنجاڻي ۾ مولانا صاحب جي تصنيفن جو جائزو ورتو ويو تہ اهڙي

گدنجاڻي ۾ ادارہ دارالاشاعت قاسميہ، طرفان اهو مسودو مونکي

(فقير محمّد حسين شاه) ڏنو ويو، ۽ ان جي ڇپائڻ جي اجازت ڏني

وئي ۽ ڪتاب ۱۹۹۰ع ۾ ڇپجي منظر عام تي آيو." (۱)

مقدمي ۾ مولانا مشوري صاحب پنهنجي کتاب جي لکڻ

جو مقصد بيان ڪندي لکيو آهي ته

"ڪتاب "مسلم عورت" جي مصنف محمّد حسين

پنهور کي اندر ۾ ابليس اڀي ويو تہ جو نہ مسلمان ٻي عورتن

کي عفت ۽ عصمت جي ٻردي مان ٻاهر ڪڍي يورپين عورتن وانگر

نيم برهنہ، بلڪ ڪامل عرياني ۾ آڻي هوٽلن، ڪلبن ۽ پارٽين ۾

نچايو ۽ ڪڏايو وڃي. اهڙي مذموم مقصد کي پنهنجي فاسد

خيال ۾ سڏو ڪل سمجهي، انگريزي، اردو رسالن تان غلط

سلط مضمون گڏ ڪري "مسلم عورت" نالي هڪ ڪتاب تصنيف

ڪري پاڻ کي مصنف جي لسٽ ۾ داخل ڪري ورتو

---

(۱) - مشوري محمّد قاسم مولانا، "پرده عورت"، نواب شاهم سنڌ، ادارہ دارالاشاعت

قاسميہ غوثيہ، ۱۹۹۰ع - ص - ۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 625

آهي. باوجوديڪ عربي علوم ته فضيلت پر عربي زبان ۾ ڪا نه ڄاڻي ته به پراون مضمون جا نقل وٺي وڻن مفسرن ۽ جمهور امت جو تفسير رٻيي، پنهنجي خود ساخته محاڪن ۽ تفسيرن لاءِ سڄي امت کي دعوت ڪئي اٿس ۽ علمائن تي ڏاڍو ڏمر اٿس ته هن هڪ هٿي لاتي آهي." (۱)

مولانا صاحب وڌيڪ لکي ٿو:

"محمد حسين پنهور جو سڄوئي ڪتاب الحاد ۽ بي ديني جي مظاهري سان پريپور گستاخين ۽ بي ادبين جو انبار ۽ غلط بيانن لفظي ۽ معنوي غلطين جو ذخيرو. خود ساخته تفسيرن بي ڪاڻ، بي بنياد دليلن ۽ متضاد قولن جو مخزن آهي. جنهن ۾ اسلام جي روشن چهري کي يورپي تهذيب جي سياهي سان داغدار ڪري ڏيکاريو ويو آهي.

"بهرحال جڏهن ته سندس ڪتاب ضلالت نصاب سڄيءَ سنڌ ۾ گشت ڪري گمراهي ۽ بي ديني جو زهر ڪنڊ رائي رهيو آهي، تنهن ڪري دين ۽ اهل دين جي طرفان مدافعت ۽ اهل ستر جي عصمت ۽ عزت جي حفاظت لاءِ مختصر جواب لکي شايع ڪيو وڃي ٿو ته جيئن سندس غلط تقريرن ۽ خود ساخته تفسيرن جي تردید ۽ اصلاح جي ادبين ۽ ناثابت روايتن مان پيدا ٿيندڙ غلط فهمين جو ازالو ٿئي. جنهن سان سڀني اهل اسلام لاءِ فائدي ۽ فيض حاصل ٿئي ۽ پاڻ لاءِ اجر ۽ ثواب ملڻ جي اميد اٿم." (۲)

---

(۱) - مشوري محمد قاسم مولانا "پرده عورت" نوابشاه سنڌ، ادارہ دار الاشاعت قاسميه غوثيه ۱۹۹۰ع، ص - ۱۴

(۲) -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 626

مولانا مشوري صاحب سيپ کان پوءِ پنهنجي تصنيف ڪيل ڪتاب جي باب پهرين ۾ پردي جي متعلق سورهٔ 'نور' جي آيتن قل للمؤمنين يغضوا ..... لعلكم تفلحون (۱) جي حوالي سان پردي جي حڪم ۽ اهميت کي بيان ڪندي مذڪوره آيت ۾ آيل لفظ 'اِلّا ما ظهر منها' تي وڏو علمي بحث ڪيو آهي. مولانا صاحب مختلف تفسيرن جا ٻڌ حوالا ڏنا آهن، جنهن مان هن اها ڳالهه ثابت ڪئي آهي ته عورت جو منهن ۽ هٿ جون ٽريون به پردي ۾ شمار آهن، سواءِ ڪنهن ضرورت ۽ مجبوريءَ جي جهڙوڪ شاهدي يا فيصلو يا طبيب جي علاج وغيره وقت، نوجوان عورتن کي نڪي منهن کولڻ جي اجازت آهي ۽ نڪي ڏاڙهن کي سندن منهن ۽ هيٺين عضون ڏاڙهن ڏسڻ درست آهي.

مولانا صاحب تفسير 'فتح القدير' جي حوالي سان لکي ٿو،

'اِلّا ما ظهر منها' جي ما قبل جاچڻ سان معلوم ٿيندو ته اڪثر جهڪائڻ، اڳهڙ سانڍڻ، سر ۽ ڳچيءَ کي ڍڪڻ ۽ زيورن جي آوازن ظاهر نه ڪرڻ جو تاڪيد فرمايو ويو آهي، جنهن مان صاف ظاهر آهي ته اصلي مقصود شهوت جي فتني ۽ ابليس جي وسوسن کي ٻنجو ڏيڻ آهي. پوءِ انصاف ڪرڻ گهرجي ته سر ۽ ڪنڌ اگهاڙي ڪرڻ سان فتنو وڌيڪ پيدا ٿيندو يا منهن جي اگهاڙي ڪرڻ سان؟

زيورن جي صورت (آواز) جي ڪشش زياده اثر واري آهي يا زيورن پاڻ ۾ عورت جي صورت؟ جيڪڏهن فتنه ۽ فساد جي روڪڻ لاءِ ملوءِ ڪنڌ ڍڪڻ لازم آهي ته منهن جيڪو فساد ۽ فتنه جو هزارم دفعا وڌيڪ محرڪ ۽ زيب زينت جو مجموعو ۽ وسوسو اٽارڻ جو اصل بنياد آهي، تنهن جو ستر ڪرڻ اولي، لازم ۽ واجب ٿيندو.

---

(۱) - قرآن مجيد، سورهٔ 'النور'، آيت ۳۰-۳۱، پاره ۱۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 627

هي بظاهر آهي تہ جا شيءَ شرعي يا سياسي اعتبار کان ڏوهہ ۽ جرم آهي، ان ڏوهہ جا وسائل ۽ مقدمات بہ ڏوهہ ۽ ممنوع سمجهيا ويندا. کنهن بہ ماڻهوءَ جو مال قرڻ ڏوهہ آهي، تہ ان جا مقدمات يعني مارڻ، ڏمکائڻ ۽ ناحق بند کرڻ سڀ ڏوهہ آهن. اهڙي طرح زنا کرڻ حرام آهي تہ ان جا مقدمات ۽ محرّکات يعني اجنبي عورتن سان خلوت کرڻ، انهن ڏي نهارڻ، سندن زيورن جو آواز ڪن تي پوڻ، ملڻ، ڪنڌ، اڙهہ بي پرده کرڻ سڀئي حرام ڪيا ويا آهن. پوءِ منهن جيڪو زينتن جو سرتاج ۽ فتنہ ۽ زنا جو اول نمبر محرّک آهي، تنهن جو ڪرڻ اولويت جي وات سان ناجائز ۽ حرام سمجهو.

مولانا صاحب هڪ پيو مثال ڏيندي لکي تو تہ جيئن قرآن شريف ۾ والدين لاءِ اُف چوڻ بہ منع فرمايو ويو آهي، جنهن مان ڪين مارڻ، بد شد گالهائڻ بطريق اولىٰ ممنوع سمجهيا ويندا. سائڻيءَ وجہ سان بدڪاري جي مقدمات ۽ محرّکات ضعيف جي معنىٰ مان منهن جو بي پرده کرڻ قوي محرّک هجڻ پاران دلالة النص موجب حرام ۽ ممنوع سمجهيو ويندو. مولانا مشوري صاحب ضرورت ۽ مجبوريءَ جي وقت منهن ۽ هڪ جي ترين جي سلسلي ۾ لکي تو ته:

"فتنہ فساد جي خوف نہ هجڻ ۽ ضرورت جي وقت آيت شريف انهيءَ ڳهڙ مان فقط منهن ۽ ترين جي کولڻ جي عزيمت مان رخصت عطا ڪئي آهي. جيئن مسافر کي سفر جي تڪليف جي عذر پاران باوجود فرضيت روزي جي عزيمت مان افطار جي رخصت ڏني آهي يا جيئن جمعي يا آخر جي ڏينهن ڪفن ملازم کي سرڪار طرفان آرام خاطر ڪم کان رخصت عطا ڪئي ويندي آهي تہ انهيءَ تعطيل مان ايئن ڪو نہ سمجهو تہ مسافر کي اقامت ۾ بہ افطار جي اجازت ۽ ملازم کي هين ڏينهن ۾ بہ ڪم ڪار جڏي پنهنجي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 628

گھر سمھي پوڻ جي موڪل ملي. پوءِ ضرورت واري جاين ۾ جيئن نماز، محرم ماڻھن جي آمد رفت، جهاد، طبيب يا شاهدي وغيره رخصت جي سببن جا افراد آهن، پوءِ منهن کي گھر نه سڏ بو. باقي اهڙن ضرورتن کان سواءِ جوان عورت کي منهن جي گھاريڻ جي رخصت هيڻ، پاران عزيمت تي عمل ڪرڻ ضروري آهي. اهڙيءَ طرح جتي ستر جي اصلي علت يعني فتنہ جو احتمال نہ رهندو تہ اتي معمول يعني منهن ڏيکڻ به لازم نہ ٿيندو. جيئن بلڪل ڪراڙي جهوري عورت ۾ جڏهن طبعي نفرت پاران فتنہ جو خوف نہ رهيو تہ منهن کولڻ جي اجازت آهي، جيتوڻيڪ ٻيو بدن کولڻ ان تي به حرام آهي." (۱)

مولانا مشوري صاحب پنهنجي ڪتاب جي باب چوٿين ۾ ڪتاب "مسلم عورت" جي مصنف محمد حسين پنهور جي هڪ غلط ۽ تضاد بياني ڏي نشاندهي هن ريت ڪئي آهي. يعني "زمانہ جاهليت ۾ پردو هو، جو يونان ۽ روم جي اثر ڪري عرب ۾ شروع ٿيو." مولانا صاحب سندس ان قول کي غلط بياني ڪوڙي آهي ۽ ڪيس جواب ڏيندي لکيو آهي: قرآن حڪيم زماني ۽ نوٿ تہ وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْأُولَىٰ (۱) يعني (ڪفر جي زماني وانگر بي پرده باهر نہ نڪرو) جنهن مان ثابت آهي تہ انهيءَ تاريڪي زماني ۾ پردي جو رواج ڪونہ هو. وري پاڻ ئي مصنف (محمد حسين پنهور) اڳتي هلي پنهنجي ڪتاب صفحي ۹۶-۹۷ ۾ زماني جاهليت ۾ پردي نہ هجڻ جو اقرار ڪيو آهي ۽ هن ۽ هين ڪن جاين تي پردي کي جاهليت جو رواج ڄڻي رهيو آهي" (۲)

---

(۱) - قرآن حڪيم، 'الاحزاب'، آيت ۳۳، پاره ۲۲

(۲) - قرآن حڪيم، 'البقرة'، آيت ۲۲۳ پاره ۲-

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 629

اهڑيءَ طرح محمّد حسين پنهور جي هڪ ٻي اعتراض يعني "اسلام عورت جي غلامي ۽ قيد جي اجازت نه ڏني آهي ۽ ماڻهو پردو ڪري اسلام تي ڪلنڪ لڳائن ٿا." مولانا مشوري صاحب سندس ان اعتراض جو جواب هن طرح ڏنو آهي:۱

"پردي کي غلامي يا قيد سمجهڻ ۽ ان سان اسلام کي ڪلنڪ لڳائڻ، اهو چوڻ سندس اوندي سمجهه آهي، بلڪ بد اخلاق يورپ جي ڪري تقليد آهي، ورنه پرده عصمت ۽ عفت جو محافظ ۽ منف نازڪ لاءِ بد اخلاقيءَ کان بچاءَ جو بند آهي. قرآن شريف ۾ آهي ته نِسآءُكُمْ حَرْثٌ لكم (۱) (يعني عورتون توهان جي کيتي آهن) جتان سڌا سڌا سلا ڪندا سا واڻيندا آهن. جيڪڏهن پنهنجي کيتيءَ کي عام رستن گذرگاهن بنا پردي ۽ لوڙهي، پٽين ۽ محافظت کانسواءِ اڪيلو ڪري ڇڏي ڏبو ته اهڙي کيتي ويلجي پسگ تي ويندي." (۲)

بهرحال مولانا محمّد قاسم مشوري صاحب پنهنجي هن تصنيف جي ذريعي ڪتاب "مسلم عورت" جي مصنف محمّد حسين پنهور جي غلط استدلال، غلط بياني ۽ غلط تفسير دانيءَ جو قرآن، حديث، فقه، منطق ۽ معتبر تفسيرن جي حوالن سان جنهن نمونيءَ ۾ رد ڪيو آهي، سو سندس ديني اشاعت جي سلسلي ۾ هڪ قابل قدر اضافو آهي ۽ عوام الناس جي ديني معلومات لاءِ هڪ سٺو ذريعو ٿي سگهي ٿو.

---

(۱) - قرآن حڪيم، 'البقرة'، آيت ۲۲۳ - پاره - ۲

(۲) - مشوري محمّد قاسم مولانا، "پرده عورت"، نواب شاه سنڌ، اداره دار الاشاعت قاسميه غوثيه، ۱۹۹۰ع، ص ۱۱۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 630

(الف) سوانح حيات - تبليغي ۽ تدريسي خدمتون

مولانا غلام رسول توڻيو -

مولانا غلام رسول ولد علي بخش توڻيو جي ولادت ۶ ربيع الاول سن ۱۳۱۹ھ/ ۱۹۰۱ع ۾ گوٺ 'بکر توڻيئي' ديهه 'ڏگاڻو مهيسر' تعلقي ميروخان ضلع لاڙڪاڻي ۾ ٿي.

مولانا صاحب جي ابتدائي تعليم گوٺ 'فاضل خان مهيسر' (تعلقو ميروخان) ۾ 'ملامد رسي' ۾ ورتي ۽ ان کان پوءِ 'سورت' ۽ لاهور ۾ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم مڪمل ڪيائين. مولانا عطاءُ محمد عباسي گوٺ 'پنهون وسائي' (تعلقو ٽنڈو ميرو) وارو به سندس استاد هو. مولانا غلام رسول جيئن ٽيڪ مالي لحاظ کان هڪ غريب انسان هو. مگر هن انهيءَ حالت ۾ وڏا خرچ برداشت ڪري دور دراز ملڪ ۾ ان ديني تعليم حاصل ڪئي ۽ مولوي جي سند ورتائين.

مولانا غلام رسول عجيب وصفن جو مالڪ هو. ننڍي هوندي ڏينهن جو مدرسي ۾ تعليم پرائيندو هو ۽ موڪل ملڻ بعد گهر وڃي پنهنجي والدين جي خدمت چاڪري ڪندو هو. سندس ڪوشش سان گوٺ 'بکر مهيسر' ۾ هڪ هندن جي اسلامي مدرسا قائم ٿيا. مگر افسوس جو اهي مولانا صاحب جي وفات کانپوءِ ٽٽي ويا. (۱)

مولانا غلام رسول علمي فراغت کانپوءِ درس تدريس جو ڪم ڪيو. ورتائين ڪيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو جن مان مولوي احمد علي

---

(۱) - سماهي "مهراڻ" 'سوانح حيات نمبر' ۵۷ واع خدا بخش توڻيو "مرحوم مولوي غلام رسول" (مضمون) سندي ادبي بورڊ حيدرآباد، ص - ۱۵۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 631

مهيسر (تعلقو ميرو خان) ۽ مولوي قمرالدين مهيسر (تعلقو ميرو خان) قابل ذڪر آهن.

مولانا غلام رسول اسلام ۽ اسلامي روايتن جو عاشق هو. هن ڪيترن اهڙن هندن تي مسجدون تعمير ڪرايون، جتي رڳو وحشي انسان رهندا هئا، جن کي الله ۽ رسول جي ذات جي بہ خبر ڪانہ هوندي هئي. اهي ماڻهو نماز روزو ۽ نہ ٻين اسلامي گالهين کان واقف هئا. مولوي صاحب گوٺ نئين ڳاهڙي، گوٺ پراڻي ڳاهڙي، گوٺ بڪر مهيسر، گوٺ خيرخڌ لوٽ نئي، وغيره ۾ مسجدون جوڙائي انتي ديني وعظ جي ذريعي گمراھ انسانن کي خدا جي راھ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي.

مولانا صاحب قد جو پورو پنو، رنگ جو پورو ۽ گفتگو جو پڪو هو. سندس گفتگو ۾ ايترو تہ اثر هو جو سنگدل کان سنگدل انسان جي دل بہ هن جي گفتگو ٻڌڻ کان پوءِ نرم ٿي ويندي هئي. آخرڪار هن عالم دين سن ۱۳۵۹ھ/۱۹۴۰ع ۾ گوٺ بڪر مهيسر ۾ وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاھ گوٺ فاضل مهيسر ۾ آهي. ر ل

ر ل ـ سماهي "مهراڻ" سوانح حيات نمبر، ۱۹۵۷ع. خدا بخش لوٽنيو "مرحوم مولوي غلام رسول ٽنيو" (مضمون) سندي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ ص. ۱۵۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(الف) سوانح حيات

مولوي محمد داؤد توڻيو

مولوي محمد داؤد ولد خليفو عبدالرحيم

توڻيو جي ولادت گوٺ 'محبوب توڻيو' تعلقو ميروخان ۾ سن ۱۳۱۹ھ/۱۹۰۱ع ۾ ٿي سندس والد صاحب ميان غلام صديق شهداد ڪوٽيءَ جو خليفو هو. سندس گهراڻو اصل ڪان ملاّ گهراڻو هو ۽ سندس گهرجا پاڻ سوم صلوٰت جا پابند هئا.

مولوي محمد داؤد ابتدائي تعليم مولانا نادر محمد بلوچ ۽ بعد ۾ ترجي معروف عالم دين مولانا خوش محمد ميروخاني وٽ ورتي. ان کانپوءِ وڌيڪ تعليم استعداد لاءِ پنجاب جي هڪ دوست جي معرفت هندستان جو سفر ڪيائين. جنهن ۾ هريائين 'سهانپور'، پوءِ 'ديوبند' ۽ آخر ۾ 'امرتسر' ۾ مولانا ثناءُ الله امرتسروي وٽان اندازاً ۱۳۴۹ھ/۱۹۳۰ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو.

مولوي محمد داؤد علمي فراغت کان بعد گوٺ 'نشر توڻيو' ڀڳ خيرپور جوسو (تعلقو قنبر) ۾ هڪ ديني مدرسو کوليو، جتي ست سال پڙهايائين. سندس شاگردن جا نالا معلوم ٿي نه سگهيا آهن. بعد ۾ جيڪب آباد شهر جي اسٽيشن ماسٹر جي ڌيءُ سان شادي ڪيائين، ان کانپوءِ پڙهائڻ ڇڏي اچي پنهنجي گوٺ ۾ رهيو.

مولوي صاحب درس تدريس جي مشغلي کي ڇڏڻ کانپوءِ ديني تبليغ جو ڪم شروع ڪيو. خاص طرح سماج

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۾ غلط رسمن ۽ غلط عقيدن جي بيخ ڪني ڪيائين. پاڻ سرمايه داري نظام جو حاني دشمن هو.

مولوي صاحب مسلم ليگ ۾ شامل ٿي سياست ۾ به بهرو ورتو. سندس واسطو شيخ عبدالمجيد سندي ۽ سيٺ عبدالله هارون سان رهيو. شيخ عبدالمجيد سندي ۽ سرشاهنواز ٻنهي جي اليڪشن ۾ شيخ صاحب لاءِ ورهه ڪيائين.

مولوي محمد داؤد مسلڪ جي لحاظ کان اهل حديث (غير مقلد) هيو. سندس همعصر عالمن ۾ مولوي علي انور لوڻيو، مولوي محمد اسماعيل قريشي، مولوي محمد ابراهيم بلوي ۽ مولوي نواب الدين چانديو قابل ذڪر آهن.

مولوي محمد داؤد گوٺ ۾ سياسي، سماجي ۽ مذهبي خدمتن لاءِ هڪ انجمن ٺاهي، جنهن جو صدر ڪريم بخش لوڻيو، پاڻ سيڪريٽري، جوائنٽ سيڪريٽري ميان علي حسن لوڻيو هئا.

مولوي صاحب کي اولاد ۾ ٻه پٽ ميان عبدالله ۽ ثناءُ الله ۽ هڪ ڌيائي تي. اهڙي طرح من پسند سڄي جمار ديني سماجي ۽ سياسي خدمتن ۾ گذاري ۽ سن ۱۳۶۶ھ/۱۹۴۳ع ۾ وفات ڪيائين. (۱)

---

(۱) - مٿيون سمورو احوال ميان علي حسن لوڻيو عمر ۸۱ سال (مولانا جو عزيز ۽ گوٺائي) کان ۲۷-۴-۱۹۹۲ع تي قنبر ۾ ورتو ويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 634

(الف) سوانح حيات

مولانا قاضي محمد ابراهيم "خليل" كارڙائي

مولانا قاضي محمد ابراهيم ولد مولانا قاضي خدا بخش سمون جي ولادت گوٺ 'كارڙا' تعلقي ميروخان ۾ سن ۱۳۱۹ھ/ ۱۹۰۱ع ۾ ٿي. سندس والد بزرگوار به عالم ۽ وڏو حڪيم هو.

مولانا محمد ابراهيم جاوڏا ۹۹۶ ھ ۾ عراق کان خان قلات ميرعبدالباقي جي ذريعي پهتل جتان پوءِ سنڌ ۾ آيا ۽ شهداد ڪوٽ ۾ اچي مقيم ٿيا. اتان وري سندس ڏاڏو موجوده گوٺ 'كارڙا' ۾ اچي ويٺو، جيڪو ڪاتب قرآن هو. (۱)

مولانا قاضي محمد ابراهيم جو تڙ ڏاڏو مولانا قاضي محمد ابراهيم ميرپوري (وفات ۱۲۵۰ھ) رياست قلات جو مشهور قاضي ٿي گذريو آهي. هن خاندان جو سڀ کان آڇ ۾ جيڪو بزرگ سنڌ ۾ آيو، سو شيخ احمد شافعي هو. هي بزرگ عالم عراق جي شهر زبيد جو ويٺل هو ۽ اعتماد ۾ امام ابوالحسن اشعريؒ جو پوئلڳ هو. ميرنصيرخان بروهيءَ جو وڏو ڏاڏو ميرعبدالله خان هن کي عراق مان هٿ وٺي آيو ۽ ڪيس قلات جو قاضي مقرر ڪيائين. اهو زمانو ۹۹۶ھ جو هو. موجوده مولانا محمد ابراهيم كارڙائي جو مولانا محمد ابراهيم ميرپوريءَ سان نسبي سلسلو هن طرح ملي ٿو:

مولانا حڪيم قاضي محمد ابراهيم ولد الحاج مولانا حڪيم قاضي خدا بخش ولد قاضي محمد ابراهيم ولد قاضي محمد ولد قاضي محمد ابراهيم ميرپوري. (۲)

---

(۱) - مولانا محمد ابراهيم كارڙائي کان ۲۹-۱۲-۱۹۸۶ع تي گوٺ كارڙا ۾ ورتل انٽرويو.

(۲) ـــــــ ايضاً ـــــــ

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 635

مولانا محمد ابراهيم كارڙائي شروعاتي تعليم فارسي، صرف ۽ بياكتاب 'شرح مائة'، 'هداية النحو' ۽ 'منية المصلي' پنهنجي والد بزرگوار وٽ پڙهيا. ان کانپوءِ ڪوٽ سليمان' گهوٽڪي ۽ مدرسه ابوبڪريه جي مدرسن ۾ سندس جي معروف ۽ جيّد عالم مولانا عبدالڪريم ڪورائي وٽ سموري تعليم پوري ڪئي سن ۱۳۴۸ھ/ ۱۹۲۹ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو.

مولانا محمد ابراهيم كارڙائي جو خاندان علمي خاندان ٿي گذريو آهي. ان سلسلي ۾ علامه قاسمي صاحب لکي ٿو:

"مولانا قاضي محمد ابراهيم ميرپوريءَ جو اولاد به سلف جي پيروئي ۾ عالم ۽ فاضل ٿيندا آيا آهن. اهو خاندان اڳتي هلي شهداڪوٽ ۽ ان جي آسپاس ڳوٺ ڪارڙن ۾ اچي رهيو. هن وقت هن خاندان اندر مولانا قاضي حڪيم محمد ابراهيم صاحب پٽ پنهنجي پڙڏي قاضي محمد ابراهيم ميرپوريءَ وانگر هڪ وڏو عالم ۽ زبردست فقيه ۽ شاعر آهي. حڪمت ته سندن آبائي فن آهي. هن جو والد بزرگوار مولانا حڪيم قاضي خدابخش به وڏو حڪيم ۽ عالم هو. هاڻوڪي قاضي محمد ابراهيم سموري تعليم استاد العلماء علامه عبدالڪريم ڪورائي جي پهرين وڏن شاگردن مان آهن." (۱)

مولانا محمد ابراهيم كارڙائي علمي فراغت کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ اچي درس تدريس جو شغل شروع ڪيو ۽ ڳڻ ڳڻ ورهين ۾ ملڪ جو ڏنڈو به ڪندو رهيو. وٽانئس ڪيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو،

---

(۱) ماهنامه "الرحيم" مشاهير سنڌ نمبر ۱۹۶۷ع، شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ، ص. ۸۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 636

جن مان کجھ قابل ذکر نالا هيٺيان آهن:-

مولانا نصيرالدين شهداد کوٽي ، مولوي عبدالصمد ميتلو تعلقو ڏوکري، مولوي نورمحمد مغيري ناڑيءَ وارو ۽ مولوي عبدالغفار کلهوڙو گوٺ قل، تعلقو لاڑڪاڻو شامل آهن . مولانا کارڙائي گهٽي عرصي کان درس تدريس جو شغل جڏي ڏنو هو، ۽ پوءِ آخر تائين حڪمت ڪندو رهيو .

مولانا کارڙائي سڏو فقيه ۽ شاعر به هو، مختلف مسئلن تي سندس ڪيترين ئي فتوائن ۽ تحريرون موجود آهن، جن جو تفصيلي ذڪر اڳتي ڪبو. ان کان سواءِ هن شاعريءَ ۾ به سٺي طبع آزمائي ڪئي آهي، سندس تخلص "خليل" آهي

مولانا حڪيم قاضي محمد ابراهيم کارڙائي جي معتبر ديني عالمن مان مخدوم بصرالدين سيوهاڻي، ميان غلام محمد دينپوري علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، مولانا عبدالعزيز پاندوي، مولانا خوش محمد ميرواڻي، مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽو، قاضي دوست محمد جوهيءَ وارو، مولوي نورالله ڪنڊياري وارو، مولانا عُبيدالله جويو شهدادڪوٽ وارو، مولانا محمد قاسم مشوري، مولوي قاضي دوست محمد، مولوي شاه محمد هڪڙو، مولوي محمد نواز سيتار، مولوي علي انور ٽوڻيو، مولوي محمد اسماعيل قريشي ۽ مولوي عبدالڪريم قريشي (سڀئي محبوب ٽوڻئي جا) ۽ مولوي عبدالله چانڊيو قابل ذڪر آهن .

مولانا محمد ابراهيم کارڙائي روحاني طرح خواجه احمد رفاعي (مدينه منوره) کان متاثر هو . مولانا کارڙائي کي چار دفعا حج جي سعادت نصيب ٿي .

مولانا محمد ابراهيم کارڙائي درس تدريس کان سواءِ کجھ تصنيف و تاليف به ڪئي آهي، جنهن ۾ 'تحفه ڪريميه' مطبوعه (حالات زندگي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 637

مولانا عبدالکریم کوراڻي سندس استاد محترم) ۽ علم طب جي متعلق 'تحفہ غیاثیہ' (قلمي) شامل آهن. مولانا صاحب وٽ هڪ سؤ کتابن تائين موجود هو جنهن ۾ انگل ٿي هزارکن کتاب موجود هئا سندس معاشي ذريعو حڪمت ۽ زرعي زمين رهي. (۱)

مولانا قاضي محمد ابراهيم "خليل" کارڙائي کي اولاد ۾ ٻه پٽ ٿيا، جن ۾ ميان عبدالفتاح جنهن درس نظاميءَ جا ڪجهه ڪتاب پڙهيا ۽ هينئر ڳوٺ ۾ مطب هلائي رهيو آهي ۽ ٻيو عبدالعزيز عرف محمد نواز جيڪو پڻ عربي پڙهندو هو ۽ جواني ۾ وفات ڪري ويو.

مولانا محمد ابراهيم کارڙائي تقريباً ۸۷ ورهين جي عمر ۾ ۱۳ صفر ۱۴۰۸ھ مطابق ۶ آڪٽوبر ۱۹۸۷ع تي هن دارالفنا کي ڇڏي دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو. (۲)

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا قاضي محمد ابراهيم کارڙائي ديني اشاعت جي سلسلي ۾ درس تدريس کان سواءِ تحريري خدمتون به سرانجام ڏنيون آهن. جيڪي فتوائن، تحريرن ۽ شاعريءَ جي سلسلي ۾ موجود آهن. مولانا صاحب فقه ۾ پنهنجي جاڻ رکندڙ هو. ان پاسي وارا عالم سڳورا به سندس فقهي خدمتن کان متاثر هئا ۽ ٻيا اوقات مسئلن جي حل ڪرڻ ۾ ساڻس رابطو ڪندا هئا. ڪيترن ئي عالمن سڳورن جي تحريرن تي ممتي قاضي محمد ابراهيم کارڙائي جا دستخط پڙ

---

(۱) - مولانا محمد ابراهيم کارڙائي کان ۲۹، ۱۲، ۱۹۸۶ع تي ڳوٺ 'کارڙن' ۾ ورتل انٽرويو.

(۲) - محترم ميان عبدالفتاح (مولانا محمد ابراهيم کارڙائي جو پٽ) کان ۲۵، ۳، ۱۹۹۲ع تي ڳوٺ کارڙن ۾ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 638

موجود آهن. هي عالم سڪورو آليون ٿوٿي تائيد ۾ دستخط نه ڪندو هو بلڪ
ان معاملي ۾ بحث مباحثه ۽ چند چاڻ بعد شرعي امور موافق ڪيل فتوائن
جي تائيد ۾ ٿي آڻ ڪندو هو. پر جيڪڏهن شرعي امور جي مخالفت
۾ ڪا فتوىٰ ڏسندو هو ته وقت جي وڏي فقيه عالمن سان به اختلاف ڪندو
هو ۽ ان جي تردید ۾ صحيح فتوىٰ جاري ڪري ونڊندو هو.

قاضي محمد ابراهيم ڪارڙائي جيڪي فتوائون جاري
ڪيون آهن، سي تقريبًا ديني مسئلن، ورثي ملڪيت جي ورهاست متعلق
آهن. عمومًا ورثي جي تحرير واضح نموني ۾ لکندو هو. هتي فاضل فقيه جي
تحريرن مان نموني حاجي غلام مجتبىٰ جي ورثي جي ورهاست متعلق جاري
ٿيل تحرير جو نمونو سيت ڏجي ٿو.

هو الحي الذي لا يموت

مسئله ان ۸/۴ حاجي غلام مجتبىٰ

زال	زال	ياءُ
زينب	مرادان	محمد عثمان
۱	۱	۶

Gul Hayat Institute

شرعاً ڪل مال متروڪ ملوفىٰ مسمي حاجي غلام مجتبىٰ
ڪي بعد خرچ ڪرڻ ڪفن دفن جي ۽ ادا ڪرڻ قرض جي جيڪڏهن مٿس
قرض رهيل آهي ۽ ادا ڪرڻ وصيت جي ٽيئن حصي مال ۾ جيئن شارع
جو حڪم آهي ته پوءِ سندس وارثن ۾ هيٺين طرح تقسيم ڪبو. يعني سندس
مال ملڪيت جيڪي خرچ ڪفن دفن ۽ قرض ادا ڪرڻ ۽ ٽيئن حصي مال ۾
وصيت جاري ڪرڻ کان بعد جيڪي بچي تنهن کي روپيه قرار ڏبو. جنهن
مان سندس زالن زينب ۽ مرادان کي ۴ ۴ آنا يعني هر هڪ زال کي ۲/۱ ۲/۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 639

آناجو اولاد جي نه هجڻ جي حالت ۾ چوٽون حصو ايندن ،جيڪڏهن حاجي غلام مجتبيٰ مرحوم کي اولاد هجي ها ته انهن حصو اچين ها ۽ سندس ۽ محمد عثمان کي بارهن ۱۲ آنا ايندا، اها آهي شرعي تقسيم . [۱]

هٰذا ما ظهر لي في هٰذا الباب والله تعالىٰ اعلم بالصواب

فقط حرره الفقير قاضي محمد ابراهيم عفى عنه ساكن بلدة كارڙا متصل شهدادپور

شاعري :-

مولانا قاضي محمد ابراهيم کارڙائي ديني عالم هڻ سان گڏ سنڌي، عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ ڪمنه مشق شاعر به هو، سندس "تخلص" "خليل" هو. هن عالم سگوري فارسي ٻوليءَ ۾ مثنوي صنف تي ۲۱ ٻيت جوڙي يا آهن جيڪي ڪعبة الله شريف جي تعمير بابت آهن. هن بيتن ۾ فاضل شاعر چاڻايو آهي ته ڪعبة الله شريف جي تعمير بارهن پيرا ٿي آهي .

ترتيب وار چوڏين پيرو ملائڪن ٻيو پيرو آدم عليه السلام ٽيون پيرو اولاد آدم چوٽون پيرو حضرت ابراهيم خليل الله، پنجون پيرو پيرو عمالقه قوم، ڇهون پيرو بنو جرهم قوم، ستون پيرو قصي ڪلاب، اٺون پيرو قريش مڪه، نائون پيرو عبدالله بن زبير، ڏهون پيرو حجاج بن يوسف ۽ بارهون پيرو ترڪي جي سلطان ڪعبة شريف جي تعمير ۾ حصو ورتو

هيٺ سنڌي ترجمي سان گڏ اهڙو فارسي بيت مثال طور ملاحظه فرمايو :-

شده معلوم تحقيقا زاخبار ـ بناء كعبه گشته يازده بار

تحقيقي خبرن ذريعي معلوم ٿيو آهي ته ڪعبي جي تعمير بارهن پيرا ٿي آهي

ملائڪه اولاً پس كرده آدم پس ازدے آل اوركرده بنا هم

اول ملائڪن پوءِ آدم ۽ پوءِ آدم جي اولاد تعمير ۾ حصو ورتو .

---

[۱] - هيءَ تحرير مولانا قاضي محمد ابراهيم کارڙائي جي قلمي بياض تان ورتي وئي آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 640

ازيشاں پس خليل الله بنود - جوحكمش كرده فرمانش فرمود

ان كانپوءِ حضرت خليل الله حصوورتو جڏهن كيس باري تعالى جوحكم مليو

عمالك قوم كرده با پنجم - ششم باره نموده قوم جرهم

عمالك قوم پنجون پيرو ءِ بنوجرهم قوم چهون پيرو تعميركيو

قصى كلاب كرده با هفتم - كريش مكه كرده بار هشتم .

قصىٰ كلاب سڀوتن پيرو ءِ مكي جي قريشن اٺون پيروتعميركيو .

پس ايشا كرده عبدالله زبير - جو تعمير خليل الله تعمير

ان كان بعد حضرت خليل الله جي تعمير جي نمونو تي عبدالله بن زبير تعميركيو

نموده بعد زان حجاج يوسف بنايش هدم كرده صد تاسف

صد افسوس سان چوٽو پوي تو ته حجاج بن يوسف كعبة الله جي جبرئيل پت كي ڊاهي

پير تعميركيو .

مها سلطان ز سلطان ان تركان - شهنشاه بود اعلىٰ خان خاناں

اهڙيءَ طرح تهيءَ جي بادشاهن مان هڪ بادشاهيءَ خاندان ۾ اعلىٰ مقام ركندو هو

زهجرت يافزده صد بُد چهل سال - بنا ايں يازدم كرده آں نكو فال

جنهن نيڪ مرد ۱۱۴۰ھ ۾ كعبة جو تعميركيئو .

يمه احوال تعميرات ايں است - بناهائي همه كعبه چُني است

اهو آهي كعبة جي تعمير جو احوال ءِ اهڙي طرح كعبي جي تعمير تي گذري

چوايں تاريخ قابل ذكر بود - خليلاً طبع من راں نظم بنمود ۱

جڏهن اهڙيءَ ريت تاريخ جو ذكر آيو ته خليل اهو احوال نظم ۾ جوڙيو .

---

۱ - هي فارسي بيت مرحوم مولانا قاضي قدرت ابراهيم "خليل" كا رڙائي جي

قلمي بيان تان نقل كيا ويا آهن ءِ هن بيان جي كتابت سندس ڏوهٽي

قاضي ذوالفقار علي جي هٿان ٿي آهي .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مولانا قاضي محمد ابراهيم "خليل" کارڑائي سچو عاشقِ رسول هو، پاڻ جڏهن حج لاءِ حرمين شريفين ويو، رسالت مآب صلي الله عليه وسلم جن جي روضي مبارڪ تي حاضري ڏيڻ کان پوءِ واپسيءَ تي هن محبوب ڪريم جن جي جدائيءَ فراق ۾ پنهنجي منظوم عقيدت جو اظهار ڪيو آهي جنهن جا ڪجهه بند ملاحظه فرمايو:

"اڄ مدينو پاڪ کان آهي اسان جو الوداع
اڄ حرم پاڪ ۽ پيغمبر کان اسان جو الوداع

۱- ڏينهن ڏهه گذري ويا يڪدم ويو وقت وصال
اڄ ٿيون تا ڏار دلبر کان اسان جو الوداع

۲- اڄ درِ دربار عاليءَ کان اسان موکل ڪري
تا وڃون لاچار هن در کان اسان جو الوداع

۳- شمس الضحيٰ بدر الدجيٰ نور الهدیٰ عالي جناب
سيّد لولاڪ کان اسان جو الوداع

۴- پيشواءِ انبياء محبوب رب العلمين
هن خدا جي پاڪ مظهر کان اسان جو الوداع

۵- آرزو دل جي اها آهي "خليلا" سنڌ جڏي
هت رهون دلدار سان گهر کان اسان جو الوداع" [1]

---

[1]- مولانا محمد ابراهيم "خليل" کارڑائي جي بيان تان ورتل.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 642

(الف) سوانح حيات

مولانا فضل حق چاندیو

مولانا فضل حق ولد مولانا کریمداد چانڈئي جي ولادت سن ۱۳۱۹ھ/۱۹۰۱ع ۾ گوٺ ڏڳ سومرخان چانڈيو، تعلقي قنبر ۾ ٿي. مولانا فضل حق سموري تعليم پنهنجي والد بزرگوار وٽ مدرسي ٽوڙهي بجار ۾ حاصل ڪري دستار بندي ڪئي. ان وقت مدرسي ۾ مولانا ڪريمداد، مولانا اميد علي جيڪب آبادي ۽ مولانا عبدالغفار شاهه (رياست سوات تحصيل مالاکنڊ) ڪي مدرس طور رکيو هيو جن وٽ پڻ مولانا فضل حق پڙهيو.

مولانا فضل حق فارغ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي ئي مدرسي ٽوڙهي ۾ درس تدريس شروع ڪيو. جنهن کانپوءِ پير تراب علي شاهه راشدي قنبر علي خان، وارو ڪيس پنهنجي فرزندن کي تعليم ڏيارڻ لاءِ وٽي ويو ۽ ٽني سال قنبر علي خان ۾ رهيو. ان کانپوءِ رئيس شيرخان ۽ احمد نواز خان ٽنيه جي استدعا تي گوٺ هٽي (تعلقو قنبر) آيو ۽ ڇهه سال اتي پڙهايائين. ان کان بعد نوابن جي تاکيد ڪري باقي عمر گڙهي خير محمد ڪرٽيو (تعلقو قنبر) ۾ رهيو. (۱)

مولانا فضل حق وٽ گهڻن ئي شاگردن فيض

---

(۱) - مولوي عبدالحي چانڈيو (مولانا فضل حق جو پائٽيو عمر ۶۵ سال) کان ۱۱-۴-۱۹۹۲ع ٽي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

پرايو، جنهن مان مولوي محمد عمر پرتڑو، مولوي محمد نواز جمالي (گهڻهي ضلعو)، مولوي عزيز الله، مولوي رحمت الله چانڊيو (حاڪمڙي)، مولوي قمر الدين گوٺ هُنيءَ، مولوي محمد ابراهيم ميمڻ (ڪنبر)، مولوي محمد عيسىٰ (بلوچستان) ۽ مولوي عبدالواحد ڪنڀيو ڳڻ هيڪر قابل ذڪر آهن. (۱)

مولانا فضل حق هڪ برجستو عالمِ ۽ وڏو مناظر به هو. مولانا کي اولاد ۾ هڪ فرزند نورالحق ۽ ٻه نياڻيون ٿيون. فرزند سندس ئي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويو. مولانا کي هڪ وڏو ڪتبخانو به ورثي ۾ مليو. پر پوين جي عدم توجهي سبب ضايع ٿي ويو.

مولانا فضل حق ۲۲، رجب ۱۳۷۶ھ/۲۴، جنوري ۱۹۵۷ع تي راهِ رباني ورتي. سندس آخري آرامگاهه پنهنجي گوٺ ۾ آهي (۲).

---

(۱) - حافظ نوراحمد قريشي هيرائي، "سوانح عمري مولوي فضل حق قلمي".

(۲) - مولوي عبدالحي چانڊيو (مولانا فضل حق جو ياڻيو) کان ۱۱، ۴، ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(الف) سوانح ات

مولوي عطا محمد سومرو

مولوي عطا محمد ولد محمد ابراهيم سومري جي ولادت شهر 'نصيرآباد' ضلعي لاڙڪاڻي ۾ سن ۱۳۲۰ھ/۱۹۰۲ع ۾ ٿي. سندس وڏا امل نوابشاه ضلعي جاهڻا، جيڪي پوءِ اتان لڏي اچي نصيرآباد ۾ ويٺا. مولوي عطا محمد جو پيءُ اڪيلو پٽ هو. سندس والد ماڻهو ننڍي هوندي ئي وفات ڪري ويو، جنهنڪري پاڻ والده ۽ مامي جي سرپرستيءَ ۾ پليو ۽ پڙهيو.

مولانا عطا محمد ابتدائي تعليم نصيرآباد ۾ ورتي، جنهن کانپوءِ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم نصيرآباد جي پرسان گوٺ 'جاني بند' (تعلقو وارهه) ۾ مولانا عبدالحق شاه وٽان حاصل ڪري سن ۱۳۴۴ھ/۱۹۲۵ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو.

مولانا صاحب علمي فراغت کانپوءِ ۱۹۲۶ع ۾ نصيرآباد ۾ درس تدريس جو شغل شروع ڪيو هتي ٽلاءِ واري مسجد' سان لڳ ديني مدرسو کوليائين، جتي عربي ۽ فارسي پڙهائيندو هو. سندس مدرسي ۾ مسلم اسڪول به قائم هو، جنهن ۾ پرائمري تعليم سان گڏ ديني تعليم به ڏيندو رهيو. سندس مدرسي مان گهڻائي شاگرد علمي فيض پرائي ويا، جن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

مولوي محمد عيسىٰ بلوچستاني، مولوي عبدالقادر سوهو گوٺ هيتم سوهو تعلقو وارهه، مولوي محمد اسحٰق بروهي، مولوي خيرمحمد بروهي ۽ ٻيا شامل آهن.

مولانا عطا محمد جي همعصر عالمن مان مولانا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 645

غلام عمر جلوئي، مولانا محمد قاسم مشوري، مولانا مير محمد نورنگي، مولانا تاج محمد آريجائي، حافظ امام بخش سومرو، مولانا محمد عظيم "شيدا"، مولانا عبدالله چانديو، حافظ عبدالقادر کاهوڙو، مولانا درمحمد کانديلوي، بزرگ محمد شاهه واسوکاهوتري وارو، مولوي محمد سليمان لونارئ قرتري صحبت ۽ پير غلام مجدد سرهندي قابل ذکر آهن. سندس مولانا محمد عظيم 'شيدا' سان تحريرات جي سلسلي ۾ عالمي ڏي وٺ به ٿي، جنهن کانپوءِ مولانا 'شيدا' سندس علمي ذهانت جي تعريف ڪئي.

مولوي هدايت الله ٽوڻيو نصيرآباد سندس خاص دوست ۽ رفيق هو، مولانا عطا محمد روحاني طرح بزرگ عبدالغفور هماڻيءَ جو عقيدتمند هو. سندس معاشي ذريعو زرعي زمين ۽ مسلم اسکول مان ملندڙ گرانٽ ٿي هو

مولانا صاحب ڪيترائن تحريرن ۽ فتوائن جاري ڪيون، جيڪي سندس پوين وٽ محفوظ رهي نه سگهيون آهن. سندس ڏوهٽو مولوي محمد رمضان هيئڙ سندس جاءِ نشين آهي ۽ نصيرآباد ۾ سندس مدرسو سنڀاليندو اچي ٿو.

مولانا عطا محمد جي اولاد ۾ چار نيائيون ۽ ٻه پٽ نالي قاضي ابراهيم، ۽ نور محمد ٿيا. سندس فرزند هيئڙ رتائڙ ٻيراهڙي استاد آهن.

مولانا عطا محمد ۸ شوال ۱۳۸۱ھ مطابق ۲۲ فيبروري ۱۹۶۲ع

ڌي وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه جامع مسجد نصيرآباد جي صحن سان لڳ آهي [1]

---

[1] - مٿيون احوال قاضي محمد ابراهيم (مولانا عطا محمد جو فرزند) ۽ محترم محمد صالح سومرو (مولانا عطا محمد جو ڏوهٽو) کان پهرين جنوري ۱۹۹۲ع ڌي انٽرويو ذريعي ورتو ويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 646

(الف) سوانح حيات

مولوي نذير حسين جلوئي "جلالي"

مولوي نذير حسين ولد مولوي خادم حسين جلوئي سن ۱۳۲۱ھ/ مطابق ۳۰ جولاءِ ۱۹۰۳ع ڀي گوٺ شاهپور ۾ تولد ٿيو. مولانا جو والد بزرگوار علامه دوران فقيه عالم شاهپور گوٺ جڏي درس تدريس لاءِ گوٺ اوستہ پلي ڏڻي آباد تعلقو گڙهي خيرو جمالي ضلع جيڪب آباد ۾ سڪونت پذير ٿيا.

مولوي نذير حسين صاحب پنهنجي والد بزرگوار جو پهريون فهر پيارو فرزند هيو. ابتدائي تعليم سندس والد صاحب جي نگراني ۾ ٿي. مولوي نذير حسين جي تعليم هلندي والد مهربان نهايت شوق محبت سان ڏنڪ ڪيراجازت ڏني حج ڪعبة الله شريف لاءِ سفر ڪرڻ جو حڪم ڪيو. پاڻ ان سعادت ڀي حڪم برچشم ڪري حج بيت الله لاءِ حجاز مقدس روانو ٿي ويو اهو وقت اهو هيو جو سعودي عرب ۾ نئين حڪومت قائم ٿي هئي. حج شريف ڀي روانگي کان وٺي واپس اچڻ تائين سڀ احوال شعر ۾ قلمبند ڪيو هئائين. جو حجاز مقدس مان خط جي وسيلي رٻيديري والد بزرگوار ڏانهن شعر ۾ لکندو رهيو جو مڃ جي نماز جي خطبي وقت مولانا خادم حسين پنهنجي جماعت کي پڙهائي تفسير حسين صاحب کي ياد ڪري روئندو هيو ۽ دعائون ڪندي مولوي صاحب جو علمي ڪمال بيان ڪندو هو. حج بيت الله کان واپس آيو ۽ وري به ساڳيو علمي مشغلہ قائم ڪيائين. عربي زبان ڀي عرب مان ايترو تہ عبور حاصل ڪيائين جو گويا حجازي هجي.

رٻيديري ۾ رهڻ وقت تعليم سان گڏ سياسي زندگيءَ ۾ بي شروعات ان وقت ڀي جڏهن ملڪ ۾ آزاديءَ جي هلچل زور ڀي هلي رهي هئي تہ هڪ طرف قطع تعلقات، جو دور، خلافت تحريڪ، به وڏي زور سان هلي رهي هئي ۱۳۳۸ھ/ ۱۹۱۹ع ڌاري خلافت ڪانفرنس لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿي. جنهنجو بندوبست ايڏي وڏي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 647

پئماني ڀي هيلو، جو پوري هندستان مان مولانا علي برادران ، موتي لعل نهرو ۽ جان محمد جوٽيجو صاحب وغيره آيا. ٻئي طرف حضرت مولانا تاج محمود امروٽي صاحب آيل هئا. ان خلافت ڪانفرنس ۾ حضرت مولانا خادم حسين صاحب پڻ شموليت جي اعلان سان گڏ ڪاروان جي ڪاميابيءَ جي دعا ڪئي. مولوي نذير حسين ساڻس گڏ هيو. انهن مان ڪيترن مولوي نذير حسين بي گفتگو ٻڌي ڪيس مٽي ڀي هٿ گهمائي دعا ڪيائون . حضرت مولانا صاحب جي اڻ ڪرڙ ڀي سرهائي پيدا ڀي ۽ مولانا امروٽي صاحب جن حضرت مولانا خادم حسين جلوٽي جي شموليت جو ڪانفرنس ۾ شڪريو ادا ڪيو .

مولوي صاحب تعليم هلندي ڪانگرس ۾ شامل ٿيو ۽ ريتي ديري شهر جي عملي سياست ۾ بهرو وٺڻ شروع ڪيائين . هاءِ قسمت جو سندس والد بزرگوار وفات ڪري ويو ۽ شفقت جو سڀ به مٿانئس لهي ويو . فڪر معاش، اڏوري تعليم ۽ نئون سياسي عشق انهن عظيم امتحان کي هٿ سان پاس ڪيائين . ديهه ڪنڊڙ، تعلقو گهڙهي ياسين ۾ مولانا صاحب واري زمين ڀي آبادي به ڪرائيندو رهيو ۽ سندن ٻي مختلف مدرسن مان تعليم به حاصل ڪندو رهيو . مدرسن جا عالم سندس اعليٰ ذهانت ڏي ڪري ڪيس ذوق سان پڙهائيندا هئا . ان جو سبب انهو به هيو ته اڪثر سندن بلوچستان جا عالم مولانا خادم حسين جا شاگرد هئا . مختلف مدرسن مان پاڻ تعليم ورتائين . گهوٽڪيءَ ۾ مولانا اميد علي صاحب [1] وٽ ، وڏاولهٽ ۾ مولانا فهم عظيم صاحب وٽ تعليم مڪمل ڪري ۱۵ مارچ ۱۳۵۴ھ/ ۱۹۳۵ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو .

مولانا صاحب ريتي ديري ميونسپالٽيءَ جو ميمبر ٿيو ۽ ڪانگرس ۾ عملي حصو وٺڻ شروع ڪيو ۽ سرگرم ڀي ويا . پاڻ صوبي سندن ڪانگرس ورڪنگ ڪاميٽي جو ميمبر ۽ ضلعي لاڙڪاڻي جو اهم عهديدار هيو . مولانا صاحب سندن ٻنبئيءَ

[1] - گهوٽڪي ۾ مولوي نذير حسين مولانا اميد علي وٽ "هدايه" پڙهيو. (چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهنامه "شريعت" سکر سوانح حيات نمبر ، ۱۹۸۱ع ، ص- ۱۹۹)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 648

کانڊاڪرڻ واري تحريڪ ۾ حڪيم فتح محمد جو رفيق رهيو. ڪانگريس جي اندر سنڌ جدا تحريڪ واري گروپ جو مکيه رڪن رهيو. ميرپور خاص ۾ هاري ڪميٽي جو بنياد جن ليڈرن رکيو تن مان مولانا صاحب اهم رڪن هو ۽ ان وقت سنڌ ۾ رفيق ڪامريڊ عبدالقادر ايم. خان، جان محمد پلي، جي ايم سيد، قمد امين کوسو، منارام وڪيل، جمال الدين بخاري، مولوي قمد معاذ ۽ پياهندو ليڈر، جمشيد صاحب بادامي ڪراچيءَ وارو معاون ۽ مددگار هو. هاري ڪميٽيءَ جو مڪمل بنياد پوڻ سان مولانا صاحب رتي ديري ۾ هاري ڪميٽي جي آفيس کولي ۽ ۱۹۳۷ع واري اليڪشن ۾ ڪامريڊ عبدالقادر ۽ قادربخش نظاماڻي اتي اچي ويٺا رهيا. سنڌ صوبو علحدهٿيڻ بعد سنڌ گورنمينٽ ٺهي. جونڊن بعد هاري ڪميٽيءَ جي گهر گهر پهچاڻ جو پروگرام تيار ڪيو ويو. مولانا صاحب سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو نائب صدر مقرر ٿيو. سنڌ ۾ 'بنيءَ اڏوات تحريڪ' شروع ڪئي، جنهن جو مرڪز 'سرهاري' شهر جيڪو هاڻي سانگهڙ ضلعي ۾ آهي مقرر ڪيو ويو. هيو مرڪز ٺهڻ وچاڻ مقرر ٿيو. تحريڪ نهايت ڪاميابيءَ سان هٽن سان ڪاڻي زمينداري جي ديوار ۾ شگاف وڌائين. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ هاري ڪميٽي مولانا صاحب جي ڪوشش سان اهڙو زور ورتو جو مولانا جيل موڪليو ويو. جيل مان آزاد ٿيڻ بعد وري جون ميٽنگيون سڏائي سڄي سنڌ جو دورو ڪيائين. لاڙڪاڻي جي سرڪاري ڪيس وقت بوقت تڪليفون ڏيندي رهي. مولانا عبيدالله سنڌي جڏهن الله بخش جي وزارت جي دور ۾ آيو تہ ساڻس ملاقات ڪري سنڌ س انقلابي جلاوطنيءَ کي سمجهڻ لاءِ سنڌ س خدمت ۾ رهي دوباره قرآن شريف جو فڪري تفسير پڙهيائين. مولانا صاحب عربي، فارسي، سنڌي، اردوءَ جو ادیب ۽ مذهبي عالم ۽ فاضل ۽ سياسي ليڈر ۽ مدبر هو. سنڌ س سادي زندگي انسان ذات جي پيار ۾ عموماً خصوصاً ۽ مظلومن جي حمايت ۾ گذري.

مولوي نذير حسين شعر شاعريءَ ۾ خوب طبع آزمائي ڪئي آهي، شعر ۾ "نذير" ۽ "جلالي" تخلص استعمال ڪيو اٿس. انقلابي شعر گهوڙيو اٿس جنهن ۾ ملڪ جي هارين، مزدورن، مظلومن جي رهنمائي ۽ ظالم زميندارن، جاگيردارن، راشي ڪامورن ۽ سياسي درندن جي همت سان مخالفت ڪئي اٿائين. مولوي نذير حسين جلوڻي ساحب سن ۱۳۹۴ھ مطابق ۲۳ مئي ۱۹۷۴ع تي من فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو. (۱)

---

(۱) - ڪامريڊ قمد رمضان شيخ ساڪن ضلعو خيرپور (مولوي نذير حسين جوسائيٽ) جي ڪيل قلمي سوانح حيات تان ورتل.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 649

(الف) سوانح حيات.

مولانا نواب الدين چانڊيو

مولانا نواب الدين ولد الهورايو چانڊيو جو جنم ١٩٠٣ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڊڪڻ ۾ ٿيو. سندس جدامجد جونالو نيرڙ خان هو ڊڪڻ نالي هڪ ننڍڙو ڳوٺ تعلقي ميروخان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ واقع آهي.

مولوي نواب الدين ابتدائي سنڌي، فارسي ۽ عربي جي تعليم ڳوٺ ٻنيءَ ۾ مولوي دين محمد چانڊيي وٽ پڙهيو ۽ ان کان پوءِ وڌيڪ ديني تعليم پرائڻ لاءِ مولوي عبدالحڪيم سومري شاهليءَ جي مدرسي ۾ ويو داخل ٿيو. [١] مولوي صاحب جو مدرسو ڳوٺ شاهل ستڙايو ۾ قائم هو. هن مدرسي جي ان دور ۾ وڏي هاڪ هئي ۽ پري پري جا طالب اچي هتي تعليم پرائيندا هئا. [٢] مولوي نواب الدين هن مدرسي ۾ ٽوڙي وقت لاءِ شاگرد ٿي رهيو. بعد ۾ انهيءَ مدرسي مان ڇڏي وڃي مولانا خوش محمد ميروخاني جي درس تدريس جي حلقي ۾ شامل ٿيو. مولانا خوش محمد ميروخانيءَ [٣] وٽ منطق جو ڪتاب "شرح تهذيب" ۽ فقه جو ڪتاب "ڪنز الدقائق"

---

[١] - ڳوٺ شاهل ستڙايو، تعلقي شڪارپور ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ پٽ ديني مدرسي جي ڪري گهڻو مشهور آهي.

[٢] - مولوي عبدالحڪيم سرور برصغير جي مشهور ديني درسگاهه "دارالعلوم ديوبند" جو فارغ التحصيل هو. مولانا خوش محمد ميروخاني سان گڏ سنڌ ۾ گهوٽڪي ۾ مولانا محمد اسماعيل پٽي وٽ پڙهيو. مدرسي پليدة في آباد بلوچستان ۾ پڻ مولانا غلام رسول شيخ وٽ به پڙهيو.

[٣] مولانا خوش محمد ميروخاني پنهنجي وقت جو وڏو عالم هو سن ١٣٠٦ھ ۾ جاڙهو. سندس مدرسي مان گهڻن ئي سنڌي عالمن ديني علم ۾ تحصيل ڪئي. پاڻ جميعت العلماءِ هند جو سرگرم رڪن هو. ٢٥- شوال ١٣٩٦ھ/ ٢٢- آڪٽوبر ١٩٧٦ع ۾ مولانا صاحب هن دنيا مان وفات ڪئي. مولانا مرحوم مولانا عبيدالله سنڌي وٽ پير جهنڊي ۾ پڙهيو هيو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 650

پڑهي پورا ڪيا. ان کانپوءِ وڏيڪ علم جي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پنهنجي هڪ دوست غلام محمد شاهاڻي جي معرفت پنجاب جي شهر "گهوٽي" طرف ويو. ان زماني ۾ گهوٽي ۾ مولانا غلام محمد گهوٽوي جو ديني مدرسو هو، جنهن ۾ مولانا پاڻ ديني علمن جو درس ڏيندو هو. مولانا غلام محمد گهوٽوي وڏو جيڏ عالم ۽ حديث جي فن ۾ يگانه روزگار تي گذريو آهي. مولوي نواب الدين مولانا وٽ علم منطق، فلسفو، 'مشڪوٰة شريف' ۽ 'ميرقطبي' جو درس ورتائين ۽ انهن علمن ۾ ڪافي مهارت حاصل ڪيائين. ان کانپوءِ احياء وڏيڪ ديني علمن ۾ تحصيل ڪرڻ جي ارادي سان مولوي صاحب برصغير جي مشهور علمي ۽ ديني درسگاهه "دارالعلوم ديوبند" ۾ وڃي داخلا ورتائين ديوبند جي مدرسي جي طالب العلمي جي زماني ۾ مولوي غلام صديق نواري رتيديري وارو پڻ سندس هم سبق ٿي رهيو. جيئن ته دارالعلوم ديوبند جو تعليمي معيار بين مدرسن کان ساهون هو. انڪري مولوي صاحب سڀ کان پهريائين اتان جي دستور مطابق ابتدائي کورس جاڪتاب پڙهيارا.

ديوبند جي مدرسي ۾ ان زماني ۾ وڏا بلند مرتبي وارا عالم، محدث ۽ مفسر، ديني علمن جو درس ڏيندا هئا. مولانا فخر ابراهيم، مولانا اعزاز علي ۽ مولانا انورشاه ڪشميري جهڙن برڪ عالمن جي حلقهٔ درس ۾ شريڪ ٿيڻ جو شرف مولوي نواب الدين کي حاصل ٿيو. مولانا انورشاه ڪاشميري مولوي صاحب کي ڏاڍو پائيندو هو ۽ هميشه ساڻس شفقت سان پيش ايندو هو. مولانا جي انهيءَ قربت ۽ ويجهڙائي سبب مولوي صاحب ڪافي علمي استفادو ڪيو.

مولوي نواب الدين پاڻ خود هڪ وڏو ذهين ۽ ذڪاوت جو صاحب هو. ان ڪري ديوبند واري زماني ۾ پاڻ هميشه سڀني ديني علمن جي ڪتابن

ڏ- مولوي نواب الدين کان ۲۳، ۲، ۱۹۸۷ع تي روبرو ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 651

۾ جڳن نمبرن سان پاس ٿيندو هو ، سندس قابليت ۽ هوشياري ڪري دارالعلوم ديوبند طرفان انعام طور ڪجهه ڪتاب به ڏنا ويا. اهي انعام ان دور جي وڏي عالم بزرگ ۽ روحانيت جي صاحب مولانا اشرف علي ٿانويءَ جي هٿن مبارڪ سان ڏنا ويا هئا. اهو مولوي صاحب لاءِ هڪ وڏو شرف هو. ديوبند ۾ شاگرديءَ جي زماني ۾ مولانا محمد يوسف بنوري حديث جي درس ۾ مولوي نواب الدين جو هم سبق هو [۱] مولوي صاحب "دارالعلوم ديوبند" مان ڇهن سالن جي عرصي ۾ سن ۱۳۴۴ھ ۾ فارغ التحصيل ٿي نڪتو.

مولوي نواب الدين علمي فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ ديني خدمت خاطر سڀ کان پهرين ڪنڊي واري مشهور مدرسي "مظهرالعلوم عربيه" [۲] سال مدرس ٿي درس تدريس جو ڪم ڪيائين. ان کانپوءِ لاڙڪاڻي جي "ديني مدرسه هاءِ اسڪول" ۾ عربيءَ جو استاد مقرر ٿيو. مولوي صاحب پنهنجي سموري باقي زندگي انهيءَ "مدرسه هاءِ اسڪول ۾ عربي ۽ قرآن شريف جي تعليم ڏيندي پوري ڪئي. آخر ۾ اتان ئي پهرئين جون ۱۹۷۵ع ۾ پينشن تي لٿو مولوي صاحب پنهنجي حياتيءَ ۾ چار حج ڪيا. مولوي صاحب پهرين حج سن ۱۳۵۴ھ ۾ ڪيو ۽ حج دوران مڪي شريف ۾ سندس ملاقات مولانا عُبيدالله سنڌي

---

[۱] - سيد محمد يوسف بنوري بن محمد ذڪريا بن ميان منزل شاه بن ميان احمد شاه برصغير هند و پاڪ جو وڏو عالم هو. مولانا صاحب جو جنم ۸ ، مئي ۱۹۰۸ع ۾ پشاور ۾ ٽيو پاڙ شيخ الحديث هو ۽ ڪيترن ديني ڪتابن جو مصنف هو. ديوبند جو فارغ التحصيل هو. مولانا صاحب پشتو، اردو، عربي ۽ فارسي زبانن جو ڄاڻو هو. پاڙ اعليٰ درجي جو اديب ۽ شاعر هو. (قاسم محمود سيد، "شاهڪار اسلامي انسائيڪلو پيڊيا" ص ۸۰۰ ، ملتبهٔ شاهڪار لاهور، ۱۵ مئي ۱۹۷۶ع ، ص ۳۷۲)

[۲] مدرسه دارالعلوم ڪراچي ۾ آهي. هن مدرسي جو بنياد مولوي عبدالله بن شيخ عبدالڪريم ۱۸۸۴ع ۾ رکيو. مولوي صاحب جي وفات کان پوءِ سندس فرزند مولانا محمد صادق هن مدرسي کي عروج تي رسايو. هن مدرسي سندن جي ديني علمن ۽ سياسي شعور ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. هن وقت هن مدرسي جو مهتمم مولوي صاحب جو فرزند حافظ محمد اسماعيل آهي. ماهوار "الصادق" ڪراچي ، ڏهه ساله يادگار نمبر-۱ ، ۱۹۸۹ع ، ص - ۷۴-۷۵)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 652

سان ڀي جيڪو الفن ڏينهن ۾ جلاوطنيءَ جي زندگي گذاري رهيو هيو. مولانا عُبيد الله سندي پنهنجو هڪ ڪتاب "المسوىٰ علي الموطا" (چپيل) مولوي نواب الدين کي تحفي طور ڏنو هو. (۱)

مولوي نواب الدين پختي عقيدي جو مالڪ هو. پاڻ وڏو موّحد هو. حنفي فقه ڀي سختيءَ سان پابندي ڪندڙ هو. مولوي صاحب وڏو عابد، زاهد ۽ صوم صلوٰة جو پابند هو. پير سنيءَ جي حالت ۾ به پاڻ پنج وقت نماز باجماعت گهر کان ڪجهه مفاصلي تي لوهار مسجد ۾ اچي ادا ڪندو هو. ان ئي مسجد ۾ ڪجهه عرصي تائين عشاء جي نماز کانپوءِ روزانو درس قرآن به ڏيندو هو. مولوي نواب الدين، ۱۰ اپريل ۱۹۸۷ع ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. اولاد ۾ ڇهه پٽ ۽ ڇهه نياڻيون ڇڏيون اٿس.

علامه قاسمي صاحب پاڻ هدايو تهن 'صرف' جا ابتدائي سبق ڪانئس پڙهيا. (۲)

(ب) - ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولوي نواب الدين پنهنجي وقت جي همعصر عالمن ۾ بلند پايه عالم، مفسّر، فقيه ۽ حديث جي فن جوڄاتو هو. مولوي صاحب پنهنجي حياتي جو وڏو حصو سرڪاري ملازمت ۾ گذاريو، جنهن ۾ هن درس تدريس جو ڪم ڪيو، تصنيف ۽ تاليف جو ڪم گهٽ ڪيو آهي. تاهم مولوي صاحب پنهنجي جواني جي دور ۾ سنديءَ ۾ "سيف السنة علىٰ رأس البدعة" نالي هڪ ننڍڙو

---

(۱) - مٿيون احوال مولوي نواب الدين کان روبرو تاريخ ۳، ۲، ۸۷ ع تي هڪ انٽرويو ۾ ورتو ويو.

(۲) - علامه غلام مصطفىٰ قاسميءَ کان ۴، ۳، ۹۲ تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 653

رسالو لکيو، جنهن جو اسان هتي مختصر علمي لحاظ کان تجزيو پيش ڪريون ٿا.

مولوي نواب الدين جو مٿيون مذڪور رسالو ١٥ صفحن تي مشتمل آهي. انهيءَ رسالي جي شيخ قد مستقيم دهلوي قد خان غازي ليتو پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ مان سن ١٩٢٥ع ۾ شايع ڪيو. جيئن ته هي رسالو ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ جو لکيل آهي، تنهنڪري انهيءَ مان ان زماني جي مذهبي ۽ ديني حالتن جي پليءَ پٽ نشاندهي ٿئي ٿي. مولوي صاحب پنهنجي انهيءَ مذڪور رسالي جي تصنيف جو سبب جاڻائيندي منديءَ ۾ لکي ٿو:

"ان زماني ۾ سنڌ اندر شرڪ ۽ بدعت جو هڪ وڏو طوفان ايتو هو، جنهن ڪيترن ساده لوح ماڻهن جي پنهنجي ليپ ۾ آڻي ڇڏيو هو. ازانسواءِ حق پرست ۽ حق شناس عالمن جي به ان راهه ۾ وڏيون تڪليفون درپيش آيون ٿي، جن عالمن شرڪ ۽ بدعت کان روڪيو ٿي تہ تن کي وري وهابي سڏيو ٿي ويو ۽ طرحين طرحين تهمتون مٿن مڙهيون ٿي ويون. انهن حالتن کان سواءِ ان وقت جي ڪن عالمن، جهڙوڪ مولانا اشرف علي ٿانوي مولانا رشيد احمد گنگوهي ۽ شاهه اسماعيل شهيد تي الزام تراشيون ڪيون ٿي ويون، انهن سڀني گالهين جي لاءِ اهو ضروري هوندو تہ عالم همت ۽ جرائت ڪري ان خلاف قلمي جهاد ڪري" (١)

انهيءَ سلسلي ۾ مولوي نواب الدين پنهنجو قلم هٿ ۾ کڻيو مٿين حالتن خلاف جهاد ڪيو. مولوي صاحب جو هي رسالو علمي ۽ مذهبي

---

١. مولوي نواب الدين چانڊيو، "سيف الصنة على رأس البدعت"، دسمبر، ١٩٢٥ع شيخ قد مستقيم دهلوي، بائيسڪل مرچنٽ بندر روڊ ڪراچي، ص - ٧

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

تبليغ جي دنس ۾ اهم حيثيت جو حامل آهي. ساڻئين وقت مولوي صاحب مرحوم جن ننڍڙي رسالي ذريعي ان وقت جي ديني عالمن کي اهو احساس ڏياريو آهي ته انهن حالتن ۾ بدرسمن تي خاموش ٿي نه ويهن بلڪ حق ۽ صداقت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هوپڙ قلمي جهاد ۾ ساڻس شريڪ ٿين. انهيءَ مذهبي جذبي تحت مولوي صاحب هي رسالو لکيو آهي.

جيئن ته ڪتاب جي نالي مان ئي موضوع جي نوعيت ظاهر ٿئي ٿي. هن رسالي جي علمي، ديني ۽ تاريخي اهميت کان ڪير به انڪار ڪري نه ٿو سگهي. ڇاڪاڻ ته هي رسالو ان دور جي علمي، مذهبي ۽ ديني تبليغ جي حالتن پٽاندڙ آهي. برصغير هندوپاڪ جي ورهاڱي کان اڳ ان دور جي عالمن ۽ فقيهن ۾ اڪثر ڪري اهڙي نموني جا فقهي ۽ فروعي مسئلا پيدا ٿيندا رهندا هئا جن جو اڄ سنڌ ۾ پاڻ پڙ لازمي امر هو. هن رسالي جي لکڻ جو سبب ڪان وڌو سبب اهو هو، جو مولوي صاحب خود رسالي ۾ ڄاڻايو آهي.

مولوي صاحب جي لکڻ موجب ته دادو ضلعي جي لوڪ شهر جي ڪنهن مدرسي جي هڪ طالب العلم ان وقت جي ڪن قليل فقهي مسئلن بابت سوال لکي پڇيا هئا، ۽ مولوي صاحب کان اها پڇا ڪئي هئي ته هو انهن سوالن جا جواب شرعي حيثيت ۾ لکي موڪلي. انهيءَ سوال نامي ۾ يارهن سوال مختلف نموني جا هئا. مولوي نواب الدين ان سوال پڇندڙ طالب العلم کي پنهنجي مسلڪ ۽ عقيدي مطابق عقلي ۽ نقلي دليلن سان نهايت ئي عالمانه انداز ۾ جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

بهرحال مولوي صاحب حديث جي روشنيءَ ۾ جنهن انداز سان انهن سوالن کي سمجهايو آهي، ان مان مولوي صاحب جي تبحر علميءَ جو ثبوت ملي ٿو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 655

(الف) سوانح حيات

مولانا عبدالله "عبد" چانديو

مولوي عبدالله ولد ملا غلام حيدر چانديو سن ١٣٢١ھ/ ١٩٠٣ع ۾ ملاجي گوٺ، تعلقي گڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. سندس ڄمڻ وقت نالو هزارخان رکيو ويو. پر سندس وڏڙن جي مرشد سيد اچن شاه مٿس عبدالله نالو رکيو. (٢)

مولانا عبدالله ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ١٣٢٧ھ/ ١٩٠٩ع ۾ پرائمري اسڪول 'واصل' بڌ 'علي خان' تعلقو گڙهي ياسين ۾ داخل ٿيو ۽ سندي ستين درجي تائين اتي پڙهيو. ان کانپوءِ پنهنجي والد ۽ وڏي ڀاءُ عالم خان جي مشوري سان سندي پڙهڻ ڇڏي گوٺ 'واصل' جي پرسان گوٺ 'علي خان' جي ديني مدرسي ۾ عربي فارسي پڙهڻ لاءِ داخل ٿيو. جتي مولوي يار محمد سومرو سندس فارسيءَ جو پهريون استاد هو، جيڪو اصل ۾ 'ٺٽي' ضلعي لاڙڪاڻي جي پرسان هڪ ننڍڙي گوٺ جو ويڙهو هو ۽ فارسيءَ جو وڏو ماهر هو. مولانا عبدالله هتي سال ڏيڍ پڙهيو ۽ آمدنامه، ڪان سڪندرنامه، تائين ڪتاب پڙهي پورا ڪيائين. ان کانپوءِ مولانا عبدالله عربي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف مدرسن ۾ پڙهيو. پر ڀائين گوٺ 'اسحاق ديري' تعلقي گڙهي ياسين مولانا محمد هاشم چني جي مدرسي ۾ آيو. اتي مولانا عبدالڪريم ڪنڌر وٽ جيڪو گوٺ 'ڪنڌر بڌ شهر' ڪيهر' تعلقي گڙهي ياسين جو رهاڪو

---

[١] - سندس جنم سرڪاري اسڪول جي رڪارڊ موجب ١٩٠٥ع آهي پر پاڻ پاڻ ٻڌائيندو هوندا هئا ته ١٩٠٢ع ۾ ڄائو آهيان.

(٢) - عبدالله چانديو مولانا، خودنوشته سوانح حيات (قلمي) ص - ١

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 656

هو. صرف نحو شروع کئي. پر پوءِ اتان کفن سبب جي ڪري ڇڏي شهر مديجي، تعلقو گهڙهي ياسين ۾ مولانا عبدالرحمٰن لاکي وٽ پڙهڻ لاءِ پهتو. جتي شرح مأة عامل، ۽ ٻيو هڪ ٻه ڪتاب پڙهي پوءِ گوٺ جنگل، تعلقي رتديري ۾ مولانا حبيب الله نوناري جي مدرسي ۾ آيو. هتي مولانا حبيب الله جو سوٽ مولانا غلام صديق نوناري فاضل ديوبند مدرس طور پڙهائيندو هو. حبيب وٽ مولانا عبدالله هداية النحو ۽ ايساغوجي پڙهيو ان کانپوءِ نحو جو ڪتاب ڪافيه، وري مولانا عبدالواحد سيتار جيڪو ڇڪ ضلعي شڪارپور جو ويڙهو هو ۽ ڇڪائي جي نالي سان مشهور هوان وٽ پڙهيو. جيڪو شيرڪوٽ، لڳ حبيب ڪوٽ اسٽيشن، پڙهائيندو هو. ڪجهه وقت کانپوءِ مولانا عبدالله اتان بس ڪري ميروخان ۾ مولانا خوش محمد ميروخاڻيءَ وٽ پڙهڻ لاءِ پهتو، جتي نورالانوار، بديع الميزان، شرح تهذيب ۽ شرح جامي، ڪتاب پڙهيو. (١)

ان کانپوءِ مولانا عبدالله ميروخان کي ڇڏي سنڌ جي مشهور متبحر عالم مولانا عبدالڪريم ڪورائي وٽ گوٺ ڪورسليمان، تعلقي قنبر ۾ آيو، جتي منتهي ڪتاب تفسير، حديث، منطق ۽ قطبي، ڪان قاضي مبارڪ، شرح مواقف، علم حديث، علم الڪلام، علم العروض، علم الحساب ۽ فلسفي ۾ مدار وغيره تائين پڙهيو. جتي ساڻس گڏ مولوي محمد ابراهيم ڪارڙائي، مولوي شاه محمد هڪڙو، ويڙهه گوٺ بُٽي تعلقو ميروخان، مولوي علي انور تنيو ساڪن بُٽي، ۽ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي به پڙهندا هئا. مولانا عبدالله هتي ست سال پڙهيو. (٢)

---

(١) - عبدالله چانڊيو مولانا، خود نوشته سوانح حيات (قلمي) ص - ١

(٢) ايضاً

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 657

مولانا عبدالله 'کورسليمان' ۾ پڙهندي وڇيرسن ۱۳۵۱ھ/۱۹۳۲ع ۾ ۳، مهيناڪن برصغيرجي مشهور، معروف ديني درسگاهه 'دارالعلوم ديوبند' پڙهڻ لاءِ هليو ويو. ان سفردوران ساڻس ساڻي مولوي علي انور توڙيوهيو. دورا سباق شروع ٿيو. ان وقت جا نامياراڻ چوڻي جا عالم، مولانا حسين احمد مدني، مولانا غلام رسول پشاوري، مولانا اعزازعلي ۽ قاري محمد طيب هئا. مولانا عبدالله انهن فاضل استادن وٽ علم المنطق ۽ علم الڪلام پڙهيو. (۱) پرڪيس اتي سکون نه آيو ۽ واپس موٽي ساڳيو مولانا عبدالڪريم ڪورائي وٽ منتهي ڪتاب پورا ڪيائين. اهڙيءَ طرح لڳاتار ۱۳، سال پڙهڻ ڪانپوءِ هن سن ۱۳۵۴ھ/۱۹۳۵ع ۾ 'کورسليمان' ۾ مولانا عبدالڪريم ڪورائي وٽ دستار بندي ڪئي. اهڙين ڳالهين جي تصديق مولانا عبدالله پنهنجي ڪتاب 'مقابلات' ۾ هڪ شعر ۾ هيئن ريت ڪئي آهي :-

سال تيرهن پئي پڙهيم عربي علوم
پوءِ ٻڌي دستار بندي جي رسوم

آخري استاد هو عبدالڪريم
ڪور وارو صاحب علم و فهيم

Gul Hayat Institute

چاڪيان تعريف ان جي باڪمال
باڪمال وباڪمال وباڪمال

جاءِ جنت ۾ ڏنس ربّ الڪريم
ڪرم مالڪ جو هجي ان تي عميم

---

(۱) - عبدالحميد سومرو مولانا "مقابلات" سال ؟ پاڪستان پرنٽنگ پريس لڪيدر شڪارپور، ص. ۱۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 658

تي مهينا سال ايكونجاهم
ديوبند مدرسه جي راهم

پڳ بدي مون سال چوونجاهم
حاهئي اميد هڪ الله (١)

مولانا عبدالله جي دستاربنديءَ جي موقعي تي جن شخصيتن کيس دستار جا ور ورايا. انهن ۾ مولوي يار محمد سومرو فقيرالهڏنو بلوچ شامل هئا. هن موقعي تي مولانا جو والد صاحب به موجود هيو. (٢)

مولانا صاحب پڙهڻ دوران ڪافي تڪليفون برداشت جيئن ته ان زماني ۾ آمدرفت جون ايتريون سهولتون ڪونه هونديون هيون، جيتريون اڄڪلهه جي دور ۾ آهن. تنهنڪري مولانا هفتي يا پندرهين ڏينهن مدرسي 'ڪورسليمان' کان گوٺ پنڌ اينداويندا هو. پاڻ چوندا هوته ڪيترا پيرا تن مهينن جي سڪل مانيءَ ۾ پساءِ آڻي ڪري به ڪاڏم چوته سفر ڪندي مهل تي ڪاڏو ميسر نه ٿيندو هو، نه ورهي ڪفن کان گهرندا هئاسين. (٣)

مولانا عبدالله فارغ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ درس تدريس جي شروعات پنهنجي گوٺ کان ڪئي. جتي هن هڪ ديني مدرسو قائم ڪيو،

---

(١) ـ عبدالحميد سومرو مولانا، "مقبالات" سال ؟ پاڪستان پرنٽنگ پريس لکيدر شڪارپور، ص ـ ١٣

(٢) ـــــــ ايضاً ـــــــ ص ـ ١٦ ـــــــ

(٣) ـ 'سرڪش سنڌي' عبدالمجيد ڪان. ٢٠ ـ ٩ ـ ٨٨ تي ورتل انٽرويو

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 659

جنهن ۾ ۲۰ - ۲۵ - طالب العلم وٽن رهندا هئا جن جي طعام ۽ قيام جو بندوبست مولوي صاحب جي ذمي هو. ان کانپوءِ کجهه وقت رتديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ مولانا عبدالعزيز سومري پاڻ وي جي طلب تي سندس مدرسي ۾ پڙهايائين. پر کن سببن جي ڪري خود مولانا عبدالعزيز پنهنجو مدرسو چڏي ڪنڊياري، موجوده ضلعي نوشهروفيروز ۾ مدرسه انوارالعلوم ۾ پڙهائڻ لاءِ هليو ويو، جنهن ڪري مولانا عبدالله اتان چڏي امروٽ شريف ۾ پڙهائڻ لاءِ آيو. ان وقت امروٽ جو گادي نشين ميان نظام الدين هيو، جيڪو مولانا تاج محمود امروٽيءَ جو پاڻيٽو هو. ان جو پٽ مولانا محمد شاه امروٽي جيڪو اسڪول ۾ پنجون درجو پڙهندو هو، سو اسڪول چڏي مولانا چانڊيي وٽ 'صرف' پڙهڻ لڳو. اهڙيءَ طرح مولانا عبدالله ۱۳۵۸ هـ/ ۱۹۳۹ع کان ۱۳۶۸هـ/ ۱۹۴۸ع تائين امروٽ ۾ رهيو. ان وچ ۾ مولانا محمد شاه وٽن کافي ڪتاب پڙهيا، ۽ سندس ماموٽ مولوي الله بخش بروهي ۽ مولوي حبيب الرحمان شيخ به وٽن 'شرح جامي' تائين پڙهيا. هتي مولانا صاحب کي ۲۰ - ۲۵ روپيا ماهيانو پگهار به ملندو هو، پر پاڻ هتي بيمار ٿي پيو جنهن ڪري اتان چڏي ڳوٺ موٽي آيو. ان ئي سال مولانا عبدالله ڳوٺ لهٽهڙ تعلقي قنبر جي مدرسي ۾ پڙهائڻ لڳو. هن مدرسي ۾ مولانا ۶ يا ۷ سال پڙهايو. هتي مولانا صاحب وٽ مولوي عبدالحيّ چانڊيو قنبر وارو ۽ مولوي عبدالواحد مهر ويندل ڳوٺ 'محبوب مهر' پڳ 'جهاڻيو' تعلقو لکي، نيٽهي جي مدرسي مان چڏي 'لهٽهڙ' ۾ مولانا صاحب وٽ پڙهڻ آيا. [1]

---

[1] - 'سوڪش سندي' عبدالمجيد (مولانا عبدالله جو فرزند) کان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 660

مولانا عبدالله گھنٹھر ۾ ۶-۷ سال پڑھائون کانپور
کن مقامي ماڻھن جي مخالفت سبب اتان ڇڏي مولوي محمد احمد کوکر
ساکن لاهوري محلو لاڙکاڻو جي آڇ ڪرڻ تي لاڙڪاڻي شهر جي لاهوري
محلي مُدرسه اشاعت القرآن ۾ استاد ۽ جامع مسجد لاهوريءَ ۾ خطيب
مقرر ٿيو. هتي مولوي الهڏنو دايو ۽ مولوي ڪريم بخش (جيڪي پوءِ مدرسي
ارشدايه پير گوٺ هليا ويا) 'شرح جامي' ۽ ٻيا ڪتاب وٺي پڙهيوان
کانپور گوٺ گوري پھوٽ، تعلقي شڪارپور واري مدرسي ۾ آيو. اتي مولانا
حافظ عبدالله سکر واري وٽ 'ڪنز قافيه' پڙهيو. هن مدرسي ۾ ڪجهه
وقت مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب به پڙهايو هو. (۱)

مولانا عبدالله صاحب شڪارپور ۾ حڪيم فضل الله
جي مدرسي ۾ ٻه سال پڙهايو. مولانا صاحب کي هتي قرار نه آيو ۽ اتان
ڇڏي ڪرڙاهه ضلعي خيرپور ميرس واري مدرسي ۽ بعد ۾ ٽنڊوءَ جي مدرسي
۾ ٻه ٻه مهينا پڙهايائين. ان کانپوءِ ۱۹۵۲ع ۾ وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ سرائي
خدا بخش کاوڙ (جيڪو هاري ڪميٽيءَ جو ڪارڪن هو) جي مدرسي ۾ آيو،
جتي ۸-۹ سال پڙهايائين. مولانا صاحب مختلف مدرسن ۾ پڙهائون کانپور
۱۹۷۰ع ۾ لڏي اچي رتيديري ۾ رهيو ۽ اتي پنهنجو مدرسو قائم ڪيائين،
جتي وٽس مولوي عبداللطيف وڏو، تعلقو ڏاهري ياسين، مولوي عبدالرحمان ڪوش
گوٺ رنگ پور، تعلقو اباوڙو، مولوي عبدالحميد جويو گوٺ پائي خان گھانگرو، تعلقو
رتوديرو، مولوي عبدالحق عرف علي حيدر چانڊيو ۽ مولوي عبدالعزيز ادو گوٺ
ابن ادو، تعلقو رتوديرو، وٽس پڙهي فارغ ٿيا.

مولانا عبدالله آخر ۾ ۱۹۸۰ع ۾ رتي ديري مان لڏي زيڪ کالوني
لاڙڪاڻي ۾ اچي پنهنجي ننڍي پٽ عبدالرشيد سان گڏ رهڻ لڳو، جتي آخري عمر تائين رهيو (۲)

(۱) - عبدالمجيد چانڊيو (مولانا عبدالله جو فرزند) کان ورتل انٽرويو.
(۲) ——— ايضاً ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 661

مولانا عبدالله علمي لحاظ کان ته مستقل مزاج هو،
پر سندس طبيعت ۾ مستقل مزاجي نه هيس. جنهن ڪري هن کي ڪنهن به
هڪ هنڌ ٽڪاءُ نه ايندو هو. ان ڪري کيس مولانا عبدالله ڏُونڪائي جي
نالي سان به سڏيو ويندو هو. اهو ئي سبب هو جو طالب العلمي دوران
نوڙي فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ ڏسجي نوڙ ته پاڻ سنڌ جي ڪيترن شهرن
۽ ڳوٺن مان لڏ پلاڻ ڪيائين ۽ ڪيترن ئي ديني مدرسن ۾ پڙهايائين.
مولانا عبدالله نهايت سادگي پسند هو سادو ڪائيندو
هو ۽ سادو پهريندو هو. سندس سادگيءَ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي
ٿو جو اوپرو ماڻهو محسوس ئي نه ڪري سگهندو هو ته مولانا عبدالله هڪڙو
آهي ۽ عالم آهي يا عام رواجي ماڻهو.
مولانا صاحب کي وعظ نصيحت ڪرڻ جو ڏاڍو شوق
هوندو هو. وعظ ۾ قرآن شريف گهڻو پڙهندو هو ۽ قرآن ڪريم جا اهڙا
عجيب مطلب ۽ علمي تفسيري نڪتا بيان ڪندو هو جو ڪيترا ماڻهو ڪير
'مجتهد العصر'، 'مفکر القرآن' ڪوٺيندا هئا. (١)
مولانا صاحب جي علمي بصيرت جو اعتراف نه فقط سندس
تر جي عالمن ڪيو پر سنڌ جي ٻين حصن تائين به سندس علم جو چرچو رهيو.
ڪنڊياري جو عالم مولانا محمد قاسم سومرو هڪ هنڌ لکي آهي:
"مولانا عبدالله ١٩٦٣ع ڌاري 'پير شريف' تعلقي
قنبر ۾ پنهنجي شاگرد مولانا عبدالڪريم قريشي جي مدرسي ۾ آيو
رات جو مدرسي ۾ ترسيو. اوهان جي جاڏينهن هئا. ان منڊيم مجي

---

(١) - مولانا محمد قاسم سومرو، ساڪن گوٺ "چينهائي"، تعلقو ڪنڊيارو، ضلعو
نوشهرو فيروز، (قلمي سوانح عمري مولانا عبدالله چانڊيو)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

به ڏاڍا هئا. مولانا صاحب کي ميڙن ڏاڍو ٽپايو ۽ ننڊ نه ڪيائين ۽ رات جو هارهين هڪ ٻجي ڌاري طالبن کي اتاري چيائين ته اچو ته توهان کي وعظ ٻڌايان. پوءِ ان ئي محل وعظ شروع ڪيائين ٻني ڪلاڪ وعظ ڪيائين. علم جا بحر وهائي ڇڏيائين. گهوٽڪي مولوي صاحبان يا ديني مدرسن جا شاگرد سندس وعظ ٻڌڻ لاءِ مشتاق هوندا هئا. تقرير ۾ منطقي دليل گهڻا ڏيندو هو."

مولانا صاحب هڪ لاطمع انسان هوندو هو. حق گوئي ۽ بيباڪيءَ جي ڪري مشهور هو. جنهن وٽ به وعظ لاءِ ويندو هو تہ الهن دعوتن کي به سڄ چوڻ کان امل ڪين گسندو هو. بي غرض ۽ بي ڊپوٽي ٿي وعظ ڪندو هو. ڪنڊياري (ضلعي ٽنڊو محمد خان) جي جامع مسجد ۾ هر سال سالياني ديني جلسي ٿي ايندو هو. ماڻهو سندس وعظ کان ڏاڍو متاثر ٿيندا هئا. ۽ هزارين ماڻهو وٽ سندس وعظ جون ڪيسٽون پيل آهن. جن مان جيڪڏهن مولانا صاحب جا ٻڌايل علمي نڪتا گڏ ڪبا تہ ڇگو خاصو ڪتاب لکي پوندو. سندس خطبات، توحيد باري تعالىٰ، بدعت، شرڪ، رسومات باطلا ٿي هوندا هئا. (۱)

مولانا عبدالله صاحب هڪ سٽو شاعر به هو، سندس تخلص "عبد" هو. سندس شاعري علم عروض جي اصولن مطابق آهي. هن عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي آهي، شاعريءَ ۾ غزل، رباعيون، مولود، مداحون نعتون ۽ ڪافيون ملن ٿيون. سندس شاعريءَ جو گهڻو حصو مذهبي شاعريءَ

---

(۱) ـ سومرو محمد قاسم مولانا. ساڪن 'چينهاڻي' تعلقو ڪنڊيارو ضلعو نوشهرو فيروز (قلمي سوانح عمري مولانا عبدالله چانڊيو)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 663

تي مبني آهي . مولانا عبدالله صاحب امرڻ سعادت مندن مان هيو. جنهن کي رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جو خواب جي ذريعي ديدار نصيب ٿيو. سندس شاعريءَ جي بيان ۾ هڪ عربي مدح چپيل آهي جنهن ۾ ان گاله جو ذڪر هن ريت ڪيو ائس :

"آءُ جمادالاول جي مهيني ۾ هڪ جاءِ تي مهمان ميڙاڪ جو ڪجهه آيتون تلاوت ڪري سمهي پيس. ننڊ آئي ته خواب ڏٺم ته حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن تشريف فرما ٿيا آهن ۽ حڪم ٿا ڪن ته مولوي عبدالله وعظ فرماءِ. مون سندن حڪم مڃيندي سورة 'انفال' مان 'اِنَّمَا' کان وٽي 'المبرهون' تائين آيتون پڙهيون. منهنجي اها وڏي خوش قسمتي چئبي جو حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي روبرو سندن حڪم سان وعظ ڪري رهيو هوس. جڏهن ننڊ مان اٿيم ته صبح جي نماز جو وقت هو."(1)

مولانا عبدالله چانڊيو مدرس - مناظر، خطيب هئڻ سان گڏ وڏو مصنف، مفسر قرآن به هو. من قرآن مجيد جي ڪن سورتن جو تفسير به ڪيو آهي، جن ۾ سورة فاتح، يٰسٓ، الناس، الاخلاص، الفلق، مؤمن ۽ سورة النور جيڪو 'الظهور' تفسير سورة نور' جي نالي سان چپيل آهي. ان کان سواءِ سندس 'افڪار عبدي' تصنيفات ۾ 'حق الاظهار بتحفه الاخيار' (سندي ۾)، 'اصحاب ثلاثه جي خلافت' (سندي) ۽ 'مقاملات' (سندي) به چپيل آهن.

---

(1) - 'عبد' عبدالله مولانا، 'مدحه عربي' (قلمي بياض) ص - ٣٣

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مولانا صاحب جا ٹي چيل ڪتاب ۽ رسالا هن طرح آهن:-

'مصباح الايه فى شان صحابه'، 'حيات عيسىٰ عليه السلام'، 'اوامر ۽ نواهي'، 'الاقناء'، 'فتح الثوابة فى رد مسائل هدايه الحكمة' (فلسفه)، 'كلمون شريف' (پاڻ ڦهريون ۽ ٻيو)، 'مفهومات القرآن فى سورة الكليات' (عربي)، 'عمدة الميراث' (عربي)، 'انسان ۽ سندس خواهشات جو صحيح رستو' (منظوم سندي)، 'نبي ۽ نبوت جي سچائي'، 'منبهات' فارسي (منظوم)، 'مريم ۽ عيسىٰ بن مريم عليه السلام'، 'مرزائيت جي تردید'، ارتقائي سيد (حبي- ايم سيد جي ڪتا جاڪم لتا)، 'بنياد الصرف'، 'ثنائي محمدي' (فارسي)، ابراهيم خليل الله (سندي منظوم)، 'مطالب القرآن'، 'مذهب شيعه جا اسباب'، 'مبادي فداء جمال منظوم (سه حرفي)، 'شمائل نبي' (منظوم سندي)، 'عرف نمايه'، 'الطبيعات والفلكيات والالاهيات' (عربي)، 'تفسير الاحسان'، بيان نوحي (منظوم فارسي) ۽ 'شبنم شريعت' (فارسي منظوم) (١)

مولانا صاحب وٽ هڪ سٺو ڪتب خانو به هو، جنهن ۾ ڪتابن جو تعداد چار سوکن هو، جيڪي پنهنجي وفات کان ڪجهه وقت اڳ 'ڀوٽ ڀانگ' (ضلعو خيرپور ميرس) جي مدرسي ۾ ڏئي ڇڏيائين.

مولانا عبدالله صاحب جي پنهنجي دور جي ڪيترن بزرگن ۽ عالمن سان صحبتون ٿيون. جن ۾ مولانا حماد الله هاليجوي، مولانا عبدالعزيز پانديوي، مولانا قمرالدين اندڻ، مولانا سلطان احمد جلوئي، مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي، مولانا حبيب الله حبيب شهدادڪوٽي، مولوي محمد عظيم شهيد امولانا فضل حق چانديو جا نالا شامل آهن.

---

(١)- مولانا عبدالله جي فرزند عبدالمجيد 'سرڪش سندي' ڪان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

پاڻ سڀ کان وڏيڪ پنهنجي استاد مولانا عبدالڪريم ڪوراڻي صاحب جي شخصيت کان متاثر هو. (١)

مولانا صاحب کي اولاد ۾ چار پٽ ۽ پ نيايڻون تيس.

پٽن ۾ سندس هڪ پٽ ننڍي هوندي فوت ٿي ويو. باقي ٽن مان وڏو مولانا عبدالحميد جنهن شيعه مسلڪ اختيار ڪيو ۽ ذاڪر بڻجي ويو، ٻيو پٽ عبدالمجيد هاءِ اسڪول ٽيچر ٿي رهيو ۽ هاڻي رٽائر آهي، هو هن دور جي سٽن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ ٽيون پٽ عبدالرشيد آهي.

مولانا عبدالله چانديو پوئين وقت ۾ بيمار ٿي پيو ۽ بيماريءَ جي حالت ۾ پنهنجي وچين پٽ عبدالمجيد وٽ رهندو هو، جتي ١١ اپريل ١٩٨٤ع مطابق ٨ رجب المرجب ١٤٠٤ھ ۾ برونرا ربع ڏينهن جوهڪ بجي سندس وفات ٿي. سندس آخري آرام گاهه لاهوري محله لاڙڪاڻي ٻي قبرستان ڀڳ شيخ زيد اسپتال قبرستان واري روڊ تي آهي.

مولانا عبدالله چانديو پنهنجي دور جو نامياري ديني عالم هو. هن پنهنجي زندگيءَ وڏو عرصو درس تدريس ۽ تبليغ ۾ گذاريو. ان سان گڏوگڏ هن تصنيف ۽ تاليف ۾ به وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، جن جو ذڪر مٿي سندس سوانح عمريءَ ۾ ڪيو ويو آهي. مولانا صاحب پنهنجي قلمي ڪاوش ۾ قرآن مجيد جي ڪن سورتن جو ترجمو ۽ تفسير ڪيو آهي، جن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

---

١. مولانا عبدالله جي فرزند عبدالمجيد سُرڪش سندي، ڪان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 666

١- تفسير سورة الفاتحه، الناس، الفلق ۽ الاخلاص

مولانا عبدالله چانڊئي جو مذڪوره سورتن تي مشتمل مختصر تفسير ٣٢ صفحن تي ٿهليل آهي، جنهن کي بدرالدين هيسباڻيءَ نوابشاه پرنٽنگ پريس مان چپائي پڌرو ڪيو. مشڪ چپائي جو سال درج نه آهي.

مولانا عبدالله صاحب مٿين سورتن جي تفسير ٻڌي جيڪو ٻڌڪ ٻڌيه ۽ ڪتابچه لکيو آهي، ان ۾ نهايت ٿورڙن لفظن ۾ وڏا مضمون بيان ڪيا آهن. مولانا جنهن علمي انداز سان هنن سورتن جو مختصر تفسير لکيو آهي، اهو تمام متاهون نظر اچي ٿو ۽ ان سان گڏ لفظن جي معنيٰ ۾ جامعيت پڻ آهي. مثلاً:

سورة الفاتحه ۾ آيل لفظ "رب" جي تشريح ڪندي لکي ٿو ته ربوبيت ۾ ايجاد، ابقاء، پرورش، رحم، مالڪيت، نگهباني، علم، مقدر، عام ۽ ڪامل، ڪلي فنا کان بعد وري ٻيهر پيدا ڪرڻ، جنت ۽ جهنم جي دائمي زندگي سڀ اچي وڃن ٿا، ۽ اهي سڀ الله جي حوالي آهن. (١)

تفسير ڪندي بحث کانپوءِ نتيجو به ظاهر ڪري ٿو مثلاً سورة اخلاص ۾ مرتبهٔ ذات ۽ صفات جي عنوان تحت الله تعالىٰ جي ذات ۽ صفحات تي بحث ڪرڻ کانپوءِ نتيجو ڪڍي ٿو ته خدا جي صفتن جو

---

(١) - عبدالله چانڊيو، مولانا، تفسير سورة الفاتحه، الناس - الفلق ۽ الاخلاص، بدرالدين هيسباڻي، نوابشاه پرنٽنگ پريس - ص - ٣

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 667

انکار کرڻ غلط آهي ۽ صفات الٰهي کي عين ذات چوڻ به غلط آهي.(۱)
ان کانسواءِ هن سورة جو تفسير ڪندي الله تعالیٰ متعلق ڪيترن باطل عقيدن
جي تردید ڪئي آهي. جهڙوڪ حلول، شڪل بدلائڻ يا مخلوق جي صورت ۾
ٽپڻ وغيره. جوته اهڙن سڀني عقيدن ۾ شرڪ سمايل آهي.

مولانا صاحب پنهنجي هن تفسير جي آخر ۾ سورة اخلاص
جي تفسير ۾ صوفي صاحب جي عقيدي جي عنوان هيٺ لکي ٿو:-

"صوفي صاحب جو اهو خيال غلط آهي ته الله
تعالیٰ کي تعينات خمسه ڳچ آهي. يعني احديت، واحديت،
سبيت، رحمانيت ۽ حقيقت محمدي. جنهن جو مطلب آهي
ته صوفي صاحب جي نزديڪ الله تعالیٰ في الواقع متعين نه
هو، بلڪ مطلق ذات هو. ان (الله) کي اهڙن متعين ڪيو
آهي. مولانا لکيو آهي ته الله تعالیٰ پنهنجي ذات ۽ واقعي ۾
پنهنجو پاڻ متعين آهي."(۲)

۲- تفسير سورة الفلق:-

Gul Hayat Institute

مولانا عبدالله سورة الفلق جي تفسير ۾ لفظ "فلق" جي
معنیٰ صبح جو وقت ويٺي لڪي، جو باڪ شيءَ کان شروع ٿئي ٿو. صفحي ۱۹ تي
"شهادت الصبح" جي عنوان هيٺ صبح جي وقت جي ادبي نموني سان
اپتار ڪئي اٿس. لکي ٿو:-

---

(۱) - عبدالله چانڊيو مولانا، "تفسير سورة الفاتح، الناس، الفلق ۽ الاخلاص"،
بدرالدين هيسباڻي، نوابشاه پرنٽنگ پريس، ص-۲۴

(۲) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ ص-۲۸۰ ـــــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 668

"صُبح جو وقت سعيد ليکيو ويندو آهي ۽ هرشئي جاندار ۽ بي جان جهڙوڪ. پوکڻ، باغات، گلزار، گاهه، گل ٽل وغيره لاءِ نهايت عمدو ۽ بهترين وقت هوندو آهي. بيمارن کي عام طرح صبح جي وقت آرام ۽ راحت نصيب ٿيندي آهي. پوکون ساوڪ ۾ للهار پيون هونديون آهن. گل پوکندا آهن باغن ۾ بهاري ٿئي ٿي. پکي پکڙ لاتين ۽ جهڙ ۾ مشغول هوندا آهن. عالم ۾ رات وارو سناٽو ۽ سانت بدلجي ويندي آهي ۽ ڇهه ڦهر شروع ٿئي ٿي. هرڪو روزگار جي تلاش ۾ بيخوف لڳي وڃي ٿو. رهستي جا خطرا دور ٿين ٿا وغيره"..... (۱)

هن مان ثابت ٿئي ٿو ته مولانا عبدالله وڏي ديني عالم سڱ سان گڏوگڏ هڪ ادیب به هو.

۳- تفسير سورة الناس:-

مولانا صاحب سورة الناس جي تفسير جي پيچاڙ ۾ لکي ٿو ته هن سورة مان اشاري طور اٺ گالهيون معلوم ٿين ٿا.

(۱) - "قُل" جو قائل ۽ آمر الله آهي. (۲) استعاذه (پناهه گهرڻ) (۳) استاذه (پناهه وٺڻ) ضروري آهي. (۴) شيطان بنين کي به وسوسا وهندو آهي پر ڪامياب نه ٿيندو آهي. (۵) وسوسا به قسم آهن. دين ۽ دنيا ۾. (۶) وسوسو شيطاني ۽ هيوانساني ٿيندو آهي. (۷) الله تعالىٰ کانسواءِ ٻيو ڪوبه پناهه نه

---

(۱) - عبدالله چانڊيو مولانا، "تفسير فاتحة، الناس، الفلق، ۽ اخلاص" بدرالدين هيسباڻي، نوابشاه پرنٽنگ پريس، سال ؟ ص - ص ، ۱۸، ۱۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 669

ڏيندو آهي. (۸) الله کانسواءِ ٻئي کان پناهه گهرڻ غلط آهي. (۱)

۴- تفسير ۽ ترجمو سورة يٰسٓ ۽

مولانا عبدالله چانڊيي جو هي تفسير ۳۶ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن کي مولانا عبدالجبار مهر مدرسه عربيه نورالهدیٰ گوٺ نورو مهر، تعلقو لکي غلام شاه ضلعو شڪارپور، چپائي پڌرو ڪيو.

تفسير جي شروعات کان آڳ مولانا عبدالله صاحب تمهيدي بحث ڪيا آهن. پهرئين بحث ۾ قرآن مجيد جي ٻن آيتن يعني "اِنَّ اللّٰه علیٰ کُل شئٍ قدير" ۽ "وَالله بکل شئٍ عليم" ۾ آيل لفظ "شئ" جي شرعي ۽ منطقي معنیٰ تي بحث ڪري ٿو. ان کانپوءِ ڪنهن به شئ جون ٽي حالتون واجب، ممڪن ۽ ممتنع جو بحث ڪيو آهي ۽ پوءِ الله جي ذات ۽ صفات کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن. جنهن ۾ ان متعلق متڪلمين جا نهايت مختصر نموني ۾ رايا پيش ڪيا آهن. ٻئي بحث ۾ الله جي صفت "ڪلام" جي حقيقت بيان ڪئي آهي. هن صفت جي باري ۾ معتزلن جي راءِ تہ اها صفت مخلوق آهي، ان کي عقلي دلائل سان رد ڪيو آهي ۽ ان ڳالهه کي ثابت ڪيو آهي تہ قرآن مجيد الله تعالیٰ جو ڪلام آهي ۽ نہ خليق آهي ۽ نڪي نبي جو قول آهي. (۲)

---

(۱) - عبدالله چانڊيو مولانا، "تفسير فاتحة، الناس، الفلق ۽ اخلاص، بدرالدين هيسباڻي، نوابشاه پرنٽنگ پريس، سال ؟ ص. ص. ۱۶، ۱۷

(۲) - عبدالله چانڊيو مولوي، "تفسير وترجمه سورة يٰسٓ شريف"، مولانا عبدالجبار مهر، مدرسه عربيه نورالهدیٰ گوٺ نورو مهر لکي، ضلعو شڪارپور، ص. ۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 670

تئين بحث ۾ قرآن مجيد لاءِ عقلي ثابتيون ۽ دليل پيش
ڪيا اٿس. لکي ٿو :-

"اهو الله جو ڪلام آهي. هو هڪ دليل ڏيندي
لکي ٿو ته قرآن شريف ۾ جنهنجي نزول جي زماني کان اڄ تائين
ڪنهن به نه ڏنو آهي. مولانا وڌيڪ لکي ٿو ته قرآن مجيد
۾ ڪجهه مضمون امر آ به بيان ٿيل آهن جيڪي فطرت
انساني کان ڳهوڙ مٽي آهن. ڪنهن به انسان ملڪ يا جنّ
کي اها طاقت نه آهي جو ان جو احاطو ڪري سگهي"(۱)

سورهِ ياسين جي تفسير ۾ مولانا عبدالله صاحب
ڪجهه خاص نڪتا بيان ڪيا آهن. انهن مان ڪجهه هيٺ پيش ڪجن ٿا
(۱) - مولانا لکي ٿو :-

"ڪن مفسرن 'يٰسٓ' جي معنيٰ يا 'سيّد' (اي
سيّد) ۽ 'يا انسان' (اي انسان) ڪري ورتي آهي. پر اهو
صحيح نه آهي. جيڪڏهن 'س' مان مراد 'سيّد'
يا 'انسان' وٺجي ته ضرور 'يا' کي حرف ندا سمجهڻو جي
ڪڏهن 'يا' حرف ندا آهي ته ان کي حرف مقطعات ۾ شمار
نه ڪبو حالانڪ 'يٰسٓ' حروف مقطعات آهي جن جي معنيٰ ڪا نه هوندي
آهي. پر انهن جي مطلب جي ڄاڻ الله ۽ ان جي رسول کي
ٿئي آهي. ان کانسواءِ 'س' کان 'سيّد' يا 'انسان'

---

(۱) - عبدالله چانڊيو مولوي "تفسير وترجمه سورة يٰسٓ شريف، مولانا عبدالجبار
مهر، مدرسه عربيه نورالهدیٰ گوٹ نورو مهر ڪي ضلعو شڪارپور
ص-ص - ۶-۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

کنایہ سمجھڑ لاءِ کو علمي قاعدو کونہ آھي." (۱)

(۲) - مولانا ڪلام ۽ قول جي وچ ۾ فرق بيان ڪندي لکي ٿو:
"ڪلام الله ۾ ڪلام جي اضافت الله تعالیٰ ڏانھن آھي. جيڪڏھن ان ڪلام کي ڪو ٻيو پڙھندو ته انکي پڙھندڙ جو قول چئي سگھجي ٿو. جيئن قرآن ڪريم ۾ آھي ته "اھو قرآن رسول ڪريم جو قول آھي". مطلب ھي ٿيو ته قول عام آھي ڪلام خاص. تنھنڪري قرآن مجيد کي ڪلام الله چوڻ ۽ صحيح ۽ الله جو قول چوڻ ۽ صحيح آھي. پر قرآن مجيد کي ڪلام رسول چئي نٿو سگھجي. چو ته ڪلام جي نسبت متڪلم يعني الله ڏانھن آھي، پر رسول جو قول چوڻ درست آھي." (۲)

(۳) - مولانا عبدالله صاحب ٿيون نڪتو بيان ڪندي لکيو آھي
"اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ" (اي پيغمبر بيشڪ تون پيغمبرن جي جماعت مان آھين) ۽ نہ ھي نہ فرمايائين ته "اِنَّكَ الرَّسُوْلُ" (بيشڪ تون رسول آھين) ان ۾ ھي نقطو آھي ته محمدي رسالت جو منڪر سمورن رسولن جي رسالت جو منڪر آھي ۽ اھا معنيٰ "انك الرسول" مان حاصل نہ ٿي ٿئي." (۳)

---

(۱) - عبدالله چانڊيو مولانا "تفسير ۽ ترجمو سورة يٰسين شريف" مولانا عبدالجبار مھر، مدرسہ عربيہ نورالھدیٰ، گوٹ نورومھر، ڪي ضلعو شڪارپور ص - ۸ -

(۲) _____ ايضاً _____ ص - ۹ _____

(۳) _____ ايضاً _____ ص - ۱۰ _____

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 672

۵ - الظهور تفسير سورة النور:[1]

تفسير تي انڪل ۱۰۰ صفحن تي مشتمل هي ڪتاب مولانا عبدالله چانڊيو لکيو آهي، جنهن ۾ قرآن مجيد جي سورهٔ النور جو ترجمو ۽ تفسير ڏنو ويو آهي، جنهن کي مولانا صاحب جي هڪ معتقد نالي غلام رسول بلوچ ادارهٔ اشاعت القرآن ريڙي (تعلقو گمبٽ ضلعو خيرپور ميرس) سال ۱۹۸۰ع ۾ چپائي پڌرو ڪيو.

تفسير جي مقدمي ۾ مولانا صاحب لکي ٿو:

"هيءَ ظاهر عبارت سورة نور جو بيان ۽ شرح آهي، جيئن شيخ محي الدين ابن عربيءَ "تاويل اسرار القرآن" تاليف ڪيو آهي ۽ فرمايو آهي ته هي تفسير نه آهي، چوته تفسير انکي چئبو آهي، جنهن کي شرعي قانون جي حيثيت هجي. هيءَ رڳو تاويل اسرار آهي يعني ان کي صوفيانه توضيحات ۽ تاويلات مڃان منطبق عربي سگهجي ٿو.

اهڙيءَ طرح مولانا عبدالله سورة نور جو عام قانوني تفسير نه ڪيو آهي، پر عربي متن جو حاصل مطلب آهي ۽ تفسير بالراءِ به نه آهي، چوته تفسير بالراءِ جو مطلب آهي ته لغت ۾ آيل لفظن جون معنائون چڏي پنهنجي معنا ڪئي وڃي." (۱)

۱- عبدالله چانڊيو مولانا، "الظهور تفسير سورهٔ نور"، ادارهٔ اشاعت القرآن (ريڙي)، تعلقو گمبٽ، ۱۹۸۰ع مقدمو- ص-۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 673

مولانا صاحب وڌيڪ لکي ٿو:

"هي عبارت جي شرح آهي ۽ نه تفسير تفسيري
من تفسير ۾ جيڪڏهن کا ڳالهه مجتهدن يا محدثن
جي قول جي مخالف نظر اچي ته ان کي انهن جي
مخالف سمجهڻ نه گهرجي". مولانا وڌيڪ لکي ٿو:

"هن تفسير ۾، ترڪيب لغويه جي ما تحت
جيترين به شڪون آهن، اهي کڻن نه کڻن ضمنن
بيان کيون ويون آهن. جنهن کي تفسير بالراء نه چئبو
۽ نه وري مجتهدن ۽ محدثن جي مخالف. پر جيڪي
کجهه هتي لکيو ويو آهي، سو قرآن مجيد جي غير متناهي
علوم مان ثابت ٿيل آهي." (١)

مولانا عبدالله جي ڪيل مقدمي مان ظاهر ٿئي ٿو ته
تفسير لکڻ وقت هن قرآن مجيد جي لفظن جي معنىٰ ۽ ترڪيب جي
پوري پوري تحقيق ڪئي آهي ته جيئن سورة جي معنىٰ ۽ مطلب سمجهڻ
۾ ڪنهن به قسم جو ڪو ابهام نه رهي. مثال طور تفسير جي صفحي
اٺين کان تيرهين تائين سورة جي هن هن آيت يعني الزاني لاينكح....
..... الخ.

ترجمو: زاني، نڪاح به ڪنهن سان نٿو ڪري سگهي، سواءِ زانياڻي زال
يا مشرڪ عورت جي. ۽ اهڙي طرح زانياڻي زال سان به ٻيو ڪوئي نڪاح نٿو
ڪري سگهي، سواءِ زاني يا مشرڪ جي، ۽ هي (يعني اهڙو نڪاح) مسلمانن

---

(١) - عبدالله چانڊيو مولانا، "الظهور تفسير سورة النور"، ادارہ اشاعت القرآن
(پٽي)، تعلقو گمبٽ، ١٩٨٠ع، مقدمو، ص - ٣

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 674

ٿي حرام ڪيو ويو آهي. هن آيت ۾ جيڪي الفاظ جهڙوڪ زاني، نڪاح، شرڪ، حرام وغيره اچن ٿا، تن جي نهايت تفصيل سان وضاحت ڪئي وئي آهي، ۽ مسئلي جون جيترليون به مختلف شڪون آهن، انهن کي بيان ڪيو اٿس. تہ جيئن ان مسئلي ۽ آيت جي حڪم سمجهڻ ۾ ڪنهن قسم جو مونجهارو نہ رهي.

مولانا عبدالله صاحب تفسير جي صفحي ۵۶، تي سورة جي آيت " الله نور السمٰوٰت والارض" (الله زمين ۽ آسمان جو نور (روشني ڏيندڙ) آهي جو تفسير ڪندي لکي ٿو ته

"نور معاف آهي، اتي نور جي معنيٰ حاصل بمصدر يعني روشنائي آهي. نور جي ٻي معنيٰ آهي 'مابه النوريه' يعني اهو ذات جنهن سان نور بالذات قائم آهي، ۽ ايجاد سندس فعلي صفت آهي، تنهن ڪري "الله نور السمٰوٰت والارض" جي معنيٰ ٿيندي الله تعالىٰ آسمان ۽ زمين جو خالق ۽ موجد آهي، ۽ آسمان ۽ زمين کي نور جو وجود عطا ڪندڙ آهي." (۱)

مولانا عبدالله پنهنجي هن تصنيف 'الظهور تفسير سورة نور' جي آخر ۾ سورة ۾ آيل حڪمن جي فهرست ڏني آهي، جنهن مان پڙهندڙ کي هي فائدو رسي ٿو تہ هن سورة ۾ ڪهڙا احڪام آيل آهن ۽ ان سان گڏ سورة ۾ استعمال ٿيل سڀني عربي لفظن جي معنيٰ ٻڌ لکي اٿس. جنهن ڪري سورة جي عبارت جي ترجمي سمجهڻ ۾ ڪا دقت محسوس نہ ٿي ٿئي.

---

(۱) - عبدالله چانڊيو مولانا، "الظهور تفسير سورة النور"، ادارہ اشاعت القرآن (پڙي تعلقو گمبٽ، ۱۹۸۰ع ص. ۵۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 675

شاعري:

مولانا عبدالله چانديو مدرس، مبلغ ۽ مصنف هئڻ سان گڏوگڏ هڪ ڪهنه مشق شاعر به هو. سندس شعر و شاعري بلند پايه جي هئي. مولانا چانديو بنيادي طور تي "مثنوي" جو شاعر ليکيو وڃي ٿو. ان کانسواءِ هن حمد، مولود ۽ ٻين صنفن تي به طبع آزمائي ڪئي آهي. هُو شعر و شاعريءَ جي دنيا ۾ "عبد" جي تخلص سان متعارف ٿيو ۽ نامياري شاعرن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. سندي، عربي ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ سندس ڪلام توحيد، رسالت، انساني محبت ۽ اخلاقيات جي هَلڪ پيش ڪري ٿو. مولانا عبدالله "عبد" چانديءِ جي جوڙيل منظوم ڪتابن جو تعارف هيٺ ڏجي ٿو:-

١

٦- شبنم شريعت:-

مولانا عبدالله چانديءِ جو قلمي ڪتاب "شبنم شريعت" ١٣٧٢ھ ۾ پڙهو ٿيو. اهڙو ذڪر ڪتاب جي آخر ۾ هن ريت ڏنو ويو آهي.

چو دسته بهشت است نام کتاب ز شهد شرح بهست جام کتاب
١٣٧٢ھ
و شبنم شريعت نهم نام او که بالخير گشته است انجام او (١)

ٽيهه صفحن تي فارسيءَ ۾ منظوم ڪتاب ۾ ٻولي دلڪش ۽ جاذب استعمال ڪئي وئي آهي. جن عنوانن کي ڪتاب جي زينت بنايو ويو آهي، تن مان ڪن جي هَلڪ ملاحظه فرمايو:-

---

١- چانديو عبدالله مولوي:- "شبنم شريعت"، فارسي (قلمي) ١٣٧٢ھ/١٩٥٢ع، ص- ٦٣

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 676

الف. توحيد

"هر برڪت پرئي ڪم جو آغاز رب العالمين جي
حمد ۽ سندس پاڪ ذڪر سان شروع ڪرڻ گهرجي".

انحديث شريف جي روشنيءَ ۾ مولانا عبدالله چانڊيو
به پنهنجي ڪتاب جي شروعات ڏئي تعالى جي حمد جي سعادت حاصل
ڪرڻ سان ڪئي آهي. جيئن هو هڪ موحد ديني عالم هو. هن جو ايمان
هوته ڄاڻن جو پالينڌڙ ظاهر ۽ ڳجهه جوڄاڻندڙ ۽ زمين ۽ آسمان جي
سلطنت جو صاحب هڪ ڏئي تعالى آهي. اهڙي هڪ سندس منظوم
ڪتاب مان تحرير ڪجي ٿي:

الهي ڄاڻ آخر بيننده ـ ز ما هرچه پوشيده بيننده
اي ڄاڻن جا جوڙيندڙ الله ـ توڻ اسان جي نظرن کان سموريون شيون کي ڏسندڙ آهين
تو بادشاهي سزد بر جهان ـ که شد زير حڪمت زمين آسمان (۱)
توکي ڄاڻن جي سلطنت سونهين ـ جا کائن جو زمين آسمان تنهنجي ئي حڪم هيٺ آهن.

Gul Hayat Institute

ب. تسليم قدر و قضا

ڏئي تعالى هر چيز جو خالق ۽ مالڪ آهي. سموري ڪائنات
سندس ئي هٿ وس آهي. قدر واري قدر و قضا کي پيدا ضرور ڪيو آهي، مگر
انسان ذات کي مجبور هرگز نه ڪيو آهي. بلڪ کيس عقل فهم ادراڪ ۽ بصيرت عطا
ڪرڻ بعد هر برائي ۽ پلائي کي پرکڻ جو ڪامل اختيار ڏنو آهي.

مولانا عبدالله چانڊيو جيئن ته بنيادي طور هڪ ديني عالم

---

(۱) ـ چانڊيو عبدالله مولوي، "شبنم شريعت" فارسي (قلمي) ۱۳۷۲ھ، ص ـ ۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 677

هوءِ ڪيس پختو يقين هوندو آهي ته فعل الحڪيم لا يخلو عن الحڪمة (حڪمت واري جو هر ڪم حڪمت کان خالي نه هوندو آهي) لهٰذا هن اکيون لوڻي قدر قضا کي تسليم ڪيو ۽ آمنا وصدقنا جو اظهار ڪيو. هو جنهن عقيدت سان تسليم قدر و قضا جو قائل آهي، ان جي هيٺڪ ملاحظه ٿئي :-

خدائيڪه اول دهر آفريد - بقدر و قضا خير و شر آفريد

خدا اهو آهي جنهن اڳيم ئي هيان پيدا ڪيو. من پنهنجي قدرت سان خير ۽ شر جي تقدير کي پيدا ڪيو.

پس انڪار قدر و قضا شد غلط - بتقدير او جز رضا شد غلط (١)

پوءِ ان جي قدر و قضا کي تسليم ڪرڻ کان - ان جي تقدير تي راضي رهڻ کان سواءِ انڪار غلط آهي. زنده رهڻ غلط آهي.

ج - ارڪان اسلام

توحيد جي عقيدي کي تسليم ڪرڻ سان انسان جي اندر جي آڪ ڪُلي پوي ٿي. هو عبادت ۽ رياضت ۾ مصروف رهي حقيقي معبود جي بارگاهه ۾ حاضري ڀري عبديت جو اقرار ۽ عملي زندگيءَ جو آغاز ڪري ٿو. ايماني حرارت حاصل ڪرڻ بعد جيڪي اسلامي رڪن مسلمان ۽ مومن مٿان عائد ٿين ٿا، تن کي مولانا عبدالله منظوم ڪتاب ۾ تحرير ڪندي لکي ٿو ته پهرين رڪن ڪلمه طيب آهي، جيڪو اهم بنيادي رڪن ۽ ٻئي جي حيثيت رکي ٿو. هن دين اسلام کي هڪ وڻ سان تشبيهه ڏيندي لکي ٿو ته ان پاڪ وڻ جي ٽاري آهي نماز، جيڪو ٻيو رڪن سڏيو وڃي ٿو ۽ ان جو تعلق پاڪيزگيءَ تي مبني آهي.

---

(١) - چانڊيو عبدالله مولوي، "شبنم شريعت" فارسي (قلمي). ص - ١٨

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 678

ان سربلند وڻ جي هڪ ٽاري زکوات کي چاڻايو آهي. جيڪا هر موسم ۾ پاڪيزه ۽ تازا ميوا ميسر ڪري ٿي. مولانا عبدالله جونيجو رڪن يعني روزي کي ان وڻ جو خوشبودار گل سڏيو آهي. جيڪو ايماني خوشبو سان معطر آهي. جڏهن ته پنجين رڪن حج کي پڻ سالميٰ وڻ جي گل پوٽي سان تشبيهه ڏني ارڪان اسلام جو رنگين ۽ دل وٺندڙ گلدستو پيش ڪيو آهي. اهڙي حسين ۽ پاڪيزه گلدستي جي جملڪ هيٺ تحرير ڪجي ٿي :-

يڪي ڪلمهٔ طيب آمديد ـ ڪه اورکن اسلام آمد سديد

اهڙن رڪنن مان هڪ آهي ڪلمه طيب ـ جيڪو اسلام جو بنياد ۽ اهم رڪن آهي

ڪه ارتنهٔ او نماز ست شاخ ـ کزين شجرهٔ طيب آمد فراخ

اهڙن مان نماز به هڪ تاريءَ مثل آهي ـ جيڪا پاڪيزه وڻ مان ميسر آهي.

زکواة از همين شجرهٔ سربلند ـ بهر موسمي ميوه آرد پسند

انهيءَ سربلند وڻ مان زکوات به هڪ رڪن آهي ـ جيڪا هر موسم ۾ مفيد ۽ دلپسند ميوا ڏيئي ٿي

بود روزهٔ يک گلے از بهار ـ ازان گل بود بوئي حج الديار (۱)

روزو به هڪ گل آهي بهار جي موسم جو ـ انهيءَ ئي گل جي خوشبوءَ مان حج بيت الله به هڪ رڪن آهي.

Gul Hayat Institute

(د) ڪبيره گناهه

دين اسلام ايمان، اخلاق ۽ انساني محبت جو درس ڏئي ٿو. انسان اخلاق حسنه ۽ اوصاف جميلا سان ئي اشرف المخلوقات جي سعادت ماڻي سربلندي حاصل ڪري سگهي ٿو. مگر جيئن ته شيطان سندس ازلي ۽ ابدي دشمن آهي ۽ هوڇاڪي ٿو ته انسان اهڙا ڪبيره گناهه ڪري جو رحمان کان ناس

---

(۱) ـ چانڊيو عبدالله مولوي: "شبنم شريعت"، فارسي منظوم (قلمي)، ص. ۱۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 679

رسي وڃي. ڪبيرہ گناهن ۾ شرڪ ٻُري بيماري آهي. مشرڪ انسان ڪڏهن
به بخشيو نہ ٿو وڃي. جيستائين هو شرڪ کان باز نہ ٿو اچي ۽ توبہ تائب نہ
ٿو ٿئي.

مولانا عبدالله چانديو شرڪ کي هڪ جيڪار، خطرناڪ
۽ بدترين عمل سڏيندي انسان ذات کي شرڪ کان باز رهڻ جي تلقين ڪندي
نظر اچي ٿو. مثال ملاحظ فرمايو:

ڪبائر بود بے شمار ای پسر - کہ اسلام را ہست زانہا ضرر

اي پٽ ڪبيرہ گناهه تمام گهڻا آهن - جن سان اسلام کي نقصان پهچي ٿو.

ڪبيرہ تر از جملہ و اکبر ست - یکی شرک زینہا یہہ بہ ترست (۱)

سمورا گناه ڪبيرہ ٻُرا آهن - مگر انهن ۾ خدا سان شرڪ ڪرڻ نهايت
بد ترين عمل آهي.

۷- موسن جان (قلمي)

مولانا عبدالله چانديءَ جو ڪتاب "موسن جان در ثنائي
رسول ڪريم محمد صلي الله عليه وسلم" ۳، رجب ۱۳۴۵ھ/۱۹۲۶ع تي ميرزو خان
شهر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ طالب العلميءَ واري زماني ۾ مڪمل ٿيو. فاضل شاعر
پاڻ پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙو انڪشاف ڪيو آهي.

هست ختم ڪتاب ای دلبر - در ثنایش نہ گنجہ ہیں دفتر

(اي دلبر هي ڪتاب ته پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهتو - پر ثنا ۾ جيڪڏهن دفتر پر جن ته به ثنا
جي بيان جو حق ادا ٿي نہ ٿو سگهي.)

---

(۱) - چانديو عبدالله مولانا، "شبنم شريعت فارسي" (قلمي) ۱۳۷۲ھ، ص ۲۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 680

سه صد و الف و چهل پنج شهر - روز دوشنبه تا به جمع بسر

(اهو کتاب ۱۳۴۵ھ ۾ سومرن ۽ جمعي جي ڏينهن دوران پورو ٿيو.)

سويم از رجب تا هفتم داں

وقت طلبم بشهر مـــيروخان (۱)

(اسلامي ستين مهيني رجب جي ٽيٽن تاريخ طالب العلميءَ جي زماني دوران ميروخان شهر ۾ اهو کتاب پورو ٿيو.)

مولانا عبدالله موحد هجڙ سان گڏ هڪ عاشق رسول انسان هو. هُو عشق رسول کي ايمان ۽ نعت رسول کي روح جي راحت سمجهي پيو. "مُونس جان" (روح جي راحت) سمورو کتاب پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي صفت، سراپ، ثناء ۽ واکاڻ سان ڳنڍيو اچي ٿو. بارگاهه رسالت ۾ عقيدت جا گل پيش ڪرڻ کان اڳ هو سحر جي وقت سر بسجود رهي ڏيئي تعالیٰ کان نعت رسول مقبول جوڙڻ جا بابت توفيق ۽ عشق محبت جي امانت جي لاءِ دعا ٿو گهري ته اي منهنجا ربّ! مون کي توفيق ڏي ته تنهنجي محبوب جي تعريف ۾ عقيدت ۽ محبّت جا شعر جوڙي پنهنجي روح کي راحت بخشيان. هو پاڻ پنهنجي کتاب ۾ لکي ٿو ته منهنجي دعا قبول ٿئي ۽ هاتفي آواز آيو ته سردار سڳوري جي ثنا ۾ جيڪو کتاب جوڙين ان جو نالو ئي رکي "مونس جان". سندس اهڙي دعوىٰ جيڪا کتاب جي منڊ ۾ منظوم صورت ۾ قلمبند ڪيل آهي، تنهن جو مثال هيٺ ڏجي ٿو

از خدا خواستم دعا بسحر - کن توانا به لفت آن سرور

صبح صادق وقت خدا تعالیٰ کان دعا گهريم - ته اي مالڪ مونکي سگهه ڏي ته مان سرور عالم صلي الله عليه وسلم جي نعت گايان

---

(۱) - جانبيو عبدالله مولانا، "مونس جان در ثنائي رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم" (قلمي) ۱۳۴۵ھ ص ۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 681

هاتف آواز داد در دل جان ۔ بے شک آن راحت ست مونس جان (۱)

مٺنجي دل ۽ جان ۾ هاتفي (غيبي) آواز آيو.

حمد جو مثال:

"بيا سڀيئي محتاج هڪ الله کا رسائن

خلق ساري ۽ کي آهيان ان جي رهي روئي نيائن

۱- عرش اعظم جا ملائڪ عرش ان جو تاکڻ

دائما در بندگي تسبيح تهليل ونهار

۲- هي سڀيئي حادث اچي ويا حادثات موت ۾

جا کري واجب آهيان امکان لڳ آگر درائن

۳- جا عقل چاهي وهم جا فڪر سارا ويا غلط

"عبد" هڪ الله آڏو آه سجدي کي جوائن" (۲)

مولانا عبدالله "عبد" ڏن حمد ۾ الله تعالى جي وحدانيت ۽ قدر کي بيان کيو آهي. هو چوي ٿو مخلوق کي سرف ان جي آڏو ئي سجدو ڪرڻ گهرجي، ۽ ان جي ئي عبادت ڪرڻ گهرجي، جا کان ٻ عبادت جي لائق صرف الله جي ذات آهي. انسان جو عقل، فڪر ۽ سڀ تدبيرون ان جي قدرت جي آڏو ناقص ۽ هيچ آهن. هي ڪائنات فاني آهي ۽ بقا صرف ان جي ذات کي آهي.

---

(۱) ۔ جا بديو عبدالله مولانا، "موسن جان" "درشنائي رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم (قلمي) ص ۲

(۲) ۔ جا بديو عبدالله مولانا، "عشق احمدي" (مولود شريف) مولوي محمد عظيم ايند سنز تاجران ڪتب شاهي بازار شڪارپور سال ؟ ص ۔ ۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 682

مولود جو مثال:

محبوب خدا هي ماه لقا

هي بدر دجيٰ هي شمس الضحيٰ

تنهنجي منهن جي آسڙ کامست سدا

هي آب هوا هي ارض سما

۱- تنهنجي سخن جي مٽ نه کوآ گوهر

تنهنجي جسم جي مٽ نه کوآ عنصر

تنهنجي پگهر جي مٽ نه کوآ عنبر

ذوالعرش کئي تنهنجي وصف ثنا

۲- هي تارا کتيون هي شمس قمر

خوبان هان حوران دهر

ياقوت لبان معشوق نظر

تفنجا "عبد" غلام نيان نمار[۱]

مولانا عبدالله "عبد" هن مولود ۾ محبوب مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي ثنا کئي آهي. مولانا صاحب کائنات جي هر شيءَ مثلاً سج، چند، تارا، زمين ۽ آسمان وغيره کي پاڻ کريم جن جي شان، حسن ۽ جمال کان گهٽ سمجهي ٿو ۽ پاڻ سڳورن کي مخلوق ۾ سڀ کان افضل برتر ۽ سندس پگهر مبارڪ کي مشڪ ۽ عنبر کان به وڌيڪ سمجهي ٿو. سندس جوٽيل هن مولود مان خبر پوي ٿي ته مولانا "عبد" عشق محمدي ۾ سرشار هو.

۱- چانديو عبدالله مولوي، "عشق احمدي"، مولوي محمد عظيم اينڊ سنز تاجران ڪتب شاهي بازار شڪارپور، سال ؟ ص - ۶ ۽ ۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 683

(الف) سوانح حيات

قاري امان الله ڪربلائي

قاري امان الله ولد محمد اسماعيل عباسيءَ جي ولادت ’محله لاهوري‘ لاڙڪاڻي ۾ سن ۱۳۲۲ھ/۱۹۰۴ع ۾ ٿي. سندس وڏا اصل ڳوٺ ’ڪوٽ چانڊڪا‘ ڀڳ ’هنڙي‘ تعلقي ڏوڪري جا هئا. جتان پوءِ لڏي اچي لاڙڪاڻي جي ’محلي لاهوري‘ ۾ وياٿا.

قاري امان الله ابتدائي تعليم ۾ قرآن ڪريم ناظره پنهنجي وڏن وٽ پڙهيو. تنهن کانپوءِ مدرسه ’حيدري‘ (خيرپور ميرس) جيڪو من وقت ’سلطان المدارس‘ جي نالي سان مشهور آهي، تنهن ۾ داخل ٿيو. جتي عربي فارسي فقه ۽ طب جي تعليم مفتي سيد خادم حسين شاهه وٽ پڙهي سن ۱۳۵۹ھ/۱۹۴۰ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو. سندس تعلق فقه جعفريه سان آهي.

قاري امان الله فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ مرزا عباس علي بيگ جي درخواست تي حيدرآباد جي محلي ’ٽنڈو آغا‘ جي فقه جعفريه جي مسجد ۾ امامت جا فرائض سرانجام ڏنا ۽ ان سان گڏوگڏ هتي قرآن شريف ۽ دينيات جو درس به ڏيندو رهيو. وٽانئس جن شاگردن علمي فيض پرايو، انهن ۾ مرزا فتح علي بيگ، مرزا اسفنديار بيگ، مرزا امام علي بيگ ۽ ٻيا شامل آهن.

قاري امان الله صاحب پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو عرصو حيدرآباد ۾ گذاريو. جنهن کانپوءِ آخري عمر ۾ پنهنجي شهر لاڙڪاڻي ۾ واپس موٽي آيو ۽ لاهوري محلي ۾ درس جاري رکيائين. هتي جن شاگردن

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 684

وڏانئس علمي فيض پرايو. اهڙن ۾ ربنواز خان کلهوڙو (لاهوري محلو لاڙڪاڻو) مولوي خادم حسين گوٽ عمر پيلو تعلقو ٽوڪري ۽ مالستر انور علي عباسي (سندس فرزند) شامل آهن.

قاري امان الله درس تدريس کانسواءِ کجھ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم به ڪيو. جنهن ۾ قرآن شريف جي اردو ترجمي ۽ تفسير تائسنڌي بولي ۾ ترجمو ۽ تفسير، ۽ ڪتاب شهادت نامه امام حسين عليه السلام جي نالي سان (سنڌي ترجمو) ۽ ڪتاب ملاقات حجة عليه السلام سنڌيءَ ۾ تصنيف ڪيو آهي. جيڪو هينئر سندس پوين وٽ محفوظ ڪونه رهيو آهي.

قاري امان الله جو معاشي ذريعو حڪمت ۽ پيش امامت هئي. حڪمت ۽ طب سان سندس دلچسپي هئي. ان کانسواءِ کيس شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سيد ثابت علي شاه (مرثيه گو شاعر) جي ڪلام سان وڏانئن محبت ۽ عقيدت هئي.

قاري صاحب کي اولاد ۾ ٽي نياڻيون ۽ پنج پٽ نالي دلدار علي، سڪندر علي، مختيار علي، انور علي ۽ سردار علي ٿيا.

قاري امان الله صاحب عمر جو وڏو حصو درس تدريس ۾ گذاريو ۽ ۱۹ جنوري ۱۹۹۱ع مطابق ۲ رجب ۱۴۱۱ھ تي ڇنڇر ڏينهن وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه لاهوري محلي لاڙڪاڻي جي قبرستان ۾ آهي. (۱)

---

(۱) هي ۽ معلومات مالستر انور علي (قاري امان الله جو فرزند) کان ۹ فبروري ۱۹۹۱ع تي ورتي ويئي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 685

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

قاري امان الله ڪربلائي درس تدريس ڪانسواءِ ترجمي ۽ تاليف ذريعي به ديني اشاعت ۾ حصو ورتو آهي. هن مولانا حافظ فرمان علي جي ڪيل قرآن مجيد جي اردو ترجمي جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ ان ڪانسواءِ ڪتاب "شهادت نامه امام حسين عليه السلام" (اردو) جو پڻ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. هيٺ ڪيل سندس ٻنهي قلمي ڪاوشن جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

١- قرآن حڪيم (سنڌي ترجمو)

مذهبي ڪتابن ۾ قرآن حڪيم جي ترجمن ۽ تفسيرن بابت بي شمار مواد ملي ٿو. جن علماءِ ڪرام ڪي اهو اعزاز حاصل ٿيو آهي. انهن ۾ اهل تشيعه جو عالم مولانا حافظ فرمان علي پڻ هڪ آهي. هن قرآن شريف جو ترجمو ۽ حاشيه تي مختصر تفسير اردو زبان ۾ ڪيو آهي. جنهن جي افاديت ڪي محسوس ڪندي اهل تشيعه جي عالم، قاري امان الله عباسيءَ ان جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي.

قاري صاحب جي هن ترجمي جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هن صاحب نه فقط ترجمي جو حق ادا ڪيو آهي، بلڪ حاشيه تي ڪيل مختصر تفسير ۾ به نهايت سليس ۽ عام فهم زبان استعمال ڪئي آهي، جنهن ڪري پڙهندڙ ان مان سلوڪ لاب حاصل ڪري ٿو. ڪتاب جي هر هڪ حصي ڪي پورن ٿن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، جنهن مان پهرين حصي ۾ نهايت عمدي تحرير ۾ قرآن حڪيم جي آيتن، پٺي حصي ۾

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 686

ان جولقطي ترجمو ۽ تئين حصي ۾ مختصر تفسير ڏنو ويو آهي، جنهن کي پڙهندڙن کي سڳلئي صفحي تي هڪ ئي وقت آيت، ترجمو ۽ ان جو مختصر تفسير پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ آساني ٿئي ٿي.

هي ترجمو ڪل ۸۸۰ صفحن تي مشتمل آهي. آخري صفحي تي دعاءِ ختم القرآن ڏني ويئي آهي. قرآن حڪيم جو هي ترجمو پير محمد ابراهيم ترسٽ مطبوعات وارن چپائي پڌرو ڪيو آهي.

۲ـ "شهادت نامه" حضرت امام حسين عليه السلام :-

"شهادت نامه" حضرت امام حسين عليه السلام قاري امان الله عباسيءَ بو سنديءَ ۾ ترجمو ٿيل آهي جيڪو ۱۱۲ صفحن تي مشتمل آهي. اصل ۾ هي ڪتاب نثر ۾ ۷۱ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ حضرت امام حسين عليه السلام جي شهادت جو ذڪر آهي. باقي اڻاسي طور صفحي ۷۲ کان ۱۱۲ تائين بزم ماتم جي نالي سان منظوم مرثيا ڏنل آهن، جيڪي سنڌ جي مختلف مرثيه گو شاعرن جي چونڊ مرثين مان منتخب ٿيل آهن، جن جو مرتب مرزا فتح علي بيگ "شاهد" ساڪن ٽنڊو آغا حيدرآباد آهي.

Gul Hayat Institute

هي ڪتاب صداقت بوڪ ڊيپو شاهي بازار حيدرآباد وارن جو سال ۱۹۸۰ع ۾ چاپيل آهي. ڪتاب جو مسودو قاري امان الله صاحب جي پٽ انور علي وٽ موجود آهي

ڪتاب 'شهادت نامه' جو مترجم ڪتاب جي پيش لفظ ۾ لکيو آهي :-

"اصل ۾ هي ڪتاب "سر الشهادتين" جي نالي سان حضرت شاه عبدالعزيز محدث دهلوي جو عربيءَ ۾ تصنيف ٿيل آهي، جنهن ۾ شاه صاحب حضرت امام حسين السلام ۽ سندس شهادت بابت اهم راز ۽ نڪتا بيان ڪيا آهن. ان

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

کانپوءِ انهيءَ عربي کتاب جو ”تحرير الشهادتين“ جي نالي سان فارسي شرح ۽ ترجمو سندس هڪ شاگرد شاه قدرت سلامت الله المتخلص ”کشفي“ ڪيو. وري ان فارسي کتاب جو نثر ۽ نظم ۾ اردو ترجمو مولانا وارث علي ”سيفي“ ۱۲۶۰ھ ۾ ”تقرير الشهادتين“ جي نالي سان ڪيو جيڪو ايترو ته مقبول ٿيو جو ڪانپور (يوپي) ۾ سن ۱۳۱۴ھ ۾ چوڏهن دفعا چپيو.“ (۱)

اهڙيءَ طرح بعد ۾ ان اردو ترجمي تان سنڌيءَ ۾ سال ۱۲-۶-۱۹۶۰ع مطابق ۸ شعبان ۱۳۸۰ھ ۾ ماڪاوڙ ترجمو ”شهادت نامه حضرت امام حُسين عليه السلام“ جي نالي سان قاري امان الله عباسيءَ ڪيو.

قاري امان الله جو هي ترجمو نهايت سليس ۽ سولي ۾ ڪيل آهي جيڪو عام فهم آهي.

---

(۱)- مرتب مرزا فتح علي بيگ ”شهادت نامه حضرت امام حسين“ حيدرآباد ۱۹۸۰ع صداقت بوڪ ڊپو، ص- ۲-۳

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 688

(الف) سوانح حيات.

مولانا تاج محمّد کوکر آريجوي "رضائي"

مولانا تاج محمّد ولد ميان ميرخان کوکر جي ولادت اندازً سن ۱۳۲۳ھ/۱۹۰۴ع ۾ ڳوٺ خيرمحمّد آريجا، [۱] ۾ ٿي هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي. ناظره قرآن مجيد مولانا الهڪيو ميربحر ۽ پوءِ خليفي خدابخش ميربحر وٽ پڙهيو فارسيءَ جي تعليم مولانا قاضي غلام عمر آريجوي وٽ ورتي. پوءِ ڳوٺ لُوڙهي، تعلقي قمبر ۾ مولانا کريمداد وٽ عربيءَ جا شروعاتي سبق پڙهيو. ان کانپوءِ مولانا تاج محمّد، مولانا غلام عمر جلوٽيءَ وٽ ڳوٺ سُوني جلوٽيءَ ۾ پڙهي فارغ التحصيل ٿيو. (۲)

---

[۱] - آريجا ڳوٺ تعلقي ڏوکري لاڙڪاڻي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ ڪيرن عالمن جو استاد گهر آهي. اهڙن عالمن ۾ جيڪي گهڻو مشهور آهن تن ۾ مخدوم مولانا محمّد شهاب الدين مڱريي ڏاهن هڪ روايت هن طرح منسوب ڪئي وئي آهي، يعني هن بزرگ جو ڳوٺ متان ايترو تہ اثر هوند وهوجو، سهو ڳوٺ سندس حڪم هيٺ هلندو هو. مولانا صاحب شريعت جو ايترو تہ پابند هو. جو ڳوٺ جي لنگهن يا مڱٺارن کي دهل وڄائڻ کان منع ڪري چڏي هئائين. تنهن ڪري آريجن جا لنگها پنهنجي ڳوٺ ۾ دهل وغيره نہ وڄائيندا هئا. پر پنهنجي روزگار خاطر ٻين ڳوٺن ۾ شادين مرادين جي موقعي تي دهل وڄائي پيٽ ڀرڻ حاصل ڪندا هئا. مولانا محمّد شهاب الدين جڏهن کنهن به ٻوني سان لنگهن کي دهل وڄائڻ نہ ڏنو تہ هو منجهائس اميد آسرو لاهي ويٺا هئا. تنهن کان پوءِ هيٺيلون پهاڪو مشهور ٿي ويو تہ،

"لاهي ويهم لنگها آريجن مان آسرو.
پني پرائو ڏيهم اچي ڪاءُ آريجن ۾"

(رحمت الله ابڙو ڊاڪٽر، "مولانا غلام عمر جلوٽيءَ، سندس ديني ۽ فقهي خدمتون" ڊي- فل لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، ۱۹۸۲ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو، ص - ۳۸۷

(۲) ايضاً

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 689

مولانا تاج محمّد علمي فراغت کان بعد پنهنجي گوٺ ۾ سن ۱۳۴۷ھ/۱۹۲۸ع ۾ ديني مدرسو قائم ڪيو جنهن جو نالو مدرسه "شمس العلوم" رکيو. چند سال تعليم ڏيئي پوءِ پنهنجي جاءِ تي هڪ طالب العلم محمّد بخش تنئي کي مدرسي ۾ رهائي پاڻ وڌيڪ تعليم پرائڻ لاءِ 'مدرسه اچره' لاهور ويو. اتي ڏيڍ سال رهڻ بعد گوٺ واپس آيو ۽ تعليم زور شور سان ڏيڻ شروع ڪيائين. پنهنجي سيڪان پهرين طالب العلم مولانا عبد الرحمٰن سهڙي ۽ پيو مولانا محمّد اسحاق جني کي دستار بندي ڪرائي پهريون پيرو مدينو پاڪ زيارت حج لاءِ ويو ۽ ان دوران مدينو منوره ۾ دوره حديث ۽ دوره قرآن پڙهيائين .(۱) ان جو ثبوت اسانکي مولانا صاحب جي چپايل هڪ اشتهار مان به ملي ٿو، مولانا تاج محمّد ان اشتهار ۾ چاڻايو آهي تہ،

"مون علم قرأت ۽ رساله 'شاطبيه'، 'منح الفكريه'، ۽ شرح رساله 'جزريه' مدينو منوره ۾ شيخ القراء مولانا مسن شاعر کان پڙهيو آهي. جنهن وٽ سنڌ جو مشهور قاري محمّد صاحب ميهڙ واروپڙ پڙهيو آهي ۽ مڪي شريف ۾ قرأت جي پڙهائڻ وارا منهنجا ئي استاد آهن. هڪ شيخ القرآء احمد حجازي ٻيو شيخ القرآء ابراهيم تڪروني ۽ ٽيون شيخ القرآء عبد الصمد حلوي شامل آهن." (۲)

حرمين شريفين ۾ به حج پڙهي وطن واپس اچي وري درس تدريس جو ڪم شروع ڪيائين. ان کان بعد سال ۾ رهي وري ٻيون ڏهه حج ٿي ويو. ان وچ ۾ اندازاً ٽي سال

---

(۱) ـ رحمت الله ابڙو ڊاڪٽر، "مولانا غلام عمر جتوئي ۽ سنڌ ۾ ديني ۽ فقهي خدمتون" تحقيقي مقالو، ۱۹۸۲ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو، ص ـ ۳۷۹

(۲) ـ اشتهار مولانا تاج محمّد آريجوي. ازمدرسه آريجه، "طالب العلمن کي خوشخبري شهر آريجه ۾ قرآن شريف، فارسيءَ ۽ عربيءَ جو جلد پڙهڻ"، ۲۶ شعبان ۱۳۸۱ھ/ ۱۹۶۲ع، آفتاب پريس لاڙڪاڻو. اصل ڪاپي گوٺ آريجه ۾ سندس فرزند ڪرم الله وٽ موجود آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 690

(سواءِ تعليم ۽ شرعي مسائل جي) گالهائڙ بند رکيائين. کنهن سان به گالهائڻو هوندو هيسٿ سليٽ تي لکي احوال پڇندو هو. اهڙيءَ دوران سانوڻ سياري روزي سان به رهندو هو. بهرحال ٿيئن حج تان واپسيءَ بعد مڪمل تعليم ڏيڻ ۾ مشغول رهيو.(۱)

مولانا تاج محمّد طالب العلمي جي زماني کان ونڊي ذهين ۽ هوشيار هوندو هو ان سلسلي ۾ حافظ محمّد بچل ميمڻ هن طرح روايت ڪري ٿو:-

"سبق پڙهڻ دوران تاج محمّد استاد محترم مولانا غلام عمر جتوئي کان ڪيترائي پيچيده سوال پڇندو هو ۽ مولانا غلام عمر صاحب فرمائيندو هوندو هو "هن طالب العلمڙ منهنجو هوش کولي ڇڏيو آهي" مولانا تاج محمّد کي طالب العلمي واري دور ۾ مطالعي ڪرڻ جو به ڏاڍو شوق هوندو هو. سڄو ڏينهن پيو مطالعو ڪندو هو. جڏهن به ڪٿي پر مولانا ڪتابن مان منهن ٻاهر نه ڪيندو هو تنهنڪري استاد سائين مولانا غلام عمر فرمائيندو هوندو هو ته اسان جو ڪم هي شاگرد ڪندو ۽ اسان جو نالو روشن ڪندو.(۲)

مولانا تاج محمّد سچ پچ ته استاد جو خواب سچو ڪري ڏيکاريو. جاکاڙ ته پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ڪراچيءَ جي مهاجر عالمن کي اندرون سنڌ جي عالمن سان متعارف ڪرايو. هن انهن عالمن کي ان دور جي جيّد عالم ۽ پنهنجي استاد مولانا غلام عمر جتوئي جي علمي خدمتن کان واقف ڪيو. مولانا تاج محمّد ڪراچيءَ ۾ رهندڙ ڪن عالمن جي تحريرن جا رد لکيا.

---

(۱) ـ مولانا تاج محمّد جي پاڻ مولانا امير بخش کان ورتل انٽرويو.

[۲] ـ حافظ محمد بچل ميمڻ ويٽل گوٺ سونو جتوئي، مولانا تاج محمّد جو هم مڪتب هو، ان کان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 691

اهڑيءَ طرح هن مولانا احتشام الحق تانوي ۽ مولانا مفتي محمّد شفيع سان ڪجهه فروعي اختلافي مسئلن تي ڏي وٺ ڪئي. (۱)

مولانا تاج محمّد وٽان ڪيترائي شاگرد فارغ التحصيل تي نڪتا، جن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:-

مولانا حاجي عبدالرحمٰن سيهڙو، هن سموري تعليم مولانا صاحب وٽ پرائي، پوءِ ڪجهه وقت ڳوٺ 'همايون' ضلع شڪارپور ۾ ۽ ان کانپوءِ گڙهي خيري' (بلوچستان) ۾ پڙهائيندو رهيو. مولانا محمّد اسحاق چانڊ، جيڪو سالن کان وٺي مسجد هيد ڪوارٽرس لاڙڪاڻي ۾ پيش امام آهي ۽ مسجد سان لڳ هڪ ننڍي مدرسو به اٿس، مولانا امير بخش لوڪر سندس پاڻ، مولانا عزيزالله سندس سؤٽ، مولانا عبدالصمد ميتلو. هن مختلف مدرسن ۾ درس ڏنو. هڙوڪ ڳوٺ امين ٽڻ ۽ لاڙڪاڻي شهر جي 'جيلاني مدرسي' ۾ مدرس تي رهيو، مولوي غلام محمّد پٽوٽ ڳوٺ 'آبڙي' (تعلقو قنبر) ۾ پيش امام آهي، مولوي محمّد قاسم ڪلهوڙو ڳوٺ 'ڪنڊو ديرو'، مولوي محمّد صالح پٽو نعيمي حال خطيب قائم شاهه بخاري مسجد لاڙڪاڻو، مولانا شفيع محمّد پيرزادو ڳوٺ 'وڪڙا' هي به پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرس آهي، مولوي محمّد چنڊ ابڙو اصل ڳوٺ 'سهڙا' پر پوءِ آريجن ۾ اچي ويٺو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين ۽ ماسٽر الهداد ڪلهوڙو جيڪو 'شرح جامي' ۽ صحيح بخاري' تائين وٺس پڙهيو، مولوي محمّد سليمان ڀاڳهيو ڳوٺ 'ڪارائٽي' تعلقو ڏوڪري، مولوي محمّد ابراهيم چانڊ ڳوٺ 'سڳيون' ضلع خيرپور ميرس، مولوي

۱- رحمت الله ابڙو ڊاڪٽر، "مولانا غلام عمر جلوٽيءَ سندس ديني ۽ فقهي خدمتون" ڏي، فل لاءِ لکيل مقالو، ۱۹۸۲ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو ص - ۳۷۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 692

محمّد صالح چنو ضلعو خيرپور ۽ حاجي محمّد بخش آريجو گوٺ خير محمّد آريجا.(۱)

مولانا تاج محمّد درس تدريس کانسواءِ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم به ڪيو جن ۾ 'نورالبصر' (قلمي) سندي هوليءَ ۾ ۽ هيو 'سيف الرسول صلي الله عليه وآله وسلم' (قلمي) عربيءَ ۾ هڪ رسالو 'فيض روضي دٽي' (قلمي) (جنهن ۾ راشدي خاندان جي تاريخ، حسب نسب ۽ قادري طريقي جو سلسلو تفصيل سان بيان ڪيو آهي) 'تحفه حسيني' (هن ۾ ڪاري ڪاريءَ جي سزا بابت تحقيق رشوت جي برائي ۽ بي انصافي وغيره جي برائين کان منع ڪيل آهي) 'تاج الفتوىٰ' (سندس فتوائن جو ٽن جلدن ۾ مجموعو) 'رهنماءِ عربي'، 'رهبر فارسي' ۽ مولانا محمّد قاسم مشوري جي ڏنل فتوىٰ جي جواب ۾ هڪ نندڙو رسالو ڪيو، جنهن ۾ 'مهوال نالي هڪ چرئي شخص جي پنهنجي زال کي طلاق جي جواز ۽ عدم جواز تي بحث ٿيل آهي. (۲)

مولانا تاج محمّد وٽ هڪ سارو ڪتب خانو پڻ موجود هو. سندس ڪتب خاني ۾ ڪيترائي قديم قلمي خواهه چپيل ڪتاب موجود هئا. انهن ۾ هڪ تفسير سن ۷۳۰ھ جو پڻ چپيل آهي، جنهن جو نالو تفسير 'غرائب القرآن الحسن بن محمّد القمي النيشاپوري' آهي. (۳)

Gul Hayat Institute

مولانا تاج محمّد مناظر به هو. هن پنهنجي استاد مولانا غلام عمر سان گڏ اٺن جلسن ۾ شرڪت ڪئي هئي. گوٺ 'جندي ديرو' ضلعي شڪارپور ۾ مولانا محمّد مبارڪ

---

(۱) - مولانا تاج محمّد جي شاگرد ۽ گوٺائي حاجي محمّد بخش آريجو (عمر ست سال) کان ۸۹-۹-۱ تي ورتل انٽرويو.

(۲) - مولانا جي پٽ مولوي ڪرم الله کان ۸۹-۹-۱ تي ورتل انٽرويو.

(۳) - مولانا تاج محمّد جي فرزند مولوي ڪرم الله کان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 693

پوءِ سندس پٽ مولانا جان محمد پاڻ جي وچ ۾ ٽيل مناظري ۾ مولانا تاج محمد
به شريڪ ٿيو هو اهڙي طرح لاڙڪاڻي شهر لڳ ڳوٺ 'نظر' ۾ جيڪو شيعه سني مناظرو
ٿيو هو ان ۾ به شرڪت ڪئي هئي. (١)

مولانا صاحب هڪ وڏو عالم ۽ زاهد شخص به هو سندس دعا ڏٺي ويندي هئي
هئي. ان ڪري ونس ماڻهن جي اڄ وچ گهٽي هوندي هئي. سن ١٩٥٧-٥٨ع ڏاران
سنڌ ۾ فصل ڪي جيت لڳو به ٽي سال فصل نه ٿيڻ ڪري ڏڪار جهڙي صورت پيدا ٿي
ماڻهو ڏاڍا پريشان ٿيا. ان مصيبت جي وقت ۾ مولانا تاج محمد لاڙڪاڻي ضلعي جي
مختلف گوٺن جهڙوڪ ڳوٺ آريجا، 'واسوڪا موڙو' تعلقه وارهه، خيرپور جوسو تعلقه قمبر،
لاڙڪاڻو ۽ قنبر وغيره ۾ توڙ نماز پڙهايائين

مولانا تاج محمد جي شخصيت ۽ وعظ نصيحت ۾ اثر هوندو هو. سندس هٿ
ٿي ڪيترائي هندو مسلمان ٿيا. جن کي سنجوڳي شيخ ڪري سڏ بو آهي. انهن ۾
بازيگر، باگڙي، سِک ۽ ڏ ۽ بالا شامل آهن. (٢) مولانا تاج محمد ڪرامت وارو بزرگ به هو. [٣]

---

(١) - رحمت الله ابڙو واڪنر، "مولانا غلام عمر جتوئي، سندس علمي ۽ فقهي خدمتون،" ڊي-فل
لاءِ ڪليل تحقيقي مقالو ١٩٨٢ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو ص - ٣٨٩

(٢) - مولانا تاج محمد جي شاگرد ۽ گوٺائي حاجي محمد بخش آريجي کان ورتل انٽرويو.

[٣] - مولانا تاج محمد جي هڪ مشهور ڪرامت هيءَ آهي ته ڳوٺ آريجا ۾ ماڻهو ڏاندن
جي ڳوءِ پهچائيندا هئا. هڪ دفعي مولانا صاحب اتي وڃي ڪين منع ڪئي پر ماڻهو ڪونه
مڙيا. مولانا صاحب پنهنجي لٺ جي چنهب زمين ۾ ڪوڙي چيائين ته جيڪڏهن اوهين نه مڙيا
ته اوهانکي نقصان پهچندو. پر ماڻهو تڏهن به نه مڙيا ۽ گوءِ پهچايائون. قدرت الله جي
ڏسو جو جنهن جاءِ تي مولانا صاحب پنهنجي عصا جي نوڪ سان نشان ڪيو هو، عين
اهڙي ڄاءِ تي اهو شخص جنهن ڳوٺ مٿي ٻڌي ڪيو ۽ گستاخانه نموني پيش آيو هو،
جنهن جو نالو ڪوڙو پٽ ڳلڙ ذات سنديلو ويندل ڳوٺ مُهراب سنديلو ڏاندن
جي ٽڪر سبب مري ويو. ان واقعي کان پوءِ ماڻهو سندن بدعا کان ڊڄندا
هئا. (مولانا تاج محمد جي شاگرد ۽ گوٺائي حاجي محمد بخش آريجي کان ٨٩-٩-١
تي ورتل انٽرويو.)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 694

پاڙھ ڪ سنڌي شاعر به هو، سندس تخلص "رضائي" هو. هن عربي فارسي ۽ سنڌي زبان ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. پاڻ حجاز مقدس مان جيڪي خط وغيره موڪليندو هو سي به اڪثر ڪري شعر ۾ لکندو هو. علم طب کان به سڌو واقف هو.

مولانا صاحب کي اولاد ۾ ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي. پٽن ۾ نورالله، نصرالله ۽ مولوي ڪرم الله درس نظاميءَ جو نصاب مولانا هدايت الله آريجي وٽ گوٺ آريجن ۾ پڙهيو ۽ انتي دستار بندي ڪرائين. مولانا تاج محمد سڄي جمار ديني خدمت ۾ گذاري ۱۳ ذوالقعده سومر ڏينهن سن ۱۳۸۲ھ/۱۹۶۳ع ۾ وفات ڪرائين. سندس آخري آرامگاهه گوٺ جي جامع مسجد ۽ سندس قائم ڪيل مدرسي سان لڳ آهي. سندس مزار مخدوم محمد شهاب الدين مگرٻي جي مزار سان گڏ آهي. ٻنهي بزرگن جي قبرن متان شهر جي هڪ مخير زميندار رسول بخش ولد ميان محمد صديق آريجوءَ هڪ عاليشان قبو ٺهرايو آهي. (۱)

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا تاج محمد "رضائي" آريجوي سموري زندگي درس تدريس، ديني تبليغ، انساني خدمت، عبادت ۽ رياضت ۾ گذاري. پاڻ ڪيترائي ديني عالم پيدا ڪرائين ۽ ڪيترن ئي غير مسلم ماڻهن کي ڪلمهٔ توحيد پڙهائي مسلمان بنايائين.

مولانا "رضائي" بنيادي طور تي هڪ فقيه ديني عالم هو. انسان ذات سان لاڳو مسئلن بابت جيڪي تحريرون ۽ فتوائون جاري ڪرائين سي قرآن مجيد ۽ نبوي حديث جي عين مطابق آهن. ديني مسئلن جي استفتاء جي سلسلي ۾ هو هڪ نهايت وسيع القلب انسان هو. اهو ئي سبب هيو جو سندس جاري ڪيل فتوائن ۽ تحريرن تي هند سنڌ بالخصوص عربستان جي مقتدر ديني عالمن فقيهن ۽ تحريري فن جي ماهرن

---

(۱) - مولانا تاج محمد جي فرزند مولوي ڪرم الله حاجي محمد بخش آريجي کان ۹/۸۹ اتي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 695

جا دستخط موجود آهن.

مولانا تاج محمّد جي هم عصر ديني عالمن ۽ تَرَجي روحاني بزرگن ۽ ديني عالم مولانا مفتي محمّد قاسم مشوري جو خاص طور تي ذڪر اچي ٿو جنهن سان استفتاء جي سلسلي ۾ سندس چنا پيتي جو زور رهيو ۽ ڪيترن ئي هندن تي پڻ مناظرو ڪيائون.

مولانا تاج محمّد جيڪي فتوائون ۽ تحريرون جاري ڪيون تن مان ڪن ملڪيه فتوائن ۽ تحريرن جي هيٺ ڏجي ٿي:-

فاضل فقيه قلمي ڪتاب " ترتيب الاقوال في تردید طلا مهوال" جي حوالي سان ڪي ماڻهو ميان قادر بخش خان تنيه جو خط ڪڍي وٺن پهتا ته "مهوال" نالي هڪ شخص جي طلاق پوڻ جي فتوىٰ جاري ڪئي وڃي. مولانا تاج محمّد مهوال بابت مڪمل معلومات حاصل ڪرڻ بعد ان نتيجي تي پهتو ته مهوال صفا چريو نه آهي بلڪ هو ڪڏهن جنون جي حالت ۾ آهي ته ڪڏهن اڻپوري هوش عقل جي حالت ۾ پڙ، جنهن کي عربي ٻوليءَ ۾ "معتوه" سڏيو وڃي ٿو. معتوه غير عاقل ٻار جي حيثيت رکي ٿو جهڙي طرح صغير ٻار اگرچه عقل مند هجي ته به ان جي طلاق قابل قبول نه آهي ته اهڙي طرح معتوه جي طلاق ڪي به ناجائز قرار ڏنو ويو آهي. مولانا "رضائي" ان سلسلي ۾ جن ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن تن ۾ "رد المحتار"، "الهدايه"، "شامي"، "نور الانوار" قابل ذڪر آهن. مولانا جي جاري ڪيل فتوىٰ مان عربي متن جي هيٺ ڏجي ٿي.

حاصل العبارات الباهرات والادلة الظاهرات ان المعالة المذكورة لسته باغماء بل الرجل المذكور معتوه والمعتوه البالغ بوجدان ان علامات الصبي العاقل المميّز لا يصير كامل العقل كالعاقل البالغ الّا باحد ثلاثة اشياء والّا كما مرّ بل بوجدان علامات الصبي العاقل صار بمنزلة الصبي العاقل وهٰذا هو المعتوه وحكمه المعتوه

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 696

حكمه الصبيّ العاقل فلا يصح طلاق الرّجل المعتوه المذكر كما لا يصح طلاق الصبيّ العاقل.(١)

مهوال بابت طلاق نه پوڻ جي تائيد ۾ علامه غلام سرور مهاجر المدني لکي ٿو ته:

"اطلعت على هذه الفتوى فوجد تها مطابقة للمذهب الحنفي".(٢)

(مون هن فتوىٰ جو مطالعو ڪيو ۽ ان فتوىٰ کي فقه حنفي مطابق ڄاتو.)

سائين ربيت علامه محمد سلطان المدني پڻ تائيد ڪندي نظر اچي ٿو: هو ان سلسلي ۾ لکي ٿو: الجواب صحيح والفتوىٰ موافقة للمذهب الحنفي.(٣)

(جواب درست آهي ۽ فقه جي موافق آهي.)

ان کان علاوه علامه عبدالقادر الغاني ساڪن مدينه منوره فتوىٰ ۾ آندل عربي عبارت موجب هن طرح رقمطراز آهي:

قد طالعت بعض عبارات الشامي فوجد تها موافقة لهذا العبارت المكتوبة هنا فهذا يصلح للفتوىٰ.(٤)

(مون شامي جون ڪي عبارتون پڙهيون منهنجي نظر ۾ اهي عبارتون جيڪي هت ڏنيون ويون آهن سي يقيناً موافقت جي حيثيت رکن ٿيون ۽ اهڙا فتوىٰ بلڪل صحيح آهي.)

"سيف الرسول" (عربيءَ جو مصنف مولانا تاج محمد آريجائي ڪتاب جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته مولوي امان الله طرفان اعتراض جوگا ڪجهه سوال منهنجي نظر ڪان

---

(١) ـ رضائي تاج محمد مولوي آريجوي، تاج الفتوىٰ (قلمي ـ عربي)، سال ؟ ص ـ ٥، ٦

(٢) ـ _____ ايضاً _____ ص ـ ٦ _____

(٣) ـ _____ ايضاً _____ ص ـ ٦ _____

(٤) ـ _____ ايضاً _____ ص ـ ٦ _____

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 697

گفريا انهن سوالن جي جوابن کي ڪتاب جي صورت ۾ آڻي "سيف الرسول" جي نالي سان منظر عام تي آندم. ان مقدمي جي عربي عبارت هن ريت آهي:-

اما بعد فيقول خادم العلام تاج محمد المحمدي المدني سلم الله التي قد وصل الي من المولوى امان الله بعض الاعتراضات في صورت السوالات والجوابات اعاذنا الله من الآفات فشرعت في الجواب بعون الله الوهاب وهو الهادى الى الصواب واليه المرجع والمآب وسميته بسيف الرسول اعطاه الله شرف القبول." (١)

سيف الرسول ۾ مولوي امان الله طرفان پهرئين سوال ڪوله اما الاول فلان الخطاب والنداء لا يجوز (بيشڪ مخاطب ٿيڻ يا سڏڻ ناجائز آهي) جي جواب ۾ مولانا تاج محمد "سنن ابن ماجه جي حوالي سان عثمان بن حنيف جي روايت نقل ڪندي لکي ويو ته پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم کي حاضر جاڻي سائن مخاطب ٿيڻ يا ڪين سڏڻ شرڪ ۽ ڪفر کان خالي آهي.

مثال طور عربي متن ملاحظه فرمايو:

"اقول متمسكا بذيل الرسول يجوز احضار النبى صلى الله عليه وسلم وخطابه ونداؤه لا شرك فيه ولا كفر كما فى سنن ابن ماجه عن عثمان بن حنيف" (٢)

متي جاڻايل فتوى جي دليل ۾ رسالي "آئينه حق" ۾ شايع ٿيل مولانا عبدالڪريم

---

(١) - رضائي تاج محمد مولوى المحمدى المدنى: سيف الرسول (قلمي) ١٩٤١ع مقدمو

(٢) ـــــــ ايضاً ـــــــ ص ـ ٢ ـــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 698

چشتي شڪارپوري جو اقرار نامو ڏنو آهي جيڪو هن ريت آهي:-

« وقد اقرّ المولوي عبد الكريم الجشتي الشكارفوري بجواز الصلوٰة والسّلام عليك يارسول الله وبجواز النداء والخطاب كما قال في الرسالة المسمات بآئينهٔ حق » (۱)

ترجمو: بيشڪ مولوي عبدالڪريم چشتي شڪارپوري الصلوٰة والسّلام عليك يارسول الله سڏڻ ۽ مخاطب ٿيڻ جي جواز جو اقرار ڪيو آهي.

مولانا رضائي جي ڪتاب "سيف الرّسول" جي تائيد ۾ مولانا صاحبداد سلطان ڪوٽي مولانا محمّد ابراهيم ياسيني ۽ مولانا نجم الدين يا سيني جا دستخط مهر موجود آهن. (۲).

"نور البصر" (سندي) جي مقدمي ۾ مولانا تاج محمّد آريجوي لکي ٿو ته:-

لاڙڪاڻي جي ماهوار جلسي ۾ مولانا محمّد سليمان واعظ الاسلام، مولانا ميان قمر الدين، مولانا ميان عبدالله، مولانا ميان عبداللطيف مولانا ميان ڪريم بخش، مولانا ميان عبدالرحمان، علامهٔ دهر حافظ ميان حبيب الله مولانا محترم ميان حاجي خوش محمّد ميروخاني ۽ فاضل ديوبند مولوي ميان عبدالله جن سان گڏ امير جي تقرير ٻڌڻ جو موقعو مليو. تقرير دوران امير قرآن مجيد جي آيت " وما يستوى الاحياء ولا الاموات " جي اصلي صحيح معنىٰ ۽ مطلب کي چيو ۽ وجهي ۽ پنج ڪهڙ ڪري هڙادو غلط معنىٰ ۽ مطلب وٺڻ لڳو. ولين جي مذمت ۽ شڪايت ۾

---

(۱) - "رضائي" تاج محمّد مولوي المحمدي المدني. سيف الرّسول (قلمي) ۱۹۴۱ع ص - ۴

(۲) ——— ايضاً ——— ص - ۲۵ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 699

مطلب بيان ڪرڻ شروع ڪيائين تہ اهي هرطرح مري ويا آهن ۽ انهن مان ڪوفائدو نہ ڇهيچندو ۽ اهي جيئرن واڱر هرگز نٿي نہ سگهندا." (١)

پوءِ گهريم تہ انهيءَ آيت شريف جو صحيح مطلب پڙ تفسيرن مان رسالي جي صورت ۾ گولي ڏکان. انهن ٻنن اکرن جو نالو "نورالبصر" رکيم. (٢)

سماع الموتیٰ جي موضوع تي لکيل رسالي "نورالبصر" مان ڪي سوالهيٺ تحريرڪجن ٿا:

حضرت ابن عمر رضہ جو پير ۽ حضرت ابن العاص جو پير هلڻ کان ڏرو ٿي پيو هو پوءِ "يا محمّد" ياوري "يا محمّداه" چيائون تہ پير جي درائپ ڇڏي وين ۽ يڪدم گهمڻ لڳا ۽ اهڙي طرح حضرت ابن عباس رضی اللہ عنہ جي اڳيان هڪ ٻئي ماڻهوءَ جو پير هلڻ کان ڏرو ٿي پيو حضرت ابن عباس ان شخص کي چيو تہ پياري پيغمبر عليہ السلام کي ياد ڪر ۽ سڏ ڪر پوءِ هن وٽي "يا محمّد" جي سهٽي لفظ سان سڏ ڪيو تہ پير جي درائپ ۽ سُستي ڇڏي ويس.

"كما في الفتاوىٰ القاسميہ عن ابی سعيد قال كنت امشی مع ابن عمر رضی اللہ تعالیٰ عنهما فحدرت رجله فجلس فقال له رجل اذكر احب الناس اليك فقال يا محمّداه فقام فمشیٰ" (٣)

ڪتاب جي پڇاڻيءَ ۾ مولانا تاج محمّد آريجوي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي هن طرح رقمطراز آهي:

---

(١) - "رمنائي" تاج محمّد مولوي: نورالبصر (قلمي) سال ؟ ص. ص ٢ - ٣

(٢) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ ص - ٣ ـــــــــ

(٣) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ ص. ص ٤٠ ۽ ٤١ ـــــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 700

"حاصل مطلب تہ يارسول الله، يامحمد، يانبي الله، ياحبيب الله، يارحمة اللعلمين، يا اكرم الثقلين، جو چوڻ جائز آهي، جيئن تہ اهي سڌا لفظ امام بخاري رحمة الله عليه صحيح بخاري ۾ ملا علي قاري رحمت الله عليه جي تصنيفات ۾ آيل آهن ۽ حضرت قطب الاقطاب پيران پير رحمت الله عليه ۽ مولانا جامي عليه الرحمة ۽ حضرت شاه ولي الله رحمت الله عليه ۽ بيبي صفيه رضي الله تعالى عنها ۽ حضرت امام ابوحنيفه رحمت الله عليه ۽ حضرت امام زين العابدين رضي الله تعالى عنه ۽ تفسير صاوي ۾ پڻ اهي سڌا لفظ آيل آهن ۽ الهن سڌن لفظن سان حضور پرنور صلى الله عليه وسلم جي اڳيان پڌنجي فرياد پيش ڪئي وئي آهي ۽ انهن سڌن لفظن سان ندا ڪئي وئي آهي. هاڻي هدايت تہ اهي سڀ بزرگ الهن سڌن لفظن چوڻ سان ڪافر ۽ مشرڪ ٿي ويا. ڏيئي تعالى اسان سڀني کي هدايت ڪري." (١)

"نورالبصر" جي تائيد ۾ مولانا غلام محمد سولو جلوئي مولانا محمد عالم ملوي، مولانا مفتي محمد قاسم مشوري ۽ مولانا غلام مجدد سرهندي جن پنهنجا راءِ يا قلمبند ڪيا آهن.

مذڪوره ديني عالمن جي اتفاق راءِ مان معلوم ٿئي ٿو تہ رسالو "نورالبصر" بي نظير، بي مثال، سيف المقلدين على اعناق المنكرين ۽ حقانيت تي مبني آهي. (٢)

---

(١) - "رضائي" تاج محمد مولانا: نورالبصر (قلمي) سال ؟ ص ٤٣

(٢) ـــــــــ ايضاً ـــــــــ ص.ص - ٤٣-٤٤ ۽ ٤٥ ـــــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(الف) سوانح حيات.

مولانا غلام رسول بهتيال

مولانا غلام رسول ولد محمد عثمان بهتيال

جي ولادت ڳوٺ عالمائي تعلقي ڏوكريءَ ۾ سن ١٣٢٣ھ مطابق ١٥ جولاءِ ١٩٠٥ع ۾ ٿي. پرائمري تعليم ماسٽر يار محمد كوناڻيءَ وٽ ۽ فارسيءَ جي تعليم مولوي الله بخش كوهاري وٽ ورتائين. ان كانپوءِ عربيءَ جي تعليم مولانا عبدالكريم ديرويءَ (تعلقو ميهڙ) وٽان پرائي علمي فراغت حاصل كيائين.

مولانا غلام رسول علمي فراغت كان بعد مختلف شهرن ۽ ڳوٺن جي ديني مدرسن ۽ مسجدن ۾ ديني درس ڏنو جن ۾ ڳوٺ كنياڻ، نزديك ٽنڈو جام ضلعو حيدرآباد، ڳوٺ علي محمد سمون، نزديك پيٽارو ضلعو دادو، ڳوٺ عمراڻي، تعلقو لاڑكانو، ان كانپوءِ دادو شهر ۾ كجهه وقت پرائمري استاد به ٿي رهيو، پر انگريزن جي دور حكومت ۾ هليل عدم تعاون تحريك ۾ سركاري ملازمت تان استعيفا ڏنائين.

مولانا غلام رسول وري آڻي كانپوءِ سن ١٩٤٨ع ۾ ڳوٺان چڏي اچي لاڑكاڻي شهر ۾ ويلو. لاڑكاڻي ۾ اچڻ كان پوءِ كليكٽري مسجد، پوليس هيڊ كوارٽر مسجد ۽ آخر ۾ لوهار مسجد ۾ پيش امام ۽ خطيب ٿي رهيو.

مولانا صاحب وٽان كيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو جن مان كجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 702

عبدالحق جتيال گوٺ ملاڻا تعلقو ڏوکري.

الله ڪيو جوٽيجو ٻويهون، تعلقو ڏوکري، محمد بگهيو ڪارائي گوٺ، تعلقو ڏوکري، محمد صالح سوهو تعلقو وارهه، گل حسن چانو (سي ايس پي آفيسر ونس قرآن حڪيم جو ترجمو پڙهيلو) ۽ سندس پاءُ محمد ۽ ٻيا شامل آهن.

مولانا صاحب جي هم عصر عالمن ۾ مولانا مير محمد نورنگي، مولانا محمد عظيم شيدا، سولنگي، مولانا محمد ابراهيم جمالي، مولانا شفيق احمد پٺاڻ، مولانا قاسم مشوري، مولانا ثناءالله ثنائي، مولانا تاج محمد ڪوڪر، مولانا عطا محمد سومرو نصيرآبادي، مولانا عبدالحليم هڙڙو ۽ مولوي جان محمد وگڙ قابل ذڪر آهن.

مولانا غلام رسول ڪجهه تصنيف تاليف به ڪئي، جنهن ۾ "چهل حديث" (قلمي) شامل آهي. سندس هن تصنيف ۾ چاليهن حديثن جو ترجمو ۽ تشريح ڏنل آهي، پر سندس هيءُ قلمي ڪاوش پوين وٽ محفوظ نه رهي سگهي آهي

مولانا صاحب کي اولاد ۾ چار نياڻيون ۽ ٻه پٽ نالي عبدالنصير (مرحوم) ۽ عبدالقادر ٿيا. عبدالقادر هينئر هاءِ اسڪول ۾ استاد آهي.

مولانا صاحب سڄي عمر درس تدريس ۽ تبليغ ۾ گذاري آخر ڏاڙ سن ھ/ ع ۾ وفات ڪيائين.

---

(١) مٽيون احوال فقد جتيال عمر ٨٠ سال ساڪن گوٺ عالماڻي (مولانا غلام رسول جو پاءُ) ڪان ٧ نومبر ١٩٨٩ع تي انٽرويو ذريعي ورتو ويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 703

(الف) سوانح حيات

مولانا حكيم محمّد نواز سيٹار

مولانا محمد نواز ولد غلام محمد سيٹار جي ولادت سن /١٩٠٥ع ڌاران ڳوٺ "مبارڪ ڪلهوڙي" تعلقي ميرپورخاص ۾ ٿي. مولانا صاحب سموري ديني تعليم ۽ طب جو علم مولانا خوش محمد ميرپورخاني کان حاصل ڪري سن /١٩٣٥ع ۾ دستار بندي ڪئي.

مولانا محمد نواز سان جيڪي عالم گڏ پڙهيا اهن ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي [١]، مولانا عبدالله چانڊيو، مولوي علي انور تنيو، مولانا عبدالعزيز پانهوي ۽ مولانا شاه محمد هڪڙو قابل ذڪر آهن. (٢)

مولانا محمد نواز علمي فراغت ڪانپوء درسرتدريس جو سلسلو شروع ڪيو. ١٩٦٢ع کان ونڊي مستقل طور شهدادڪوٽ ۾ رهڻ لڳو. پراڻي سبزي منڊيءَ ۾ سندس دواخانو هو. جيڪو عملي طور درسگاهه هو. مولانا مرحوم ڪيي درس نظاميءَ ٿي علوم حاصل هو. خاص طرح تفسير، حديث ۽ صرف ونحو پڙهائڻ ۾ پڙ هو. ان سان گڏ ڪيس فقهي مسائل ڇي به علوم حاصل هو. مولانا صاحب جي پنجاهه، ست ساله پڙهائي جي دور ۾ ونائس سوين شاگرد ديني علوم جا درس ونڊي وياءِ ڪيترائي

---

[١] - علامه قاسمي صاحب پتايو ته جڏهن هو ميرپورخاص ۾ استاد مولانا خوش محمد ميرپورخاني جي مدرسي ۾ پڙهندو هيم تڏهن مولوي محمد نواز قريب الفراغت شاگرد هو. (بروايت مولانا قاسمي صاحب)

(٢) - بخاري سيد گل محمد شاه. "شهدادڪوٽ جو علمي جائزو"، شهدادڪوٽ ١٩٩٢ع مجلس پبليڪيشنز، ص - ٨٦

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 704

کانئس طب به سکي ويا. پاڻ گورنمينٽ طرفان رجسٽرڈ حڪيم به هوءِ يوناني طب ۾ خوب دسترس رکندڙ هو. سندس شاگردن ۾ مولوي فقير اسحٰق جلوئي لاڙڪاڻو مولوي يار فقير ذليق، مولوي بشيراحمد مسلوئي، مولوي عبداللطيف مسلوئي مولوي عبدالرشيد سومرو، مولوي عبدالهادي بروهي، حافظ رسول بخش بروهي ۽ سيد گل محمد شاهه شهدادڪوٽ قابل ذڪر آهن

مولانا فقير نواز وٽ ڪتابن جو سٺو ذخيرو موجود هو. ليڪن سندس پندرهن ساله پٽ غلام محمد جي وفات ڪانپوءِ اهي ڪتاب من آهسته آهسته ڪري دوستن ۽ شاگردن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيا.

مولانا صاحب ۱۹۲۵ع ۾ جڏهن فارغ التحصيل ٿيو هوتڏهن حج به ڪيائين ۽ انهيءَ سال شادي به ڪيائين. ڪيس به پٽ ۽ ٻي نياڻيون ٿيون ليڪن ۱۹۵۱ع ۾ سندس سمورو اولاد ۽ رفيقه حيات سندس حياتيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويا.

مولانا حڪيم فقير نواز مرحوم ۲۰- ڊسمبر ۱۹۹۱ع مطابق ۱۳- جمادالثاني جمعي جي ڏينهن صبح جو سادي ايٽن بجي گذاري ويو سندس آخري آرام گاهه به شهدادڪوٽ ۾ آهي. (۱)

---

(۱) - بخاري سيد گل محمد شاهه، "شهدادڪوٽ جو علمي جائزو" شهدادڪوٽ ۱۹۹۲ع، مجاهد پبليڪيشنز، ص- ۸۷ ۽ ۸۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 705

(الف) سوانح حيات

مولانا محمّد اسماعيل قريشي

مولوي محمّد اسماعيل ولد مولوي محمّد يوسف قريشي جي ولادت هڪ علمي خاندان ۾ سن ١٣٢٣ھ/١٩٠٥ع ۾ گوٺ 'محبوب ٽوڻيو' تعلقو ميروخان ۾ ٿي. سندس وڏا اصل ضلعي 'ميانوالي' علائقي پوٽوار (پنجاب) جا هئا. جتان سندس ڏاڏو مولوي غلام محمّد ۽ چاچو حاجي احمد سنڌ ۾ آياۋ پرڀائين گوٺ 'ڪارڙا' متصل شهداد ڪوٽ ۾ اچي ويٺا. پوءِ اتان سندس ڏاڏو مولوي غلام محمّد لڏي اچي گوٺ 'محبوب ٽوڻيو' ۾ ويٺو. مولوي محمّد اسماعيل جي خاندان ۾ ڪجهه پيا به عالم ۽ حافظ هئا. جن ۾ سندس ڏاڏي ۽ والد کان سواءِ مولوي حاجي احمد (چاچو) مولوي عبدالڪريم قريشي (سوٽ) مولوي محمّد رفيق (پاڻ) مولوي محمّد اعظم (ماسات) ۽ حافظ محمّد فاروق (پاڻ) شامل آهن. (١)

مولوي محمّد اسماعيل ابتدائي تعليم پنهنجي ترجي گوٺ 'چنڙجويو' ۾ مولوي حافظ خيرمحمّد رند ۽ پوءِ ابتدائي عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم مدرسه (ٻڌيءَ) ۾ مولانا دين محمّد ٻڌوڙيءَ وٽ حاصل ڪئي. بعد ۾ ڪجهه عرصو 'مدرسه نورنگ' ۾ مولانا ميرمحمّد نورنگيءَ وٽ پڙهيو ۽ ان کانپوءِ وڌيڪ تعليم پرائمري لاءِ مدرسه 'ڪورسليمان' ۾ ضلعي لاڙڪاڻي جي مشهور عالم علامه عبدالڪريم ڪورائي وٽان حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. (٢) وڌيڪ تعليمي استعداد پيدا ڪرڻ لاءِ ڪجهه عرصو ننڊي ڪنڊ جي معروف ديني درسگاهه

---

(١) - محترم علي حسن ٽوڻيو (مولانا محمّد اسماعيل جو گرڻائي عمر ٨١ سال) ۽ سندس پاڻ مولوي حڪيم غلام مصطفيٰ کان ١٥ اپريل ١٩٩٢ع تي ورتل انٽرويو.

(٢) ——— ايضاً ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 706

'دارالعلوم ديوبند' ۾ ويو ۽ اندازاً ۱۹۲۸ع ۾ اتان واپس مونٽي آيو. (۱)

مولانا محمد اسماعيل علمي فراغت کان بعد پنهنجي ڳوٺ 'محبوب ٽوڻيو' ۾ والد جي مدرسي ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو، پوءِ جلد پاڻ ئي بزرگ ڪيس 'پاٽ شريف' جي مدرسي ۾ پڙهائڻ لاءِ وڃي ويا، جتي تقريباً ست سال درس ڏنائين. ان کان پوءِ سندس استاد مولانا ميرمحمد نورنگيءَ جي معرفت 'لس بيلي' جي نواب ڪيس پاڻ وٽ قاضي مقرر ڪيو ۽ چار سال اتي رهيو ۽ پوءِ امير جي مخالفت سبب اتان چڏي آيو ۽ 'محبوب ٽوڻيو' ۾ اچي مدرسو هلايائين. (۲)

مولانا صاحب پنهنجي مدرسي ۾ ٽورن شاگردن کي داخلا ڏيندو هو ۽ اهاداخلا به صرف عربيءَ وارن شاگردن کي ڏيندو هو. چاڪاڻ ته مدرسي ۾ ماڻيءَ جو بندوبست محدود هو. يعني چند ڳوٺ وارن ٽي ويلا مقرر هئا. مولانا صاحب وٽان ڪيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو انهن مان ڪن شاگردن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

مولوي علي انور ٽوڻيو، مولوي محمد ابراهيم چانديو، مولوي عبدالخالق (ڪنڊيارو) مولوي محمد قاسم (ڪنڊيارو) مولوي عبدالرؤف (ٻيرياروڊ) مولوي نورمحمد ناٽڪيءَ وارو، مولوي محمد اسماعيل ميرجر اصل پاٽ شريف پوءِ شهر بابه تعلق ڏوڪري ۾ درگاه شريف محلي ۾ اچي ديني مدرسو کوليائين، مولوي نظام الدين صديقي (پاٽ)، مولوي غلام محمد جاگيراڻي ۽ مولوي محمد قاسم پرٽ (ضلعو دادو) قابل ذڪر آهن. (۳)

---

(۱) - مسٽر روشن "ضمير" کان (مولانا محمد اسماعيل جو تعزيتي) ۲۵ اپريل ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو

(۲) -

(۳) - محترم علي حسن ٽوڻيو ۽ حڪيم مولوي غلام مصطفيٰ کان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 707

مولانا محمد اسماعيل ۱۳۶۱ھ/۱۹۴۲ع واري ٻوڏ ۾ ڳوٺ
کان لڏي لاڙڪاڻي ۾ ڦهرايئن عاقل روڊ تي ڳوٺ 'جنن' ۾ پوءِ لاڙڪاڻي ۾ موجوده
ديني مدرسي جي پرسان جاءِ خريائي اچي ويلو. (۱)

مولانا محمد اسماعيل ديني مدرسي لاڙڪاڻي جو ۱۷ آڪٽوبر
۱۹۶۴ کان ۶ آگسٽ ۱۹۶۷ع تائين هيڊ معلم ٿي رهيلو. (۲)

مولانا محمد اسماعيل ديني خدمتن کان سواءِ سياست ۾ به
پريور حصو ورتو. انگريزن کان آزاديءَ جي هلچل ۾ حصو ورتائين. پيرعلي محمد
شاهه بهتاپوري (تعلقو لاڙڪاڻو) سان سندس دوستي ٿي، پوءِ ان جي معرفت
محمد ايوب کهڙي وٽ هليو ۽ ان جو سياسي صلاحڪار ٿيو. اهڙي طرح مسلم
ليگ جي سياسي ميدان ۾ ڪمڪ ڪيائين ۽ انهن جي جلسن جلوسن ۾
روڊ تي تقريرون ڪيائين. ان سلسلي ۾ ڊاڪا (سابق مشرقي پاڪستان) به ويو
پاڻ لاڙڪاڻي ميونسپالٽيءَ جو ميمبر به چونڊيو ويو.

مولانا صاحب کي اولاد ۾ چار نياڻيون ۽ ٽي فرزند
بشيراحمد، شبيراحمد ۽ سعيداحمد ٿيا. اهڙي طرح مولانا محمد اسماعيل سڄي
حياري درس تدريس ۽ تبليغ ۾ بسر ڪئي ۽ آخر ۾ ڇهين جمادالاول ۱۳۸۷ھ/
۷ آگسٽ ۱۹۶۷ع تي ۶۳ سال جي حياري ۾ وفات ڪيائين. (۳) سندس علمي خدمتن
جي ڪري کيس ديني مدرسي جي احاطي ۾ دفن ڪيو ويو.

---

(۱) - مولوي حڪيم غلام مصطفيٰ قريشيءَ کان ورتل انٽرويو.

(۲) - ديني مدرسه پرائمري اسڪول جي هيڊ معلمن/هيڊ ماسترن جي نالن واري
بورڊ تان ورتل.

(۳) - مولوي حڪيم غلام مصطفيٰ قريشي ۽ مسٽر روشن "ضمير" کان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 708

(الف) سوانح حيات

مولانا عبدالعزيز پانڌوي :-

مولانا حافظ عبدالعزيز ولد حاجي الهڪيو ڊڪڙ سومروي

ولادت ڳوٺ 'پانڌي قبي' تعلقي مرتيڊيري ۾ سن ١٣٢٣ھ/١٩٠٥ع ۾ ٿي. سندس والد ماجد مولانا سيد تاج محمود امروٽيءَ جو دست بيعت هو. جنهن جي گهڻي حياتي بزرگ امروٽيءَ جي خدمت ۾ گذري. مولانا امروٽيءَ سان حج تي به ويو هو. جتان واپسي تي بيمار ٿي پيو. امروٽ شريف ۾ ئي گذاري ويو. مولانا عبدالعزيز جي عمر ان وقت ٨-٩ سال هئي پوءِ خاندان کي آمدنيءَ جو مستقل ذريعو ڪونه هو ان ڪري سندن فيي سبيل الله ملندڙ مانيءَ تي گذران هوندو هو.

مولانا عبدالعزيز ناظره قرآن شريف پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ آخوند عبداللطيف وٽ پڙهيو. پوءِ پنهنجي ڀاءُ عبدالله سان گڏ مولانا غلام رسول عباسيءَ وٽ گڏهي ياسين ۾ وڃي ابتدائي تعليم حاصل ڪئي. 'ارشاد الصرف' سائڻئي استاد وٽ 'پٽڙي چانڊيي' تعلقي لاڙڪاڻي ۾ پڙهيو. ان کان پوءِ پاڻ اتاچڊي مدرسه 'ڪورسليمان' ۾ مولانا عبدالڪريم ڪورائيي وٽ آيو. جتي وڏي ذوق شوق سان تعليم پرايائين. مولانا ڪورائيي جڏهن لوڙي وقت لاءِ 'ڪورسليمان' چڊي ڳوٺ حاجي غلام عمر انڙ (علي آباد) تعلقي ڏوڪري ۾ صدر مدرس مقرر ٿيو. تڏهن ڪورسليمان واري شاگرد به ساڻس گڏ آيا. جن ۾ مولانا عبدالعزيز به شامل هو. مولانا ڪورائي اتي لوڙو وقت رهڻ کانپوءِ شاگردن سميت ڪنهن اختلاف سبان اتان چڊي سائڻئي 'مدرسي ڪورسليمان' ۾ موٽي آيو. واپس ايندڙ شاگردن ۾ مولانا عبدالعزيز به هو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 709

پوءِ هتي رهي مولانا پاندوي وٽ علم ۾ چڱي مهارت حاصل ڪئي. ان کانپوءِ هو مولانا ڪوراڻي وٽ مدرسي 'علي خان قنبر' ۾ به پڙهيو، جنهن جي تصديق علامه غلام مصطفيٰ قاسمي به هنن لفظن ۾ ڪري ٿو :-

"حضرت علامه ڪوراڻي وٽ علي خان قنبر جي مدرسي ۾ اسان سان گڏ پڙهڻ وارا وڏا سنگتي هئا. مولانا عبدالله چانديو، مولوي شاهه قمد هڪڙو، مولانا عبدالعزيز پاندوي ۽ مولانا حافظ محمد بخش (ميرپور بهرڙو) وارو." (۱)

مولانا عبدالعزيز کي جهڙ عرصو علامه ڪوراڻي وٽ رهڻ کانپوءِ اتان چڏي ڳوٺ 'نڙهال' تحصيل 'ڪبير والا' ضلعو ملتان (پنجاب) ۾ مولانا عبدالرؤف ملتاني وٽ پڙهڻ لاءِ ويو. پر اتي کي جهڙ ڏينهن گذرڻ بعد بيمار ٿي پيو ۽ چڏي آيو. ان کانپوءِ شڪارپور تعلقي جي 'سيان جي ڳوٺ' ۾ مولانا محسن شاهه جي مدرسي ۾ آيو مولانا محسن شاهه جڏهن اتان چڏي اجمير هليو ويو ته پوءِ مولانا عبدالعزيز دارالعلوم ديوبند روانو ٿي ويو. مدرسه ديوبند ۾ حديث جو درو شيخ الحديث مولانا حسين احمد مدني وٽ پڙهيو ۽ علم قرأت القرآن (تجويد) جي تڪميل به ديوبند ۾ ڪيائين. مولانا حسين احمد مدني سندس علمي ذوق، شوق ۽ ذهانت سبب گهڻو پائيندو هو. هڪ دفعي مولانا عبدالعزيز پنهنجي ڪمري ۾ سبق کي پيرو ڏئي رهيو هو ته حضرت مولانا مدني کيس تدسي فرمايو :-

"سندي لوڪي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق آهي. بارڪ الله في علمڪ وزاد عملڪ مع العلم" (الله تعالىٰ تنهنجي علم ۾ برڪت وڌي ۽ علم سان گڏ تو کي عمل جي توفيق ڏئي. (۲)

---

(۱) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهنامه "شريعت" سکر، "علامه غلام مصطفيٰ قاسمي نمبر" جلوري، فبروري ۱۹۹۰ع - ص - ۱۲

(۲) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهنامه "شريعت" سکر، سوانح حيات نمبر ۱۹۸۱ع يونائيٽيڊ پبليڪيشنز لميٽيڊ - ص -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 710

مولانا عبدالعزيز پانڌوي علمي فراغت کان بعد مختلف مدرسن ۾ پڙهايو. هن پهرپائين پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو کولي ديني درس جو شغل شروع ڪيو. ان کانپوءِ ڳوٺ جونگل تعلقو خانپور ضلعو شڪارپور، ڪنڊيارو ۽ مدرسه اشرفيه شڪارپور جي مدرسن ۾ به پڙهايائين. ان کانپوءِ شهر رتي ديري ۾ هڪ ديني درسگاهه جو بنياد رکيائين، جيڪو مدرسه عزيزيه جي نالي سان اڄ تائين قائم آهي. مولانا صاحب هتي حياتيءَ جي آخري گهڙين تائين پڙهايو ۽ وتانئس ڪيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو. سندس شاگردن جا ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:-

مولانا عُبيدالله لاشاري ساڪن ٻيدا پور تعلقو وارهه

(ڪجهه وقت وٽس پڙهيو ۽ پوءِ انتي ئي مدرسي ۾ پنج، اَٺ سال مدرس به ٿي رهيو)، مولوي قمرالدين خضدار، مولوي حڪيم عظيم بروهي، مولوي حڪيم اسماعيل بروهي (قلات)، مولوي عبدالواحد ڪوسو ضلعو جيڪب آباد، مولوي عبدالحق بروهي، مولوي حڪيم جان سبي، ۽ مولانا قدير فهيم بروهي بلوچستان، مولوي ڪريم بخش بروهي ۽ مولوي حڪيم جعفر بروهي (رتوديرو)، مولوي خوش محمد سيال ۽ مولوي حافظ عبدالڪريم سيال تعلقو رتوديرو، مولوي قدير سليمان بروهي ۽ مولوي عبدالعزيز بروهي رتوديرو، مولوي حڪيم علي بروهي مرحوم (هن ڳوٺ رشيد آباد تعلقي رتوديري ۾ مدرسو کوليو هو) پير منظور احمد مخدوم اصل ضلعو نوابشاه حال مقيم ڪپرو ضلعو سانگهڙ، مولوي عبدالغفور بروهي مدرس مدرسه سوراب بلوچستان ۽ مولانا خوش محمد ڪنيري پير ڳوٺ ضلعو خيرپور ميرس شامل آهن. (١)

١- مولوي حڪيم جعفر بروهي (مولانا عبدالعزيز جو شاگرد ساڪن رتوديرو) کان ٩ مئي ١٩٩٢ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 711

مولانا عبدالعزيز ديني درس تدريس سان گڏ تبليغ جو ڪم به ڪيو. هن ان مقصد لاءِ متعدد جاين تي رهي اسلامي علوم ۽ شرعي احڪامن جي پرچار تشهير ۽ اشاعت ڪئي. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ان کان پاڻ ڪيترن ئي ديني جلسن ۾ وعظ ڪرڻ لاءِ ويندو هو. سندس گهراڻو تصوف ۾ رنگيل هو. ان ڪري سڀ کان به تصوف جو رنگ چڙهيل هو. پاڻ تحصيل علم سان گڏ عمل ۾ به گهٽ نه هو پاڻ چوندو هو:

"مان بلوغت کان بعد ڪا به فرضي نماز قضا نه ڪئي آهي ۽ طالب العلمي جي دور ۾ به ڪوئي تفسير، حديث ۽ فقه وغيره جو ڪتاب بنا وضوءَ جي ڪونه پڙهيم." (۱)

مولانا عبدالعزيز ظاهري علم سان گڏ باطني علم جي تحصيل به ڪئي. پاڻ قادري طريقي ۾ وقت جي مشهور اهل الله حضرت حماد الله هاليجوي وارن جو خليفو مجاز به هو.

مولانا عبدالعزيز جامع العلوم هو. تفسير، حديث، فقه علم ميراث، منطق ۽ رياضي ۾ ڪيس وڏي مهارت حاصل هئي. مولانا صاحب جي اولاد ۾ هڪ نياڻي ۽ چار پٽ، مرحوم بدرالدين مرحوم مولوي حبيب الرحمٰن جيڪو سندس وفات کان بعد مدرسي جو مهتمم هو. حفيظ الرحمٰن ۽ صدرالدين ننڍا.

مولانا عبدالعزيز صاحب في سبيل الله پنهنجي سڄي عمر ديني درس تدريس ۾ بسر ڪئي ۽ ستر ورهين جي ڄمار ۾ خميس ڏينهن ۱۷ محرم الحرام ۱۳۹۵ھ / ۳۰ جنوري ۱۹۷۵ع تي وفات ڪئي. سندس تربت رتي ديري ۾ مدرسه عزيزيه ۾ آهي. (۲)

---

(۱) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهنامه "شريعت" سکر سوانح حيات نمبر ۱۹۸۱ع ص -

(۲) - مولوي محمد جعفر بروهي ساڪن رتوديرو (مولانا عبدالعزيز جو شاگرد) کان ورهين ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 712

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا عبدالعزيز پانبوويؒ جو شمار به اهڙن ديني عالمن ۾ ٿئي ٿو، جن ديني اشاعت ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. مولانا صاحب تدريس وتبليغ کان علاوه تحريري فن ۾ به ڪجهه دلچسپي ورتي. وقت ۽ حالتن کي نظر ۾ رکندي پاڻ کيترين مستند ۽ مدلل فتوائون جاري ڪيائين. سندس اهي فتوائون ۽ تحريرون سندس پوين وٽ محفوظ نه رهيون آهن. تاهم سندس ڪيل هڪ فتويٰ دستياب ٿي آهي، جيڪا هيٺ ملاحظه فرمايو:

ميت کي اسقاط ڪرائڻ ۽ قرآن بخشائڻ متعلق مولانا پانبوويؒ کان جڏهن فتويٰ پڇي وئي ته ان سلسلي ۾ هن ديني عالم ان عمل کي ناجائز ۽ ممنوع قرار ڏنو. مولانا پانبوي هن تحرير جي مٿيان جيڪي جملا ڪتب آندا آهن سي مثال طور هيٺ ڏجن ٿا:

"اهو طريقو الله تبارڪ وتعالىٰ ۽ اهڙيءَ جي موڪليل سيد الانبياء صلى الله عليه وسلم ڪونه ٻڌايو آهي نه وري اصحابن سگورن ۽ آئمه مجتهدين رحمهم الله تعالىٰ کان منقول آهي. اهو نموني الله اعلم ملن ڪائنءُ ايجاد ڪيو آهي. نه وري هن طريقي سان اسقاط ڪناهن جو ٿيندو. ميت کي ڪوبه ثواب ڪونه ملندو. پئي گنهگار ٿيندا." [1]

---

[1] - مولانا عبدالعزيز پانبوي، "فتويٰ قلمي"، ص - ١

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 713

(الف) سوانح حيات

مولانا جان محمد وگڙ

مولانا جان محمد ولد سائين رکيو وگڙ جي ولادت اندازاً سن ١٣٢٤ھ/١٩٠٥ع ۾ گوٺ عالي کبڙ، تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي سندس والد صاحب فقير ۽ مجذوب شخص هو.

مولانا جان محمد جڏهن ١٢ سالن جي عمر جو ٿيو تہ کيس وڏو ٻڌي ٻيو، ان کري سندس جسم جو هيٺيون ڏڙ سُڪي ٻيو، جنهن کري پاڻ ريڙهيون ڏيئي هلندو هو.(١)

هن ابتدائي تعليم پنهنجي گوٺ ۾ حاصل ڪئي. قرآن شريف جو حفظ پنهنجي مامي مولوي حافظ غلام عمر وٽ کري پڄ ڪيائين ۽ فارسي به پڙهي. ان کان پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ گوٺ ٽوڙهي ۾ جاري تعليمي قنبر ۾ مولانا کربيداد چانڊيو جي مدرسي ۾ ويو، جتي مولانا کربيداد کان سواءِ مولانا ولي محمد ڪنڊو وارو، مولانا مخدوم امير احمد کهڙن وارو، مولانا غلام رحمٰن افغاني پڙهائيندا هئا. اهڙي طرح مولوي جان محمد هتي سمورو علم پڙهي فارغ التحصيل ٿيو.(٢)

مولانا جان محمد جي تعليم پراڻ جي سلسلي ۾ هڪ روايت اها به آهي تہ پاڻ مولانا اميد علي جيڪب آبادي وٽ پنهنجي گوٺ ۾

---

(١) - حبيب الله وگڙ (مولانا جان محمد جو ماروٽ عمر ٦٢ سال) کان گوٺ عالي کبڙ ۾ ٤،٢،١٩٩٢ع تي ورتل انٽرويو.

(٢) - مولوي عبدالرحمان تنئي (مولانا جان محمد جي شاگرد) کان ميمڻ مسجد قنبر ۾ ١٥،٢،١٩٩٢ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 714

پرسان 'وڏاوگهڙ' (تعلقو ولهر) ۾ به پڙهيو (۱).

مولانا اميد علي جيڪب آباد ي 'وگهڙ' ۾ وڏيري محمد صديق

واري مدرسي ۾ پنج سال پڙهايو هو. (۲)

مولانا جان محمد وگهڙ فارغ التحصيل ڪانپوءِ هيٺين مدرسن

۾ پڙهايو. پوءِ ايٿين ٻه سال گوٺ 'پيچوها' تعلقي وارهه هڪ سال ڪورين واري

مسجد ميمڻ محلو قنبر، ٻه سال گوٺ 'پانڊ لاکا' تعلقو قنبر، 'لاکن' مان حڪيم

قاضي غلام عمر گوٺ 'مينهي ڪاهي' (تعلقو قنبر) وارو ڪيس قنبر ۾ وڃي آيو جتي

ٽوڙو وقت پڙهائڻ ڪانپوءِ هڪ سال لاءِ مدرسي اشاعت القرآن لاڙڪاڻي ۾ پڙهايائين. ان کان بعد وري قنبر ۾ آيو جتي ڪورين واري

مسجد ۾ مدرسي ۾ آخري عمر تائين تقريبًا ۳۵ سال ديني درس ڏيندو

رهيو. (۳)

مولانا جان محمد وٽان گهڻن ئي شاگردن علمي فيض

پرايو، جن جا قابل ذڪر نالا هيٺ ڏجن ٿا:

مولانا عبدالڪريم قريشي هير وارو وٺ عربي فارسي جا

ڪجهه ڪتاب پڙهيو، مولوي عبدالعلام ساڪن قنبر، مولوي محمد صالح پليجو

گوٺ 'آگاهين' وارو مولوي درمحمد خاراڻي، مولوي حاجي عبدالرحمٰن تنيو قنبر،

مولوي محمد صديق شاه 'باغبان' ضلعو خوشدار (بلوچستان) سندس پاڻ

مولوي حاجي لائق وگهڙ ۾ ان جو پٽ غلام صديق عرف 'صوفي' شامل آهن

---

(۱) ـ حبيب الله وگهڙ (مولانا جان محمد جو مارو ٿ) کان گوٺ 'عالي ڪبڙ' ۾ ۲۴.۲.۹۲ع تي ورتل انٽرويو

(۲) ـ عبدالوهاب چاچڙ مولانا، ماهنامه 'شريعت' سوانح حيات نمبر ۱۹۸۱ع

(۳) ـ مولوي عبدالرحمٰن توڻيو (مولانا جان محمد جو شاگرد) کان قنبر ۾ ۱۵.۲.۹۲ تي

ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 715

مولوي جان محمد وٹ درس ۽ تدريس کان سواءِ تصنيف ۽ تاليف جي سلسلي ۾ به کجهه ڪم ڪيو. هن هڪ قلمي قرآن حڪيم لکيو. پاڻ طب به سٺي چاڻندو هو. طب سندس معاشي ذريعو هو. طب ۾ به قلمي بياض اٿس. جيڪي سندس شاگرد مولوي عبدالرحمٰن ٽنڊي وٽ قنبر ۾ موجود آهن. مولانا صاحب سڻڻ تحريرلونيس به هو. پر هن وقت سندس کابه تحريري موجود کانه آهي. چاکاڻ ته سندس تحريري مواد ۽ ذاتي ڪتبخانو سندس پوين وڪٽي چڪ ڏيا. (۱)

مولانا جان محمد جي خاندان ۾ ڪيترائي حافظ ٿيل جن ۾ سندس استاد ۽ ماموٽ مولوي حافظ غلام عمر، حافظ ولي محمد حافظ محمد افضل، حافظ محمد اڪمل (هي ٻئي سندس ماروٽ هئا) ۽ سندس پاءُ مولوي حاجي لائق شامل آهن. (۲)

مولانا جان محمد وٹ سڄي عمر ديني درس تدريس ۾ گذاريندي ۱۱ رمضان المبارڪ چنڊ جي رات سن ۱۳۸۹ھ/۱۹۶۹ع ڏاري وفات ڪئي. سندس جسم خاڪي ڪي ڳوٺ ۾ سندس آباڻي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. (۳)

Gul Hayat Institute

---

(۱) - مولوي عبدالرحمٰن ٽوڻيو (مولانا جان محمد جو شاگرد) کان ورتل انٽرويو.

(۲) - حبيب الله وٹ (مولانا جان محمد جو ماروٽ) کان ڳوٺ 'عالي ڪبڙ' ۾ ۴،۲،۱۹۹۲ع ۾ ورتل انٽرويو.

(۳) - مولانا عبدالرحمٰن ٽوڻيو (مولانا جان محمد وٹ جو شاگرد) کان ۱۵،۲،۹۲ ۾ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 716

(الف) سوانح حيات

مولانا غلام صديق حنفي، صديقي قريشي

مولانا غلام صديق ولد مولانا مولوي پير محمد قريشي صديقي سن ١٣٢٣ھ/ ١٩٠٥ع ۾ گوٺ جوٽاڻي شريف، تعلقي واهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جائو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي والد مولانا پير محمد قريشيءَ جي قائم ڪيل مدرسي دارالفيوض، درگاهه جوٽاڻي شريف ۾ پنهنجي والد وٽ ورتي. ١٣٣٦ھ/ ١٩١٧ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو.

مولانا غلام صديق قريشي فارغ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ گوٺ جوٽاڻين ۾ پنهنجي والد جي قائم ڪيل مدرسي ۾ ئي درس تدريس جو ڪم شروع ڪيو. کانئس گهڻن ئي شاگردن علمي فيض پرايو جن مان ڪن جا نالا هي آهن:

مولوي محمد عيسىٰ بروهي، ميان محمد حسن بروهي، مولوي خير محمد چلڻ، مولوي محمد ابراهيم مسڪوتيءَ، مولوي حاجي رسول بخش مولوي ميان علي محمد پٽيءَ، مولوي عبدالڪريم پٽيءَ، مولوي محمود سومرو سلاڻ جوٽاڻي شريف، ميان عبدالمتين بهاري امرتسر (هندستان) مولوي قاضي شاهه محمد قريشي، مولوي ميان محمد قريشي، مولوي محمد قاسم قريشي، مولوي عبدالرسول، ميان الهورايو، ميان محمد صالح شاهءِ ٻيا. (١)

مولانا غلام صديق درس تدريس کان سواءِ تصنيفءِ

---

(١)- مولانا غلام صديق جي پوٽي مولوي ملوڙ علي کان ٩١-٨-١٠ تي روبرو ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 717

تاليف جو مشغلو به جاري رکيو. سندس تصنيفات ۾ "سيف اهل الحق في عنق فضل الحق" (مطبوعه)، "السيف القهارة علي منکر القول بالخمسة الطاهرة" (قلمي) ۽ اقامة الحشر علي منکر قامة ابي بشر (قلمي) شامل آهن. ان کان سواءِ تقريبًا چار سو تحريرون ۽ فتوائون (قلمي) رسالن جي شڪل ۾ موجود آهن. (۱) سندس تصنيفات ۽ تحريرات جو جائزو آڱيتي ايندو.

مولانا صاحب جون ٻنهنجي دور جي ڪيترن ئي عالمن ۽ فاضلن سان صحبتون ۽ علمي رهاڻيون ٿيون، جن ۾ مولانا محمد قاسم مشوري مولانا غلام عمر جلوڻي، پير خواجه حسن جان سرهندي، پير غلام مجدد سرهندي مولوي گل محمد کهاوڙ، مولوي فضل حق چانڊيو، مولوي حڪيم محمد حسن سيوهاڻي، مخدوم مولوي غلام عمر سيوهاڻي، ميان محمد سيوهاڻي، مولوي ابو النور محمد بشير (پنجاب)، مولانا تاج محمد آريجائي، ميان علي گوهر پاناڻي، مولانا امير محمد نورنگي، مولوي محمد ابراهيم همايوني، مولوي محمد شريف سيالڪوٽي مولوي محمد اظهر ۽ مولوي محمد قاسم (مدينة المنوره جا) نالا شامل آهن. (۲)

جوٽاڻي شريف جي بزرگن يعني مولانا پير محمد ۽ مولانا غلام صديق جن پاڙ وٽ هڪ همٿين ڪتبخانو گڏ ڪيو آهي، جيڪو ضلعي لاڙڪاڻي جي وڏن ڪتبخانن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. هن ڪتبخاني ۾ ڪتابن جو ڇڪو ڇوڪو ذخيرو موجود آهي، جنهن ۾ ناياب قلمي نسخن ۽ ڇپيل ڪتابن جو تعداد انڌل ۱۵ هزار ٻڌايو وڃي ٿو. سن ۱۹۴۸ع ۾ حج تان موٽندي مولانا غلام صديق پاڙ سان عربي ڪتابن جو ڇڪو تعداد مصر مان خريد ڪري آيو هو.

---

(۱) ـ مولانا غلام صديق جي پوٽي مولوي ملوڙ علي کان ۹۱-۸-۱۰ ع روبرو ورتل انٽرويو.

(۲) ـ مولانا غلام صديق جي پوٽي مولوي ملوڙ علي کان تحريري انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 718

جڏهن پاڻ اسٽيشن بابه تي لٿو تہ اهي ڪتاب جڏن پنجن بيل گاڏين تي ڪڍائي گوٺ جوٽائي ڇڏيو. (١)

هن لائبريري متعلق مستي الهڪ ليکيو ٻڌ لکي تو:

"هن خاندان وٽ نايابقلمي ۽ پراڻن ڪتابن جي هڪ بهترين لائبريري گڏ ٿيل آهي. هن لائبريري ۾ موجود قلمي ڪتابن جي هڪ هڪ ڏهنڊ هاڪ آهي." (٢)

مولانا غلام صديق جو خاندان ديني ۽ علمي گهراڻي ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس ڪيترائي معتقد ۽ مريد آهن. سندس خاندان ۾ سندس والد کان سواءِ جيڪي مولوي ٻيا، تن ۾ سندس ٻه فرزند مولوي غلام عثمان ۽ مولوي پير محمد، سندس پوٽو مولوي ملوڙ علي المعروف غلام عمر قريشي ۽ ميان غلام حسين قريشي جا نالا اڃا وڻن تا. مولانا غلام صديق، مولانا حسن الله پاتائي کان گهڻو متاثر هو، ۽ اڪثر سان سندس روحاني تعلق هو.

مولانا غلام صديق قريشيؒ جي اولاد ۾ ٻه فرزند مولوي ميان غلام عثمان مرحوم ۽ مولوي حاجي پير محمد حال مقيم (طائف سعودي عربيه) ٿيا. مولانا غلام صديق پنهنجي سڄي حياتي درس تدريس ۽ تصنيف ۽ تاليف ۾ گذاريندي، ٨ شوال سن ١٣٧٠ھ/ ١٩٥١ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. سندس آخري آرام گاهه درگاهه جوٽائي شريف ۾ ئي سندس والد مولانا پير محمد جي تربت سان لڳ آهي، جيڪا سندس گهر ۽ مسجد جي قريب آهي. (٣)

---

(١) - مولانا غلام صديق جي ويجهي مائٽ مستي مظهر علي قريشي (پروفيسر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو) کان ورتل روبرو انٽرويو.

(٢) - پٽ الهڪيو "سنڌ ۾ ڪتبخانن جي مختصر تاريخ"، سنڌ پبليشرز حيدرآباد، ١٩٨٠ع ص - ٥١

(٣) - مولانا غلام صديق جي پوٽي مولوي ملوڙ علي کان ورتل تحريري انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 719

(ب)

دیني اشاعت ۾ تحریري خدمتون

مولانا غلام صدیق پنھنجي دور جو نامیارو دیني عالم هو. هن دیني عالمجي سموري زندگي تدریس، تحریر، تبلیغ ۽ معاشرتي اصلاح ۾ گذاري. فاضل عالم جي تحریرن ۽ فتوائن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هو هڪ محقّق، مفکر، دانشور ۽ محنتي انسان هو. سندس تحریرون تحقیقي ۽ معلوماتي آهن. هن دیني عالم جي بي شمار تحریرن مان مکیه تحریرن، فتوائن ۽ رسالن جو جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

۱۔ سیف اهل الحق فی عنق فضل الحق

مولانا غلام صدیق جو تالیف کیل کتاب "سیف اهل الحق فی عنق فضل الحق" فقیه پرنٽنگ پریس امرتسر ۾ حکیم معراج الدین جي اهتمام سان شایع ٿیو. کتاب جي شروعات رب العالمین جي حمد سان کئي وئي آهي ۽ سرور دوعالم علیه الصلوٰة والسلام جي خدمت اقدس ۾ درود سلام جي هدیه پیش کرڻ بعد مولف کتاب جي تالیف جو سبب ڄاڻایو آهي. مقدمي ۾ ڏنل معلومات مطابق کتاب جونالو "باطلوں فی الاذان علی القبور" تحریر کیو ویو آهي

اسانجي سند "باب الاسلام" ۾ اهو معمول رهیو آهي ته جڏهن به کنهن میت کي دفنایو ویندو آهي، تڏهن جي قبر تي میراندڙ ڪان اذان ۽ پیراندڙ ڪان تکبیر چئي ویندي آهي ۽ کانئین جي واپس وڃڻ بعد

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ڪوبهڪ شخص قبرووٽ تي سندو آهي، جيڪو اهل قبر کي تلقين ڪندو آهي.
اهڙي طريقي تي ڪن مڪتب فڪر جي عالمن کي اعتراض
آهي. اهڙي اعتراض جي رد ۾ فاضل ليکڪ هي ڪتاب ترتيب ڏنو ۽ تحقيقي
نقطهٔ نگاهه کان اهو ثابت ڪيو ويو آهي ته ميت کي دفنائڻ بعد سندس قبر
تي آذان ۽ تڪبير ڏيڻ ۽ ڪجهه عرصي لاءِ قبر تي وهڻ ناجائز نه بلڪ عين
سنت ۽ شريعت مطابق آهي. فاضل ديني عالم پنهنجي تحرير جي تائيد ۾ احاديث
نبوي ۽ مڪمل معتبر ديني عالمن جهڙوڪ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح، مولانا
محمد اڪرم متعلوي، مخدوم عبدالواحد سيوستاني الملقب "نعمان ثاني"، مولانا
مخدوم فضل الله پاتائي، مخدوم حسن الله پاتائي ۽ معتبر ڪتابن جهڙوڪ،
"المرقاة شرح مشڪوٰت"، "المعجم الڪبير"، "الجامع الصغير"، "السراج المنير"،
"النهاية السعاية"، "شرح شرح الوقايه"، "الحرز الثمين شرح الحصن والحصين"
جي راين ۽ حوالن کي قلمبند ڪيو آهي. مثال طور ملاحظه فرمايو،

(الف)

قال المخدوم محمد هاشم والمخدوم محمد اكرم رح ان الاذان
عند الميت جائز غير مسنون (١)

ترجمو: "حضرت مخدوم محمد هاشم ۽ حضرت مخدوم
محمد اڪرم جي قول موجب ميت وٽ اذان ڏيڻ جائز ۽ غير مسنون
آهي".

(ب)

قال المخدوم عبدالواحد رحمة الله الواحد ونفعنا به اما الاذان عند
القبر عند الانصراف فهو لاجل ان المسلم كان من عادته التكلم

---

(١) - علامه صديق مولوي، "سيف اهل الحق فى عنق فضل الحق" ص - ٣

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 721

بالكلمة الطيبة بعد سماع الأذان فلعله يذكر ذالك و
ياتي بالكلمة وينجو من العذاب (١)

ترجمو:-

مخدوم عبدالواحد رح جي قول تہ قبرون جڏهن كانڌي
واپس موٽن تہ ان وقت آذان ڏيڻ گهرجي جيئن مسلم بانهي جي زندگيءَ جو
معمول هوندو هو تہ هو آذان ٻڌڻ شرط الله تعالىٰ کي ياد كندو هو، آذان ٻ
سندس قبر تي انكري ڏيارڻ گهرجي تہ جيئن كلمہ طيّب پڙهي عذاب قبر
كان بچي.

(ج)

عن جابر بن عبدالله رضہ قال قال رسول الله اذا
دخل الميت فى قبرة مثلث له الشمس عند غروبها فيجلس
يمسح عينيه ويقول دعونى اصلى (٢)

ترجمو:-

جابر بن عبدالله رض كان روايت آهي تہ پاڻ سڳورن صلى الله
عليه وسلم جن فرمايو تہ جڏهن ميت قبر ۾ لاتو وڃي تو تہ ان وقت كيس
سج لٿي يعني مغرب جو وقت نظر اچي تو، پوءِ اهو ميت قبر ۾ اليون مهنتي
اُٿي وهي چوي تو تہ مون کي سڏ كيو (آذان ڏيو) تہ آءٌ نماز پڙهان.

مٿي جاڻايل دليلن جي روشنيءَ ۾ مولانا غلام صديق
ان نتيجي تي پهتو تہ قبر جي مٿان آذان ڏيڻ جائز ۽ عين شريعت مطابق
آهي. اهڙو اظهار سندس ڀي تحريرمان هن ريت كجي تو مثال ملاحظ فرمايو:-

---

(١) - غلام صديق مولوي، "سيف اهل الحق فى عنق فضل الحق"، ص - ٥

(٢) ——— ايضاً ——— ص - ٨ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 722

الغرض ان الاذان علی قبر المیت مطابق لعین
ارشاد الشارع صلی اللہ علیہ وسلم لان اذا اثبت باحادیثہ ان
الشیطٰن یدخل فی القبر لتفتین المیت وثبت ان الشیطٰن
یفر من صوت الاذان وورد ان التاذین عمدۃ تدبیرۃ لدفعہ (۱)

ترجمو:-

قصۂ مختصر، بیشک ان میت جي قبر تي پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي عین ارشاد مطابق آهي، چاکاڻ جو احادیث نبویہ مان ثابت آهي تہ بیشک شیطان قبر ۾ داخل تي میت کي پلائڻ جي کوشش ڪري تو، پر جڏهن آذان جو آواز ٻڌي تو تہ قبر مان ٻاهر نڪري وڃي. لهٰذا آذان ۽ تکبیر شیطان کي ڀڄائڻ لاءِ بهترین تدبیر آهي.

حضرت آدم علیہ السلام جڏهن جنت مان هيٺ ڪري زمین تي جلوہ افروز ٿيو تہ ان وقت سندس قد ايترو تہ ڊگهو هو، جو سندس ملوڙ آسمان سان ۽ پير زمین تي پهتل هيا. حضرت آدم علیہ السلام ان وقت آسماني مخلوق جو آواز ڪڃي ڪنوني ٻڌو هيو ۽ آسماني زبان ڪان پڙهڻ واقفیت رکندو هو. حضرت آدم علیہ السلام قد وقامت جو وزن ايترو تہ ڳرو هيو، جو زمین اهو وزن برداشت ڪرڻ کان عاجز رهي ۽ رب العٰلمین جي بارگاهہ ۾ دعا گهرڻ تہ مولا مونکي ان وزن کان بچاءِ. رب العٰلمین کي رحم آيو ۽ پنهنجي قدرت جو هٿ حضرت آدم علیہ السلام جي مٿي رکيائين تہ حضرت آدم جو قد ست هٿن جي مقدار کي ٿيلو.

حضرت آدم علیہ السلام جي اهڙي مثالي قد وقامت

---

(۱) - غلام صدیق مولانا، "سیف اهل الحق فی عنق فضل الحق". ص - ۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 723

ڀي حقيقت ۾ ڏي ڪيترن ئي حلقن ۾ تعجب ٿيو. مولانا غلام صديق به جيئن ته ديني عالم هو، اهوئي سبب هوجو هن ديني عالم تحقيق ڪرڻ کان بغير ان ڳالهه تي پڻ تعجب جو اظهار ڪيو. اهڙو تعجبُ مولانا ڀي تحقيت ڀي ميدان ۾ وٺي آيو ۽ فاضل عالم تحقيق ڪري ان مسئلي جو قرآن وحديث ڀي روشنيءَ ۾ حل حاصل ڪيو ۽ "باقامة الحشر علىٰ منڪر قامة ابي بشر" جي نالي سان رسالو جوڙي منظر عام تي آندائين.

هن ديني عالم ان سلسلي ۾ جيڪي دليل ڏنا آهن تن جي هيٺ ملاحظه ٿئي:

(الف)

عن جابر بن عبدالله رضه قال ان آدم عليه الصلوٰة والسلام لما هبط الى الارض هبط الى الهند وان راسه كان ينال السماء وان الارض منكت ربها ثقل علىٰ آدم فوضع الجبار جل جلاله يده على راس آدم فالحظ وصار ستين ذراعا وهبط معه بالعجوة ولا ترج (۱)

ترجمو:

"حضرت جابر بن عبدالله رضه کان روايت آهي، جڏهن آدم عليه السلام زمين تي هيٺ ڪيو تہ پير پائين هندستان ڀي علائقي ۾ لٿو ۽ ان وقت ان جو مٿو آسمان سان ٽڪرائي رهيو هو جڏهن سندس وزن زمين کي گهوريو ڪيو تہ زمين رب العلمين کي شڪايت ڪئي تہ مان آدم عليه السلام جو وزن برداشت

---

(۱) - غلام صديق مولوي: "باقامة الحشر علىٰ منڪر قامة ابي البشر"، ص - ۱۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 724

نه ٿي ڪري سگهان ان وقت رب العالمين حضرت آدم جي متي
تي هٿ رکيو ته آدم عليه السلام جو قد گهٽجي ست هٿ
ٻيو"

(ب)

عن عبدالله بن عمر رضه قال لما هبط آدم بارض
الهند ومعه غراس من شجر الجنة فغرسه بها وكان راسه
في السماء ورجلاه في الارض وكان يسمع كلام الملائكة (۱)

ترجمو:

"عبدالله بن عمر رضه کان روايت آهي جڏهن آدم
عليه السلام جنت مان هيٺ لٿو ته هندستان جي سرزمين تي
ڪري پيو، ان وقت جنت جي وڻن جي پنن جي پوشاڪ پهريل هئس
۽ سندس مٿو آسمان سان ۽ پير زمين تي پهتل هئا، ملائڪن
جي گفتگو ٻڌي رهيو هو"

مولانا غلام صديق حنفي، صديقي هڪ طرف کان فقيه، محقق
مفڪر، مدرس، مبلغ، مفتي ۽ ممتاز ديني عالم هو ته ٻئي طرف کان بهترين مؤرخ
پڻ هو. هن ديني تحريرن ۽ فتوائن کان علاوه سيرت، عقيدت، معاشرتي اصلاح
۽ تاريخي واقعن بابت پڻ قلمي خدمتون پڻ سرانجام ڏنيون آهن.

حقيقة زلزله

جي نالي سان سندس قلمي فتوىٰ هڪ علمي تاريخي ۽

---

(۱) - غلام صديق مولوي، 'با قامة المحشر على المنكر ابى البشر' (قلمي) ص - ۱۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 725

تحقيقي فتوىٰ آهي. جن فتوىٰ ذريعي جن ديني عالم ٻڌايو آهي تہ دنيا ۾ ڇهريون ڀيرو وڏو زلزلو ۲۳۲ھ ۾، ٻيو زلزلو ۲۴۲ھ ۾ ٽيون زلزلو ۴۶۰ھ ۾ چوٿون زلزلو ۶۵۴ھ ۾ واقع ٿيو.

مولانا غلام صديق زلزلي جي حقيقت ۽ تعريف ۾ لکي ٿو:-

قال الحافظ القسطلاني في ارشاد الساري شرح صحيح بخاري الزلزال جمع زلزلة وهي زلزلة الارض واضطرابها حتىٰ ربما يسقط البناء القائم عليها انتها. (۱)

ترجمو: "حافظ قسطلاني ارشاد الساري شرح صحيح بخاري ۾ لکيو آهي زلزال جمع زلزلة جو آهي جنهن جي معنىٰ آهي تہ زمين جي اهڙي ڇرپر ۽ پريشاني جنهن سبب کي مضبوط عمارتون بہ ٽٽي پون"

انسان جي کوتاهين، گمراهين ۽ بد اعمالين سبب ڏيڻ تعالىٰ ناراض ٿيندو آهي ۽ پاڻ کي تنبيهہ ڪرڻ ۽ لعين سزا ڏيڻ خاطر زمين تي زلزلا آڻيندو آهي. زلزلن جي سبب کي مولانا غلام صديق محمدة القاري شرح صحيح بخاري جي مؤلف حافظ بدرالدين محمود العيني الحنفي جي تحرير موجب هن ريت بيان ڪيو آهي ملاحظہ فرمايو:-

قال المهلب ظهور الزلزال وعيد من الله تعالىٰ لاهل الارض قال الله تعالىٰ وَمانرسل بِالْاٰيٰتِ اِلَّا تخويفًا (۲)

ترجمو: "مهلب جي قول موجب زلزلن ۽ ان جي نشانين جو ظهور الله تعالىٰ جي طرف کان اهل زمين انسان کي ڈيرائيو ۽

---

(۱) - غلام صديق مولوي، "حقيقة زلزلة"، (قلمي) ص - ۲

(۲) - قرآن حڪيم، سورة "الرعد"، پاره - ۱۳ - آيت

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 726

ڏسڻ آهي، سورة "رعد" ۾ اهڙو ارشاد رباني آهي ته "اسان اوهان
ڏي اهڙيون نشانيون خوف پيدا ڪرڻ خاطر موڪليون ٿا."

مولانا غلام صديق قريشي زلزلن جو سبب ٻڌائيندي
هڪ ٻيو دليل به تحرير ڪري ٿو. مثال هيٺ ڏجي ٿو:-

ثم اعلم انها تقع عند تجاهر الناس بالافعال
قبيحة واعلانهم بالاعمال الفظيعة كما ذكر الحافظ المذكور
في شرح المسطور. (١)

ترجمو:- "پوءِ يقين ڄاڻ ته انسان جي برن فعلن ۽ غير
شرعي پرڪارن جي ڪري زلزلا اچن ٿا. اهڙو ذڪر حافظ بدرالدين
عيني پنهنجي تحريرن ۾ ڪيو آهي."

مولانا غلام صديق جيئن ته هڪ تاريخ دان ديني عالم هو.
ان سلسلي ۾ ان بزرگ زلزلي متعلق جيڪي تاريخ ۾ واقعا بيان ڪيا آهن تن
مان مڪيه واقعن جو تفصيلي ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:-

(الف) بعض مان وقع من الزلزال الكبار فنقول قد
وقع في ٢٣٢ بدمشق سقطت منها دور وهلك تحتها خلق فيها
هلاك من اهلها خمسون الفًا. (٢)

ترجمو:- "مڪيه وڌن زلزلن مان هڪ زلزلو ٢٣٢ھ دمشق
جي علائقي ۾ ٿيو. جن زلزلي سان در و ديوار ٽٽي پيا. گھڻا مڪان
ڍهي پيا ۽ اندازًا ٥٠ هزار انسان هلاڪ ٿيا."

---

(١) - غلام صديق مولوي، "حقيقة زلزله"، قلمي - ص - ١

(٢) ـــــــــ ايضًا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 727

(ب) وفی ۲۴۲ھ زلزلت الارض زلزلة عظیمة بتونس والرّی و"خراسان"، و"نیشاپور" و"طبرستان" و"اصبهان" وتقطعت جبال وانشقت الارض (۱)

ترجمو: "سن ۲۴۲ھ ۾ "تونس"، "رَی"، "خراسان"، "نیشاپور"، "طبرستان" ۽ "اصفهان" ۾ وڏو زلزلو آيو. ان زلزلي سبب جبل ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيا ۽ زمين ۾ ڏار پئجي ويا."

(ج) وفی ۴۶۰ھ بالمرلة زلزلة هائلة حزبتها حتیٰ طلح الماء من رؤس الابار الی غیر ذالك من الزلزال (۲)

ترجمو: "سن ۴۶۰ھ ۾ مرڪي ڏار زلزلو آيو. ان زور دار زلزلي سبب زمين جو پاڻي کوهن جي ڪنارن تائين ستي چڙهيو"

(د) وقد وقعت زلزلة عظیمة بالمدینة المنورة ابتداؤها متهل جماد الآخر سن ۶۵۴ھ وکانت خفیفة ثم اشتدت یوم الثلثاء ولما کانت لیلة الاربعاء عظمت حتیٰ انزعجت القلوب واستمرت بقیة اللیل الی یوم الجمعة کما فی العینی والارشاد والفتح شروح البخاری (۳)

ترجمو: "تحقیق وڏو زلزلو مدینہ منورہ ۾ جماد الآخر ۶۵۴ھ ۾ آيو. اهو زلزلو پهريائين هلکو هيو پر پوءِ اڳاري ڏينهن شديد ٿيو، ۽ اربع جي رات اڃا به وڏيڪ سخت ٿيو ۽ جمعي ڏينهن تائين جاري رهيو. ان زلزلي دلين ۾ خوف و هراس پيدا ڪيو. اهڙي وضاحت صحيح بخاري شريف جي شرحن يعني "العيني"، "الارشاد" ۽ "الفتح" ۾ موجود آهي. (۴)

---

(۱) - غلام صديق مولوي، حقيقة زلزله، قلمي - ص - ۳
(۲) ايضاً
(۳) ايضاً
(۴) ايضاً

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 728

(الف) سوانح حيات

مولانا شاه محمد هكڙو

مولانا شاه محمد ولد محمد امين هكڙي جي ولادت سن ١٣٢٤هـ/١٩٠٦ع ۾ گوٺ ٻُڌي هكڙا[١] تعلقي ميروخان ۾ ٿي. سندس خاندان ۾ ٻيا به عالم ٿيا، جن ۾ مولوي محمد اعظم هكڙو، مولوي الهي بخش هكڙو ۽ مولوي عبدالحكيم هكڙو شامل آهن.

مولانا شاه محمد ابتدائي تعليم پنهنجي گوٺ ۾ مولانا محمد اعظم هكڙي وٽ ورتي ۽ پوءِ كجهه تعليم مولانا خوش محمد ميروخاني وٽ ۽ آخر ۾ سموري تعليم علامه عبدالكريم كوهائيءَ وٽان پرائي فارغ التحصيل ٿيو. (١)

مولانا شاه محمد هكڙو علامه غلام مصطفىٰ قاسميءَ سان گڏ مولانا عبدالكريم كوهائي وٽ 'كوهسليمان' ۾ علي خان قنبر' جي مدرسن ۾ پڙهيو هو. علامه قاسمي صاحب هڪ ملاقات ۾ ٻڌايو:

"جڏهن علامه كوهائي كي 'كوهسليمان' مان پير تراب علي شاه پنهنجي مدرسي علي خان ۾ وٺي آيو تہ ساڻس مان به گڏهوم. ٻين شاگردن مان مولانا عبدالله چانڊيو، مولانا شاه محمد هكڙو، اهي مون سان گڏ كوهسليمان ۾ به پڙهندا رهيا ۽ سندن سبق مون كان مٿي وهيا. علي خان قنبر ۾ پهچي مون كاپنو ۽

---

(١)- ولي محمد هكڙو ساكن علي خان قنبر عمر ٧٠ سال (مولانا شاه محمد جوسوٺ) ۽ غلام عمر هكڙو (مولانا شاه محمد جو عزيز) كان ١٤ اپريل ١٩٩٢ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 729

مولوي عبدالله ۽ مولوي شاه محمد سنت ئي فارغ ٿي ويا "(۱)

مولانا عبدالوهاب چاچڑ ماهنامه "شريعت" ۾ لکي ٿو:-

"مولانا عبدالعزيز پاڻدوي، مولانا شاه محمد هڪڙو مولوي علي انور ٽوٽنيه بنيءَ وارو ۽ مولوي عبدالعزيز اُدو ڀُٽي ڊب وارو، مولانا عبدالڪريم ڪُوراڻي وٽان فارغ التحصيل ٿي نڪتا "(۲)

مولانا شاه محمد هڪڙي علمي فراغت کان بعد هيٺين مختلف مدرسن ۾ پڙهايو:-

مدرسو گوٽ بُني هڪڙا، مدرسو اشاعت القرآن لاهوري محلو لاڙڪاڻو، مدرسو حڪيم فضل الله شڪارپور (هتي حڪيم صاحب وٽان طب به سکيائين)، مدرسو گوٽ الهي بخش عاربابڙي (تعلقو ريتو ديرو) اچي وڃي تا.

مولانا صاحب ديني مدرسن ۾ پڙهائڻ کانپوءِ ميونسپل هاءِ اسکول شهداد ڪوٽ ۾ عربي استاد مقرر ٿيو. اتان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ آخري عمر ۾ لاڙڪاڻي ۾ الله والي مسجد جي مدرسي ۾ ڪجهه وقت ديني درس ڏنائين.(۳)

مولانا شاه محمد وٽان ڪيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو جن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

---

(۱) - علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ کان ۴-۴-۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

(۲) - عبدالوهاب چاچڑ مولانا، ماهنامه 'شريعت' سکر 'سوانح نمبر' ۱۹۸۱ع، ص. ۲۲۷.

(۳) - حافظ رسول بخش بروهي ساکن شهداد ڪوٽ (مولانا شاه محمد جو شاگرد) کان ۱۳-۴-۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 730

مولانا قاضي دوست محمد "بلبل سندھ" لاڑڪاڻو، مولانا قاري خيرمحمد بلوچ لاڑڪاڻو، مولوي حافظ رسول بخش بروهي شهدادڪوٽ، مولوي عبدالحڪيم هڪڙو ڳوٺ "بُني هڪڙا"، مولوي الله بخش بروهي شهدادڪوٽ، مولوي الهي بخش هڪڙو ڳوٺ "بني هڪڙا"، مولوي جان محمد پلوٽ جندي ديري واروبه وٽن ڪجهه پڙهيا.

مولوي صاحب جي همعصرن مان مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي مولانا عبدالله چانڊيو، مولوي محمد ابراهيم چانڊيو، مولوي محمد ابراهيم ڪارڙائي مولانا محمد قاسم مشوري، مولانا محمد عظيم شيدا، مولوي محمد نواز سيال، مولانا عبدالعزيز پانڊوي جا نالا قابل ذڪر آهن. (۱)

مولانا شاه محمد هڪڙي جو معاشي ذريعو تعلقي ميرخان ۾ ۵ جريب زرعي زمين هئي، جيڪا ڪرمت تي آباد ٿيندي هئي.

مولانا صاحب پنهنجي عمر ۾ ٽي شاديون ڪيون. پهرين گهرواريءَ مان هڪ نياڻي ٽيس، ٻيءَ مان اولاد نه ٿيس، ٽئين مان هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي ٽيس.

مولانا شاه محمد هڪڙي سڄي عمر ديني درس تدريس ۾ گذاري. پاڻ لاڑڪاڻي ۾ رهڻ دوران سخت بيمار ٿي پيو ۽ مئي ۱۹۷۹ع ۾ وفات ڪيائين ۽ ڪيس پنهنجي آبائي ڳوٺ ۾ دفن ڪيو ويو. (۲)

---

(۱) - ولي محمد هڪڙو ۽ غلام عمر هڪڙو (مولانا شاه محمد هڪڙي جا عزيز) کان ۱۴-۴-۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

(۲) - ولي محمد هڪڙو (مولانا شاه محمد جو سوٽ) کان ۱۴-۴-۱۹۹۲ع تي علي خان قنبر ۾ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 731

(الف) سوانح حيات

مولانا خالق داد ابڑو

مولانا خالق داد ولد ميان دادخان ابڑي جي ولادت سن ١٣٢٥ھ/ ١٩٠٧ع ۾ گوٺ نظر رهينئر ميونسپل ڪاميٽي لاڑڪاڻي بي حداندر اچي ويو آهي) ۾ ٿي. ابتدائي تعليم فائينل پاس ڪري ۽ ٿي درجا انگريزي پڙهيو. بعد ۾ لاڑڪاڻي جي مدرسي "درس آل قدم" ۾ مولانا مفتي سيد خادم حسين شاه وٽ علم مناظره پڙهي سند ورتائين. ان کانپوءِ قبله مولانا قمد بشير صاحب تيکسلا (پنجاب)، مولانا قمد اسمٰعيل فيصل آباد (پنجاب) وارن وٽان علم المناظره پڙهي فراغت جي سند ورتائين.

مولانا خالقداد جو تعلق فقد جعفريه سان هو. هن شيعه سني مناظرن ۾ حصو ورتو. اهڙو هڪ مناظرو نظر گوٺ ۾ ٿيو. جنهن ۾ اهل سنت جي عالمن طرفان مولانا برڪت علي چانديو، مولانا قمد قاسم مشوري ۽ مولانا پير غلام مجدد سرهندي شڪارپوري شامل هئا. اهل شيعت وارن عالمن مان مولوي قمد بشير، غلام حيدر شاه ٿٽي ننگرواري ۽ مولوي خالقداد ابڑو شامل هئا. اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي ته مناظري ۾ ڪوبه حتمي فيصلو ڪونه ڪرندو آهي، بلڪ اهيا به ويچو وڏي ويندو آهي. سوئي حال هن مناظري جو ٿيو يعني هڪ ڏر پنهنجي سوپ جو اعلان ڪيو.

مولوي خالقداد ابڑي کي باقاعده مدرسو ڪونه کوليو. البت گوٺ ۾ وٽانئس ڪن شاگردن کي علمي فيض پرايو، جن ۾ ماسٽر علي نواز ابڑو، ماسٽر مير قمد ابڑو،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 732

زوار حمد نواز ابڑو ، بخت حسين ابڑو، الله بخش ۽ حمد پناه ابڑو نظر ڪوٽ جا ويڙهه شامل آهن.

مولانا خالقداد صاحب ڪاڪڙ تصنيف و تاليف بہ ڪئي آهي. جنهن ۾ 'اظهار حق' (قلمي) ۽ "تنبيه الغاصبين" (قلمي) شامل آهن. هي ڪتاب سندس پوين وٽ سالم شڪل ۾ محفوظ رهي نہ سگهيا آهن.

مولانا خالقداد جون ٻنهنجي وقت جي ڪاڪڙ عالمن سان ملاقاتون ۽ علمي ڪاڇيرون پڙ ٿيون، جن ۾ مولوي غلام حيدر شاه ٺٽي ننڍڙ وارو ، مولانا شبيه الحسنين خيرپور رياست ، مولانا مفتي عابد حسين (پنجاب) ۽ مالستر حمد پريل جعفري لاڙڪاڻو قابل ذڪر آهن.

مولوي صاحب جي اولاد ۾ هڪ فرزند محبوب علي ۽ ٽ ڌيئاڻيون ٿيون. سندس معاشي ذريعو زرعي زمين هئي آخر ۾ مولوي خالقداد ۸۵ ورهين جي عمر ۾ تاريخ ۱۳ جولاءِ ۱۹۹۰ع ۾ وفات ڪئي. (۱)

---

(۱) - مٿيون سمورو احوال مولوي خالقداد ابڑي جي فرزند مولائي محبوب علي ڪان. ۲ جون ۱۹۹۲ع تي انٽرويو ذريعي ورتو ويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 733

(الف) سوانح حيات

مولانا محمّد ڪوڪر

مولوي احمد بن محمّد ڪوڪر جي ولادت گوٺ سوني جلوٽئي، تعلقي لاڙڪاڻي ۾ سن ۱۳۲۶ھ/۱۹۰۸ع ۾ ٿي. سندس وڏا اصل ۾ ڀل مگسي، بلوچستان کان سنڌ ۾ آيا. پاڻ ستن ڀيڻهين کانوٽي گوٺ سوني جلوٽئي، ۾ آباد ٿيا. بعد ۾ اتان سن ۱۳۵۹/۱۹۴۰ع ۾ لڏي لاهوري محلي، لاڙڪاڻي ۾ اچي ويٺا.

مولوي محمّد صاحب پنهنجي ابتدائي تعليم بابت ٻڌائيندو هوته:-

"جڏهن هوندو هوته سندس والده مدرسه دارالفيض، سوني جلوٽئي جي ڪوهتان پاڻي پرڻ ويندي هئي ۽ مان به ساڻس گڏ ويندو هيس. پوءِ اتي مدرسي ۾ هارن جي پڙهڻ جو آواز ٻڌي وڃي مدرسي جي ڏاڪي تي ويهندو هيس. اتي هڪ دفعي استاد سائين غلام عمر ڀچيو ته "پٽ تنهنجو نالو ڇا آهي". مون چيو ماڻس ته "محمّد پٽ احمّد". اهو نالو استاد کي ڏاڍو وڻيو ۽ چيائين ته "پٽ تنهنجو نالو ڪمرو نه ٻلو آهي". اهڙي طرح مون اتي پڙهڻ شروع ڪيو. پوءِ ته اهڙو پڙهڻ سان پيار ٿي ويو جو جمعي ۽ عيدن جي ڏينهن تي به چوندو هيم ته جيئن ٻلو پڙهان." (۱)

---

(۱) - لقمان حڪيم (مولوي محمّد جو پائيڇو ۽ ٻيائو) ڪان ۲، فبروري ۱۹۸۹ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 734

مولوي محمد کوکر پنهنجي پوري تعليم ابتدا کان آخر تائين مدرسه ابوالفيض مولانا غلام عمر جلوئي وٽ پڙهي. جتي مولانا غلام محمد جلوئي جيڪو اڳي مدرس هو. مولانا غلام عمر جو شاگرد ۽ عزيز به هو. مدرس طور پڙهائيندو هو. سن ۱۳۵۷ھ/۱۹۳۸ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو.

اهڙيءَ طرح مولانا غلام محمد جلوئي به مولوي محمد جو استاد هو.

مولوي محمد کوکر دستار بنديءَ کان بعد سائڻيءُ مدرسي دارالفيض، سولونجلوئي ۾ مدرس طور پڙهايو. هتي ڪجهه عرصو پڙهائڻ کان پوءِ اتان چڏي لاڙڪاڻي ۾ لاهوري محلي جي مدرسه اشاعت العلوم، ۾ درس تدريس جو شغل شروع ڪيائين ۽ هتي تقريباً ۲۰، ۲۵ سال پڙهايائين. پوءِ مدرسه عيدگاه، لاڙڪاڻي ۾ ۱۰، ۱۲ سال پڙهايائين. ان عرصي دوران مولانا محمد صاحب ڇهن ستن سال تائين سرڪاري ملازمت ڪئي. پاڻ ۱۹۵۵-۵۶ع ۾ گرلس هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ عربي استاد مقرر ٿيو. ان کانپوءِ گرلس هاءِ اسڪول سکر ۾ بدلي ٿي ويو ۽ پوءِ اتان جلد رٽائر ڪيائين. سرڪاري ملازمت دوران، مدرسي عيدگاه، لاڙڪاڻي ۾ پڙهائڻ لاءِ پيا مدرس به رکيائين ۽ پاڻ به مدرسي جي مهتمم جي حيثيت ۾ اهڙن سڀني کي پڙهائيندو رهيو.

مولوي محمد صاحب کان ڪيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو. اهڙن مان مولوي عزيز الله جلوئي ٻيٽي وارو، مولوي قاري خيرمحمد بلوچ لاڙڪاڻو، مولوي بشيراحمد هڪڙو تعلقو قنبر، مولوي قاري رفيق احمد جرڳي گوٽ خان واهڻ، تعلقو ريتدير، مولوي غلام محمد بروهي تعلقو لاڙڪاڻو ۽ سندس پائيٽجو ۽ ٻيا ڪيترا لقمان حڪيم جا نالا قابل ذڪر آهن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 735

مولوي صاحب کي جمع تصنيف ۽ تاليف به ڪئي، جنهن ۾
'خطبو' (منظوم) جوڙيائين جيڪو هينئر اڻ لڀ آهي. 'استاد فارسي' (فارسيءَ
جو گرامر) اختصار طور سندءِ ۾ متعارف ڪرايائين ۽ 'رسالہ اصلاح المسلمين'
لکي ڇپائي پڌرو ڪيائين. (١)

مولوي صاحب تصنيف تاليف ۽ درس تدريس سان گڏ
تبليغ جو فريضو به سرانجام ڏيندو رهيو. اڪثر ڪري پنهنجي وعظ ۾ معاشري
۾ غلط رسمن جي خلاف بي باڪيءَ سان گالهائيندو هو. خاص طرح نيائين
کي وهاري ڇڏڻ تي پر زور ۽ اثر انداز تقرير ڪندو هو. "هڪ دفعي جو
واقعو آهي ته لاهوري محلي لاڙڪاڻي ۾ ملا محمد اسحٰق ميمڻ جيڪو سندس
وعظ ۾ ٻيلو هو، تقرير ختم ٿيڻ کان بعد مولوي صاحب کي چيائين ته سائين!
هينئر ئي هلي منهنجي نياڻيءَ جو نڪاح پڙهو".

پاڻ فرقي بنديءَ جي سخت خلاف هو ۽ هميشه
نوجوانن کي ديني علم پڙهڻ جي تلقين ڪندو هو. سندس ۾ خاص خوبي
اها هئي ته پاڻ فارسيءَ جو چڱو حافظ هو. ڪيس ڪيترائي فارسيءَ جا
بيت يادهئا. ڪيس ٻڌهر ته مولوي ۽ عالم ثاني سعدي' سڏيندا هئا.

مولوي محمد ڪوڪ جي همعصر عالمن ۾ مولانا تاج محمد
آريجوي، مولوي غلام حسين وليدائي، مولانا محمد قاسم مشوري، مولانا
غلام رسول عباسي، مولوي نورالدين "نور"، مولانا محمد عالم ابڙو
'ملا ابڙا'، مولانا غلام رسول جلوئي محرابپوري، مولانا دين محمد وفائي

---

(١) - غلام سرور جمال (مولوي محمد صاحب جو فرزند) کان ٢، فبروري ١٩٩٢ع تي ورتل
انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 736

مولانا قاضي گل محمد ترائي وارو ، ۽ مولوي قاضي دوست محمد بلبل سنڌ قابل ذڪر آهن.

مولوي محمد صاحب روحاني لحاظ کان سرهندي بزرگ

تندي ساڻيندار واري کان متاثر هو. پاڻ نهايت سادو ۽ فقير طبع انسان هو، پاڻ

سلوڪ حڪيم به هو. سندس معاشي ذريعو حڪمت ۽ جلد سازيءَ جو پيشو هو. مولانا

صاحب حج جي ارادي سان ايران ۽ عراق جي رستي سفر جو آغاز ڪيو. پر جڏهن

عراق پهتو ته ايران ۾ انقلاب اچي ويو ۽ حج تائين پهچي نه سگهيو جنهن ڪري

عراق ۽ ايران جي مقدس مقامات جي زيارت ڪري واپس موٽي آيو.

کيس اولاد ۾ پنج نياڻيون ۽ ٽي فرزند نالي محب الله ،

غلام سرور ۽ نور احمد ٿيا.

مولانا محمد احمد ڪوڪر سڄي عمر دين جي خدمت ڪندي

گذاري ۽ مئي ۱۹۸۴ع ۾ ۷۷ سال جي عمر ۾ وفات ڪيائين .(۱)

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا محمد بن احمد ڪوڪر ديني درس تدريس ۽ تبليغ

Gul Hayat Institute

کانسواءِ تصنيف ۽ تاليف ذريعي به ديني اشاعت ۾ حصو ورتو. سندس

تصنيفات ۾ سندس جوڙيل خطبو (منظوم) ۽ رساله 'اصلاح المسلمين'

شامل آهن . سندس جوڙيل خطبو هينڊ رائٽ لپ آهي . هيٺ سندس

'اصلاح المسلمين' جو جائزو پيش ڪجي ٿو :

---

(۱) - مشڪون سمورو احوال لقمان حڪيم (مولانا جو نياڻو) ۽ مولانا صاحب

جي فرزند غلام سرور جمال کان ۲۰ فبروري ۱۹۸۹ع تي انٽرويو ذريعي ورتو ويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

رسالو 'اصلاح المسلمين' (مطبوعه)

مولوي فضل صاحب عام مسلمانن جي اصلاح لاءِ رساله 'اصلاح المسلمين' جي نالي سان هڪ ننڍڙو رسالو سن ١٣٥٤هـ/١٩٣٥ع ۾ تصنيف ڪيو. هي رسالو ٣٠ صفحن تي پکڙيل آهي هن رسالي کي موتي پريس پوليس باغ لاڙڪاڻي مان چپائي پڌرو ڪيو.

هن رسالي جي پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته مولانا فضل ڪوڪر پنهنجي هڪ ٻئي رفيق ڪار مولوي فتح فضل مدرس مدرسه 'بهرام' (تعلقو ميروخان) سان گڏ لکيو ۽ چپايو هوء. هن رسالي ۾ اهلسنت جماعت جي طرفان اهڙن ماڻهن جي نظريي کي رد ڪيو ويو آهي، جي صحابه ڪرام جي شان ۾ گستاخي ڪن ٿا ۽ قرآني آيتن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي غلط نموني ۾ پيش ڪن ٿا. عام ۽ گهٽ پڙهيل مسلمانن جي عقيدي کي ضعيف ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، اهڙن جي اهڙي تحريڪ کي ٻنڌڻ لاءِ صاف ۽ سليس سنڌيءَ ۾ سمجهايو ويو آهي.

رسالي جي آخر ۾ مختلف شاعرن جا جوڙيل موضوع جي مناسبت سان مولود شريف بابت ڏنا ويا آهن. رسالي جي آخر ۾ ان دور جي جيد عالمن ۾ مولانا ميان فضل نورسنگي، مولانا غلام صديق شهداد ڪوٽي ۽ مولانا دين فضل ٻڌي وارن عالمن جا تصديقي نوٽ ڏنا ويا آهن. جن مان معلوم ٿئي ٿو ته هي رسالو عام مسلمانن جي اصلاح لاءِ وڏو ڪارآمد آهي. هي رسالو ديني اشاعت ۽ تبليغ جي سلسلي ۾ مولانا فضل ڪوڪر جو بهترين شاهڪار آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 738

(الف) سوانح حيات

مولانا محمّد ابراهيم بُلتوي

مولانا محمّد ابراهيم ولد مولانا دين محمّد چانڊيو جي ولادت سن ۱۳۲۷ھ/۱۹۰۹ع ۾ گوٺ 'بُتي' تعلقو ميروخان ۾ ٿي. ابتدائي عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم پنهنجي والد ماجد ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي معروف ديني عالم مولانا دين محمّد وٽ گوٺ ۾ ئي حاصل ڪئي. ان کانپوءِ 'علي خان' قنبر ۽ 'نورنگ' (تعلقو قنبر) جي مدرسي ۾ پڙهيو. آخر ۾ گوٺ 'محبوب تنيو' تعلقي ميروخان ۾ مولانا محمّد اسمٰعيل قريشيءَ وٽ باقي تعليم پوري ڪري فارغ التحصيل ٿيو(۱)

مولانا محمّد ابراهيم علمي فراغت کان بعد پنهنجي والد واري مدرسي ۾ درس تدريس ڏيندو رهيو. وٽانئس جن شاگردن علمي فيض پرايو، انهن ۾ مولوي عبدالقادر بلوچ، مولوي علي محمّد سومرو، ميان بخشل خان ۽ حافظ قاري غلام رسول عباسي ۽ ٻيا شامل آهن.

مولانا صاحب کي الله تعالىٰ مبلّغ جي بهترين صلاحيتن سان نوازيو هو. ڀاڻ بهترين وعظ ۽ شيرين گفتار، سان هزارن ماڻهن جون دلين موهي ڇڏيون. پنهنجي گوٺ ۾ هر مهيني جي پهرين جمعي تي ديني جلسي جو بندوبست ڪندو هو. جنهن ۾ علماء ڪرام ۽ نعت خوان وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيندا هئا.

مولانا محمّد ابراهيم سياسي ۽ سماجي ڪمن ۾ به پريو رهندو ورتو. سندس مدرسي ۾ دين ۽ سياست جي گڏيل تعليم ۽ تربيت جو بندوبست موندو هو. ڀاڻ چوندو رهندو هو ته "دين ۽ سياست کي جدا ڪري نه ٿو سمجهجي".

---

(۱) - حڪيم دين محمّد بلوچ (مولانا محمّد ابراهيم جو فرزند) کان ۲۵ جون ۱۹۸۷ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 739

'مسجد منزگاھ' واري تحريڪ ۾ جڏھن معاملو قرباني ڏيڻ تي ڇڏيو تہ پاڻ ھر قرباني ڏيڻ لاءِ سکر ڇڏيو. (۱) ان کانسواءِ جڏھن 'ڪانگريس' ۽ 'مسلم ليگ' جماعتن آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون تہ پاڻ مسلم ليگ ۾ شامل ٿي سياست ۾ قدم رکيائين. ملڪ جي آزاديءَ لاءِ ھن ئي جماعت جي سياسي ميدان تان سرگرمي سان حصو ورتو ٻڌو. سندس سڃي سھڪار ڪري مسلم ليگ جا جلسا ھن جي مدرسي ۾ بہ منعقد ٿيندا ھئا. ان کانسواءِ سندن اندرھن جماعت جي سڏايل جلسن ۾ شريڪ ٿي وڃي ان جي ڪاميابيءَ واسطي خوب تقريرون ڪيائين. (۲)

مولانا محمد ابراھيم جو مطالعو نھايت وسيع ھو. پاڻ ڪتاب پڙھڻ جو ڏاڍو شوقين ھو. اڪثر ڪري سيد سليمان ندوي، مولانا حسين احمد مدني ۽ تحريڪ اسلامي جي ليڊرن جي ڪتابن پڙھڻ ۽ پسند ڪرڻ ھو. اسلامي نظام جي نفاذ لاءِ ليکڻ ڏاري ترتيب ۽ بيقراري رھندي ھئي. اڪثر ان لاءِ جو اظھار ڪندو ھو تہ "شال الله تعالىٰ اسلامي نظام جو صحيح معنيٰ ۾ منظر ڪين سان ڏيکاري". سندس زندگيءَ جي عظيم آرزو ۽ تمنا اھا ھئي.

مولانا صاحب ديني عالم ۽ مبلغ ھئڻ سان گڏ سٺو شاعر بہ ھئا. گذريل ڏاھي. من پنھنجي شاعريءَ ۾ "ايشم" تخلص استعمال ڪندا ھئا. پاڻ شعر جي ھر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿائين. جنھن ۾ مولود شريف، غزل، قطعہ، مرثيہ ۽ مناجات وغيرہ شامل آھن. پر افسوس جو مولانا جو اھو ڪلام سندس پوين وٽ محفوظ رھي نہ سگھيو آھي.

مولانا محمد ابراھيم ٻوڏي سڄي چار ديني درس تدريس ۽ تبليغ ۾ بسر ڪئي، ۽ آخر ۾ ۴ شعبان سن ۱۳۹۹ھ/ ۳۰ جون ۱۹۷۹ع تي لاڙاڻو ڪيائين. (۳)

---

(۱) - چاچڙ عبدالوھاب مولانا، ماھنامہ "شريعت" سکر، سوانح حيات نمبر، ۱۹۸۱ع ص -
(۲) - سومرو مظھرالدين داڪٽر، "تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو"، پي ايڇ. ڊي لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، جامشورو سنڌ يونيورسٽي سال ؟ ص - ۴۹۲
(۳) - حڪيم دين محمد بلوچ (مولانا محمد ابراھيم جوڻيجو جو فرزند) کان ۲۵-۶-۱۹۸۷ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 740

(الف) سوانح حيات

مولانا عُبيد الله لاشاري

مولوي عبيد الله ولد قيصر خان لاشاريءَ جي ولادت

ٻوٽ ٻُڌي اپور، تعلقي وارهه ۾ اندازًا سن ١٣٢٨هـ/١٩١٠ع ۾ ٿي.

مولانا عُبيد الله لاشاري قرآن شريف جي تعليم تعلقي

قنبر ۾ مولوي واحد بخش ۽ حاجي مٺل شيخ وٽ ورتي. فارسيءَ جي مڪمل تعليم

ٻُڌهي خيرمحمد ڪرٽيو (تعلقو وارهه) ۾ مولانا فضل حق چانڊئي وٽ ورتي. ان

کان بعد سنڌ جي مختلف مدرسن يعني مدرسه ٻاروديرو، تعلقو وارهه پاڻ شريف

(نلهو دادو) پير جهنڊو سيڌهي، ٺٽو، مولوي محمد عظيم سڪاول ۽ پاڻ ڏو قبور تعلقو

رتوديرو) ۾ مولانا عبدالعزيز پاڻ ڏوءَ وٽ پڙهيو. ان کان پوءِ ١٩٢٤ع ۾ مدرسه

مظهرالعلوم ڪڏو ڪراچي ۽ آخر ۾ ١٩٢٤ع مدرسه لورو ڦوٽ، تعلقو شڪارپور ۽

مدرسه ميرپور پٿ، تعلقو رتوديرو ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي وٽان فارغ التحصيل

ٿيو. بعد ۾ علمي استعداد وڌائڻ لاءِ هندوستان جو سفر ڪيو. جتي مدرسه

دارالعلوم ديوبند ۾ شيخ الحديث مولانا حسين احمد مدني ۽ مولانا فخرالدين

مرادآبادي کان علمي فيض پرايائين. هڙي طرح هندوستان ۾ ٻه سال رهيو،

اتان جيڪي ڪيس علمي سنڊون ملون، انهن ۾ علم حديث جي سنڊ ۽ پي

متداول فنون جي ڪتابن جي سنڊ سن ١٣٦٥هـ/١٩٤٥ع ۾ ۽ ٽين سنڊ ربيع الاول

١٣٦٨هـ/١٩٤٨ع ۾ دارالعلوم ديوبند مان ڪيس ملون. مولانا ديوبند ۾ عربي ۽

فارسي ۾ پهريون نمبر اردوءَ ۾ ٻيو نمبر آيو. (١)

---

(١) - ماسٽر شيخ غلام قادر ساڪن وارهه عمر ٥٥ سال مولانا عبيد الله جو دوست ۽

گوٺاءِ ۽ ميان علي گوهر (مولانا عُبيد الله جو پاءُ) کان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مولانا عُبيد الله لاشاري ديوبند مان فارغ ٿيڻ بعد
ديني درس تدريس جوڪم شروع ڪيو ۽ هيٺين مختلف مدرسن ۾ پڙهايائين:
مدرسه مُنياڻي ضلعو نوشهرو فيروز ۾ هڪ سال پڙهايائين.
پوءِ ڪجهه سال مدرسه دارالرشاد پير ڏهندو ۾ درس وتدريس جو شغل جاري
رکيائين، جيڪو ان وقت احياسٽي حالت ۾ هو. ۽ پير ضياءالدين رح ان جو سرپرست
هو. جيڪو علم وعمل ۾ صاحب ڪمال ۽ پنهنجي وڻن جو حقيقي جاءنشين هو.
ان وقت مولانا عبيدالله وٽ ڪجهه دستار بندي ٿيون، جن ۾ پير ضياءُالدين
جو پوٽو سعدالله شاهه قابل ذڪر آهي، ان بعد ڏيدميل جي مفاصلي
تي سعيدآباد ۾ ديني مدرسو کوليائين ۽ پڪ جامع مسجد جو بنياد رکيائين.
سندس ڪوشش سان مدرسو نهايت سٽي نمونيي هليو ۽ طلباء وٽن دستار
بندي ڪيون. پوءِ اتان چڏي نوابشاهه ويو ۽ اسٽيشن واري مسجد ۾ خطيب
مقرر ٿيو ۽ مسجد جي پاسي واري مدرسه ۾ به پڙهائيندو هو، جنهن جو
سرپرست مولوي حڪيم قد معاذ هو. هتي جمعي ڏينهن سندس تقرير ٻڌڻ
لاءِ هزارين ڪان گهٽي اندازن ماڻهو ايندا هئا. ان وقت مولوي ميرقد ساڻ
مشائخ هوتي واروبه وٽس پڙهندو هو. ان کانپوءِ ڪن سببن ڪري ان مسجد
جي خطابت تان استعيفا ڏئي ريلوي جي اوير ۾ غريب آباد محلي ۾ شوال
۱۳۶۷ھ کان رمضان ۱۳۷۷ھ تائين رهيو. اهڙي طرح هتي پورو سال پڙهايائين.
ان سال وٽس ۴۲ طالب العلم هئا بعد ۾ ٻُرتي ديري ۾ پنهنجي استاد مولانا
عبدالحڪيم سومري جي مدرسه عزيزيه ۾ اٽڪل پنج سال پڙهايائين ۽ آخر ۾
مدرسه مظهرالعلوم ڪڏي ڪراچي ۾ شيخ الحديث ٿي رهيو. ۽ پوليس هيڊڪوارٽر
گارڊن روڊ ڪراچي جي مسجد جو خطيب ۽ مدرس به ٿي رهيو. هتي عشاء ۾

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 742

فجر جي نماز بعد درس قرآن ڏيندوهو. وٽس مختلف مساجد جا پيش امام رات جو پڙهڻ به ايندا هئا ۽ شام جو به کي طالب العلم وٽس پڙهندا هئا. (۱)

ان کان سواءِ مولانا عُبيد الله صاحب پنهنجي گوٺ ٻيا پور ۾ وارهه شهر کان ڇهن ميلن جي مفاصلي تي سرڪاري زمين قسطن تي خريد ڪري هڪ مدرسو کوليو، جنهن ۾ مدرس طور پنهنجي هڪ شاگرد مولانا عبدالحق پٺاڻ کي مقرر ڪيائين.

مولانا عُبيد الله لاشاريءَ وٽان جن شاگردن علمي فيض پرايو انهن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:-

مولانا عبدالقيوم خاراني، مولانا عبدالحق خاراني (بلوچستان) قاري عزيز الله ابڙو ۽ قاري محمد رفيق جروار (تعلقو رتوديرو) مولانا محمد جعفر بروهي، مولوي عبدالعزيز بروهي (رتوديرو)، مولوي عبدالمجيد بروهي (بلوچستان)، مولوي عبدالحق پٺاڻ افغانستاني، قاري عبدالعزيز (ايران)، مولوي محمد نواز لاشاري (تعلقو رتوديرو) مخدوم سنطوري هالا، مولوي عبدالرحمان (ٺٽو)، مولوي شيرمحمد بروهي ۽ مولوي عبدالخالق بروهي (بلوچستان) شامل آهن. (۲)

مولانا عُبيد الله سياسي لحاظ کان 'جميعت علماء الاسلام' سان وابسته هو. پاڻ مولانا عُبيد الله سنڌيءَ جي سياسي فڪر ۽ فلسفي

---

(۱) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا ماهنامه "شريعت" سکر، 'سوانح حيات نمبر' ۱۹۸۱ع يوناٽيڊ لميٽيڊ، ص - ۲۹۴

(۲) - ميان علي گوهر (مولانا عُبيد الله جو پاڻ) کان - ۸ - مئي ۱۹۹۲ع تي لاڙڪاڻي ۾ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 743

کان متاثر هو. شاگردي واري زماني ۾ به سياست ۾ حصو ورتائين. جڏهن
پاڻ مدرسه گوري پهوتر ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ وٽ پڙهندو هو، تڏهن
عربي مدرسن جي شاگردن جي فيڊريشن سڏائڻ جي کوشش کيائين. انهيءَ
سال ۱۵، ۱۶، ۱۷ اپريل تي جميعت علماء اسلام سنڌ جي پاران حيدرآباد ۾ ساليانو
جلسو ٿيڻ وارو هو. ان سلسلي ۾ مولانا عبدالحق رباني ۽ عبدالله سجاولي
گوري پهوتر آيا. تڏهن مولانا عُبيد الله ۽ سندس ساڻي شاگردن پنهنجي
استاد جي معرفت اهڙن بزرگن جي آڏو اهاڙت پيش ڪئي ۽ انهن ڏاڍي
پسند ڪئي. ان کانپوءِ مولانا عبيدالله ۽ سندس ساڻي شاگردن جميعت
العلماءِ جي اجلاس بابت سنڌ جي طالب العلمن ڏانهن ان سلسلي
۾ خط لکيا. اجلاس جي صدارت لاءِ مولانا عبيدالله سنڌ يءَ
کي منتخب ڪري ان ڏانهن لاهور دعوت نامو موڪليا ٿون. پوءِ ان
جلسي ۾ شرڪت لاءِ مولانا عُبيد الله سنڌي حيدرآباد آيو. مولانا
عُبيد الله سنڌي شاگردن جي جلسي جي ڪاميابي تي ڏاڍو خوش ٿيو.(۱)

مولانا عُبيد الله لاشاريءَ جي همعصر عالمن مان
مولانا عبدالڪريم سيزاري، مولانا عبدالغفار (مولانا عبدالڪريم
ڪوراڻيءَ جو فرزند) مولانا مفتي محمد سليمان باگهيو، مولوي
حافظ عبدالقادر ٽوڻيو. مولانا حبيب الرحمٰن ٽوڻيو، مولوي
عزيز الله جروار، مولوي محمد صالح پليجو ۽ مولوي دوست محمد بلبل
سنڌ جا نالا قابل ذڪر آهن.

---

(۱) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهنامه "شريعت"، سکر، سوانح حيات نمبر ۱۹۸۱ع
يونائيٽيڊ پبليڪيجز لميٽيڊ ص - ۲۹۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مولانا عُبيد الله لاشاري کي اولاد ۾

هڪ پٽ نالي ولي الله ۽ به ڌياڻيون ٿيون. کيس ٽي پائر مرحوم عزيز الله جيڪو کانئس وڏو هو ۽ ميان غلام الله ۽ علي گوهر حال حيات آهن. غلام الله جنهن سندس گوٺ واري مدرسي جي سنڀال ڪئي ۽ ميان علي گوهر سندس زمين جي سنڀال ڪندو هو.

مولانا صاحب کي آخر ۾ ذيابيطس ٿي پيو کافي علاج ڪرايائين، پر حياتي کيس وفا نه ڪئي ۽ ۲۰ صفر المظفر ۱۳۹۵ھ/ ۴- مارچ ۱۹۷۵ع تي تقريبًا ۶۵ سال جي عمر ۾ وفات ڪيائين. سندس آخري آرامگاھ سندس گوٺ ۾ آهي. ر۱

ر۱- ميان علي گوهر (مولانا عُبيد الله جو ڀاءُ) کان ۸- مئي ۱۹۹۲ع تي لاڙڪاڻي ۾ ورتل انٽرويو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 745

(الف) سوانح حیات

مولوي عبدالحق پلوٹو

مولوي عبدالحق ولد مولوي فيض محمد پلوٹو جي ولادت ګوٹ 'وسايو پلوٹو' تعلقي ريتديري ۾ سن ۱۳۲۸ھ/۱۹۱۰ع ۾ ٿي. هن پرائمري تعليم پنهنجي ګوٹ ۾ ورتي، جنهن ۾ سالڀئي ګوٹ جي مدرسي ۾ مولانا عطا محمد کلهوڑي ۽ ان کان پوءِ مدرسه سُبحڻ سانگي 'تعلقي لاڑڪاڻي ۾ مولانا قمرالدين مهيسر، ګوٹ غرمني پلوٹو 'تعلقو ميرو خان مولانا عبدالله پلوٹو ۽ ضلعي جيڪب آباد ۾ مولانا عبدالڪريم کهارڙي وٽ تعليم ورتائين آخر ۾ ورجي مولانا عطا محمد کلهوڑي وٽان باقي تعليم پڙهي عالمي فراغت حاصل ڪيائين.

مولانا عبدالحق پلوٹو فارغ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ مختلف ديني مدرسن ۾ پڙهايو جنهن ۾ مدرسه 'ڏاڪو مهيسر' تعلقو ميرو خان، مدرسه 'وسايو پلوٹو' ګوٹ 'پنهون پنهنجي' تعلقو ڳڙهي خيرو ضلعو جيڪب آباد جتي ۱۹۲۵ع کان ۱۹۵۳ع تائين پڙهايائين. ان کان بعد ګوٹ لعل بخش مهيسر' تعلقي ميرو خان جي مدرسي ۾ ۱۹۵۴ع کان ۱۹۷۴ع تائين پڙهايائين. وٽانئس ڪيترن ئي شاگردن عالمي فيض پرايو جنهن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

مولانا عبدالحميد بلوچ 'پاڪ ناري' بلوچستان، بصيرالدين پلوٹو 'وسايو پلوٹو' حافظ علي نواز ڪنگو ګوٹ لعل بخش مهيسر'، مولوي يار محمد تعلقو ڳڙهي خيرو، مولوي خراب پنهنجي تعلقو ڳڙهي خيرو، حاجي غلام مصطفىٰ مسلوٹي شهداد ڪوٹ، مولوي دين محمد لاشاري، مولوي الله بخش پنهنجي تعلقو ڳڙهي خيرو، فقير عبدالجبار جاڻڙو ګوٹ لعل بخش مهيسر'، مولوي نظر محمد پنهنجي تعلقو ڳڙهي خيرو، مولوي عزيز الله پنهنجي ۽ پنهل خان پنهنجي ڄاڻا نالا قابل ذڪر آهن.

مولانا عبدالحق پلوٹو روحاني لحاظ کان بزرگ چشموي کان دست بيعت هو.

مولانا کي اولاد ۾ ٻه نياڻيون ۽ ٻه پٽ نالي فيض محمد ۽ خادم حسين سڏيا ۽ ٻئي استاد آهن ۽ لاڑڪاڻي شهر ۾ رهائش پذير آهن.

مولانا عبدالحق سن ۱۹۹۱ع ۾ وفات ڪئي سندس آخري آرامگاهه لاڑڪاڻي ۾ آهي. (۱)

---

(۱) - محترم خادم حسين پلوٹو (مولانا عبدالحق جو فرزند) کان ۳- جولاءِ ۱۹۹۱ع تي ڪيل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 746

الف سوانح حيات

مولانا محمد قاسم چانڊيو .

مولانا محمد قاسم ولد مولانا كريمداد چانڊيو جي ولادت گوٺ سومرخان چانڊيو (تعلقو قنبر) ۾ سن ۱۳۲۸ھ/ ۱۹۱۰ع ۾ ٿي. پاڻ مولانا كريمداد جو پهريو فرزند هو. (۱)

مولانا محمد قاسم پنهنجي سموري تعليم والد صاحب مدرسي ٺوڙهي بجار ۾ ورتي. ان وقت مولانا كريمداد مدرسي ۾ شاگردن جي گهٽائي سبب پڙهائڻ لاءِ چونڊ استاد مقرر كيا هئا. جن ۾ مولانا مخدوم امير احمد كهڙائي، مولانا اميد علي جيكب آبادي ۽ مولانا ولي محمد ابڙو لكنو وارو (جيكو مولانا كريمداد جو شاگرد هو) شامل هئا. مولانا ولي محمد ابڙي ڀرپائين قنبر علي خان جي پير تراب علي شاه جي مدرسي ۾ پڙهائيندو هو. جتان مولانا كريمداد صاحب كيس خاص پنهنجي پٽ جي پڙهائڻ لاءِ پنهنجي مدرسي ۾ ورتي ويو. (۲) ابڙي طرح مولانا محمد قاسم پنهنجي آخري تعليم ٺوڙهيءَ ۾ مولانا اميد علي جيكب آباد ۽ مولانا ولي محمد ابڙي وٽان پڙهي فارغ التحصيل ٿيو. (۳)

---

(۱) پروفيسر مولوي عبدالحي چانڊيو (مولانا محمد قاسم جو فرزند عمر ۶۵ سال) كان ۱۱-۴-۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

(۲) - مسٽر بدرالدين ابڙي (مولانا ولي محمد ابڙي جو فرزند عمر ۵۸ سال) كان ۱۹ اپريل ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

(۳) - پروفيسر مولوي عبدالحي چانڊيو كان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مولانا محمد قاسم علمي فراغت کان بعد نوڙهي مدرسي
۾ پڙهنجي والد سان گڏ پڙهائڻ شروع ڪيو. مولانا محمد قاسم فارسيءَ جو
ميجل چاٽو ۽ استاد هو. پڙهائڻ ۾ انشاء پرداز جو به ماهر هو. ان کانسواءِ
'علم ميراث' ۾ پڙهنجي وقت جو سڏڻ عالم هو، جيڪو هر مسئلي جو جواب ڏيڻ
کان اڳ ياد ڏسيندو هو.

مولانا محمد قاسم پڙهنجي والد سان گڏ مدرسي ۾
سندي تعليم لاءِ اول ۱۹۱۱ع ۾ اسڪول قائم ڪيو ۽ پوءِ ۱۹۳۰ع ۾ مڪمل 'ملا
اسڪول' منظور ڪرايو. 'ملا اسڪول' هلائڻ لاءِ ڪيترا خانگي طرح استاد رکيائين،
جن مان استاد عبدالڪريم بوهڙ به هو جيڪو آخر تائين ۽ ڪورس جي پڙهائي
ڪرائيندو رهيو، ۽ اڄ به ۸۲، ورهين جي عمر ۾ زنده آهي.
ان کانسواءِ ۱۹۳۶ع ۾ مولوي عبدالله 'انڙ' پنهنجي چاچي واري به هٿ استاد
مقرر ٿي آيو. پوءِ نئٽ اهو اسڪول ۱۹۴۲ع کان ۱۹۴۷ع جي پوڻ ۾ وري وري
ڏهڙ ۽ گوٽ جي رونق گم ٿيڻ ڪري ڪجهه وقت بند ٿيو ۽ اهڙي طرح اهو عظيم مدرسو
به ختم ٿي ويو.

مولانا محمد قاسم کان پوءِ سندس فرزند مولوي عبدالحي
جي ڪوشش سان اهو نوڙهي جو مدرسو ۱۹۵۸ع ۾ اورينٽيل ڪاليج ۾
تبديل ٿيو ۽ ۱۹۶۰ع ۾ گوٽ نوڙهي کان منتقل ڪري قنبر شهر ۾ آندو
ويو. ۱۹۶۷ع ۾ ان جو نالو شاه لطيف اورينٽيل انٽر آرٽس ڪاليج رکيو ويو ۽
۱۹۷۲ع ۾ جڏهن قومي تحويل ۾ ورتو ويو تہ ان جو نالو 'شاه لطيف اورينٽيل
ڊگري ڪاليج رکيو ويو جيڪو اڄ تائين انهيءَ نالي سان موجود آهي.
مولانا محمد قاسم کي اولاد ۾ به پٽ ٿيا، جن ۾ وڏو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 748

عبدالهادي جيڪو هڪ رٽائر استاد آهي ۽ ٻيو مولوي عبدالحي آهي، جيڪو پڙهڪ سڻڻ عالم آهي ۽ عربي جي پروفيسر جي حيثيت ۾ ۱۹۸۷ع ۾ رٽائر مينٽ ورتي آهي.

مولانا حمد قاسم جو غير فطري موت ٿيو

ڪيس ۱۳۵۹ھ/ ۱۹۴۰ع ۾ شهيد ڪيو ويو سندس آخري آرام گاھ پنهنجي ڳوٺ ۾ آهي. (۱)

---

(۱) - مشيون سمورو احوال پروفيسر مولوي عبدالحي چانبڙي (مولانا حمد قاسم جو فرزند عمر ۶۵ سال) کان ۱۱-۴-۱۹۹۲ع تي ورتو ويو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 749

(الف) سوانح حيات

مولانا غلام قادر مهيسر

مولانا غلام قادر ولد زين العابدين عرف خليفو الهڏنو مهيسر جي ولادت تقريبًا سن ۱۳۲۸ھ/۱۹۱۰ع ۾ ڳوٺ بلڙ مهيسر تعلقي ميرو خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي.

سندس خاندان جا ورڏا خليفي محمد حسين مهيسر سان ملن ٿا خليفو قمر حسين پير سائين روضي ڏني جو خليفو هو، جنهن جو تذڪرو پيران پاڳاڻ ۽ ٻين ڪتابن ۾ ٿيل آهي سندس حڪم مطابق بلڙ مهيسر ۾ اچي گادي قائم ڪيائون ۽ اتي پيري مريدي جو سلسلو به شروع ڪيو.

مولانا غلام قادر مختلف عالمن وٽان ديني تعليم پرائي جن ۾ مولانا عطا محمد ڪاهوڙو ڳوٺ ڏسايو پٺو (تعلقو رتوڊيرو)، مولانا غلام قمر لونا ري ڳوٺ وارث ڏنو ماڻي (تعلقو رتوڊيرو) مولانا احمد علي مهيسر ڳوٺ بلڙ مهيسر (تعلقو ميرو خان) ۽ مولوي عبدالحليم پنڊائي (تعلقو ميرو خان) شامل آهن اهڙي طرح مولانا غلام قادر سموري تعليم ۱۳۵۹ھ/۱۹۴۰ع ۾ پوري ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

مولانا غلام قادر علمي واڌ ڪان بعد پنهنجي ڳوٺ ۾ درس تدريس جو سلسلو شروع ڪيو ۽ تانئس ڪيترن شاگردن علمي فيض پرايو. پر سندس شاگردن جا نالا مڪمل طور معلوم ٿي نه سگهيا آهن جن ۾ مولوي عبدالحق بروهي عرف دلمراد خاران (بلوچستان)، مولوي قمر طاهر مهيسر (تعلقو ميرو خان) حاجي ڏني بخش پٺو ڳوٺ عرضي پٺو، تعلقو ميرو خان ۽ ٻيا -

مولانا صاحب جي تصنيف و تاليف ڪابه ڪانه هئي، البت ان وقت جي هڪ ذڪرندڙ رسالي "مهيسر" جيڪو مولانا قمرالدين مهيسر ڪڍندو هو تنهن ۾ مولانا غلام قادر جا ڪجهه ديني مسائل ۽ مضمون شايع ٿيا هئا، ان کان سوا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 750

ماهوار "ملا مخزن" ۾ به سندس مضمون شايع ٿيندا هئا.

مولانا غلام قادر کي اولاد ۾ ٽي نيايون ۽ چار

پٽ، پروفيسر زين العابدين، محمد حسين، ڊاڪٽر ضياءُ الدين ۽ احمد علي

آهن.

مولانا سچي چار ديني خدمت کندي گذاري

سندس وفات بروز جمع ۱۴- رمضان المبارک ۱۳۹۳ھ/ ۱۲- آکٹوبر ۱۹۷۳ع ۾

لاڙڪاڻي ۾ ٿي. (۱)

---

(۱) - پروفيسر زين العابدين کان (مولانا غلام قادر جو فرزند) ۴- آکٹوبر ۱۹۸۷ع

ٽي ورتل انٽرويو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 751

(الف) سوانح حيات

مولوي علي انور لوڻيو

مولوي علي انور ولد محمد جاڙل خان لوڻيو جي ولادت گوٺ ٻُٽي، تعلقي ميروخان ۾ سن ۱۳۲۹ھ/۱۹۱۱ع ۾ ٿي. سندس والد پنهنجي گوٺ جي لوڻيه قوم جو چڱو مڙس هو.

مولوي علي انور ابتدائي تعليم ٻڌي ۾ مولانا دين محمد بلوچ وٽ حاصل ڪئي ۽ ڪجهه وقت مولانا خوش محمد ميروخاڻيءَ وٽ به پڙهيو ۽ ان کان پوءِ مدرسه ڪور سليمان ۾ مولانا عبدالڪريم ڪورائيءَ وٽ آخري ڪتاب پڙهي فارغ ٿيو.(۱)

مولانا عبدالوهاب چاچڙ ماهنامه "شريعت" ۾ لکي ٿو:

"مولانا عبدالڪريم ڪورائي وٽ اٽڪ ڪيترا علماء فارغ ٿيا، جن ۾ هن کان علاوه مولانا عبدالعزيز پانڌوي، مولانا شاهه محمد هڪڙو، مولوي علي انور لوڻيو ٻڌي وارو ۽ مولوي عبدالعزيز اُدو ڇٽي دب وارو به انتي فارغ ٿيا."(۲)

مولوي علي انور لوڻيو علمي فراغت کان بعد پهريائين ميونسپل هاءِ اسڪول رتيديري ۾ عربي استاد مقرر ٿيو.

---

(۱) - محترم علي حسن لوڻيو عمر ۸۱ سال (مولوي علي انور جو عزيز) کان ۲۷-۴-۱۹۹۲ع ڪنبر ۾ ورتل انٽرويو.

(۲) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا ماهنامه "شريعت" سکر، سوانح حيات نمبر، ۱۹۸۱ع، ص. ۲۷۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 752

ڪجھ وقت ڪانپوءِ ملازمت ڇڏي ميروخان شھر ۾ حڪمت جو ڪم ڪيو پائين. ست اَٺ سال اتي رھيو. پر حڪمت ۾ دڪان ڪامياب نہ ويو. پوءِ ڪراچيءَ ۾ وڃي ڪنھن ڪالیج جي مسجد جو پيش امام ٿيو.

مولوي صاحب سياست ۾ بہ ڀرپور حصو ورتو. سندس سياسي وابستگي پھريائين مسلم ليگ ۽ بعد ۾ جماعت اسلامي سان رھي. پاڻ ھڪ جوشيلو مقرر ۽ بھترين ورڪر ھو.

مولوي علي انور ڪي اولاد ۾ ٻہ پٽ نالي اظھر علي (ٽيچر) اظھر علي (وڪيل) آھن. جيڪي ڪراچيءَ ۾ رھندا آھن. مولوي صاحب اندازاً ۱۳۹۹ھ/ ۱۹۷۸ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي ۽ اتي ئي مدفون آھي (۱)

---

(۱) ھيءَ معلومات محترم علي حسن توڻيو (عمر ۸۱ سال مولوي علي انور جو عزيز) کان ۲۷ اپريل ۱۹۹۲ع تي ھٽنبر ۾ ورتل انٽرويو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 753

(الف) سوانح حيات

وعظ الاسلام مولانا سلطان احمد جتوئي

مولانا سلطان احمد ولد سالارخان جتوئي، شاه جو گوٺ (نزديک ڪڪڙ) تعلقو گڙهي ياسين ۾ سن ۱۳۳۱ھ/۱۹۱۲ع ڌاري ڄائو. مولانا سلطان احمد پهرئين تعليم معروف ۽ جيّد عالم مولانا خادم حسين جتوئي (هيءُ سندس سهرو به هو) پوءِ مولانا خوش محمد ميروخاني ۽ ڪجهه وقت 'پات' ضلعي دادوءَ ۾ حاصل ڪيائين. (۱)

مولانا سلطان احمد علمي فراغت کان بعد 'سرهيه محلي' لاڙڪاڻي ۾ تدريس ۽ امامت جو شغل اختيار ڪيو ۽ پوءِ شهر رتي ديري (ضلعي لاڙڪاڻي) ۾ امامت ڪرڻ لڳو. رتيديري ۾ ڪجهه وقت پڙهايائين ۽ ان سان گڏو گڏ حڪمت جو ڌنڌو به شروع ڪيائين. پر جلد ئي ديني تبليغ ۾ ايترو ته مشغول ٿي ويو جو تدريس ۽ حڪمت جو ڌنڌو ڇڏي ڏنائين. پوءِ حياتي جي آخر تائين مسلسل تبليغ ۾ مصروف رهيو. ماڻهو سڄي سنڌ ۾ ڪيس ديني جلسن ۾ دعوتون ڏيئي ونيو ويندا هئا. 'انجمن محمدي لاڙڪاڻي' طرفان جناح باغ ۾ منعقد ڪرايل ديني جلسن ۾ به وقت بوقت خطاب ڪندو هو. راقم کي به مولانا جي ڪيترين تقريرن ٻڌڻ جو موقعو مليو. مولانا صاحب وعظ ۾ پنهنجو مٿ پاڻهو، سندس وعظ عام فهم ۽ سامعين جي سمجهه مطابق هوندو هو. وعظ ۾ قرآن حڪيم گهڻو پڙهندو هو، ايئن محسوس ٿيندو هوته جڙ قرآن شريف جو حافظ آهي قرآن جي حوالن سان توحيد جي پرچار ڪندو هو ۽ شرڪ جي مذمت بيان ڪندو هو.

---

(۱) - عُبيد الله (مولانا سلطان احمد جو فرزند) ڪان ۵ ۽ ۳ - ۱۹۸۷ع تي رتيديري ۾ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 754

سندس وعظ ۾ خوش الحاني هوندي هئي، سندس وفات سان اهوانداز هليو ويو.

مولانا سلطان احمد شاعريءَ ۾ به سٽي مذاق رکندڙ هو. سندس شاعريءَ ۾ حمد، نعت ۽ مولود مشهور آهن. سندس جوڙيل مولودن جو مجموعو 'سلطاني مولود' جي نالي سان ڇپيل آهي. مولانا صاحب روحاني طرح آغا عمر جان چشموي واري بزرگ جو عقيدتمند هو.

مولانا سلطان احمد پنهنجي سڄي عمر دين جي تبليغ ڪندي گذاري. آخر ۾ سن ۱۳۹۵ھ/ ۱۹۷۵ع ۾ شهر ريتڊيري ۾ هڪ هنڌ وعظ ڪري بس ڪيائين ته کيس دل جو دورو پيو جيڪو جان ليوا ثابت ٿيو.

مولانا اولاد ۾ چار پٽ ۽ به نياڻيون ڇڏيون.[1]

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا سلطان احمد ديني اشاعت ۾ تبليغي خدمتن کان سواءِ شاعريءَ جي ذريعي به ديني خدمت ڪئي آهي. سندس شاعريءَ ۾ حمد، نعت جوڙيل ملن ٿا. شعر ۾ تخلص "سلطان" ڪم آندو اٿس. سندس جوڙيل حمد ۽ مولودن مان مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا:

۱- حمد جو مثال.

فلڪ عرش ڪرسي زمين ڪنهن بنايا سو الله الله الله، آ

شيءَ مان آدم جو جسم ڪنهن بنايو،

بنا پيءُ جي پيدا عيسىٰ ڪنهن ڪرايو،

فرعون جي جهوليءَ ۾ موسىٰ ڪنهن نپايو،

---

[1] - عبيد الله (مولانا سلطان احمد جو فرزند) کان ۵، ۳، ۱۹۸۷ع تي ريتڊيري ۾ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 755

زمين جي تختي تي نبي کنهن گهرايا سوالله الله الله آ
کي ئي لک صديون گذري ويو زمانو ،
بندوبست سان ٿو هلي کارخانو .
سڀيوکرج "سلطان" چڏي ذي بهانو ،
ڪين کنهن مارايا ڪين کنهن جيارياسوالله الله الله آ .ر۱،

مولانا سلطان احمد پنهنجي من همديم الله تعالیٰ جي تخليق جي ذکرسان گڏ سندس قادر مطلق هڻڻ جي صفت پڻ بيان ڪئي آهي . مولانا صاحب ڪائنات جي تخليق جو ذکر ڪندي ٻڌائي ٿو ته سڀ جنب، زمين، آسمان، عرش ڪرسيءَ جو پيدا ڪندڙ صرف الله تعالیٰ ئي آهي، جنهن انسان کي منڌيءَ جوڙي هڪ بي جان شيءَ مان خلقيو آهي. سندس قدرت جو عجيب ڪرشمو بيان ڪندي ٻڌائي ٿو ته الله تعالیٰ حضرت عيسیٰ عليه السلام کي بنا پيءُ جي پيدا ڪيو ته جيئن دنيا جي آدمن هڪ اهڙو مثال قائم هجي ته الله تعالیٰ بنا پيءُ جي به پيدا ڪري سگهي ٿو.

مولانا صاحب الٰهي الله تعالیٰ جي احڪم الحاڪمين هجڻ واري صفت بيان ڪندي ٻڌائي ٿو ته الله تعالیٰ حضرت موسیٰ عليه السلام کي سندس جاني دشمن فرعون جي هولي ۾ پنايو ۽ فرعون جيڪو پاڻ کي خدا پيو سڏائي ۽ فرعون، حضرت موسیٰ جي پيدا ٿيڻ وقت کيترائي ٻار قتل ڪرائي چڏيا ته جيئن موسیٰ عليه السلام پيدا نه ٿئي ۽ منهنجي خدائي ۽ بادشاهيءَ کي ختم نه ڪري، پر ان جي باوجود خدا پنهنجي طاقت

ر۱ - وعظ الاسلام سلطان احمد مولوي، "سلطاني مولود"، مولوي حمد عظيم اينڈ سنز تاجران ڪتب شاهي بازار شڪارپور، ۱۹۸۳ع ، ص - ۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 756

ذريعي حضرت موسىٰ عليه السلام کي پيدا ڪري فرعون جي فرعونيت کي ختم ڪيو. اهڙي جهڙ مولانا سلطان احمد جي حمد ۾ پڻ نظر اچي ٿي.

مولانا سلطان احمد پنهنجي حمد جي مقطع واري مصرع ۾ بڌائيي ٿو تہ زندگي ۽ موت صرف الله جي هٿ ۾ آهي، هن دنيا ۾ ڪيئي ماڻهو آيا ۽ ڪيئي هليا ويا. تنهنڪري انسان کي سندس قدرت مان سبق وٺڻ گهرجي ۽ پنهنجي خالق جو فرمانبردار ٿيڻ گهرجي.

۲- نعت جو مثال:

آ امام الانبياءَ مرسل محمد باليقين
وما ارسلناڪ الا رحمت للعالمين
گمراهيءَ ظلمات سان عالم سارو پر پورهو .
ارض وسما احمد بنا بيتاب ۽ بي نورهو
الله کي عربي آڻڻ مُنڌ کان منظور هو
لقد من الله ٿيو نورو مٿاهون مومنين
معجزو مُردن جيارڻ جو عيسىٰ ڏيکاريو
ڏڪ کجي جي عشق احمد ۾ پکاريو
مهر تنهنجي حضرتا هيئڙو منهنجو اڇ گاريو
هٿ دليون جيڙيون عيائين هُٽ شفيع المذنبين
مصطفىٰ جي مدح ڪئي قادر پنهنجي قرآن ۾
ناهر طاقت جنّ ملکن ۽ نہ ڪنهن انسان ۾
ڪر ثنا "سلطان" هردم پيشوائي مرسلين (۱)

---

(۱) - وعظ الاسلام سلطان احمد مولوي، "سلطاني مولود"، ۱۹۸۳ع، مولوي محمّد عظيم اينڊ سنز تاجران ڪتب شاهي بازار شڪارپور، ص. ص، ۸، ۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 757

مولانا سلطان احمد پنهنجي من نعت ۾ سڀني نبين
جي مهندار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جوشان بيان
ڪيو آهي. هو چوي ٿو ته پاڻ سڳورن جي بعثت مومنن تي الله جو ٿورو
آهي، جاڪاڙ ته سندن آمد کان اڳ هي جهان گمراهيءَ ۽ ضلالت جي اونداهيءَ
۾ غرق هو. الله تعالىٰ کين سمورن جهانن لاءِ رحمت ڪري موڪليو ۽ سندن
اچڻ سان هي جهان روشن ۽ سندن هدايت جي نور سان ملوڙ ٿيو. مولانا
صاحب هن نعت ۾ جڏ شاهه عبداللطيف پٽائيءَ جي هن بيت جي شرح ڪئي آهي:

"ٻروهو پنيلوءِ، آريائيءَ اُجاريو"

مولانا سلطان احمد پنهنجي نعت ۾ نبي مڪرم جن
جو معجزو بيان ڪندي ٻڌائي ٿو ته حضرت عيسىٰ عليه السلام الله جي حڪم
سان مُردن کي جيئارينڊو هو. پر محبوب ڪريم صلعم جن پنهنجي معجزي
ذريعي بي جان ڪجيءَ جي ڏڙ ۾ جان وڌي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪجيءَ جو
ڏڙ پاڻ سڳورن کي پڪاري سندن فراق ۾ روئڻ لڳو. پاڻ سڳورن جو اهو
معجزو حضرت عيسىٰ عليه السلام جي معجزي کان وڌيڪ طاقتور نظر
اچي ٿو. اهڙي طرح مولانا پنهنجي نعت ۾ بيان ڪئي آهي.

مولانا صاحب آگتي چوي ٿو ته جنّ ۽ انسانن کي
ڪهڙي طاقت آهي جو هنهي جهان جي سردار جو شان بيان ڪري
سگهن. حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي عظمت ته اها آهي
جو الله تعالىٰ خود قرآن ۾ سندن مدح بيان فرمائي آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 758

(الف) سوانح حيات

مولانا محمد ابراهيم ميمڻ

مولوي محمد ابراهيم ولد حاجي الله بخش ميمڻ جي
ولادت ١٧ شوال ١٣٣٠ھ/ ١ جون ١٩١٢ع تي ڳوٺ ڇچرا[1] تعلقي قنبر ضلعي
لاڙڪاڻي ۾ ٿي. سندس والد بزرگوار ميمڻ برادريءَ جو چڱو مڙس هو ۽
تن ۾ وڏيءَ هلندي واروهو.

مولوي محمد ابراهيم ابتدائي تعليم ۾ عربي ۽ فارسي
پنهنجي ڳوٺ ۾ مشهور عالم، مولانا حڪيم غلام صديق لوناري (١٨٩٤ع -
١٩٤٦ع) ۽ مولوي عبدالوهاب ميمڻ (١٨٧٧ع - ١٩٤٦ع) کان حاصل ڪئي. وڌيڪ
تعليم لاءِ مختلف مدرسن ۾ ويو. جيئن مدرسو ڀڙهي ڪرنيو (تعلقو وارهه) مان
مولانا فضل حق، مدرسي ٻوڙهي بجار (تعلقو قنبر) مان مولانا محمد قاسم
چانديو مدرسي نورنگ، مان مولانا ميرمحمد نورنگي ۽ مدرسي بلڪڪاڙا[1] مان
مولوي غلام فريد سيري کان علاوه سنڌ جي ٻين درسگاهن ۾ به علم جي اُڃ
اُجهائڻ لاءِ ڇهڙو. آخر ۾ مظهرالعلوم ڪنڊو (ڪراچي) ۾ مولانا محمد صديق ميمڻ
جو خدمتون حاصل ڪيائين. اهڙيءَ ريت پنجن سالن جي مختصر مدت ۾ علمي
فضيلت جي دستار بندي ڪري فارغ التحصيل ٿيو. (١)
جيئن ته پاڻ اوڇ ۽ ذهين هو، الهيءَ ڪري غير معمولي

---

(١) - مولانا محمد ابراهيم جي عزيز پروفيسر محمد اشرف ميمڻ ويٺل ڳوٺ ڇچرا[1] کان
٢٠، ١، ١٩٩٢ع تي ورتل تحريري انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 759

سلاميتن سببان، سُنت ٻي هن پنهنجن استادن وٽ، جيءَ ۾ جاءِ ورتي. مولانا محمد صادق نهايت حساس طبيعت ۽ خوددار انسان هو، هن محمد ابراهيم جو حافظو ڏسي سندس دلجوئي ڪرڻ ۾ ڪاڪسر ڪانه ڇڏي ۽ پنهنجن پيارن شاگردن ۾ شامل ڪيو.

اهڙن ڏينهن ۾ مدرسو مظهر العلوم ديني درسگاهه سان گڏ تحريڪ آزاديءَ جو مرڪز ٻيڙ هو. ڪيترائي وڏا عالم ۽ آزاديءَ جا اڳواڻ هن مرڪز ۾ اچڻ لڳا. اهڙن انقلابي عالمبردارن ۾ شيخ الهند مولانا محمود الحسن ديوبندي (۱۸۵۱ع - ۱۹۲۰ع) سرجابي عبدالله هارون (۱۸۷۲ع-۱۹۴۰ع) مولانا عُبيد الله سندي (۱۸۷۲ع - ۱۹۴۴ع) مولانا ابوالڪلام آزاد (۱۸۸۸ع - ۱۹۵۸ع) ۽ شيخ عبدالمجيد سندي (۱۸۸۹ع - ۱۹۷۸ع) جا نالا فرمايان حيثيت رکن تا. مولانا محمد ابراهيم کي انهن برڪ شخصيتن سان ملڻ جو هي سولهون موقعو مليو، جنهن جي ڪري هڪ ٻئي جي خيالن کان ڪين ويجهڙ ۽ واقفيت حاصل ٿي (۱) علم جي تحصيل ڪري ڪان پوءِ ڪيس حج جي سعادت ب نصيب ٿي ۽ حج جو مقدس فريضو ادا ڪري واپس گوٺ پهچي، دارالتوحيد جي نالي سان مدرسو کولياسين ۽ درس تدريس جو ڪم ڪيائين. وٺ سٺ سنڌ ۽ بلوچستان مان شاگرد اچي مستفيض ٿيا. شاگردن جون بنيادي گهرجون مدرسي مان پوريون ٿيندڙ هيون، سندس ايامڪاريءَ ۾ مدرسي جا مالي مددگار گوٺ جا سرندڙ وارا جناب نور محمد ميمڻ ۽ حاجي بخشيل ميمڻ رهيا. جن پنهنجي طرفان دين جي فروغ لاءِ مڪمل تعاون ڪيو. مدرسي ۾ درس نظاميءَ سان گڏ قرآن پاڪ جو حفظ ۽ تجويد القرآن جو بندوبست ٿيل هو.

---

(۱) - مولانا محمد ابراهيم جي عزيز پروفيسر محمد اشرف ميمڻ کان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 760

سن ۴۶-۱۹۴۵ع ۾ مدرسي جو معلم مولانا قاري خيرمحمد بلوچ هو. جيڪو خاص طرح شاگردن کي تجويد القرآن سيکاريندو هو ۽ ان سان گڏ عربي ۽ فارسي به پڙهائيندو هو. ان وقت مدرسي جو مهتمم مولانا محمد ابراهيم هو. (۱)

هن مدرسي مان گهڻن ئي شاگردن علمي فيض

پرايو جن مان گهڻا هي آهن: پروفيسر حافظ محمد علي سانگي، ڀوٽ سڀڙ سانگي، تعلقو لاڙڪاڻو، مولوي دوست محمد ڪنبر ڀوٽ ڇڇڙا، حافظ مظهرالحق سانگي نصير آبادي، عثمان علي انصاري پرنسپال اورينٽيئل ڪاليج قنبر، حافظ غلام سرور رايو، غلام قادر لوڻيو ڀوٽ ٻير، تعلقو قنبر ۽ ماسٽر حڪيم محمد بچل ڇڇڙو ۽ صفي الله ڪنبر جا نالا شامل آهن.

مولانا محمد ابراهيم ورهاڱي کانپوءِ قنبر لڏي ويو ۽ جتي هن نوربشاڻ محلي، جي مسجد شريف ۾ دين جو ڪم جاري رکيو.

مولانا صاحب هاڻي جو انگريزي تعليم ڏانهن رجحان ڏسي قرآن شريف ۽ عربيءَ جي تعليم لاءِ هاءِ اسڪول قنبر ۾ اعزازي طور معلماڻو خدمتون سرانجام ڏيڻون. سڀ کان اول شاگردن ۾ نماز بابت تاڪيد ڪيائين ٿوري وقت ۾ سرڪاري طور عربي استاد مقرر ٿيو. قنبر ۾ رهندي هر جمعي تي ڀوٽ واري مدرسي ۾ بنا ناغي ويندو هو ۽ اتي طالبن ۾ ڪتاب ۽ ڪپڙا تقسيم ڪندو هو. مدرسي جي استادن کي پگهار به پنهنجي طرفان ادا ڪندو هو.

---

(۱) - پروفيسر حافظ محمد علي سانگيءَ ۱۵-۱-۱۹۹۲ع تي لاڙڪاڻي ۾ ورتل انٽرويو.

(۲) - حڪيم ماسٽر محمد بچل ڇڇڙي ۽ محترم عثمان علي انصاري اورينٽيل ڪاليج قنبر جي پرنسپال کان ۲-۱-۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو. هي ٻئي مولوي محمد ابراهيم جا شاگرد آهن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جيئن ته مولانا محمد ابراهيم كامل استادن، آزاديءَ جي پروانن، اسلام جي پرستارن، انقلابي سپاهين جي ست صحبت ۾ رنگيل هو. انهيءَ ڪري وٽس زندگيءَ جو مقصد به خدمت خلق بڻيل هو. انهيءَ ايثار، جذبي ۽ سنپالڻ لاءِ هميشه اڳ، اڏول رهيو. پنهنجي بزرگن جي ڏنل سبق کي هميشه ياد رکندو آيو. هن ڪاڇيءَ ۾ رهڻ دوران سياسي ميدان ۾ هڪجهو ملهايو. انهيءَ سلسلي ۾ 'سنڌ سڳر پارٽي' ۾ باقاعدي هڪ ورتائين. هن تحريڪ جو شاخ ايترو ته قبول ڪيائين جو گوٺ ۾ سياسي تربيت ڏيڻ لڳو. پاڻ خاڪسار تحريڪ جو به سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو.

مولانا صاحب سماجي ڪم ۾ به اڳرو رهيو. ڪيترائي پلي جا ڪم ڪيائين. بي سهارن جو سهارو بڻجي ڪين جايون ڏياريائين، خانه آبادي ڪرڻ، رهڻ ڏيڻ ۾ دلچسپي ورتائين، روزگار ڏيارڻ لاءِ ڏک ڏوڙ ڪرڻ، شاگردن کي ڪپڙا، ڪتاب وغيره ڏيڻ، عيدگاهه تعمير ڪرائڻ، ڪوهه ڪوٽائڻ، ڳڇ ڳوهه ۾ مسڪين جي مدد ڪرڻ، مسجدن جي مرمت ڪرائڻ، ۽ نڪاهه ٽائڻ هڪ اهم وقت بوقت ڪندو رهيو.

مولانا محمد ابراهيم مذهبي جذبي سان سرشار هيو. پنهنجي مذهبي جذبي وسيلي گوٺ ۾ چڱا سڌارا آندائين. خاص ڪري اجاين رسمن جي پاڙ پٽڻ، بدعت، شرڪ ڀرين بيمارين کي ٻنجي ڏيڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيا ٿين. حق، سچ جوڙ ۾ وڏي ۾ وڏي ماڻهوءَ کان به ڪين ڪوٽ. حالانڪ ڪيس عارضي طور آزمائشون به آڏو آيون.

'قاديانين' خلاف آواز اٺاڙ ۾ به سندس وڏو حصو هو. خاص ڪري لواري واري 'صبح' بابت به سندس تبليغ جاري رهي. هميشه بي رايائيءَ سان پنهنجي تقرير ۾ واعظن وسيلي پنهنجي نڪتن جي نشاندهي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 762

ڪرڻ لاءِ ڪوشش دعويدارن جا پول پڌرا ڪندو رهيو.

مولانا محمد ابراهيم جي موت متعلق چيو وڃي ٿو

ته ١٨ آڪٽوبر ٧٨ ع تي پاڻ امن جو پيامبر ٻڌجي بروهين جي هڪ فيصلي ۾ ويو، اتي ڀيڙي ۾ هڪ بروهي کي جيئن بچائڻ لاءِ آڏو ٿيو ته مٿس بندوق جا فائر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. خدا جي قدرت سان بندوق نه چلي پوءِ مشتعل هجوم مان ڪنهن مٿس ڪهاڙي سان هلو ڪري ڏنو. جنهن ڪري نيڪ ڪردار شهيد ٿي ويو. عيني شاهدن جي زباني آهي ته بيگناهه جو قبر تائين به خون بند نه ٿيو. سندس جسد خاڪي کي گوٺ واري مسجد ۽ شريف جي آڀيان ٻيوند خاڪ ڪيو ويو پٽيان پنج پٽ ۽ ٻه نياڻيون ڇڏ يائين. (١)

---

(١) - مٿين معلومات مولانا محمد ابراهيم جي عزيز پروفيسر محمد اشرف ميمڻ کان ٢٠ - ١ - ١٩٩٢ع تي انٽرويو جي ذريعي ورتي وئي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 763

(الف) سوانح حيات

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

لاڙڪاڻي ضلعي جي ممتاز ۽ جيّد عالم مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي [١] ولد حافظ محمود چانڊيو [٢] جي ولادت ڳوٺ پُنيي خان چانڊيي تعلقي ميرو خان ۾ سن ١٣٣٥هـ/ ١٩١٦ع ۾ ٿي. پاڻ اڃا ٽن سالن جي هئا جو سندس والد صاحب سن ١٣٣٨هـ/ ١٩١٩ع ۾ گذاري ويو. جنهن بعد کيس والدهء ڏاڏي پياري خان پاليو. پنجن ورهين جي هئا ۾ ڳوٺ جي مکتب ۾ قرآن کريم جا اڌ پارا ناظرہ پڙهيائين ۽ ڳوٺ ۾ ئي فارسيءَ جي تعليم

---

[١] - مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جيئن ته دارالعلوم قاسميه ديوبند ۾ پڙهيو ۽ ان مدرسي جو مهتمم مولانا قمر قاسم نانوتوي هيو. ان کري پنهنجي استاد جي نالي جي نسبت سان مولانا غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي سڏائڻ پسند ڪيو. سالهئي روايت علي گڙهه جي فارغ التحصيل شاگردن جي نالن پٺيان نظر اچي ٿي. مولانا قاسمي جي چوڻ مطابق کيس مولانا قاسم نانوتويؒ جي ڪتب ۽ فلسفيانه مهارت جو ڏاڍو شوق رهيو آهي. انهيءَ نسبت ۾ ان دلي تعلق کي به دخل آهي. (علامه غلام مصطفيٰ قاسمي کان ٢٥-٨-١٩٩١ع ۾ ورتل انٽرويو)

[٢] - حافظ محمود چانڊيو ڳوٺ جو پهرين ماڻهو هو جيڪو استاد العلماء مولانا غلام صديق شهداد ڪوٽيءَ جي خدمت ۾ پهتو. ۽ کس قرآن مجيد ياد ڪرائين ۽ ڪجهه ديني ڪتاب به پڙهرائين. کيس تحصيل نه هئي، پر سندس مطالعو وسيع هو. قادري طريقي ۾ پنهنجي استاد کان کيس خلافت به ملي هئي. حافظ صاحب مولانا غلام صديق کان ظاهري ۽ باطني فيض پرائي ڳوٺ پهتو ۽ اچڻ سان ئي مدرسه 'تحفيظ القرآن' جو بنياد وڌائين. حافظ محمود صاحب سنڌ جي نامياري قارين مان پڻ هڪ هو. سندس هن مدرسي ڳوٺ ۾ اهڙو فيض پهچايو جو ڳوٺ ۾ هڪ هلو حافظن جو پيدا ٿيو (علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ کان ٢٥-٨-١٩٩١ع ۾ ورتل انٽرويو)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 764

مولانا فتح محمد سيراني (شهداد ڪوٽ واري) ڪان ورتائين. جيڪو سندي ۽ فارسيءَ جو شاعر پڻ هو. آڀتي هلي ڳوٺ ڇڏي مولانا خوش محمد ميروخانيءَ وٽ پهتو جتي يوسف زليخا ۽ سڪندر نامو پڙهي فارسيءَ جي تڪميل ڪيائين. مولانا ميروخاني علم صرف ۾ خاص مهارت رکندڙ هو. تنهنڪري مولانا قاسمي صاحب صرف جا ڪتاب به ايتي پڙهيا. قاسمي صاحب ننڍپڻ ڪان ئي ذهين ۽ ذاڏو هوندو هو. صرف جا سوين صيغا ڪنهن برزبان ياد هوندا هئا. ان بنياد ڪري ذاڏو ڪڏهن ڪڏهن تنهنڪري من نحو ميرٺ، شرح مائة عامل، عبدالرسول ۽ هداية النحو تائين ڪتاب مولانا ميروخاني وٽ ئي پڙهيا. ان دوران ميروخان جي پرائمري اسڪول جو هيڊ ماسٽر محمد ابراهيم عباسي هو، جيڪو بي. اي جي تياري ڪري رهيو هو. تنهنڪري عربي پڙهائڻ واري جي گهرج هئي. جيڪا سندس قاسمي صاحب پوري ڪئي ۽ ان وري قاسمي صاحب کي انگريزي پڙهائڻ شروع ڪئي. اهڙيءَ طرح پاڻ ۾ اٽڪ ٿائين پڻ.

ميروخان ۾ رهڻ دوران قاسمي صاحب مدرسي دارالتفيض ڪوٺ سليمان (تعلقو قنبر) جي ڏاڍي تعريف ڪندي. جنهن ڪري پاڻ ميروخان مان ڇڏي مدرسي ڪوٺ سليمان ڏانهن هليو ويو. جتي سندن جو همعصر جيڏ عالم علامه عبدالڪريم ڪورائي پڙهائيندو هو. من مدرسي جو سرپرست پير تراب علي شاهه راشدي هو. ۽ مالي ضرورتن جو ڪفيل ڳوٺ جو رئيس محمد خان سومرو هو. مولانا قاسمي صاحب علامه ڪورائي وٽ پهچڻ ڪان پوءِ وٽس منطق ۽ شرح تهذيب ۽ فقه ۾ ڪنزالدقائق شروع ڪيو. ۽ ان کان علاوه مدرسي علي خان قنبر ۽ مدرسي بيت الحڪمت ميرپور پٿورو به پڙهيو. يارهن سالن جي عرصي ۾ درس نظامي جا ستيان سيڪ ڪتاب پڙهي پورا ڪيا. مولانا عبدالحڪيم ڪورائي پير تراب علي شاهه جي وفات (١٣٥٧هـ - ١٩٣٨ع) ڪان پوءِ نواب بني بخش خان

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 765

پيتي جي استدعا تي سن (۱۳۵۸ھ ۱۹۳۹ع) ۾ جڏهن مدرسي ميرٺ پيتي (تعلقي رتيديري) ۾ آيو تہ سندس شاگرد بہ گڏ آيا، جن ۾ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي بہ شامل هو. هتي قاسمي صاحب علامہ کوراڻيءَ کان آخري کتاب پڙهيو ۽ پوءِ ڏينهن ۾ سراجي ختم ڪيائين. اهڙي طرح شعبان مهيني جي آخر ۾ قاسمي صاحب جي دستار بندي ٿي.

مولانا قاسمي صاحب علامہ ڪوراڻي صاحب وٽان فارغ التحصيل ٿي سندس اجازت سان حديث شريف ۽ ٻين مختلف علومن جي دوره پڙهڻ لاءِ ديوبند (هندستان) روانو ٿي ويو. جتي مولانا حسين احمد مدني مولانا محمد ابراهيم بلياوي، مولانا سيد اصغر حسين ۽ مولانا اعزاز علي وٽ حديث شريف ۽ ٻين علومن جو دوره پڙهيو. علامہ قاسمي صاحب پڌايو ته:

"آخري سال ۾ امتحان کان پوءِ سڀ شاگرد پنهنجي پنهنجي ملڪ هليا ويا، پر مان هندستان ۾ رهي پيس. حضرت مولانا حسين احمد مدنيءَ مدرسي جي سند سان گڏ پنهنجي خصوصي سند بہ عطا ڪئي ۽ طريقت ۾ بہ پنهنجي بيعت کان نوازيو. جيڪا منهنجي لاءِ وڏي سعادت هئي. مان ديوبند ۾ رهڻ دوران موڪل ۾ هڪ دفعي پنهنجي ڪجهہ ساٿين سان گڏ مولانا اشرف علي تانوي جي زيارت لاءِ بہ ڀون ديوبند کان پنڌ ويس" (۱)

قاسمي صاحب ديوبند مان فارغ ٿي طب ۽ علوم شرقيہ جي امتحان ڏيڻ لاءِ دهلي روانو ٿي ويو. جتي اورنٽيل ڪاليج دهلي ۾ داخلا ٻي امتحان ۾ چوين نمبر آيو ۽ ڪيس اشڪال رشب بہ ڏني وئي. اهڙيءَ طرح مولانا صاحب من ڪاليج ۾ ٻہ سال رهي امتيازي حيثيت سان امتحان پاس ڪيا. مولوي

(۱) ـ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي کان ۲۵ آگسٽ ۱۹۹۱ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 766

فاضل جي امتحان ۾ دهليءَ جي سمورن شاگردن ۾ اول نمبر آيو. ان کان علاوه مولوي قاسمي صاحب دهليءَ ۾ رهڻ دوران هڪ مسجد ۾ مفتيءَ جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. ان حيثيت ۾ هو ڪيترائي ڏينهن ٻاهر ويندا هئا ۽ ڪيترن ئي ماڻهن جا خط ايندا هئا. جن ۾ ڪيترائي خط ڪنهن نه ڪنهن ديني مسئلي بابت هوندا هئا.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 767

مولانا قاسمي صاحب جي هن مدرسي ۾ پڙهائڻ دوران مولانا عُبيدالله سندي ڏهه بارهن ڏينهن اچي مهمان ٿيو. هو سندس پڙهائي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.

مولانا قاسمي صاحب 'دارالسعادت' گورو پهوٽ مدرسي ۾ پڙهائڻ دوران رمضان واري موڪل ۾ ٽي چار مهينا مدرسو چڏي وڃي پير بهنڊي ۾ مولانا عُبيدالله وٽ قرآن مجيد جو تفسير ۽ فلسفو پڙهيو. سائس گڏ مولانا عبدالحق رباني، مولوي علي محمد ڪلهيپوٽو، مولانا حافظ خليل احمد سجاولي ۽ مولانا نور احمد سجاولي گڏ هئا.

ان وچ ۾ علامه ڪُورائي وفات ڪري ويو، جنهن ڪانپوءِ قاسمي صاحب مدرسو 'دارالسعادت' گورو پهوٽ جڏي شاگردن سوڏو ڪوٽ پير بخش پٽي (تعليقي رتي ديري) ۾ آيو ۽ اتي پنهنجي استاد علامه ڪُورائي واري مدرسي 'بيت الحڪمت' ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين. هتي سندس استاد زادو يعني ڪُورائي صاحب جو فرزند مولوي عبدالغفار پڙهيو، جنهن جي پڙهائڻ ۾ استاد وصيعت ڪري ويو هيو. قاسمي صاحب ڪيس 'شرح تهذيب' ۽ مشيان ڪتاب پڙهايا. مولوي عبدالغفار به پنهنجي والد وانگر ذهين هو ۽ ٽن سالن جي عرصي ۾ سڀ نصاب پڙهي پورو ڪيائين. هتي مولوي عبدالقادر ڪان سواءِ مولوي عُبيدالله واڃهي، مولوي محمد سليمان ٻاڦيو ۽ مولوي سراج احمد بلوچ پڙهي فارغ ٿيا ۽ دستار بندي ڪيائون.

مولانا قاسمي صاحب مدرسي مير پور پٽي ڪي جڏي 'قاسم العلوم' گهوٽڪيءَ ۾ مدرس ٿي آيو. مدرسي جا باني پير فخرالدين شاه ۽ پير حاجي شير محمد شاهه هئا، جن جي اسرار تي قاسمي صاحب هتي آيو ۽ تدريس جو ڪم شروع ڪيائين. هتي ساسر ڪجهه پراڻا شاگرد به آيا جن ۾ موجوده دور جو معروف ديني عالم مولانا عبدالڪريم پير واروي به هو جنهن جي دستار بندي هن مدرسي ۾ ٿي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 768

قاسمي صاحب ان وقت جميعة العلماء هند جو ميمبر
ٻرهيلو. هو جڏهن اهڙي ميٽنگ ۾ شرڪت لاءِ ڪراچيءَ ويو تہ اتي مولانا محمد صادق
ڪنڊي واري ۽ مولانا دين محمد وفائي جي اصرار تي سن ۱۹۴۸ع ۾ مدرسہ مظهر العلوم
ڪنڊي ۾ شيخ الحديث ۽ مقرر ٿيو ۽ ٻئي سال اتي حديث شريف ۾ پڻ شاگردن کي ڪتاب
پڙهائيندو رهيو. آڏي هلي تصنيف ۽ تاليف ۾ مشغول رهڻ ڪري مدرسي کان
الڳ ٿيو، پر تڏهن ٻ خانگي طرح سان درس جو سلسلو جاري رکيائين
سن ۱۹۵۳ع ۾ سيد غلام مصطفيٰ شاهہ جيڪو سنڌ مسلم
ڪاليج ڪراچيءَ جو ان وقت پرنسپال هو، مولانا قاسمي صاحب کي سنڌ مسلم
ڪاليج ۾ ويٺي آيو، جتي ڪلاس اسلاميات جو ليڪچرار مقرر ڪيو ويو. هتي قاسمي
صاحب شاهہ ولي الله جي فلسفي تي ليڪچر ڏيندو رهيو. ڪراچيءَ ۾ اٽڪل ٻ سال
دوران ڏاڍن جن علمي فيض پرايو، انهن ۾ حافظ محمد اسماعيل ميمڻ، مولوي
الهورايو بروهي ۽ مولوي غلام قادر جاڻالا قابل ذڪر آهن. جيڪي شرح حجة الله
البالغه ۽ عربي ادب جا ڪتاب پڙهيا.

سن ۱۹۶۳ع ۾ قاسمي صاحب ڪراچي ڇڏي حيدرآباد آيو
جتي شاهہ ولي الله اڪيڊمي جو ڊئريڪٽر ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ٻاران اعزازي پروفيسر مقرر ٿيو ۽ اڃ ڏينهن تائين ان عهدي تي فائز آهي. ڪيترائي شاگرد
ڊاڪٽر علمي فيض حاصل ڪري رهيا آهن. پاڻ ضعيف العمري جي باوجود ب
اڃ تائين شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد ۾ شاگردن کي ديني درس ڏيندو
اچي ٿو. حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر جن شاگردن علمي فيض پرايو آهي، انهن ۾
قابل ذڪر مولوي محمد ابراهيم صدر مدرس پينڊو، مولوي تاج محمد مدني
صدر مدرس دارالفيوض، ڪنڊ ڪوٽ، مولوي عبد الحيءُ بروهي مدرس مفتاح العلوم
سيد خليل احمد شاهہ مدرس گهوٽڪي، مولوي محمد خان ۽ مولوي محمد عثمان
پٽي جا نالا شامل آهن. (۱)

(۱) ـ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي ڪان ۲۵، آگسٽ ۱۹۹۱ع تي وصال اختيار ڪيو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

علامہ قاسمي صاحب درس تدريس کان سواءِ تصنيف ءِ تاليف ۾ به وڏو ڪم ڪيو آهي. ۽ علوم عربيہ ۾ خاص علوم اٿس. عربي ۽ فارسي جا ڪيترائي ڪتاب ايڊٽ ڪيا اٿس ۽ ڪجھ لکيا اٿس. شاھ ولي الله اڪيڈمي ۽ مان سندس ادارت هيٺ ماهوار "الولي" (اردو) ۽ ماهوار "الرحيم" (سندي) رسالن جو اجراء ٿيو. مولانا صاحب "الرحيم" جو هڪ "مشاهير سند نمبر" جي نالي سان مرتب ڪيو جنهن ۾ تيرهين صدي هجري جي عالمن ۽ مشاهيرن جي سوانح جو ذڪر آهي. ان کانسواءِ سندي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيندڙ ٽماهي "مهراڻ" جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر پڻ رهيو آهي. سندس ئي ڪوشش سان سندي ادبي بورڊ طرفان مهراڻ "سيرت نمبر" شايع ٿي چڪو آهي. جيڪو پڻ هڪ مستقل ڪتاب جي حيثيت رکي ٿو. جنهن ۾ سيرت تي هڪ جامع مقالو آهي. پاڻ ڪيترا سال سندي ادبي بورڈ ۽ پاڪستان چند ڊسٽي ڪاميٽي جو چيئرمين به ٿي رهيو. پاڻ سندي ۽ اردو ۾ ڪيترا مضمون مقالا لکيا اٿس، جيڪي مختلف رسالن ۾ چپجي چڪا آهن.

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جيڪي ڪتاب لکيا يا جن ڪتابن جا مقدما ۽ حاشيہ لکيا يا ترتيب ڏنا ۽ ترجما ڪيا تن جي مڪمل وچورھن طرح آهي:-

"شرح تعريف الاشياء" (سيڪان پھرين عربي ۾ ڪليل منطق جو سندس اهو ڪتاب دارالعلوم ديوبند ۾ پڙھڻ واري زماني ۾ چپيو هو.) "مقدمہ ۽ تعليقات تفسير الهام الرحمان"، "مقدمہ ۽ حاشيہ متانة الروايات"، "حاشيہ مختصر القدوري"، "مقدمہ ۽ حاشيہ فرائض الاسلام"، "مقدمہ ۽ حاشيہ انبياء الابناء"، "مقدمہ ۽ حاشيہ بهجة النظر"، مقدمہ ۽ حاشيہ امعان النظر"، "مقدمہ ۽ حاشيہ التمهيد"، حاشيہ الهام الرحمٰن فی تفسير القرآن ج ۲، "حاشيہ خلاصة القرآن"، "مقدمو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 770

ء حاشيه لمعات، مقدمه ء حاشيه التفهيمات الاهيه، مقدمه ء حاشيه تاويل الاحاديث، مقدمه ء حاشيه البدور البازغة، حاشيه همعات، مقدمه ء حاشيه سطعات، حاشيه ومقدمه كچكول نامه، مقدمه ترجمة القرآن، الوافي على الكافي الحل للايساغوجي (مولانا علامه فضل حق رامپوري ايساغوجي شرح ۾ لکيو الکافي علامه قاسمي صاحب انهيءَ شرح جو شرح لکيو الوافي)، دوروزي (علامه سعد الدين فتاري هڪ ڏينهن ۾ ايساغوجي جو شرح لکيو، جنهن جو نالو ركيائين دوروزي (هڪ ڏينهن جو لکيل) ء علامه قاسمي انهيءَ طرز تي ايساغوجي جو شرح بن ڏينهن ۾ لکيو انهيءَ جو نالو ركيائين دوروزي) شرح الفية الحديث، شرح حمد الله (منطق کبريٰ ۾ علامه حمد الله جو شرح مشهور ء درس نظاميءَ ۾ شامل آهي، قاسمي صاحب ان جو شرح لکڻ شروع کيو).

تفسير سورة سبا (سندي)، شاهه جو رسالو (ترتيب)، سنڌي لغت (سائي ايڊيشن)، بنيادي کاروباري لغت (سائي ايڊيشن) ء ملڻو مرسل شامل آهن.

علامه قاسمي صاحب هڪ اداري جي حيثيت رکندڙ آهي.

پاڻ کيترائي ديني عالم، مدرس، خطيب، تعلمي ماهر، محقق ء پي ايڇ ڊي پيدا کيا اٿس. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ان سنڌي اسلامي ثقافت، سوشيالاجي جي شعبن ۾ پي ايڇ ڊي جي گائيڊ طور مقرر ٿيل آهي. ان سلسلي ۾ تقريبًا ٻيهن کان ٻٽي شاگرد سندس رهبري هيٺ ڊاڪٽر آف فلاسافي جي ڊگري حاصل کري چڪا آهن. ء کي اڃا ڪري رهيا آهن. (۱)

---

(۱) ـ سومرو مظهر الدين ڊاڪٽر، "تحريڪ آزادي ۾ سنڌ جي علمن جو حصو" ڊي فل لاءِ ڪيل تحقيقي مقالو، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ص ۱۶۴، ۱۶۵

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

پروفيسر مولوي عبدالحيئ چانديو (ساکن قنبر) مولانا قاسمي صاحب جي علمي عظمت جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ته:

"سن ١٩٧١ع ۾ پير شريف ۾ مولوي حافظ نور احمد قريشي ۽ مولانا پروفيسر غلام علي نوٽيو ۽ ٻين جي دستار بندي واري جلسي ۾ جنهن ۾ ٻين عالمن سان گڏ ملڪ جي نامور عالم ۽ سياستدان مفتي محمود به حاضر هيو. ان جلسي ۾ مولانا قاسمي صاحب سنڌ جي عالمن جي سلسلہ کي پنهنجي تقرير ۾ بيان ڪيو. جيڪا تقرير تمام دلچسپ ۽ عالمانہ انداز ۾ هئي. ان تقرير ۾ سنڌ جي عالمن جي سلسلي وار تقرير هئي تہ فلان عالم - فلان عالم جو شاگرد هو وغيره. اهڙي تقرير ٻڌي مفتي محمود حيران ٿي ويو ۽ غلام مصطفيٰ صاحب پڇيو تہ "توهان ڪهڙي يونيورسٽيءَ مان تعليم حاصل ڪئي آهي"؟ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جواب ڏنو تہ "سنڌ ساري عالمن سان پريل هئي ۽ منهنجو استاد مولانا عبدالڪريم ڪوراڻي جيڪو معقول ۽ منقول جو برجسته عالم ۽ جڳ مشهور استاد هو. ان جو درسگاهه هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ هو ۽ اهڙا سان جي يونيورسٹي هئي".

اهو ٻڌي مفتي محمود صاحب حيران ٿي ويو ۽ سنڌ جي انهن عالمن جي تعليمي ملاصيت، خدمت ۽ ذوق بابت ٻڌي خاموش رهيو ۽ تعريف ڪندو رهيو." (١)

قاسمي صاحب روحاني لحاظ کان حضرت مولانا حافظ

---

(١) - پروفيسر مولوي عبدالحي چانديو (ساکن قنبر) کان ١١، اپريل ١٩٩٢ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 772

غلام محمد ديناپوري ۽ حضرت مولانا حسين احمد مدنيءَ کان دست بيعت ٿيلو. سندس چوڻ مطابق.

"مان فلسفه اسلام ۽ شاه ولي الله جي کتاب حجة الله البالغه' کان ڏاڍو متاثر آهيان، مونکي انهيءَ کتاب پڙهڻ جو موقعو به مولانا عبيدالله سنڌي جهڙي عالم وٽ مليو، جيڪو انهيءَ کي صحيح طور سمجهڻ وارو هو." (۱)

سنڌ جو مشهور معروف محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ علامه قاسمي صاحب جي علمي شخصيت متعلق لکي ٿو:

"مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي پنهنجي دور واري مدرسن جي منهجي عالمن جو هڪ ٽوڙ آهي. پر انهن مان فلسفي تي کيس دسترس حاصل آهي. سنڌ ۾ قاسمي صاحب جهڙي عالم ۽ فلسفي جي هڪ ٽوڙ جو وجود غنيمت آهي." (۲)

مولانا قاسمي صاحب کي اولاد ۾ چار پٽ آهن جن مان وڏو سعيد احمد ڊاڪٽر آهي.

---

(۱) - علامه قاسمي صاحب کان تاريخ ۲۵، ۸، ۱۹۹۱ع تي ورتل انٽرويو.

(۲) - عبدالوهاب چاچڙ مولانا، ماهوار "شريعت" "علامه غلام مصطفيٰ قاسمي نمبر"، جلوري، فبروري ۱۹۹۰ع، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 'فاضل غلام مصطفيٰ قاسمي'، (مضمون)، ص. ۶۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 773

(ب) ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

علامہ قاسمي صاحب ديني درس تدريس کان سواءِ تصنيف وتاليف جي ذريعي به ديني اشاعت ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي. هيٺ سندس تصنيف تاليف جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو:-

علامہ قاسمي جي دارالعلوم ديوبند ۾ پڙهڻ دوران سندس ملاقات مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان ٿي جيڪو ۲۵ سال جلاوطني جي زندگي گذارڻ کانپوءِ پنهنجي ملڪ پهتو هو. مولانا قاسمي صاحب مولانا عبيدالله سنڌي شاهه ولي الله جي حڪمت ۽ معارف القرآن جو امام ۽ محقق ڏٺو. جنهن پنهنجي گهٽي زندگي قرآني فڪر ۽ ان جي فلسفي کي سمجهڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. دارالعلوم ديوبند کان واپس ٽنڊو ڪانپوءِ مولانا قاسمي صاحب سنڌ ۾ مدرسہ 'دارالرشاد' پيرجهنڊي ۾ ڪجهه وقت مولانا عبيدالله سنڌي وٽ شاهه ولي الله جا ڪجهه ڪتاب جهڙوڪ 'بدور بازغہ'، 'سطعات'، 'خيرڪثير' ۽ قرآن شريف جو ترجمو پڙهيا.[1] الهيءَ جا کوٽ ڪانپوءِ علامہ قاسمي صاحب سنڌ ۾ شاهه ولي الله جي فڪر ۽ فلسفي جي اشاعت کي پنهنجو فرض سمجهي تدريس واري زماني ۾ شاهه صاحب جي مشهور ڪتاب جهڙوڪ 'حجة الله البالغہ'، 'البدور البالغہ'، 'تفهيمات الاهيہ'، 'سطعات' وغيره کي درس نظاميءَ ۾ شامل ڪري پنهنجي شاگردن کي ولي اللهي تعليم کان فيض ياب ڪندو رهيو.

سن ۱۹۶۳ع ۾ حيدرآباد ۾ شاهه ولي الله جي تعليم سان

---

[1] - ابوسعيد مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، مقدمو "مختصر قدوري" نور محمد اصح المطابع ڪارنامہ تجارت ڪتب آرام باغ ڪراچي. ص - ۱۶

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 774

شغف ۽ مهارت جي ڪري ڪيس ان اڪيڊمي جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو. شاه ولي الله اڪيڊمي جي ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ مولانا قاسمي صاحب کي فڪر ولي اللهي تي تمام گهڻو ڪم سرانجام ڏنو آهي. دراصل شاه ولي الله اڪيڊمي برپا ڪرڻ جي مقاصد ۾ هيٺيون گاهيون شامل هيون :

۱- شاهه ولي الله جي فڪر کي عام ڪجي .

۲- شاه ولي الله جي تصنيفات کي ڇپائي انهن جا ٻين ٻولين ۾ ترجما ڪرائجن .

۳- حڪمت ولي اللهيءَ تي ڪجهه ماهوار رسالا شايع ڪجن .

۴- اهڙن ادارن جي مالي اعانت ڪئي وڃي جيڪي شاهه ولي الله جي فڪر سان منسلڪ هجن .(۱)

انهن بنيادن تي علامه قاسمي صاحب شاه ولي الله جي ڪيترن ئي ڪتابن جي تحقيق ۽ تصحيح ڪئي آهي ۽ انهن تي حاشيه ۽ نهايت مفيد ۽ مبسوط مقدما لکيا آهن. قاسمي صاحب شاه ولي الله جي ڪجهه ڪتابن تي تحقيق ۽ تصحيح سان گڏ ڪن ڪتابن جا اردو ۽ سنڌي زبان ۾ ترجما به ڪيا آهن . شاه صاحب جا مشهور ڪتاب جن تي علامه قاسمي صاحب ڪم ڪري شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، سي هيٺيان آهن :

۱- البدور البازغه ، ۲- تاويل الاحاديث في رموز قصص الانبياء ، ۳- تفهيمات الاهيه ، ۴- الخير الكثير ، ۵- سطعات ، ۶- لمعات ۷- الانصاف في سبب الاختلاف ، ۸- عقد الجيد ، ۹- حسن العقيده ، ۱۰ همعات ۱۱- لمحات ، ۱۲- فيوض الحرمين . ان کانسواءِ اڪيڊميءَ طرفان "الولي" اردوءِ "الرحيم"

---

(۱) - ماهنامه "شريعت" سکر "علامه غلام مصطفيٰ قاسمي نمبر" جلوري، فروري ۱۹۹۰ع ، ص - ۵۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 775

اردوءِ سنڌيءَ ۾ ماهوار رسالا سندس ادارت هيٺ شايع ٿيندا رهيا آهن،
جن ۾ شاه ولي الله جي تعليم، حڪمتءِ ان جي زندگيءَ تي اڪثر مضامين
شايع ٿيندا رهيا آهن.

علامه قاسمي صاحب جو قرآن مجيد جي تفسيرن تي ڪيل ڪم:

قرآن مجيد الهامي ڪتابن ۾ آخري ڪتاب ۽ اسلامي تعليمات
۽ فقه جو چوڀرين ۽ سڀ کان وڏيڪ اهم ماخذ آهي. علامه موصوف ديني اشاعت
جي سلسلي ۾ قرآن مجيد جي تفسير تي به پنهنجي علم، قابليت ۽ وسيع مطالعي
جي لحاظ کان ڪم ڪيو آهي، جنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:-

۱- خلاصة القرآن:-

هن ۾ قرآن شريف جي سورتن جي ڪن آيتن جو عربي
زبان ۾ تفسير بيان ٿيل آهي. هن جي متعلق مقدمي ۾ علامه قاسمي
صاحب لکي ٿو:-

"هي خلاصو اصل ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي
هٿ اکر سان "فتح الرحمان" جي حاشيه تي لکيل هو. تحقيق
۽ طباعت جي وقت ليس اصل نسخو نه ملي سگهيو، باقي هڪ
پيو نسخو علامه سنڌيءَ جي شاگرد شيخ قمر مدني سنڌيءَ
کان هٿ آيو، جيڪو من اصل تان اُتاريو هو. هي "خلاصة القرآن"
مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي تفسير "الهام الرحمان" جو خلاصو آهي". (۱)

---

(۱) - عُبيدالله سنڌي مولانا "خلاصة القرآن" مقدمه، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
ناشر، مولانا عزيز الله، پنو عاقل سال ؟

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 776

هن کتاب جو عنوان "خلاصة القرآن" مولانا عُبيد الله سندي جو نه پر علامه قاسمي صاحب جو ڏنل آهي ۽ قاسمي صاحب هن "خلاصة القرآن" ۾ تحقيق کئي آهي.

٢ - تفسير الهام الرحمان جو مقدمه ۽ حاشيه [١]

تفسير الهام الرحمان ٻن جلدن ۾ آهي. پهرين جلد بيت الحکمة ڪراچيءَ مان ڇپيو ۽ بيو جلد شاه ولي الله اڪيڈميءَ طرفان شايع ٿيو. هي تفسير مولانا عبيد الله سندي جلاوطنيءَ جي دور ۾ مڪي شريف ۾ بيان ڪيو، جنهن کي مولانا سندي جي روسي شاگرد علامه موسيٰ جار الله قلمبند ڪيو.

تفسير جي ٻن حصن ۾ مقدمه ۽ حاشيه عربيءَ ۾ علامه قاسميءَ جو لکيل آهي. هي تفسير شاه ولي الله جي فڪر مطابق آهي.

٣ - قرآن مجيد فارسي ترجمو [١]

هي ترجمو فارسي زبان ۾ مخدوم نوح ڇهالن واري جو ٿيل آهي. مولانا قاسمي صاحب هن ترجمي ٿيل قرآن مجيد جو ٣ صفحن تي ٻڌ علمي مقدمو لکيو آهي، جيڪو هڪ مڪمل ڪتاب تي سگهي ٿو. مقدمي ۾ علامه قاسمي صاحب قرآن مجيد جو جمع ٿيڻ، تفسير جا شرط متشابهه آيتن جو تفصيل ۽ مسئله نسخ در قرآن تي فارسي زبان ۾ روشني وڌي آهي، ۽ ان سان گڏ فارسي زبان ۾ قرآن شريف جي ٿيل ترجمن

---

[١] - عُبيد الله سندي مولانا، "الهام الرحمٰن في تفسير القرآن"، مقدمه، ابوسعيد غلام مصطفىٰ قاسمي سندي، حيدرآباد، ص - ٦

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 777

ۻ تفسيرن جي فهرست ڏني آهي ۽ مخدوم نوح رحمي ترجمي جي خصوصيات کي بيان ڪيو آهي. مقدمي جو وڏو حصو مخدوم نوح رحمي زندگي، تعليم، سلوڪ ۽ سندس علمي ڪمالات ۽ قرآني معارف جي ڄاڻ تي مشتمل آهي. علامه قاسمي صاحب مقدمه کانسواءِ هن ترجمي جو حاشيه به لکيو آهي ۽ پڻ تصحيح ڪئي آهي.

۴- مقدمه ۽ حاشيه تاويل الاحاديث ۾

هن ڪتاب اندر قرآن مجيد ۾ جيترا به پيغمبرن جا قصا بيان ٿيل آهن، حضرت شاه ولي الله انهن جي عقلي تطبيق، تشريح ۽ علمي تعبير ڪئي آهي ۽ ان جا طبعي اسباب بيان ڪيا آهن. علامه قاسمي صاحب وڏي محنت ڪري هن ڪتاب جو قلمي نسخو مٽ ڪيو ۽ ان جي تصحيح ڪئي ۽ ان تي حاشيه لکيا آهن. ان سان گڏ وڏ گڏ مولانا قاسمي صاحب ڪتاب واري زبان يعني عربي زبان ۾ ۳۵ صفحن جو عالمانه مقدمو لکيو آهي. جنهن ۾ ڪتاب جو خلاصو پيش ڪيو آهي ۽ شاه ولي الله اڪيڈمي طرفان ڇپايو آهي.

۵- مقدمه تفسير هاشمي ۾

سنڌ جي مشهور عالم ۽ بزرگ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي قرآن مجيد جي آخري پاڙ "عَمَّ" جو ابوالحسن جي سنڌي ۾ تفسير ڪيو آهي. هي تفسير پهريائين ڪريمي پريس بمبئي ۾ ڇپيو.

علامه قاسمي صاحب هن تفسير کي پنهنجي طرفان مقدمه لکي سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد مان ڇپايو آهي. مقدمه ۾ قاسمي صاحب سنڌ ۾ اسلام جي آمد ان وقت جي مروج سنڌي عالمن طرفان ڪيل قرآن حڪيم جي خدمت مخدوم محمد هاشم جو مختصر احوال ۽ سندس هن قرآن مجيد جي ترجمن ۽ تفسيرن تي روشني وڌي آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 778

٦- قرآن [illegible] ترجمي سان (مترجم محمد مدني)

هن قرآن شريف جو سنڌي ترجمو نامياري عالم مولانا محمد مدني سنڌيءَ ۾ ڪيو ۽ قرآن شريف جي حاشيه ۾ شاه ولي الله دهلويءَ جي تفسير 'فتح الرحمٰن' فارسيءَ جو سنڌي ترجمو علامه غلام مصطفىٰ قاسمي تحرير ڪيو. علامه غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب حاشيه جو ترجمو اهڙيءَ طرح ڪيو آهي جو اصل عبارت جو روح به منجهس موجود آهي، ۽ ان کان سواءِ آسان، عام فهم ۽ واضح لفظن ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. هن حاشيه ۾ نظر وجهڻ بعد ڪابه تشنگي باقي نه ٿي رهي. علامه قاسميءَ جي اها خدمت به دين جي اشاعت ۾ خاصي جاءِ والاري ٿي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

حديث شريف تي كيل ڪم:-

قرآن ڪريم جو تحقيقي تفسير اسانکي نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي اسوه حسنه مان ملي ٿو. پاڻ سڳورن جي سنت احاديث جي ڪتابن ۾ مدوّن آهي. علامه قاسمي صاحب هين ڪتابن ۾ تحقيقي ۽ تمهيدي نوٽ لکڻ سان گڏوگڏ حديث شريف جي ڪتابن کي به نه وساريو آهي.

۱- شرح الفيه الحديث:-

مولانا مصطفيٰ قاسميؒ علامه عراقيؒ جي اصول حديث ۾ لکيل منظوم ڪتاب 'الفية الحديث' جو هڪ مبسوط شرح لکيو آهي. هي شرح ۵۰۰ صفحن ۾ مشتمل آهي ۽ هن ۾ سندي عالمن جي ڪتابن جا حوالا به آيل آهن. علامه قاسمي صاحب جو هي شرح 'الفية الحديث' جي سڀني سان گهڻ مطبوعه آهي.

۲- مقدمه امعان النظر شرح نخبة الفكر:-

ڪتاب 'امعان النظر' اصل حديث ۾ لکيل علامه ابن حجر عسقلانيؒ جي ڪتاب شرح 'نخبة الفكر' جو شرح آهي. هن ڪتاب کي هڪ سندي عالم قاضي قمر الدين نصرپوريؒ لکيو آهي. قاضي صاحب حديث جي مشهور ڪتاب 'صحيح بخاري' جي به شرح لکي آهي.

علامه قاسمي صاحب ڪتاب 'امعان النظر' جا مطبوعه ۽ غير مطبوعه نسخا هٿ ڪري ان جي تصحيح ۽ تشريح ڪري شاه ولي الله اڪيڈمي حيدرآباد مان چپايو آهي. ڪتاب جي مقدمي ۾ مولانا قاسمي صاحب اهڙن قديم سندي عالمن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي پنهنجي دور ۾

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 780

حديث جا امام ٿي گذريا آهن. جهڙوڪ امام محمد بن ابي محشر سندي، امام عبدالرحمٰن سندي اوزاعي، محمد بن محمد ديبلي، احمد بن محمد قاسمي المنصوري وغيره.

۳- مقدمه ۽ حاشيه بهجة النظر:

مولانا ابوالحسن الصغير بن مولانا محمد صادق سندي

'بهجة النظر' نالي ۳۱۲ صفحن تي هڪ ڪتاب ڪليو آهي. هي ڪتاب علامه ابن حجر عسقلاني جي ڪتاب 'شرح النخبة الفكر' جو شرح آهي.

علامه قاسمي صاحب هن ڪتاب تي حاشيه لکيو آهي، ۽ تصحيح به ڪئي آهي ۽ هن ڪتاب جو مقدمه لکي شاه ولي الله اڪيڈمي حيدرآباد مان چپايو آهي.

فقه تي ڪيل ڪم:

مسلمانن جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ سمورن شعبن جي باري ۾ هدايتون فقه اسلاميءَ ۾ موجود آهن، جنهن جا مکيه چار ماخذ آهن.

۱- قرآن، ۲- سنت، ۳- اجماع، ۴- قياس. علامه قاسمي صاحب فقه تي ڪيل ڪن مشهور ڪتابن جي تحقيق ۽ مبسوط مقدمه ۽ حاشيه لکيا آهن. جن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

۱- مقدمه ۽ حاشيه فرائض الاسلام:

مخدوم محمد هاشم ٽٺويءَ جو عربي زبان ۾ ڪيل ڪتاب 'فرائض الاسلام' کي علامه قاسمي صاحب مدرسه "مدينة العلوم پينڊبو" مان قلمي صورت ۾ هٿ ڪري پنهنجي ڪوشش سان ان کي شايع ڪرايو. قاسمي صاحب هن ڪتاب جو مقدمه ۽ حاشيه لکيو آهي، ۽ پڻ تصحيح ڪئي آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 781

٢- حاشيه مختصر قدوري :

فقه جي مشهور ۽ ديني مدارس ۾ رائج ڪتاب
'مختصر قدوري' علامه ابوالحسن احمد بن محمد بغدادي حنفي جو ڪليل آهي.
علامه قاسمي صاحب ان ڪتاب جو مقدمه لکيو آهي.
حنفن ۾ پنهنجي زندگيءَ جو مختصر ۽ ڪتاب جي مؤلف جي حياتيءَ جو مفصل
ذڪر ڪيو آهي. ڪتاب تي ڪن هندن تي ضروري حاشيه به لکيا آهن. هي ڪتاب
ديني مدارس جي نصاب ۾ پڙهايو ويندو آهي.

٣- مقدمه ۽ حاشيه متانة الروايات :

'متانة الروايات' سنڌ جي هڪ فقيه علامه مخدوم
جعفر بوبڪائي جو فقه تي هڪ ڪليل ڪتاب آهي. هي ڪتاب ٣٧٧ صفحن تي
مشتمل آهي. مولانا قاسمي پنهنجي ڪراچيءَ واري دور ۾ هن ڪتاب تي
١١٨ صفحن تي مفيد هڪ مبسوط مقدمه لکيو آهي. ان کانسواءِ هن ڪتاب تي
مفيد علمي حاشيه به لکيو آهي. علامه قاسمي صاحب جي مقدمي سان هي
ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو، جڏهن بورڊ جي آفيس ان وقت
اسيمبلي بلڊنگ ڪراچيءَ ۾ هئي.

منطق ۽ فلسفي تي ڪيل ڪم :

علمي منطق، رياضي، فلسفه ۽ علمِ هيئت وغيره انڪرا
عالم آهن، جن جي سمجهه ۽ سمجهائڻ سان اسلامي علوم کي سمجهڻ
۾ مدد ملي ٿي. تنهن ڪري شروعات کان وٺي علم ڪلام، فلسفه ۽ منطق وغيره
ديني مدارس جي نصاب ۾ شامل ٿيندا رهيا آهن ته جيئن ديني عالمن کي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 782

وقت جي ضرورت مطابق اسلامي تعليمات جي اشاعت ۾ ڪا ٽنگي محسوس نه ٿئي ۽ مؤثر نموني ۾ عقائد الاسلام جي اشاعت ڪري سگهجي.

علامہ قاسمي صاحب پنهنجي تعليم پرائڻ واري دور ۾ جن علمن ڏانهن توجهه ڏنو ۽ ان سلسلي ۾ ڪيترا ڪتاب لکيا ۽ ڪن ڪتابن تي تحقيق ڪري انهن کي چپائي پڌرو ڪيو. انهن ڪتابن مان ڪجهه ڪتابن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

۱- مفيد الطبا في شرح تعريفات الاشياء :

رسالي 'تعريفات الاشياء' جي شرح علامہ قاسميءَ پنهنجي پڙهڻ واري دور ۾ لکي آهي. جنهن جو ذڪر مولانا صاحب ڪتاب 'مفيد الطبا' جي مقدمي ۾ پاڻ ڪيو آهي لکي ٿو:

"مون ڏٺو ته منطق جي رسالي تعريفات الاشياء جي سمجهڻ لاءِ مدرسن جا شاگرد پنهنجي استادن وٽ گهڻو توجهه ڏيئي رهيا هئا ۽ شاگردن جي هڪ ٽولي ساڳيو ڪتاب مون وٽ ڪيترا دفعا پڙهيو. جنهن آءٌ پنهنجي استاد علامہ علي خاني سنڌيءَ (علامہ عبدالڪريم ڪراڙي) وٽ پڙهندو هئس ۽ ان وقت انهو ڪتاب حاشيه وغيره ڪان بلڪل خالي هو ۽ ان جي تشريح ۽ وضاحت جي گهڻي ضرورت هئي. ان وقت دل ۾ خيال ٿيو ته مذڪوره رسالي تي حاشيه لکان ته جيئن شاگردن کي سمجهڻ ۾ ڪا تڪليف نه ٿئي. پوءِ الله تعالىٰ جو نالو ڪري جي توفيق ڏني ۽ هن رسالي جي شرح لکي ان جو نالو ڪريم "مفيد الطلبا في تعريفات الاشياء". [۱]

---

[۱] - غلام مصطفىٰ قاسمي مولانا، "مقدمه مفيد الطلبا في تعريفات الاشياء" ڪتبخانهٔ اعزازيه ديوبند، ص. ۲

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 783

٢- الوافی علی الکافی المعل للایساغوجي :

منطق جي مشهور درسي ڪتاب "ايساغوجي جو الڪافي" جي ناليوارن شرح علامه فضل الحق خيرآبادي جي شاگرد علامه فضل حق اڀوريءَ ڪيو آهي. جنهن جي شرح وري علامه قاسمي صاحب 'الوافي' نالي ڪيو آهي. مولانا جوهي ڪتاب پڻ غير مطبوعه آهي.

٣- دوروزي :

منطق جي سائڪيءَ ڪتاب 'ايساغوجي' جو شرح علامه هڪ ڏينهن ۾ ڪيو ۽ نالو رکيائين "يڪ روزي" سائڪيءَ ڪتاب جو شرح علامه قاسمي صاحب، ٻن ڏينهن ۾ ڪيو جنهن جو نالو رکيائين "دوروزي" هي ڪتاب عربي ٻوليءَ ۾ آهي ۽ پڻ غير مطبوعه آهي.

٤- شرح حمدالله :

منطق جي ڪتاب 'سلم العلوم' جي تصديقات واري حصي تي علامه حمدالله جو مشهور شرح آهي. هي ڪتاب درس نظاميءَ ۾ به شامل آهي.

علامه قاسمي صاحب هن شرح جو شرح ڪيو آهي. هي ڪتاب غير مطبوعه آهي.

مٿين ڪتابن کانسواءِ متفرق موضوعات تي مولانا جيڪو ڪم ڪيو آهي تنهن جو سرسري جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو :

١- انباءالانباء فی حلیة الانبیاء :

انبياء عليه السلام جي زندگيءَ تي هي ڪتاب هڪ سندي بزرگ حضرت محدث مخدوم ابوالحسن الصغير مدنيءَ ڪيو آهي. هن موضوع تي هن به ڪتاب ڪيا آهن، پر هي هڪ مبسوط جامع ڪتاب آهي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 784

علامہ قاسمي صاحب هن کتاب تي مقدمہ ۽ حاشيہ

پڻ لکيو آهي. پهنجي حاشيہ ۽ مقدمي سان هن کتاب کي شاه ولي الله اڪيڈمي حيدرآباد مان شايع ڪرايو آهي. مقدمي ۾ مولانا قاسمي کتاب جي مؤلف يعني امام محدث ابوالحسن بن محمد صادق سنڌي جيڪو ابوالحسن سغير جي نالي سان مشهور آهي تنهن جي مڪمل زندگي ۽ مؤلفات کي بيان ڪيو آهي.

کچکول نامہ

تصوف جي موضوع تي مخدوم ابوالحسن ڏاهري نقشبندي سنڌيءَ هي کتاب 'کچکول نامہ' فارسي ۾ لکيو آهي جيڪو منظوم آهي.

علامہ قاسمي صاحب هن کتاب تي تحقيق ڪئي آهي ۽ حاشيہ سان گڏ ان جو مقدمہ لکيو آهي. هن کتاب کي پاڻ شاه ولي الله اڪيڈمي حيدرآباد مان چپائي پڌرو ڪيو آهي.

سماجي انصاف اور اجتماعيت اردو:

اردو زبان ۾ علامہ قاسمي صاحب هي کتاب ۶۴ صفحن تي تاليف ڪيو آهي ۽ شاه ولي الله اڪيڈمي مان چپايو آهي. قاسمي صاحب هن کتاب ۾ شاه ولي الله جو فڪر پيش ڪيو آهي ۽ ان جي حوالن سان (Social Justics) ۽ اجتماعيت (Society) جا اهي اصول بيان ڪيا آهن. جن تي جيڪڏهن هن وقت عمل ڪيو وڃي تہ مسلمان تنزل ۽ غلاميءَ واري زندگيءَ ۾ مبتلا نہ هجن علامہ قاسمي صاحب هن کتاب جي آخري صفحي تي لکي ٿو:

" افسوس جو هي اقتصادي اشتراڪ ۽ تعاون آهستي آهستي مسلمانن مان ڪڍندو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ مسلمان پهنجي ڏٺا نتي وڃڻي کي جڏي تنزل ۽ غلاميءَ جي زندگي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 785

گذاريڻ لڳا. دنيا جي اڪثر آبادي جا نوجوان اشتراڪيت طرف مائل آهن، پر انهن جو لائحه عمل ديني سعادت کان پري آهي. جيڪڏهن مسلمان نوجوان پنهنجي اقتصادي اشتراڪ جي ورثي کي بيهر هٿ ۾ آڻڻ جي ٿوري به ڪوشش ڪن ته انهن کي ڪابه طاقت غلام نٿي بڻائي سگهي. مسلمانن جي ڪنفرنس، جماعت يا قوم هيڪر شروع ڪيو ته اميد ته مسلمانن جون بيون جماعتون به ان ۾ جلد شريڪ ٿي ويندیون ۽ اهڙو زبردست بين الاقوامي اسلامي مرڪز ٺهجي ويندو جنهن جو مقابلو ڪابه طاقت نه ٿي ڪري سگهي." (١)

مقدمه ۽ حاشيه التمهيد لائمة التجديد :

ڪتاب "التمهيد لائمة التجديد" مولانا عُبيد الله سنڌيؒ جو ڪليل آهي جنهن ۾ پنهنجي ديني علم جون سڌارون ۽ پي معلومات جمع ڪئي آهي.

علامه قاسمي صاحب انهيءَ علمي ڪتاب جو بهترين حاشيه ۽ مقدمه لکي سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد مان چاپو آهي. مولانا قاسمي صاحب تاليف، مقدمن، حاشين ۽ تحقيق وغيره ڪا نسواءِ ڪيترائي علمي مضمون ۽ ادارا لکيا آهن جيڪي مختلف معروف ۽ معياري سنڌي اردو رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن.

مولانا عبدالله ڪوسو قاسمي صاحب جي چپيل ڪتابن جي وچ ۾ ماهنامه "شريعت" سکر، علامه غلام مصطفىٰ قاسمي نمبر" مرتب ڪئي آهي، جن جو تعداد ١٤٦ آهي. مولانا عبدالله ڪوسي جي لکڻ مطابق هن اهي مضمون

---

(١) - قاسمي غلام مصطفىٰ مولانا، "سعادتي انصاف اور اجتماعيت" حيدرآباد شاه ولي الله اڪيڊمي ١٩٧٣ع ص - ٦٤ -

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 786

"سنة الاجي" پگڻ کيل رسالن تان هٿ ڪري اهڙن جي فهرست ڏني آهي.(۱)

ان کان سواءِ علامه قاسمي صاحب جا کيترا مضمون عربي، اردوءِ فارسي زبانن ۾ هندستان، ايران، مصر ۽ سعودي عرب جي ملڪن مان شايع ٿيندڙ رسالن ۾ ڇپيا رهيا آهن، جيڪي سردست حاصل ٿي نه سگهيا آهن.

قصصِ انبياءَ جے رموز اور ان کی حکمتیں :۔

هي ڪتاب ڪل ۱۷۶ صفحن تي مشتمل آهي. جيڪو ۱۹۹۱ع ۾ شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد، پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد جي تعاون سان ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ڪتاب گيٽ اپ لوڻري معيار جي لحاظ کان نهايت جاذب نظر ۽ اعليٰ آهي.

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي تحريري ديني خدمات ۾ حضرت شاه ولي الله دهلوي جي ڪتاب ' تاويل الاحاديث في رموز قصص الانبياءَ' جو اردو ترجمو گرانقدر اضافو آهي.

انبياءَ ڪرام جا قصا برحق آهن جيڪي قرآن حڪيم مان ثابت آهن. هن ڪتاب ۾ انهن قصن جي رمزن ۽ حڪمتن جو نهايت احسن طريقي سان بيان ڪيو ويو آهي.

ڪتاب جا پيش لفظ حمد سرور لکيا آهن. جن ۾ هن صاحب بڌايو آهي :۔

۱۔ عبدالوهاب چاچڙ مولانا، ماهنامه "شريعت" سکر، 'علامه غلام مصطفيٰ قاسمي نمبر'، جلوري، فبروري ۱۹۹۰ع، ص۔ ۴۶ کان ۵۰.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 787

"حضرت شاه ولي الله قرآن حڪيم جي معنيٰ ۽ مطلب
کي پنجن علمن ۾ تقسيم ڪيو آهي، جن مان هڪ علم "ايام الله" آهي
جنهن جو تعلق قصص الانبياء سان آهي. انهن سموري قصن جي
بيان ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته انهن جي ٻڌڻ وارن جا ذهن
شرڪ جي برائي کان آگاهه ٿين ۽ ڪافرن جي مٿان سندن انڪار
جي عيوض خدا تعالىٰ طرفان نازل ٿيل عذاب ۽ مومنن مٿان
نوازشون جو ڪين علم حاصل ٿئي." (۱)

قصن سرور اهو به ٻڌايو آهي ته حديثن جي تاويل ۽ تاويل
مان ڇا مراد آهي. جنهن کانپوءِ ڪتاب جي مطالب جو اجمالي بيان ڏنو ويو آهي،
جنهن ۾ مختلف انبياء ڪرام جي بحث ۽ مختصر واقعي کي بيان ڪيو آهي،
انهيءَ طرح هي پيش لفظ ۴۶ صفحن ۾ تحليل آهي. ڪتاب جي مقدمي ۾
حضرت شاه ولي الله فرمائي ٿو:-

"الله تعالىٰ جو پنهنجي بندن جي باري ۾ الهامات،
احالات ۽ تقريبات جي ذريعي تدبير جوارادو پس رجوت
نظام خير طرف بالذات ۽ حادثي جي وجود طرف بالطبع متوجه
ٿيندو آهي ۽ هوان حادثي لاءِ پنهنجي بندن کي الهام احالا
۽ تقريب جو فيضان ڪندو آهي. هو عادت جي طريقن سان
ڪين چونڊي ويندو آهي. جيڪا ان وقت سڀ کان ويجهي چيز
هوندي آهي." (۲)

---

(۱) - "قصص الانبيا ڪے رموز اوران کی حکمتیں"، مترجم مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي شاه
ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ ۱۹۹۱ع، ص - ۶ ۽ ۷

(۲) ——— ايضاً ——— ص - ۴۹ ———

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مقدمي کان پوءِ قرآن حڪيم ۾ ذڪر ٿيل آيل انبياء
ڪرام، جن ۾ حضرت آدم عليه السلام، حضرت ادريس عليه السلام، حضرت
نوح عليه السلام، حضرت هود عليه السلام حضرت ايوب عليه السلام،
حضرت شعيب عليه السلام، حضرت موسيٰ عليه السلام، حضرت هارون
عليه السلام، حضرت شموئيل عليه السلام، حضرت داؤد عليه السلام حضرت
يونس عليه السلام، حضرت زڪريا عليه السلام، حضرت يحييٰ عليه السلام
حضرت مريم، حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ نبي آخرزمان حضرت محمد
مصطفيٰ جن جو ذڪر ۽ انهن انبياء ڪرام سان منسوب واقعات ۽ حالات
جو ذڪر نهايت دلچسپ نموني ۾ ڪيو ويو آهي، جنهن مان پڙهندڙ ڪي
نه فقط عبرت حاصل ٿئي ٿي، بلڪ ڪيس الله تعالىٰ جي طاقت، حڪمت،
ڪبرياڻي ۽ عاڪميت جو سچيءَ دل سان قائل ٿيڻو پوي ٿو. انهن قصن ۾
بني نوع انسان جي لاءِ هدايت ۽ رهنمائي لاءِ بيشمار سبق سمايل آهن
علامه قاسمي صاحب هن ڪتاب جو اردو ترجمو ڪري
هڪ طرف ديني خدمت سرانجام ڏني آهي ته ٻئي طرف اردو ديني ادب ۾
هڪ نايابڪتاب جو اضافو ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 789

(الف) سوانح حيات

مولوي عبد القادر توڻيو .

مولوي حافظ سرفراز عرف عبدالقادر ولد ميان واحد بخش تنيو ١٤ ، شعبان ١٣٣٥ھ/ ١٩١٧ع ڀي ميروخان شهر ۾ تولد ٿيو .

مولوي عبدالقادر ابتدائي تعليم ۾ فارسي پنهنجي چاچي مولانا خوش محمد ميروخاني وٽ ورتي پوءِ ابتدائي عربي تعليم گوٽ ڇنگل، تعلقي ريتي ديري ۾ مولانا حبيب الله نوناري ۽ بعد ۾ مولانا ميرمحمد نورنگي وٽ (ڇهه مهينا) ان کانپوءِ تعلقي پنيءعاقل ۾ ڏيڍ سال مولانا مظهرالدين انڍڙ وٽ ۽ آخر ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ وٽ ست سال يعني مدرسي ميرپور پلڻ (تعلقو رتوديرو) ۾ ٽي سال مدرسي گوري پهوڙ (ميئر تعلقو خانپور) ۾ ٽي سال ۽ هڪ سال مدرسي گهوٽڪيءَ مان پڙهي فارغ التحصيل ٿيو. پوءِ هتان ويڙهي ٽي مهينا دارالرشاد پير جهنڊي ۾ مولانا عُبيدالله سنڌيءَ وٽ قرآن شريف جي ترجمي ۽ تفسير جو دورو پڙهيو. هن دوري ۾ سند سراستاد علامه قاسمي صاحب، مولانا عبدالعزيز پانڊوي ۽ مولوي عزيزالله جروار به ساٿس گڏ هئا. (١)

مولوي عبدالقادر علمي فراغت کان بعد پنهنجي گوٽ ميروخان ۾ مولانا خوش محمد ميروخاني جي مدرسي ۾

---

(١) - مولوي عبدالقادر ٽنڍي کان ١٢-١٤-١٩٩٢ع ڀي ميروخان ۾ ورتل انٽرويو .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

اچي پڑهائڻ شروع ڪيو ۽ اٺ سال لاڳيتو پڑهائيندو رهيو. جن شاگردن وٺانئس علمي فيض پرايو، انهن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا

مولوي عبدالله بروهي ۽ ڪليم الله بروهي (بلوچستان)

مولوي گل محمد انصاري (ميروخان) ۽ سندس سؤٽ مولوي حبيب الله (مولانا خوش محمد جو فرزند) ۽ ٻيا.

سندس همعصر عالمن ۾ مولانا عبدالڪريم ٻيرواري

مولوي عبدالغفار (مولانا ڪوراڻيءَ جو فرزند)، مولوي محمد عمر شيخ (روهڙي)

مولوي حافظ قادر بخش ڪوري ڪلي غلام شاهه ضلعو شڪارپور، مولوي دين محمد شيخ سکر ۽ قاضي عبدالڪريم بروهي (حال مقيم سعودي عرب) قابل ذڪر آهن.

مولوي عبدالقادر جو روحاني تعلق بزرگ مولانا حمادالله هاليجوي سان آهي. پاڻ هڪ سٺو حڪيم به آهي ۽ اٺ سال ديني درس پڑهائڻ کانپوءِ پنهنجي ڳوٺ ميروخان ۾ حڪمت جو دڪان کولي رهيو آهي ۽ ان سان گڏ وڏي مولانا خوش محمد ميروخاني واري مسجد جو پيش امام پڻ آهي.

مولوي صاحب کي اولاد ۾ هڪ پٽ نالي عبدالواحد ۽ ٻه نياڻيون آهن هينئر سندس عمر ۷۵ سال آهي.(۱)

---

(۱) - مولوي عبدالقادر لوٺنيءَ کان ۱۲ اپريل ۱۹۹۲ع تي ميروخان ۾ ورتل انٽرويو.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 791

(الف) سوانح حيات

مولانا قاضي دوست محمّد "بلبل سنڌ"

مولانا قاضي دوست محمّد ولد مولانا قاضي بقا محمّد صديقي جي ولادت سن ۱۳۴۱ھ/ ۱۹۱۸ع ۾ ڳوٺ "ترائي" تعلقو گڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ٿي. سندس والد ماجب به ديني عالم هو. سندس نسب جو سلسلو حضرت صديق رضه جي فرزند حضرت قمّد رضه سان ملي ٿو. حضرت قمّد رضه جي اولاد ايران ۽ برصغير هند ۾ پکڙجي ويئي. انڪري پيڙهيءَ ۾ قاضي قمّد جعفر ايران ۾ قاضي القضات مقرر ٿيو. ان جي چوٿين پٽ مان به پٽ سنڌ ۾ آيا، انهن مان عبدالرشيد جي اولاد مان مولانا دوست قمّد جو خاندان آهي. هن خاندان ۾ علم ۽ حڪمت مستن پيڙهين کان هلندو اچي لوڻ. سندس خاندان ۾ هيا به پنهنجي وقت جا جيّد عالم ٿي گذريا آهن، جن ۾ سندس ڏاڏو مولانا قاضي غلام حسين، مولانا قاضي عبدالرزاق (سندس ڏاڏي جو ماسات) مولانا قاضي گل قمّد (جنهن ورهاڱي کانپوءِ مدرسا شاعت القرآن لاهوري هلي ۾ ڪجهه وقت پڙهايو) ۽ مولانا قاضي عطا قمّد (سندس چاچا) قابل ذڪر آهن. (۱)

مولانا دوست قمّد ابتدائي تعليم ڳوٺ "ترائي" ۾ مدبيجي جي پرائمري اسڪول مان ست درجا سندي پاس ڪري ڪانپوءِ شهر لاڙڪاڻي جي اي-وي اسڪول مان سيڪنڊري تعليم جي سند حاصل ڪيائين.

جيئن ته پاڻ ديني علم ادب گهرائي جو فرد هو، ان ڪري دنيوي تعليم کي هنيرباد چئي ديني تعليم ۽ تربيت ڏانهن راغب ٿيو. قرآن شريف، عربي ۽ فارسي جي تعليم صرف ۽ نحو تائين پنهنجي والد ۽ چاچي مولانا قاضي گل قمّد وٽ پڙهيائين.

---

(۱) - استاد قاضي نجم الدين (مولانا دوست قمّد جو سوٽ عمر ۶۰ سال) کان ۱۰ جون ۱۹۹۲ع تي ڪيل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 792

ان کانپوءِ وڏيڪ تعليم برائڻ لاءِ ملتان هليو ويو. جتي ان وقت جي مفسّر ۽ مفتي علامہ سيّد احمد سعيد ڪاظمي رحمۃ الله عليہ کان علم تفسير، علم حديث ۽ علم معاني ۽ جا سبق پڙهي. ملتان کي جڏي هندستان جي مشهور شهر 'بريلي شريف' ۾ برصغير جي معروف ديني عالم حضرت احمد رضا خان بريلوي جي قائم ڪيل ديني درسگاهه ۾ ڇهه سال رهي علم وفنون سان آراسته ٿي مستند عالم بڻجي نڪتو.

مولانا قاضي دوست محمد علمي فراغت کان بعد ڪجهه وقت درس تدريس جو ڪم ڪيو. انگريزن جي دور ۾ پيرپاڳاري جي 'حرن' جو انگريزن سان ٽڪر ٿيو ۽ ان جدوجهد ۾ سنڌ ۾ ڪيترن هنڌن ٿي حُرن کي قيد بند ڪيو ويو، جن کي حرن جا لوڙها (Concentration Camps) سڏيو ويندو هو. اهڙوئي هڪ لوڙهو ڳوٺ بچل شاه ميائي ٻڌ سکر ۾ قائم هو، جتي مولانا دوست محمد 'حرن' کي تعليم ڏيندو هو. ان کانسواءِ مولانا صاحب ورهاڱي کان پوءِ به ڪجهه سال گڙهي ياسين هاءِ اسڪول ۾ عربي ۽ اردو استاد جي حيثيت ۾ به ڪم ڪيو. ان دوران مولانا گڙهي ياسين ۾ پنهنجي چاچن وٽ رهندو هو بعد ۾ اهو ملازمت ڇڏي ڏنائين.

مولانا دوست محمد جي خاندان کي ۱۹۴۳ع واري ٻوڏ ڪانپوءِ گڙهي ياسين جي زميندار آغا بدرالدين 'ترائي' مان لڏائي اڄي گڙهي ياسين ۾ آباد ڪيو هو. مولانا صاحب جي پهرين شادي شڪارپور مان ٿيل هئي، جنهن جي وفات کان پوءِ سندس ٻي شادي ڳوٺ 'خانواه' تعلقي رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي مان ٿي ۽ اتي گهر جاڙو ٿي رهيو. اهڙيءَ طرح پاڻ ۵۶-۱۹۵۵ع ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ مستقل طور اچي قيام پذير ٿيو.

مولانا قاضي دوست محمد مشهور ديني مقرّر ۽ مبلّغ هو. فن خطابت ۾ ڪيس ملڪو حاصل هو، نه رڳو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پر سنڌ جي ڪنڊ ڪڙ ۾ ماڻهو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 793

کیس ڏيڻي جلسن ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ وڃي ويندا هئا. پنهنجي خوش الحان وعظ سان جلسي ڪي چار چنڊ لڳائيندو هو. اهڙيءَ طرح آواز جي جادوئي اثر سبب هزارين ماڻهو سندس تبليغ کان مستفيض ٿيندا هئا.

مولانا صاحب جاوداحمرت مخدوم غوث بهاءالحق ملتاني جا عقيدتمند هئا، انڪري مولانا پاڻ به هاريءَ ڪي ملتان ويندو رهندو هو. هڪ دفعي ان موقعي تي جيڪو غالباً ۵۶-۱۹۵۵ع جو زمانو هوندو، سين عالمن به تقريرون ڪيون. بعد ۾ هن ڪي تقرير ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو، جڏهن تقرير ڪري ختم ڪيائين ته وقت جو گادي نشين سندس تقرير کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ ڪيس "بلبل سنڌ" جو لقب ڏنو. پوءِ سنڌ ۾ ڪنڊ ڪڙ ۾ اهڙيءَ لقب سان معروف ٿي ويو.

مولانا صاحب جي زور خطابت ۽ سندس پراثر دلپذير تقرير ڪري ڪيترائي غير مسلم سندس معرفت ڪلمه طيبه پڙهي مسلمان ٿيا. ميرپور بٻوري ۾ تقرير ڪندي پرسان اوڏن جا ڳوٺ هئا، اتي تقرير ٻڌي هندو اوڏ مسلمان ٿيا. اهڙيءَ طرح لاڙڪاڻي شهر ۾ شيخ زيد ڪالوني ۾ تقرير ڪيائين ته اتي به هڪ هندو جنهن جو نالو رتي مل هو مسلمان ٿيو.

مولانا صاحب کي اولاد ۾ هڪ نياڻي ۽ ٽي پٽ عبدالرشيد، محمد يوسف ۽ شرف الدين ٿيا. مولانا دوست محمد سڄي عمر دين جي خدمت ۽ تبليغ ۾ گذاري. آخر پهرين رجب المرجب ۱۴۰۷ھ مطابق ۲- مارچ ۱۹۸۷ع تي هن فاني دنيا مان وصال ڪيائين. سندس آخري آرامگاهه مسجد عثماني بي محمن آڏواڻي ۾ (۱)

---

(۱) - استاد قاضي نجم الدين (مولانا دوست محمد جو سوٽ عمر ۶۰ سال) کان ۱۰- جون ۱۹۹۲ع تي ڳڙهي ياسين ۾ ڪيل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 794

(الف) سوانح حيات

مولانا ابوالعتيق غلام صديق "آصف" چنجٹي

مولانا ابوالعتيق غلام صديق ولد مولانا محمد "شيدا" چنجٹي بي ولادت ٻوٽ "ميان دادچنجٹي" ٻڳ نصيرآباد تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ سن ۱۳۳۹ھ/۱۹۲۰ع ڌاري ٿي.

ابتدائي تعليم پنهنجي ڏاڏي مولوي محمد موسيٰ ۽ والد مولوي محمد صاحب "شيدا" جن کان ورتائين. بعد ۾ نوريڳ ۾ مولانا ميرمحمد نوريڳي ٻانبوقبو تعلقي رتي ديري ۾ مولانا عبدالعزيز سومري جاڻي بند ٻڳ نصيرآباد ۾ مولوي سيد عبداللطيف شاه، بعد ۾ "ٽنڊي" ۽ "ٽيڙهي" جنده ديروياڻ شريف جي مدرسن ۾ پڙهي آخر ۾ باقي تعليم مولانا خوش محمد ميرخاڻي وٽان ورتائين ۽ سن ۱۳۵۹ھ/۱۹۴۰ع ۾ فارغ ٿيو.

مولانا غلام صديق علمي فراغت کان بعد ٻوٽ ۾ پنهنجي والد جي مدرسي ۾ درس تدريس ڏيندو رهيو. مدرسي کي زور وٺائڻ لاءِ علمي قدم کنيائين ۽ مدرسي جو نالو تجويز ڪري "اشرف العلوم" رکيائين. ان کان اڳ مدرسي جو نالو "مدرسه چنجٹي شريف" هو. سندس مدرسي مان گهڻن نامي شاگردن علمي فيض پرايو، جن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

مولوي محمد عالم "خرم" ٻوٽ ميان دادچنجٹي، مولوي عبدالعزيز چنجٹي، حافظ محمد ابراهيم چنو، حافظ فضل حق چنجٹي، مولوي محمد علي کوکر، مولوي حاڪم علي چنجٹي مولوي رحيمداد بروهي (نوابشاهه) مولوي غلام محمد بروهي خضدار ۽ پين جا نالا شامل آهن.

مولانا صاحب شعر ۾ به طبع آزمائي ڪئي آهي. شعر ۾ تخلص "ابوالعتيق" ۽ "آصف" استعمال ڪيو اٿس سندس شعر اڻ لکيل آهي.

Gul Hayat Institute

مولانا غلام صديق جي اولاد ۾ ٽي ڀائرن ۽ چار ڀيٽ نالي عتيق الله، عبيدالله، مولوي امان الله "سڪندري" ۽ حافظ اسدالله آهن.

مولانا صاحب سڄي عمر دين جي خدمت ۾ گذاري، سندس وفات ۲۶ ذوالحجه ۱۳۸۴ھ مطابق ۲۹ اپريل ۱۹۶۵ع تي ٻوٽ "الوراڻڪ" ۾ ٿي. سندس جسم خاڪي ٻوٽ جي "مامون سائين" جي قبرستان ۾ جاءِ ڏني وئي.

---

(۱) - مولوي عبيدالله (مولانا غلام صديق جو فرزند) کان ۱۵ دسمبر ۱۹۹۱ع تي ٻوٽ "ميان دادچنجٹي" ۾ ورتل انٽرويو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 795

(الف) - سوانح حيات

مولانا عزيز الله جروار

مولوي عزيز الله ولد خان محمد جروار سن ۱۳۳۹ھ/ ۱۹۲۱ع ۾ گوٹ گل محمد جروار تعلقي شهداد ڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جائو. قرآن شريف ۽ ابتدائي سندي پنهنجي ئي گوٹ ۾ مولوي محمد پٽاڻ وٽ پڙهيو. ان کانپوءِ مولانا فتح محمد سيراني وٽ ميروخان ۾ پڙهڻ لاءِ ويو. جتي عربيءَ جي تعليم سڳهي مدرسي ۾ مولانا خوش محمد ميروخانيءَ کان ورتائين. ڪجهه وقت لاءِ پاڻ ضلعي رحيم يار خان به وڃي پڙهيو ۽ ان بعد موتي اچي مدرسه "دار الهدیٰ" ٽيڑهيءَ ۾ داخل ٿيو. آخر ۾ گوٹ "گوري پهور" جي ديني درسگاهه "دار السعادات" تعلقي شڪارپور ۾ مولانا عبد الحڪيم شاهليءَ وٽ پڙهيو.

مولانا عبد الحڪيم جي هن مدرسي کي چڏي وڃڻ کانپوءِ مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي هن مدرسي جو صدر مدرس مقرر ٿيو، جنهن وٽ مولانا عزيز الله جروار تحصيل جا آخري ڪتاب، منطق، فلسفه، ادب ۽ حديث پڙهي دستار بندي ڪرائين. ان کان اڳ پنهنجي شاگرديءَ دوران پنهنجي استاد مولانا قاسميءَ صاحب سان گڏ پير جهنڊي جي "ست الحڪمة" ۾ مولانا عبيد الله سنديءَ جي خدمت ۾ قرآن مجيد ۽ فلسفه شاه ولي الله جي تعليم ورتائين. (۱)

مولانا عزيز الله جروار فارغ التحصيل ٿيڻ کان بعد پنهنجي ئي گوٹ ۾ ديني درسگاهه قائم ڪرائين، شاه ولي الله جو فلسفو پڙهايو ويندو هو. انڊونيشيا جو هڪ نوجوان پروفيسر ارشد جيڪو مولانا سنديءَ جو معتقد ۽ شاگرد ٿي جو شاگرد هو. ان کي گهرائي پاڻ وٽ پرنسپال ڪري رکيو. هن مدرسي ۾ هڪ هزار ٽي جي

---

(۱) - علامه غلام مصطفیٰ قاسمي کان تاريخ ۹۱-۸-۲۵ تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 796

چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ انگريزي تعليم جوپڙ انتظام ڪيوويو هو.(۱)

مولانا عزيز الله جروار سن ۱۹۳۷ع ۾ جميعت العلماء هند ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ ان جو سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو. تاريخ ۴-۵، ۶ ۽ ۷ مئي ۱۹۴۵ع تي جڏهن سهانپور ۾ پي ۾ من جماعت جو جلسو ٿيو تہ ان ۾ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي اڳواڻيءَ هيٺ هن به وڏي شرڪت ڪئي. ان کانسواءِ پاڻ ڪانگرس ۾ رهي به ڪم ڪائين ۽ ڪانگرس ڪاميٽي ٻوٽ "گل محمد جروار" جو صدر ۽ "ڪانگرس ڪاميٽي لاڑڪاڻو" جو ڪيترو وقت تائين ميمبر ٿي رهيو.

سن ۱۹۴۴ع ۾ حيدرآباد واري قلعي ۾ مولانا عُبيدالله سنڌيءَ جي صدارت هيٺ سنڌ جي طالب العلمن جو هڪ جلسو ٿيو، جنهن ۾ جميعت العلماء سنڌ جو قيام عمل ۾ آيو. مولانا عزيزالله جروار ڪي من شاگرد جماعت جو جوائنٽ سيڪريٽري مقرر ڪيوويو هو. مولانا صاحب هاري ڪميٽيءَ ۾ به سرگرميءَ سان حصو ورتو ۽ حيدربخش جتوئي جي وفات کانپوءِ ڪيترا سال "سنڌ هاري ڪميٽيءَ" جو صدر ٿي رهيو.(۲)

---

(۱) - سومرو مظهرالدين ڊاڪٽر، "تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو" ڊي-ايڇ لاءِ ڪليل تحقيقي مقالو. ۱۹ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو، ص-۴۳۶

(۲) ـــــــــ ايضاً ـــــ ص. ۴۳۵ ـــــــــ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 797

هارين جي حقن جي جدوجهد جي سلسلي ۾ ڪيس جيل جي سزا به پوگهٽي پئي. (۱)

سن ۱۹۳۹ع ۾ مولانا عبيدالله سنڌي جلاوطنيءَ جي خاتمي کان بعد واپس سنڌ وريو ۽ اچي "جمنا - نربدا سنڌ ساگر پارٽي" [۲] ناهي ته مولانا عزيزالله جوڙ ڪيو. ان ۾ شموليت اختيار ڪئي. مولانا صاحب کان قومي پائڻن سان اختلاف ڪري پنهنجو اباڻو گوٺ چڏي "پني عاقل" جي پرسان 'عزيز آباد' نالي گوٺ قائم ڪري وڃي سڪونت اختيار ڪئي. پاڻ مولانا عُبيدالله سنڌيءَ جو پروانو ٿي رهيو آهي ۽ مولانا سنڌيءَ جي وفات تائين سندس خدمت ۾ رهيو. (۳)

---

(۱) - علامه قاسمي صاحب کان ۹۱-۸-۲۵ تي ورتل انٽرويو.

[۲] - هيءَ پارٽي هندستان کي مذهب جي بنياد تي ورهائڻ بدران لساني بنيادن تي تقسيم ڪرڻ جي حق ۾ هئي.

مولانا عُبيدالله سنڌي "جذباتي سياست" بدران سنجيدگيءَ واري سياست جي بنياد رکڻ جي ڪوشش ڪئي. من پنهنجي پارٽيءَ ۾ ميمبرن جي اڪثريت رکڻ بدران ميمبرن جي ذهني، علمي ۽ سياسي تربيت تي توجهه ڏنو. ان لاءِ مُدرسه مظهرالعلوم ڪراچيءَ ۾ "بيت الحڪمت" پيرجهنڊي جي مدرسي ۾ "ساگر انسٽيٽيوٽ" قائم ڪيو. (ڊاڪٽر محمد پاڻ، "ادب ۽ ماحول"، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ، ۱۹۸۷ع، ص-ص - ۱۰۵

(۳) - علامه غلام مصطفىٰ قاسميءَ کان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 798

باب چونتون

(۱۹۲۲ء کان ۱۹۴۷ء)

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 799

(الف) سوانح حيات .

مولوي حافظ عبدالقادر کلهوڑو

مولوي حافظ عبدالقادر ولد حاجي ميرڏڏ کلهوڑي جي ولادت گوٺ فاضل کلهوڑا/ کارڙ اکلهوڑا' تعلقي ڏوکري ۾ سن ۱۳۴۱ھ/۱۹۲۲ع ۾ ٿي. هن ابتدائي تعليم پنهنجي گوٺ ۾ ورتي، بعد ۾ حافظ امام بخش سومري جي مدرسي گوٺ هارون ٽوڙيو' (تعلقو ڏوکري) ۾ قرآن شريف حفظ ڪيو. ان کانپوءِ عربي فارسيءَ جي تعليم ترجي وڏي ديني عالم مولانا محمد قاسم مشوري وٽان پرائي سن ۱۳۶۶ھ/ ۱۹۴۶ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو.

حافظ عبدالقادر شاگرديءَ واري دور ۾ ئي پنهنجي استاد مولانا مشوري صاحب جي حڪم تي سندس مدرسي ۾ پڙهائيندو هو، پر علمي فراغت کان پوءِ ۱۹۴۷ع ۾ پنهنجي گوٺ ۾ 'مدرسه غوثيه عباسيه' جي نالي هڪ درسگاهه قائم ڪيائين، جتي آخري عمر تائين پڙهائيندو رهيو. ان دوران ۱۹۷۸ع کان ۱۹۸۰ع تائين مولانا مشوري صاحب جي حڪم موجب 'مدرسه عيدگاه قاسميه' ۾ به پڙهايائين. حافظ صاحب وٽان ڪيترائي شاگرد علمي فيض پرائي فارغ التحصيل ٿيا جن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

حاجي حافظ مولا بخش پٽو گوٺ آبڙي تعلقو ڪنبر، حافظ محمد رمضان لڪ فقير گوٺ 'چنو فقير لڪ' تعلقو گمبٽ، حافظ شفيع محمد پٽو باني مدرسه 'قاديريه قاضي پٽو' ضلعو خيرپور ميرس، سيد تاري حافظ غلام مصطفيٰ شاهه ميرڻ ۾ حافظ يار محمد بروهي ڪوٺيا وحدت ڪالوني قابل ذڪر آهن.

حافظ عبدالقادر صاحب درس تدريس کانسواءِ ڪجهه تصنيف ۽ تاليف به ڪئي، جنهن ۾ 'ترڪ رفيع اليدين' (قلمي) بزرگ عبدالرحيم گرهوڑي جو رسالو جي ترتيب (قلمي) حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪجهه بيتن جي شرح (قلمي) ۽ مولانا

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 800

قمر قاسم مشوري جي خطوط ۾ مشتمل قلمي بياض شامل آهن. حافظ صاحب
کي فقه ۾ سٺي دسترس حاصل هئي. کيترين ئي فتوائون ۽ تحريرون جاري ڪيائين.
مولانا مشوري صاحب ڪيس هر خميس ۾ پاڻ وٽ گهرائيندو هو، جتي مختلف سائلن جي
مسئلن جي فتوائون تحرير ڪندو هو. حافظ صاحب پاڻ وٽ هڪ سٺو ڪتبخانو پڻ قائم ڪيو،
جنهن ۾ اٽڪل هزار ڏيڍ ڪتاب موجود هئا. ڪتبخاني جي شروعات هڪ ڪتاب روپين جي خريداري
سان ڪيائين. سندس ڪتبخاني ۾ عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردو ڪتابن جو ذخيرو هو، جنهن ۾ اڪثريت
عربي ۽ فارسي ڪتابن جي هئي.

حافظ صاحب جي همعصر عالمن مان مولانا غلام مجدد سرهندي شڪارپوري،
مولوي قاضي دوست محمد 'بلبل سنڌ'، مولوي غلام محمد ٻاهيو، مولانا قاري خير محمد بلوچ، مولانا محمد لکي،
مولوي محمد رفيق بروهي، مولوي عبدالحميد الله ۽ ٻيا شامل آهن.

حافظ عبدالقادر روحاني لحاظ کان حافظ امام بخش سومري، پنهنجي
استاد مولانا محمد قاسم مشوري ۽ چشمي واري بزرگ کان متاثر هو. حافظ صاحب هڪ عبادت
گذار شخص هو. پاڻ پوئين رات هميشه سحر جي نماز تائين ويندي اشراق جي وقت تائين
عبادت ۾ مشغول رهندو هو، ڪيس ست دفعا حج جي سعادت به نصيب ٿي.

حافظ صاحب سٺو شاعر به هو، شعر ۾ تخلص "نمديده" ۽ "عبد"
استعمال ڪندو هو. سندس شاعري حمد، نعت، غزل، ڪافي، مولود ۽ خطبات جي صنفن ۾ مشتمل آهي [1]
پاڻ خوش الحان مبلغ به هو، ڪيترائي ڀيرا مٿس ديني جلسن ۾ وعظ لاءِ ڪيس دعوتون ڏني ويندا هئا. اهڙي طرح
حافظ صاحب مولوي، معلم، خطيب، مفتي ۽ مبلغ هو.

حافظ عبدالقادر کي اولاد ۾ چار نياڻيون ۽ چار پٽ ٿيا، جن مان ٻن پٽن
۽ سندس وڏي نياڻي قرآن شريف جا حافظ ٿيا.

حافظ صاحب سڀي عمر دين جي خدمت کندي گذاري ۽ تاريخ ۹ جولاءِ
۱۹۸۵ع ۾ رحلت ڪيائين. (۲)

---

[1] افسوس آهي جو حافظ عبدالقادر صاحب جي فرزندن سندس تصنيف ۽ تاليف ۽ بياض ڏيڻ ۾ تعاون نه ڪيو، جنهن
ڪري حافظ صاحب جي قلمي ڪاوشن کي اجاگر نه ڪيو ويو. سندن آخر تائين چوڻ اهو هوندو هو ته مرڻ کان پوءِ اوهان کي ڏينداسين.

(۲) ـ مٿيون سمورو احوال حافظ عبدالقادر جي فرزند حافظ نظير احمد ۽ حافظ محمد رمضان جي ساڻ تعلقو گهٽ
(حافظ عبدالقادر جو شاگرد عمر ۴۶ سال) کان ۱۱ مئي ۱۹۹۲ع تي انٽرويو ڏرهي ورتو ويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 801

(الف) سوانح حيات

مولانا عبدالغفار ڪنبر

مولانا عبدالغفار ولد علامه عبدالڪريم ڪُورائي بي ولادت سن ۱۳۴۱ھ مطابق ۲۲ ڊسمبر ۱۹۲۲ع ڪي ڳوٺ ڊلڙ تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ ٿي. علامه ڪُورائي صاحب جو اصل ڳوٺ پاڪارو پنو تعلقو رتوديرو (ضلعو لاڙڪاڻو) هو. سندس شادي ڊلڙ ڳوٺ مان ٿيل هئي تنهنڪري سندس فرزند مولوي عبدالغفار جي ولادت پنهنجي ناناڻ ۾ ٿي هئي.[1]

مولانا عبدالغفار ابتدائي تعليم ڪان ورتي پنهنجي والد وٽ مدرسي ڪُور سليمان، مدرسه قنبر علي خان ۽ مدرسه بيت الحڪمة ميرپور پٿو ۾ ڪافيه ۽ قدوري تائين پڙهيو. آخر ۾ والد صاحب جي وفات ڪان پوءِ سندس وصيت مطابق باقي علم علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ وٽ مدرسه ميرپور پٿو ۾ ئي پڙهي فارغ التحصيل ٿيو.

مولانا عبدالغفار جي تعليم پراڻ جي سلسلي ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، مولانا عبدالوهاب چاچڙ ڪي هڪ ملاقات ۾ ٻڌايو،

"اسانجا استاد علامه ڪُورائي رحلت فرمائي ويا، ان سيني شاگردن مان منهنجي لاءِ پنهنجي فرزند عبدالغفار جي پڙهائڻ جي وصيت ڪئي هئي. مان استاد جي رحلت ڪان پوءِ مدرسه دارالسعادت

---

[1] - مولوي عبدالغفار جي ولادت واري وقت ۾ سندس والد علامه عبدالڪريم ڪُورائي مدرسه ڪُور سليمان (تعلقو قنبر) ۾ پڙهائيندو هو. بعد ۾ قنبر علي خان ۾ پير تراب علي شاه جي مدرسي ۾ پڙهائڻ لاءِ آيو ۽ آخر ۾ مدرسه بيت الحڪمت ميرپور پٿو (تعلقو رتوديرو) ۾ پڙهايائين.

(محترم عبدالرحيم مولانا عبدالغفار جي فرزند ڪان ڪيل انٽرويو)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 802

گورو ڇوڙڻ کي ڇڏي ڳوٺ ميرپور پٿي ۾ آيو ۽ مدرسه بيت الحڪمت ۾ پڙهائڻ شروع ڪيم. مون سان سڀ شاگرد سان آيا، جن ۾ مولانا عبدالڪريم پير وارو قابل ذڪر آهي، جيڪو مولوي عبدالغفار جو اڇي دوري ٻڌو. مولانا عبدالغفار کي ڪُور ۾ به (شاگرديءَ واري زماني ۾) پڙهايو هوم. حضرت استاد بيمار ٿي پيا، ان ڪري ڪيس ڇهٽي تعليم ڏئي نه سگهيا، 'شرح تهذيب' کان دوره تائين ڪيس مون پڙهايو ۽ ٽن سالن جي عرصي ۾ اهو سڀ نصاب پوروڪرائين، جيڪو اسان ۱۰-۱۲ سالن جي عرصي ۾ پوروڪيو هو، چوته مون ڏينهن رات ڪري سندس علمي خدمت ڪئي ۽ ان جو پنهنجو ذڪاء، ذهن ۽ محنت به نهايت بلند هئي. مولانا عبدالغفار کي دستار بندي ٻڌائي مون اتان موڪل ورتي." (۱)

مولانا عبدالغفار علمي فراغت کان بعد پهريائين سالهئي مدرسي ميرپور پلو ۾ درس تدريس جو شغل شروع ڪيو. ان کانپوءِ مولانا عبدالعزيز پاندويءَ جي مدرسه عربيه اسلاميه عزيزيه ريتو ديرو ۾ پڙهايائين ۽ آخر ۾ سالهئي شهر ريتو ديرو ۾ 'مدرسه عربيه اسلاميه دارالقرآن' نالي الڳ مدرسو کولياين جتي وفات تائين پڙهائيندو رهيو.

مولانا عبدالغفار وٽان گهڻن ئي شاگردن علمي فيض پرايو، جن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

مولوي عبدالسلام ضلعو جيڪب آباد، مولوي فيض محمد ضلعو جيڪب آباد، مولانا عبدالغفار چانڊڪ ضلعو جيڪب آباد، مولوي عبدالغفور مينگل خضدار بلوچستان، مولوي قمرالدين بروهي خضدار بلوچستان مولانا قاري غلام نبي (هينئر ڪوئٽا ۾ وڏو مدرسو آهي ۽ اصل ايراني آهي)

---

(۱) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهنامه "شريعت"، سکر، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي نمبر، جلوري، فبروري ۱۹۹۰ع ص - ۱۲۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 803

مولوي حبيب الرحمان رتوديرو ، مولوي تطيراحمد مهر گوٹ رستم ضلعوشڪارپور مولوي فقد ابراهيم مهر هاليجوي شريف ، مولوي خوش فقد گلال پير جو گوٹ ، ضلعو خيرپور ، مولوي عبدالغفور چنو شڪارپور ، مولوي سعيد احمد جاگيراڻي نورنگ واه ، مولوي عبدالمالڪ بلوچ ، مولوي هدايت الله بروهي شڪارپور ، مولوي فقد عظيم بروهي بلوچستان ، مولوي فقد سليمان بروهي رتوديرو ، مولوي نيڪ محمد بروهي جيڪب آباد ۽ محمد يوسف بروهي خانپور شڪارپور ۽ ٻيا شامل آهن .

مولانا عبدالغفار جي همعصر عالمن ۾ مولانا عبدالڪريم ٻيرو واروَ ، مولانا عبيدالله لاشاري ، مولانا حبيب الرحمان سومرو ، مولوي فقد صالح پليجو ، مولوي حبيب الرحمان تونيو ، مولوي عبدالقادر تونيو ، مولوي فقد عظيم خاراني ، مفتي محمد سليمان ڪلهيو ، مولوي نورالدين نور ، مولوي سراج احمد پليجو ۽ مولوي فقد يوسف ڪوسو قابل ذڪر آهن .

مولانا عبدالغفار روحاني طرح بزرگ حماد الله هاليجويؒ ڪان متاثر هيو . ڪيس حج جي سعادت به نصيب ٿي . تصنيف ۽ تاليف جي سلسلي ۾ ۳۰ ـ ۴۰ صفحن تي رفع اليدين جي بحث ۾ هڪ رسالو تصنيف ڪيائين ، جيڪو اڃا ڪل اڻلڀ آهي .

مولانا صاحب جي اولاد ۾ هڪ نياڻي ۽ هڪ پٽ ڄائي عبدالرحيم ٿيو ، جيڪو پنهنجي والد جي مدرسي کي سنياليو اڄي تو مولانا عبدالغفار سڄي هار ديني درس تدريس ۽ تبليغ ۾ گذاري آخر ۾ ۱۵ رجب المرجب ۱۴۰۶ھ / ۱۹۸۶ع ۾ وفات ڪيائين . (۱)

---

(۱) ـ محترم عبدالرحيم (مولانا عبدالغفار جو فرزند) ڪان ۱۳ ، مئي ۱۹۹۲ع تي رٽيديري ۾ ورتل انٽرويو .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 804

(الف) سوانح حیات

مولانا فضل صالح پتو

مولانا مفتي فضل صالح ولد حاجي فيض محمد پتو جي ولادت ۱۳۳۹ھ/۱۹۲۲ع ۾ گوٺ آگاڻي تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. هن پرائمري تعليم گوٺ ۾ حاصل ڪرڻ کانپوءِ مڪمل فارسي تعليم مولوي فضل ڪوڪر کان مدرسه اشاعت العلوم لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪئي. بعد ۾ عربيءَ جي تعليم مولانا تاج محمد ڪوڪر آريجويءَ وٽ ورتي. ان کانپوءِ مختلف مدرسن جهڙوڪ مدرسه هٽوچانديو ۾ مولانا غلام رسول عباسي، مدرسه قنبر ۾ مولانا جان محمد ولڳ مدرسه بُٽي ۾ مولانا فضل اسماعيل قريشي مدرسه گهونڪي ۽ ڪوٽ منڙ ضلعي رحيم يارخان (پنجاب) ۾ مولانا واحد بخش مدرسه خانپور (پنجاب) ۾ مولانا سراج احمد وٽان حاصل ڪئي. ان کانپوءِ دورِ حديث مولانا نعيم الدين مرادآبادي وٽ جامعه نعيميه مرادآباد (هندستان) مان پڙهي ۱۹۴۶ع ۾ علمي فراغت حاصل ڪيائين.

مولانا فضل صالح پتو فارغ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي گوٺ آگاڻي ۾ ديني مدرسه جاري ڪيائين ۽ هتي ۹ سال پڙهايائين. ان کانپوءِ چار سال مدرسه احسن البرڪات حيدرآباد چار سال مدرسه دارالفيوض سعيد پور ضلعو خيرپور ميرس ۹ سال مدرسه منظور الاسلام صدرجي پٽي ضلعو خيرپور ۸ مهينا مدرسه انوارالمجتبيٰ خيرپور شهر، هڪ سال مدرسه مرتضيٰ جيلاني لاڙڪاڻو، ٻه سال مدرسه قاسميه مسجد لاڙڪاڻو آخر ۾ دسترڪت خطيب جي حيثيت سان جامع مسجد درگاهه قائم شاه بخاري لاڙڪاڻو ۾ پڙهائيندو رهي ٿو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 805

مولانا صاحب ونان کيترن ئي شاگردن علمي فيض ورايو

جن مان کجھ نالا هيٺ ڏجن ٿا:

مولانا مفتي الله ڏنو جماراڻي، مولوي احمد بروهي تعلقو لاڙڪاڻو،
مولوي قمر قاسم کلهوڙو ضلعو لاڙڪاڻو، مولوي هدايت الله آريجو لوڻ آريجا
تعلقو ڏوکري، مولوي حافظ خير محمد بروهي لوڻ جمعا بروهي تعلقو ڏوکري،
مولوي نثار احمد جمڻيال تعلقو ڏوکري، مولوي عبدالرحيم بروهي خضدار، مولوي
قاري خير محمد قاسمي تعلقو ڏوکري، مولوي خليفو نور محمد باني درگاه نورپور
شريف خيرپور ۽ مولوي داڪٽر محمد ادريس سومرو تعلقو ڏوکري قابل ذڪر آهن.

مولانا محمد صالح کاڇو تصنيف تاليف به ڪئي آهي جنهن ۾
سورة البقرة جو سنڌي ترجمو (قلمي) شامل آهن.

مولانا صاحب جي همعصر عالمن مان مولانا محمد قاسم مشوري،
مولانا دوست محمد بلبل سنڌ، مولانا غلام مجدد سرهندي، مولانا مرزب الله کلهوڙو،
مولانا عبدالرحمٰن سهڙو تعلقو ڏوکري، مولانا صاحبداد سلطان کوٽي ۽ مولانا
حميد الله انڙ قابل ذڪر آهن.

مولانا محمد صالح روحاني طرح پير محمد عبدالغفار عرف
پير مٺو ۽ بعد ۾ مولانا منظور حسين مدني خيرپور کان دست بيعت آهي.

مولانا جي اولاد ۾ هڪ نياڻي ۽ هڪ فرزند غلام نعيم الدين
آهي. (۱)

---

(۱)- مولانا مفتي محمد صالح پاڻ کان ۲۶ جنوري ۱۹۹۱ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڪيل
انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 806

(الف) سوانح حيات

مولانا ميان عبدالحليم ميڪڙ

مولانا عبدالحليم ولد ميان نصيرالدين ميڪڙ جي ولادت ۲۸ ربيع الاول ۱۳۴۱ھ / ۱۸ نومبر ۱۹۲۲ع تي شهدادڪوٽ ۾ ٿي. سندس والد صاحب ننڍي هوندي ئي وفات ڪري ويو. تنهنڪري هن پنهنجو ننڍپڻ يتيمي حالت ۾ گذاريو.

هن ابتدائي تعليم ۾ ناظرہ قرآن مجيد مولانا حبيب الله شهدادڪوٽيءَ وٽ پڙهيو. ان کانپوءِ فارسي تعليم مولانا عبدالغفار ڪوسي کان حاصل ڪيائين. باقي سموري عربي تعليم مولانا قمرالدين مهيسر کان حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

مولانا عبدالعليم تعليم کي فروغ ڏيڻ خاطر ٻين سر مدرسہ عربيہ حليميہ جو بنياد رکيو. ان سان گڏ مدرسہ مظهرالاسلام هيرآباد ۽ مدرسہ نورمحمدي ڏ ب ڏلا شهدادڪوٽ جو به پاڻ وڏو، جيڪي هن وقت پرائمري اسڪول طور ڪم ڪري رهيا آهن. ان سان گڏ مرحوم قلات ۾ مدرسہ غوثيہ حليميہ جو به بنياد رکيوهو، جيڪو اڄ به قلات ۾ ديني تعليم ڏيڻ ۾ سرگرم عمل آهي.

مولانا جي ديني ادبي خدمات ۾ ڪتابي سلسلو "فيوضات صديقيہ" سر فهرست آهي، جيڪو سندس سرپرستيءَ ۾ خرچ سان نڪرندوهو. اڌهيءَ رسالي جي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 807

تربيت جوکم مولانا محمّد رفيق خوش نوسيرکندو هو، جيڪو
ٻ قرآن ۽ حديث جي تعليم سان گڏ مولانا غلام صديق
شهدادکوٽيءَ سندس دوستن جو احوال ۽ تعليمات وغيره
جو ذکر به موجود هو. هي ڪتابي سلسلو اٽڪل چار سال
هليو.

مرحوم تصوف جي قادري سلسلي ٻ مخدوم
هادي بخش سجاده نشين قڏ پور شريف جي هٿ تي بيعت
ڪري ڪانئس خلافت حاصل ڪئي. ان کان سواءِ سيّد غلام مرتضيٰ
شاهه گيبت واري ۽ خواجه محمّد حسن جان سرهنديءَ ڪيرانوستن
سلاسل ۽ مجاز) خصوصي وظائف جي اجازت ڏني. ان سان
گڏ پير خواجه عبدالغفار عرف پير مدوٰ رحمت پوريءَ ڪيس
سلسلہ نقشبنديءَ جي خصوصي اجازت ڏني هئي.

مولانا ميان عبدالحليم هر سال گرميءَ جي
موسم ٻ تبليغي مقاصدلاءِ بلوچستان ويندو هو، جتي قلات ٻ
۵ رمضان المبارڪ ۱۳۹۹ھ مطابق ۳۰ جولاءِ ۱۹۷۹ع تي سندس
انتقال ٿي ويو. ڪيس ميان غلام صديق جي پهلوءِ ٻ دفن
ڪيو ويو. (۱)

---

(۱) - سيّد گل محمّد شاهه بخاري، "شهدادکوٽ جو علمي جائزو"،
شهدادکوٽ، ۱۹۹۲ع - مجاهد پبليڪيشنز، ص - ۶۶ ۽ ۶۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 808

(الف) سوانح حيات

مولانا مفتي محمّد سليمان بگهيو

مولوي محمّد سليمان ولد محمّد عرس بگهيوجي ولادت سن ۱۳۴۳ھ/۱۹۲۴ع ۾ گوٺ ڪاراٽي، تعلقو ڏوڪري ۾ ٿي. ابتدائي عربي فارسي تعليم گوٺ گاجي ديري، تعلقي ڏوڪريَ ۾ مولانا عبدالڪريم وٽ ورتائين. بعد ۾ مولانا مفتي تاج محمّد آريجوي جي مدرسي ۾ ڪجهه وقت پڙهيو ۽ ان کان پوءِ آخر ۾ مُدرسه دارالسعادت گورو پهوڙ، تعلقي شڪارپور ۽ مُدرسه بيت الحڪمت، ميرپور ٻيلوَ، ۾ علامه غلام مصطفىٰ قاسميَ وٽ پڙهي تقريبًا ۱۹۴۹/ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو [۱] ان کانپوءِ وڌيڪ تعليمي استعداد وڌائڻ لاءِ، دارالعلوم ديوبند، ويو جتي ٻه سال رهيو.

مفتي محمّد سليمان علمي فراغت کانپوءِ درس تدريس جوشغل اختيار ڪيو ۽ پهريائين سنڌ جي معروف ديني درسگاهه، پير جهنڊي ۾ اندازً ٻه سال پڙهايائين. ان دوران علامه دائود پوٽو مدرسو پير جهنڊو گهمڻ ويو، اتي ملاقات ۾ مفتي محمّد سليمان جي علمي قابليت کان متاثر ٿيو ۽ کيس ۱۹۵۱ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول سڪر ۾ عربي استاد مقرر ڪرايائين. ان کان پوءِ ۱۹۵۷ع ۾ بدلي ٿي لاڙڪاڻي آيو ۽ ڪجهه وقت ڏوڪري هاءِ اسڪول ۾ رهيو ۽ ان کانپوءِ سنڌ مسلم ڪاليج ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پهنجي استاد علامه قاسمي صاحب جي توسط سان اسلاميات جو ليڪچرار ٿيو.

---

[۱] - علامه قاسمي صاحب جي روايت مطابق "مولوي محمّد سليمان بگهيو مدرسه بيت الحڪمت، ميرپور ٻيلوَ ۾ مون وٽ پڙهي فارغ التحصيل ٿيو" (چاچڙ عبدالوهاب مولانا ماهنامه "شريعت" سڪر، علامه غلام مصطفىٰ قاسمي نمبر، جنوري، فبروري ۱۹۹۰ع ص - ۱۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 809

مولانا مفتي محمد سليمان ديني درس تدريس کانسواءِ تصنيف ۽ تاليف جوکم ٻه ڪيو. سندس تصنيف ۾ 'تحفة الطلبا' (سيڪ لاءِ عربي گرامر) 'اسلامي تعليمات' لازمي (اردو) ڪلاس فرسٽ ايئر (۱۹۸۳ع) 'لازمي اسلاميات' اردو (B.A - II) ۱۹۸۷ع. اسلامڪ اسٽڊيز (B.A - I) اختياري مضمون (۱۹۸۲ع) ۽ اسلامڪ اسٽڊيز اختياري (B.A-I) ۱۹۸۴ع شامل آهن.

مفتي محمد سليمان جي همعصر ديني عالمن مان مولانا عبدالڪريم قريشي ٻيرن وارو، مولانا عُبيدالله لاشاري واري وارو، مولوي محمد عظيم خاراني، مولوي عبدالغفار (مولانا ڪوراڻيءَ جو فرزند)، مولوي محمد يوسف ڪوسو، مولوي حافظ سرفراز عرف عبدالقادر ٽوڻيو ميروخاني، مولوي حبيب الرحمٰن ٽوڻيو ميروخاني ۽ مولوي سراج احمد پڻ قابل ذڪر آهن.

مولانا محمد سليمان ٻه شاديون ڪيون، ڪل اولاد ۾ ۱۲، ڏياٽيون ۽ ۵، پٽ نالي عطاءُ الله، اسدالله، نورالله، ثناءُ الله ۽ ضياءالله تيا. [۱]

مولانا مفتي محمد سليمان پنهنجي سڄي عمر ديني درس تدريس، تبليغ ۽ تصنيف و تاليف ۾ بسر ڪئي ۽ سن ۱۹۸۸ع ۾ ۶۴- سال جي عمر ۾ ڪراچيءَ ۾ وفات ڪيائين، سندس آخري آرامگاهه ڪراچيءَ ۾ 'ڪٽي' جي پرسان مشهور قبرستان ۾ آهي. (ر)

ر ۱ - محترم دين محمد ٻاهيلو (مفتي محمد سليمان جو پاڻ) کان ۴- مئي ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 810

(الف) سوانح حيات

مولانا الله بخش تونيو

مولانا الله بخش ولد محمد خان تونيو جي ولادت تعلقي قنبر ضلعي لاڙڪاڻي جي مشهور ڳوٺ ٽوڙهي بجار ۾ سن ۱۳۴۳ھ/۱۹۲۴ع ۾ ٿي سندس وڏڙن جو پيشو زراعت هئي. ليڪن مولانا الله بخش کي ننڍپڻ کان ئي علم حاصل ڪرڻ جو شوق هو. هن عربي ۽ فارسيءَ جي ابتدائي تعليم مولانا ڪريم داد جي مدرسه ٽوڙهي بجار ۾ ورتي. ان کان بعد سندس جي هيٺين مختلف ديني مدرسن مان علم پرايا ٿئن.

مولانا محبت الله تونيو مدرسه لالو رائڻ تعلقو وارهه، مولانا محمد ايوب تونيو، مدرسه ڏهڻي تعلقو قنبر، مولانا جان محمد وگهڙ مدرسه قنبر، مولانا تاج محمد مگسي مدرسه ربڙ ڪيو لاڪو تعلقو قنبر، مولانا حبيب الله ميمڻ مدرسه دارالهدىٰ ٽوڙهي، مولانا عبدالحڪيم سومرو مدرسه شاهل سدايو تعلقو شڪارپور ۽ مولانا تاج محمد شيخ مدرسه شڪارپور شامل آهن آخر ۾ مدرسه شڪارپور ۾ مولانا عبدالحڪيم وٽان پڙهي فارغ التحصيل ٿيو.

مولانا الله بخش عاجي فراغت کان پوءِ درس تدريس جو شغل شروع ڪيو، جيڪو زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين جاري رهيو. هن تدريس جي ميدان ۾ بي انتها دين جي خدمت ڪئي ۽ جن مدرسن ۾ باقاعده تعليم ڏني، انهن مان چند هيٺيان آهن.

مدرسه دارالعلوم فتح پور تعلقو لاڙڪاڻو مدرسه ٽوڙهي بجار جنهن ۾ خود پڙهيو هو، مدرسه ڳوٺ جانداهي وارهه مدرسه دارالتوحيد چمڙاڻا تعلقو قنبر، مدرسه محمديه آزاد پير بخندو، مدرسه دارالقرآن والحديث، محمد علي گرامي، مدرسه دارالعلوم محمديه لاڙڪاڻو ۽ مدرسه اهل حديث قنبر شامل آهن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 811

مولانا الله بخش وٽان ڪيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو

جنهن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:-

مولوي عبدالحليم، مولوي خدا بخش ابن علامه سيد محب الله شاهه راشدي،

مولوي ولي محمد، عزيز الله، محمد صالح گوپانگ، محمد اسحاق خاصخيلي، مولوي محمود الحسن، محمد قاسم،

مولوي عبدالغني ۽ مولوي فتح الله بروهي جا نالا قابل ذڪر آهن.

مولوي الله بخش حنفي مدارس ۾ تعليم حاصل ڪيائين، مگر مسلڪ اهلحديث

هيس ۽ اهل حديث جي جماعت ۾ وڌو ڪيائين. ان بعد علمي تحقيق بعد جماعت المسلمين ۾ ڪم

ڪيائين ۽ جماعت کي فروغ ڏي رسايائين.

مولانا الله بخش سادي سودي پوشاڪ پائڻ وارو درويش هو ۽ گهر ۾ آرام ۽

ملڪيت جڏهن علم جي ڦهلائڻ ۾ همه تن مصروف رهيو دنيا جي ستم ظريفي جي وفائي ۽ دوستن

جي نه نياڻ جي باوجود هن صاحب علمي تحقيق تصنيف و تاليف ۽ فتوائن جاري ڪرڻ ۾ وڏو ڪم

ڪيو. هن ننڍي او ڏاڪاڻي ڪتاب لکيا، جن ۾ ڪجهه ڇپيا ۽ ڪجهه قلمي صورت ۾ رهجي ويا. سندس

باقائده تصنيف جو تعداد ۶۸ ٿائين ٿيندو. ان کان سواءِ ڪجهه مختصر پمفليٽ ۽ رسالا جدا ٿيا

سندس ڪجهه ڪتابن جا نالا هن طرح آهن:

"تفسير القرآن"، "تكميل الخشوع بارسال اليدين في الصلوٰة بعد ركوع"

"مسلمات الشيعه"، "اختلاف الاوصاف بالصحابه"، "ترقم الاحقر في اتباع سيد البشر" ۽ "مسئله الهناد"

۽ "بلوغ العلام شرح نزهت النظر" وغيره

مولانا الله بخش جي تصانيف حاصل ڪي نه سگهي آهي. مولانا صاحب

هڪ سٺو مناظر به هو. هن مسلڪ اهلحديث جي تائيد ۾ حنفي مسلڪ وارن سان ڪيترائي

مناظرا ڪيا

مولانا صاحب کي اولاد ۾ پنج پٽ نالي مولوي محمود الحسن مرحوم

مولوي محمد قاسم، مولوي عبدالغني المسلم، عبدالحق ۽ اول عبدالغني جيڪو ننڍپڻ ۾ ئي وفات

ڪري ويو. ان کان سواءِ ڪي نياڻيون به هيس.

مولانا الله بخش سڄي عمر درس تدريس ۽ تبليغ ۾ گذاري. آخري

طرح ۲۶ شعبان ۱۴۰۲ھ/۱۹۸۲ع ۾ وفات ڪيائين (۱)

---

(۱) "صحيفه اهلحديث" ڪراچي، سلسله سنڌ جي علماء اهلحديث. ۳- ستمبر ۱۹۸۹ع

ص - ۳۳ کان ۳۷

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 812

(الف) سوانح حيات

مولانا قاري خيرمحمد بلوچ

مولانا قاري خيرمحمد ولد محمد نواز شباڻي بلوچ جي ولادت سن ۱۳۴۶ھ/۱۹۲۷ع ۾ ڳوٺ 'ماڙي' تعلقي قنبر ۾ ٿي. ابتدائي تعليم ۾ قرآن حڪيم ناظره پنهنجي ڳوٺ 'ماڙي' ۾ مولانا محمد آدم ابڙي وٽ پڙهڻ کانپوءِ هيٺين استادن کان تعليم حاصل ڪيائين. فارسي ۽ عربيءَ ۾ 'نحو' ۽ 'صرف' جي تعليم مولانا محمد ايوب تونيو ڳوٺ "هني" تعلقو قنبر، مولوي محمد احمد ڪوڪر مدرسه 'اشاعت العلوم' لاڙڪاڻو ۽ مولانا حبيب الله نوناري ڳوٺ 'چنگل' تعلقو رڻو ديرو کان ورتي. پوءِ وڌيڪ عربيءَ جي تعليم مولانا عبدالحڪيم سومرو ڳوٺ 'شاهل سدايو' تعلقو شڪارپور، مولانا الحاج ولي محمد ابڙو مدرسه 'دارالهدي' ڪاندڙا' تعلقو ميهڙ، مولانا قطب الدين، مولانا محمد صاحب ڏاڏا ۽ مولانا عزيز احمد مدرسه 'عربيه دارالهدي' ٽنڊو هي ضلعو خيرپور، منطق ۽ فلسفو مولانا عبدالحق رباني ڳوٺ نصرپور ضلعو حيدرآباد 'علم تجويد القرآن' سندجي مشهور معروف ۽ استاد القراء مولانا قاري حافظ محمد صاحب ديرو ميهڙ ضلعو دادو ۽ آخر ۾ وري ڀيهر مولانا عبدالحڪيم شاهليءَ وٽ سن ۱۳۶۳ھ/۱۹۴۳ع ۾ آخري ڪتاب پڙهي فارغ التحصيل ٿيو. [1]

قاري خيرمحمد علمي فراغت کان بعد هيٺين ديني مدرسن ۾ پڙهايو:-

سن ۴۶-۱۹۴۵ع ۾ مدرسه 'دارالتوحيد' ڳوٺ چچڙا' تعلقو قنبر، جن مدرسي جو مهتمم ان وقت مولانا محمد ابراهيم ميمڻ هو. قاري صاحب کان هتي جن شاگردن علمي فيض پرايو انهن ۾ پروفيسر حافظ محمد علي سانگي حال

---

[1] قاري خليل احمد (مولانا قاري خيرمحمد جو فرزند) کان ۵-۳-۱۹۹۱ع تي لاڙڪاڻي ۾ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 813

مقيم لاڑڪاڻو ، ڊاڪٽر حافظ عبدالهادي سرهيو لاڑڪاڻو ، خيرمحمد "سونر" چهڙائي ماسٽر محمد پريل چهڙائي ، عثمان علي انصاري پرنسپال شاهلطيف اورينٽل ڪاليج قنبر ، مولوي دوست محمد ڪنبر مرحوم چهڙائي ، حافظ غلام سرور رايو ، غلام قادر ٽوڙيو گوٺ هير تعلقو قنبر ۽ مفتي الله ، ان کانسواءِ بين مدرسن ۾ وڏانئس جن فيض حاصل ڪيو اهن ۾ مولوي محمد ابراهيم مشوري ساڪن ٽڻون ديرو تعلقو ٽوڙيرو مولوي شفيع محمد ڪيهر لاڑڪاڻو ، مولوي امير بخش چانڊ ميهڙ ، جان محمد ڪنبر ضلعو خيرپور ميرس ۽ مولوي الهڏنو ملاح گوٺ احمد پور ضلعو خيرپور شامل آهن .(۱)

گوٺ چهڙن ۾ پڙهائڻ کان پوءِ قاري صاحب جن هيٺ مدرسن ۾ پڙهايو اهن ۾ گوٺ گل محمد تعلقو قنبر ، گوٺ دائود ڪانڊ ترا تعلقو ميهڙ ، مدرسه عربيه ڪلب ٽاڻي واري مسجد نصيرآباد تعلقو وارهه ۽ مدرسه اشاعت العلوم لاهوري محلو لاڑڪاڻو شامل آهن .

ان کان سواءِ قاري خيرمحمد مختلف سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ عربي استاد مقرر ٿيو . جتي پاڻ عربيءَ ۽ علم تجويد القرآن پڙهايئندو هو . اهن ۾ ميونسپل هاءِ اسڪول لاڑڪاڻو ، ڪامرس ڪاليج لاڑڪاڻو ، سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۽ خطيب باڻگي مسجد رنچوڙ لائين ڪراچي شامل آهن .

مولانا قاري خيرمحمد صاحب معلم هئڻ سان گڏوگڏ هڪ بهترين خطيب ۽ خوش الحان مبلّغ به هو . عام ديني جلسن ۾ سامعين تي جانبجي ويندو هو . لاڑڪاڻي ضلعي ۽ ان کان باهر به ڪيس ديني جلسن لاءِ دعوت ڏيئي ماڻهو وٽي ويندا هئا . اهڙي طرح مولانا صاحب آخري عمر تائين اسلام جي تبليغ جو ڪم ڪندو رهيو .

---

(۱) - پروفيسر حافظ محمد علي سانگي ۽ ماسٽر محمد بچل چهڙو (مولانا قاري خيرمحمد جا شاگرد) کان ۱۵ جنوري ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 814

قاري صاحب کجھ تصنيف تاليف جوکم ڪيو. جنھن ۾ سنڌي ۽ ۾ قرآن مجيد جو تفسير 'خير الجاري في الڪلام الباري' (قلمي) 'الصلوٰة قرت العين' (چپيل) قصيده برده جو ترجمو (قلمي) 'تجويد القرآن' (قلمي) ۽ 'غوث الاعظم' (چپيل) شامل آهن، پر افسوس جو سندس تصنيفون سينئر ان ليب آهن.

مولانا خيرمحمد صاحب کي ٻيٽ حرمين شريفين جي زيارت به نصيب ٿي. ۱۹۶۲ع ۾ حڪومت طرفان سعودي عرب ۾ لاڙڪاڻي جي ڪمشنر مسٽر عبدالفتاح ميمڻ کي سفير مقرر ڪيو، جيڪو قاري صاحب کي پنھنجو عربي ترجمان ڪري وٺي ويو. اھڙيءَ طرح قاري صاحب ۱۹۶۲ع کان سيپٽمبر ۱۹۶۴ع تائين 'پاڪستان ايمبسي جدھ' ۾ ترجمان جا فرائض سرانجام ڏنا.

قاري صاحب جو روحاني تعلق پير عبدالغفار عرف 'پيرھلو' سان ھو. کيس اولاد ۾ پنج نياڻيون ۽ ست پٽ ٿيا جن ۾ سندس وڏو پٽ خليل احمد 'تجويد القرآن' ۽ ڪجھ درس نظامي جا ڪتاب پڙھيو آھي ۽ اسلاميات ۾ ايم. اي آھي.

مولانا قاري خيرمحمد صاحب سڄي عمر ديني درس تدريس ۽ تبليغ ۾ گذاري ۽ ۲، رجب سن ۱۴۰۵ھ/ ۲۵، مارچ ۱۹۸۵ع تي تقريباً ۸۵ سال جي عمر ۾ وفات ڪيائين. سندس آخري آرام گاھ لاھوري محلي جي قبرستان ۾ آھي. (۱)

---

(۱) مولانا قاري خيرمحمد جي وڏي فرزند) قاري خليل احمد کان ۵، مارچ ۱۹۹۱ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 815

(الف) سوانح حيات

مولانا عبدالحي چانڊيو

مولوي عبدالحئي ولد مولانا محمد قاسم چانڊيو ۱۹۲۷ع

ڳوٺ سومرچانڊيو تعلقي قنبر ۾ جائو. سندس وڏا ڏکڻ ۾ سدين کان اڳي ڳوٺ ۾ آباد آهن.

مولوي صاحب ابتدائي ديني تعليم پنهنجي خانداني مدرسي نوڙهي بجار ۾ حاصل ڪئي، جتان مزيد ديني تعليم جي حصول لاءِ ڳوٺ قاڙهخان شيخ جي مدرسي ۾ آيو. جتي هو مولوي غلام رسول چانڊيو وٽ پڙهيو جيڪو سندس ڏاڏي ميان ڪريمداد جو پيارو شاگرد هو. جتان وري ڪيس ڳوٺ لالو رائڻ ۾ مولانا محبت الله جي مدرسي موڪليو ويو، ۽ سندس علم جي اڃ اڃان ڪانه لهي سو ڳوٺ ياري ديري ۾ مولانا عبدالرحمٰن ٻيهر وٽ پڙهڻ لاءِ هليو. آخر جامع ديوبند دارالهدىٰ نيڙهي مان ۱۹۴۶ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو.

مولانا عبدالحئي جن استادن وٽ ديني تعليم حاصل ڪئي انهن ۾ مولوي الله بخش تونيو (نوڙهي) مولوي الله بخش بروهي، مولانا غلام رسول چانڊيو (ڳوٺ قاڙهخان شيخ) مولانا محبت الله (لالو رائڻ) مولانا عبدالرحمٰن ٻيهر يارو ديرو) مولانا عبدالهادي (نيڙهي) مولانا عزيز احمد (نيڙهي) مولانا حبيب الله (نيڙهي) مولانا فضل الغاري (نيڙهي) جانالا اچن ٿا.

مولانا عبدالحئي عربي ۾ ايراي ۽ درس نظامي جا امتحان پڻ پاس ڪيا. ۱۹۵۹ع ۾ ڳوٺ نوڙهي ۾ اورينٽل ڪاليج جو بنياد وڌو. سالڀئي سال کان ۱۹۷۲ع تائين شاه لطيف اورينٽل اينڊ آرٽس ڪاليج قنبر جو پرنسپال ڀي رهيو. ۱۹۷۲ع ۾ ڪاليجن جي نيشنلائيزيشن سبب مختلف ڪاليجن ۾ ليڪچرر ۽ پروفيسر طور ڪم ڪندو رهيو. اهڙين ڪاليجن ۾ شاه ولي الله منصوره ڪاليج، گورنمينٽ ڪاليج خيرپور ناٿن شاه، گورنمينٽ ڪاليج دادو، گورنمينٽ ڪاليج شهداد ڪوٽ ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 816

لاڑڪاڻو جا نالا اچن ٿا. آخري ڪاليج مان ۱۹۸۶ع ۾ رٽائر ميئٽ ورتائين

مولانا عبدالحي درس وتدريس سان گڏ علمي ۽ ادبي

شغل به جاري رکيو. سندس تصنيفات ۾ 'امرت ويلا'، ڪتاب 'مقدمه تاريخ

ادب عربي'، 'ٽيئن جا حق'، 'اسلام جي طرز حڪمراني'، 'قرآن چا نوڪوي'، 'خالون

قرآن اور اسلام کي نظر ميں' اچي وڃن ٿا.

مولانا عبدالحي جي شاگردن ۾ ڪيترائي نالا اچن ٿا

پر جيڪي ونس فارغ التحصيل ٿي نڪتا. انهن ۾ مولوي عبدالخالق (ڳوٺ ڏگهه)

مولوي محمد ايوب ڪوکر (سربهاري نوابشاهه) مولوي محمد حمزه (واره) مولوي گل محمد لوهر

مولوي گل محمد جلوٽي (سکر) مولوي عبدالغفور (سکر) مولوي غلام رسول بروهي

(بلوچستان) شامل آهن.

مولانا کي اولاد ۾ ٽي پٽ ۽ به نياڻيون آهن. هو صاحب

صاحب فڪر شخص ۾ سڪونت پذير آهي

---

(۱) - مولوي عبدالحي جتانبو کان ۲۳ مارچ ۱۹۹۲ع تي ڪيل انٽرويو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 817

(الف) سوانح حيات

مولوي نورالدين "نور"

مولوي نورالدين ولد خاوند ڈنو چانڈيو جي ولادت سن ۱۳۴۶هـ/۱۹۲۷ع ۾ قنبر تعلقي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ "ڏاتوجي واندي" ۾ ٿي. سندس والد صاحب پنهنجي خاندان جو چڱو مڙس هيو. (۱)

مولوي نورالدين جو پهريون استاد مولانا فضل ايوب لاکو ڳوٺ پاوند لاکا (تعلقو قنبر) واروهيو، جنهن سندس والد کان پوءِ پاليو ۽ پڙهايو. (۲) مولوي نورالدين وڌيڪ عربي، فارسي، اردو ۽ ديني حي تعليم مولانا عبدالڪريم ڪوراڻي، مولانا شيرفضل ڪوسو، مولانا ميرفضل نورنگي، مولانا اميدعلي جيڪب آبادي، مولانا الهي بخش پنجابي، مولانا احمدعلي لاهوري ۽ آخر ۾ علامه واحد بخش "سنڌي" ڪوٽي" (پنجاب) وٽان فارغ التحصيل ٿيو. (۳)

مولوي نورالدين فارغ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ ڪجهه وقت هيٺين ديني مدرسن ۾ پڙهايو، جن ۾ مدرسو "لاکا" لڪ قنبر، ڳوٺ پير بخي الله شاهه راشدي لڪ ولڻ ۾ مدرسه اشاعت القرآن لاهوري محلو لاڙڪاڻو (جنهن جو ان وقت مهتمم مولوي فضل احمد ڪوکر هو) اچي ويٺا. (۴)

مولوي نورالدين وٽان جن شاگردن علمي فيض پرايو

انهن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:-

---

(۱) - سماهي "هوڙ"، شاعر نمبر، ۱۹۶۹ع حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ ص - ۲۹۸

(۲) - پروفيسر مولوي عبدالحي چانڈيو کان ۱۲ مارچ ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

(۳) - سماهي "هوڙ"، شاعر نمبر ۱۹۶۹ع حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ - ص - ۲۹۸

(۴) - پروفيسر حافظ فضل علي ساڻگي (مولانا نورالدين جو شاگرد عمر ۶۲ سال) کان ۱۵ جنوري ۱۹۹۲ع تي لاڙڪاڻي ۾ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 818

مولوي محمد سليمان بگهيو (کاڪڙ وقت پڙهيو) مولوي مظهرالحق
۽ سندس پاءُ پروفيسر حافظ محمد علي سانگي حال مقيم لاڙڪاڻو، مولوي حبيب الله
پٺاڻ ۽ الهداد کهوڙو ڳوٺ آريجا تعلقو ڏوکري، حافظ سچل خانوادم ڳوٺ
تعلقو رتوديرو ۽ ٻيا.

مولانا صاحب ديني مدرسن ۾ اٺ سال پڙهائڻ کانپوءِ
۱۹۴۸ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ آيو. هو گورنمينٽ پائلٽ سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻو
۽ پوءِ ميونسپل هاءِ اسڪول لاڙڪاڻو ۾ عربي استاد ٿي رهيو. پاڻ وفات
تائين سرڪاري نوڪريءَ ۾ رهيو ۽ رٽائرمينٽ کان اڳ ۾ وفات ڪيائين. (۱)

مولانا نورالدين عنايت ذهين ۽ منطقي عالم هئڻ سان
گڏ هڪ جوشيلو مقرر ٻڌو هو. سندس زندگيءَ ۾ لاهاچاڑهاآيا، جنڪڇ
وقت شيعه مسلڪ وارن جي اسٽيج تي تقريرون ڪيون پر اتي مسلڪ اهلسنت
جي خلاف ڪوبه گالهايائين. (۲)

مولانا صاحب شعروشاعري ۾ به سٺي مذاق رکندڙ هو.
شعر ۾ سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿائين. حصول تعليم دوران ئي شاعري
شروع ڪيائين. پنهنجي استاد مولانا ميرمحمد نورنگي وٽ ڳوٺ نورنگ جي مدرسي
۾ پڙهڻ دوران فارسيءَ ۾ شعر چوڻ شروع ڪيائين. فارسي، عربي، اردو ۽ سنڌيءَ
۾ طبع آزمائي ڪئي اٿس ۽ پنهنجي استاد جي چوڻ تي "نور" تخلص استعمال ڪيائين.
فارسيءَ ۾ تقريباً هڪ هزار غزل، بيت ۽ نظمون جوڙيائين سنڌي شاعري لاڙڪاڻي
ضلعي جي مشهور ڪهنه مشق شاعر حاجي محمود "خادم" ۽ مولوي عبدالله "اثر"

---

(۱) - لقمان "حڪيم" کوکر (مولانا نورالدين جو دوست) کان ۲- فبروري ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

(۲) - پروفيسر فقير هدايت الله ٽوانو کان ۲۲- مئي تي ورتل انٽرويو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 819

جن جي اثر هيٺ ۱۹۴۶ع ۾ شروع ڪيائين. سندس تصنيفات ۾ 'ڪليات نور'، 'ديوان نور'، 'شعله نور' ۽ 'موج نور' جي نالن سان منظوم مجموعا آهن، جيڪي هينئر اڻ لڀ آهن. (۱)

مولانا نورالدين مبلّغ جا فرائض به سرانجام ڏيندو رهيو

پاڻ وقات تائين لاهوري محلي' جي سُرائي جان محمد واري مسجد' ۾ جمعي جو خطبو ڏيندو رهيو. اهڙي ئ طرح ۲۵ مئي ۱۹۸۵ع تي ساڳئي مسجد ۾ جمعي جي ڏينهن خطبي کان نوڙو اڳ ڪيس دل جو دورو پيو ۽ پنهنجي مالڪ حقيقي سان وڃي مليو. پويان اولاد ۾ ٽي نياڻيون ۽ چار پٽ ڇڏيائين.

(ب) - ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولانا نورالدين نور ديني درس تدريس ۽ تبليغ کان سواءِ پنهنجي منظوم ڪلام ذريعي به ديني اشاعت ۾ حصو ورتو. مولانا نور قادرالڪلام ۽ ڪهنه مشق شاعر هو. هن هڪ ديني عالم هجڻ جي حيثيت ۾ مذهبي شاعري به ڪئي آهي، ۽ شعر جي تقريبًا هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. مثال طور حمد، نعت، قصيدو، مرثيه، سلام، غزل ۽ قطعه وغيره. هيٺ سندس ڪلام مان حمد ۽ نعت جا ڪجهه بند مثال طور ملاحظه ڪندا

۱- حمد جو مثال:

راحت بيمار آ، حمد خدا
دل ۽ آئين جو نار آ، حمد خدا

---

(۱) - سمائي "سهراڻ" شاعر نمبر، ۱۹۶۹ع، حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ - ص - ۲۹۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 820

۲- لوڏسان هربرگ، گل، محو، ثنا،
بر زبان، خار آ، حمد خدا،

۳- لوبُڌا آواز "هو" هرجاءِ کان
هر شجر گلزار آ، حمد خدا،

۴- وصف، حق لاريب آ، جان کلام
لذت گفتار آ، حمد خدا.

۵- نور جي فرياد آ، محو، ثنا
لڙک جي هردار آ، حمد خدا

مولانا نور رب پاڪ جي حمد ثنا جو اظهار تمام عمدي
ڀرکيو آهي. فرمائي ٿو،

روحاني خواه جسماني مرضن جو علاج ربّ جي ذکر وفکر
۾ آهي اهڙي ذکر سان اکيون خواه دل ٻڏي پون تا. ڪائنات جي هرڪاشيءَ رب
جي ربوبيت جي اقراري آهي، گل، ٻوٽا پن توڙي ڪنڊا به ان ئي مالڪ جي سراهه
۾ محو آهن. وڻ ٽڻ ۽ باغ بستان به الهيءَ حق جي وجود جي گواهي ڏين ٿا.
مولانا صاحب بڌائي ٿو ته الهيءَ ۾ ڪوبه شڪ شبهه نه آهي
ته حق صفت ۽ سراهه وارو گفتگو سموري ڪلام ئي حاوي آهي ۽ اهڙي گفتار ۾
هڪ پياري لذت سمايل آهي. شعر جي مقطع ۾ مولانا نور ڏئي درجيڪا پنهنجي
مغفرت لاءِ دعاگهري ٿو ۽ پاڻ ائينڊي نيٺن مان لڙک گاڙي ٿو، ته الهن لڙکن
جي هردار ۾ ان قادر متعلق جي صفت ۽ ثنا سمايل آهي. (۱)

---

(۱) - نورالدين "نور" مولوي، قلمي بيان (منظوم)، ص - ۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 821

۲ ـ نعتيه غزل "سلام" جو مثال:

۱ـ شاهِ دين اي رحمت للعٰلمين توتي سلام
نازپرور نازوارا نازنين توتي سلام

۲ـ اي حبيبِ ذات ربّ العالمين توتي سلام
محرم اسرار اي صادق امين توتي سلام

۳ـ عرش اعظم ـ لامكان حبا اي مكين توتي سلام
نازشِ عرشِ عُلىٰ فخر زمين توتي سلام

۴ـ اي محمّد دلبر روح الامين توتي سلام
لائق صد آفرين صد آفرين توتي سلام

۵ـ نورِ فطرت نور دنيا نور دين توتي سلام
راحت دل راحت خاطر حزين توتي سلام

۶ـ واقفِ راز درون اي دوربين توتي سلام
نورِ چشمِ صاحب عزم و يقين توتي سلام (۱)
مولانا نورالدين نورِ رب پاک جي سارهه سان گڏ

نبي مڪرمؐ جي صفت ۽ سلام جاڻ ڏک پريا آهن. پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪندي نبي اڪرم صلى الله عليه وآله وسلم جن جي ذات والا صفات تي درود ۽ سلام موڪلي ٿو. هو فخر ڪائنات ڪي هيءَ رحمت ڪوٺي ٿو ۽ نبي پاڪ کي نازپرور ۽ نازنين سڏي ٿو. سندس ايمان آهي ته محمّد ڪريمؐ جن خداوند قدوس جا حبيب آهن.

---

(۱) نورالدين "نور" مولوي، "قلمي بياض"، تان ورتل.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 822

ء ڪائنات جي سمورن اسرارن ڪان آگاھ آھن انھيءَ صادق ۽ امين مٿان درود ۽ سلام ھجن. ھو پنھنجي شعر ۾ نبي اڪرمؐ جن جي معراج واري عظمت جو بيان ڪري ٿو ۽ پاڻ ڪريمؐ جن کي لامڪان جو معين ڪوٺي ٿو. ۽ ڪين عرش عظيم تورڻي فرش وارن لاءِ افتخار جو باعث سڏي ٿو.

مولانا نورؒ، حمد ڪريمؐ جن کي روح الامين جو دلبر، دين ۽ دنيا جو نور، دلجي راحت ۽ آرين جو آڌار ڪوٺي ٿو. سندس ايمان آھي ته پاڻ ڪريم جن جي ذات پاڪ جي نظر سمورن لکل خواھ پوشيده رازن تي آھي. آخر ۾ ھو نبي پاکؐ جن کي پنھنجي آکين جو نور سڏي ٿو.

ھن پنھنجي شعر جو ردیف ئي سلام رکيو آھي. تنھنڪري شعر جي ھر ھڪ ست ۾ حضور پُر نور جن جي مٿان درود ۽ سلام موڪلي ٿو جنھن مان مولانا صاحب جي نبي پاک سان بيپناھ عقيدت ۽ محبت جو اظھار ٿئي ٿو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 823

(الف) سوانح حيات

مولانا حبيب الرحمٰن تونيو.

مولانا حبيب الرحمٰن تونيو ولد مولانا خوش محمد ميروخاني جي ولادت هڪ علمي خاندان ۾ ۳۰ جمادالاول ۱۳۴۶ھ/۱۹۲۷ع تي چنيڙ ۾ ٿي. مولانا جي خاندان ۾ مولانا خوش محمد ۽ سندس سؤٽ مولوي حافظ عبدالقادر ديني عالم ٿيا.

مولانا حبيب الرحمٰن پرائمري تعليم ميروخان جي پرائمري اسکول ۾ پوري ڪري پوءِ سيڪنڊري تعليم مڊل تائين ديهي هاءِ اسکول ميروخان ۾ ورتي. ان سان گڏ ديني تعليم ۾ قرآن شريف ۽ ابتدائي فارسيءَ جي تعليم پنهنجي والد ماجد حضرت مولانا خوش محمد ميروخاني وٽ ورتي. ان کان پوءِ هڪ سال عربيءَ جي تعليم مدرسه ”ميرپور پلو“ ۾ هڪ سال مدرسه ”گورو پهوتر“ (تعلقو شڪارپور) ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي وٽ ورتي ان کان پوءِ وري دوره حديث لاءِ مدرسه ”مظهر العلوم ڪڏي ڪاڇيءَ“ ۾ علامه قاسميءَ وٽ پڙهيو. دوره حديث پڙهڻ کانپوءِ آخر ۾ پنهنجي والد صاحب وٽ ميروخان ۾ پڙهي فارغ التحصيل ٿيو. سندس دستار بنديءَ جي موقعي تي ”مدرسه عربيه دارالقرآن“ ميروخان ۾ هڪ وڏو جلسو ٿيو. جنهن ۾ ڪيترن ئي عالمن شرڪت ڪئي. جنهن ۾ سندس استاد علامه قاسمي صاحب به موجود هيو جنهن سندس پڳ جا ور ورايا ڏ

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 824

مولانا حبيب الرحمٰن علمي فراغت کان بعد ميروخان
۾ پنهنجي والد صاحب جي مدرسي ۾ ئي درس تدريس جو شغل اختيار
کيو. ونائس کيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو. جن مان کجھ نالا هيٺ ڏجن ٿا

مولوي علي شير بروهي حال مقيم نوشهرو فيروز گوٺ

مولوي گل محمد انصاري اصل گوٺ ميروخان حال مقيم لاڙڪاڻو، مولوي غلام محمد
کوسو بلوچ تعلقو شهداد کوٽ، مولوي نور محمد بروهي قلات بلوچستان ۾ هيا.

مولانا حبيب الرحمٰن جي هم عصر عالمن مان مولانا عبدالکريم
صاحب هيروارو، مولوي حافظ عبدالقادر تنيلو، مولوي محمد حسن قريشي راڻيپور
مولوي خدا بخش لاشاري قابل ذڪر آهن.

مولانا حبيب الرحمان جو روحاني تعلق بزرگ حماد الله هاليجوي
وارن سان هو. کيس مطالعي جو ڏاڍو شوق هو ۽ پاڻ هڪ سٺو حڪيم به هو
سندس معاشي ذريعو حڪمت ۽ زرعي زمين هئي.

مولانا کي اولاد ۾ ڇهه پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون سندس
وڏو پٽ عزيز الرحمان آهي. جيڪو کجھ ديني تعليم پڙهيو ۽ بي ايس سي
پٽ آهي. کيس ميروخان پرسان گوٺ عرضي پٽي ۾ مطب آهي.

مولانا حبيب الرحمان ۵ ربيع الاول سن ۱۴۰۵ھ/ ۱۹ نومبر
۱۹۸۵ع تي اڳاري ڏينهن وفات ڪئي. ر ل

ر ل - مٿيون سمورو احوال مولانا حبيب الرحمٰن جي فرزند عزيز الرحمان کان
۱۵ اپريل ۱۹۹۲ع تي ورتو ويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 825

پھاٹی، نتیجاء تجویزون

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 826

پڇاڻي نتيجا ۽ تجويزون

دراصل مقالي جي پڇاڻ سموري تحقيقي قلمي پورهئي جي ڪاوش هوندي آهي، جنهن جي ذريعي اهڙي پرک ڪري سگهجي آهي ته هن تحقيقي ڪم لاءِ مقرر ڪيل اغراض ۽ مقاصد کي ڪيتري قدر حاصل ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري سڀ کان اول اهو ڏسڻ ضروري آهي ته مقالي لکڻ وقت ڪهڙا اغراض ۽ مقاصد آڏو رکيا ويا هئا.

سڀ کان پهريون مقصد اهو هيو ته: "لاڙڪاڻي جي مردم خيز ضلعي جي هڪ سو سالہ ديني تاريخ کي مرتب ڪري منظر عام تي آندو وڃي."

انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ هن مقالي ۾ حتي الوسيع ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته جيئن پوري صدي جي ديني تاريخ کي ڪٺو ڪري مرتب ڪيو وڃي. ان ڏس ۾ هن ڪم ۾ ڪابہ معياري ۽ منظم طريقي سان ڪوشش ڪانہ ڪئي ويئي هئي.

اغراض ۽ مقاصد جي ٻي ڪڙي اها هئي ته:

"ضلعي لاڙڪاڻي جي ان ديني تاريخ کي تحقيق جي فن مطابق تيار ڪيو وڃي، جيئن سچاڻ ۽ مستند حقائق پڙهندڙن آڏو پيش ڪري سگهجن."

جيتوڻيڪ هن ضلعي جي علماءِ ڪرام جي سوانح ۽ ديني خدمتن متعلق مختلف ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن ۾ ڪي قدر غير منظم ۽ غير واضح معلومات موجود هئي، پر اهي ڏاڍي پوري ۽ ناڪافي هئي، جنهن ڪري مون کي ڪيترن ئي غير معتبر ذريعا استعمال ڪيا ويا هئا.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 827

مون ان دنس ۾ تحقيق جي اصولن مطابق مستند ۽ معتبر ذريعن کان معلومات حاصل ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي آهي.

مقالي لکڻ لاءِ ٽيون مقصد اهو متعين ڪيو ويو هوته:

"هيءَ تحقيقي ڪاوش سنڌي زبان جي ديني ادب ۾ نمايان حيثيت وٺي بيهي."

انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون ويون آهن تن جي نتيجي ۾ ايئن چوڻ ۾ ڪو به واڌاءُ نه ٿيندو ته هي تحقيقي مقالو پنهنجي موضوع ۽ مقاصد جي لحاظ کان سنڌي ديني ادب ۾ نمايان حيثيت جو حامل ٿيڻ جي پيو آهي، جيڪڏهن ته هن کان اڳ انهيءَ سٽاءَ ۾ تحقيقي اصولن مطابق هن علائقي جي عالمن جي باري ۾ ڪا به ڪوشش ڪا نه ڪئي وئي هئي. هي مقالو پنهنجي معيار ۽ توڙي مقدار جي لحاظ کان سنڌي ديني ادب ۾ نه فقط قابلِ ذڪر اضافو آهي، بلڪ منفرد حيثيت وٺي بيٺو آهي.

مقالي جو چوٿون مقصد "هن علائقي جي علماءِ ڪرام جي ديني، تبليغي، تدريسي ۽ تحريري خدمتن کي منظم نموني يڪجا ڪرڻ" هو.

جيئن ته هيٺين ٽن مقاصد جو مذڪور ۾ مرڪز اهو ئي هئو، تنهنڪري هن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن علائقي جي علماءِ ڪرام جي ديني، تبليغي تدريسي توڙي تحريري خدمتن متعلق مفيد ۽ مستند معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ سمورا ممڪن وسيلا ڪتب آندا ويا آهن مقدمي ۾ بڏايل تحقيقي طريقن کي مڪمل طور استعمال ڪيو ويو آهي. حال حيات علماءِ ڪرام کان روبرو انٽرويوز ڪيا ويا، گذاري ويل بزرگن جي پوئين کان سوال نامه جي روشنيءَ ۾ روبرو ويي معلومات ورتي وئي ۽ سندن تحريري ڪاوشون حاصل ڪيون ويون. ڪيترن عالمن

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

متعلق مستند ڪتابن مان معلومات حاصل ڪئي وڃي.

تحقيق ڪرڻ دوران تحقيق لاءِ متعين ڪيل دور جي نه فقط نامور عالمن ڏاهن توجهه ڏنو ويو آهي بلڪ ڪيترن اهڙن عالمن جي سوانح ۽ ديني خدمتن کي اجاگر ڪيو ويو آهي، جيڪي پنهنجي علمي مرتبي ۽ ديني خدمتن سبب هر وهه توجهه جا مستحق هئا، پر وقت ۽ حالتن جي دز مٽن جڙهي چڪي هئي ۽ اهي غير معروف ۽ گمنام ٿيڻ جي چڪا هئا. جيڪڏهن اڄا به ڪجهه عرصي تائين اهڙن جي سار نه لڌي وڃي ها ته جيڪر اهي پنهنجي ديني خدمتن جي تاريخ سميت هميشه هميشه لاءِ گمنامي جي گوشي ۾ رهجي وڃن ها.

تاهم افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ڪن عالمن جو تعلمي پورهيو سندن پوئين جي غفلت، ڪم علمي ۽ بي قدري جو شڪار ٿي چڪو آهي، جنهن ڪري اهڙا ماڻهو پنهنجن اڻلهه عالمن متعلق بنيادي معلومه به ڏيڻ کان قاصر رهيا. ڪين اهو به معلوم ڪونه هوته اهو عالم ڪڏهن توڙ ڏيو يا ڪڏهن انتقال ڪيائين. بهرحال هن مقالي ۾ اهڙن ملهائن ماڻهن جي متعلق حتي الوسيع ذرائع سان جيڪا ٿوري به معلومات ملي سگهي آهي، تنهن کي ضرور ڪونه ڪيو ويو آهي. بلڪ اها معلومات مقالي جي آخر ۾ آندل ضميمي ۾ رکي وئي آهي.

مقالي لکڻ وقت آخري مقصد اهو متعين ڪيو ويو هوته:

"هن قسم جي تحقيق کي هين تحقيق جي طالبن لاءِ مثالي نمونو بڻائي پيش ڪري سگهجي، جيئن هين ضلعن جي ديني تاريخ مرتب ڪرڻ وقت اهڑا محقق سائين تحقيقي اصولن تي عمل ڪري مستند ۽ نوس حقائق تي مبني تاريخ جوڙي سگهن."

آخري ۽ نهايت اهم مقصد جي بناءِ لاءِ پورهڪوشش ڪئي وئي آهي ته جيئن هي تحقيقي تعلمي پورهيو هين تحقيق جي طالبن لاءِ مثالي نمونو بڻجي پوي ۽ هين ضلعن جي ديني تاريخ لکڻ وقت محقق لاءِ هي مقالو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 829

مشعلِ راهِ ثابت ٿئي .

حقاني جي سٽاءَ کي نهايت آسان بڻايو ويو آهي. جيئن ابتدائي معلومات کان اصل مقصد ڏانهن بتدريج اڳي سگهجي. هتي اهو خيال رکيو ويو آهي ته پڙهندڙ کي نه فقط ضلعي لائبريريءَ جي ديني عالمن جي تبليغي، تدريسي توڙي تحريري ديني خدمتن جي معلومات جي جاڻ ڏجي بلڪ ڪيس سنڌ ۾ اسلام جي آمد واري دور کان وٺندي انگريزن جي دور تائين سالن مٿي صديءَ جي ديني عالمن ۽ سندن ديني خدمتن متعلق ابتدائي ۽ مستند معلومات به مهيا ڪئي وڃي .

مختصر طور پوري وٿوق سان ايئن چئي سگهجي ٿو ته تحقيق لاءِ مقرر ڪيل سموريون اغراض ۽ مقاصد کي حاصل ڪرڻ ۾ وس آهر ڪوشش ڪئي وئي آهي.

هن سموري قلمي ڪاوش ۾ روشنيءَ ۾ مان مقالي جي پيچيدگيءَ ۾ ڦاسڻ کان بچڻ لاءِ ڪجهه تجويزون پيش ڪرڻ جي جسارت ڪندس ، جن تي جيڪڏهن عمل ڪيو وڃي ته ان جا هنايت ڪارائتا نتيجا نڪري سگهن ٿا .

- اهڙي ريت سنڌ ۾ هڪ ضلعي ۾ تحقيق ۾ اصولن مطابق ديني تاريخ مرتب ڪرائي وڃي، جيئن آخر ۾ سموري سنڌ ۾ هڪ مستند ۽ حقيقي تاريخ تيار ٿي پوي جيڪا مستقبل ۾ محققن لاءِ رهنمائيءَ جو باعث بڻجي سگهي .
- انهيءَ ديني اثاثي کي جيترو جلد ٿي سگهي محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، ڇو ته صورت ۾ جيڪڏهن نسلي وڇوٽي (Generation Gap) پيدا ٿيندي وئي ته پوءِ اهو انمول خزانو هميشه هميشه لاءِ اسان جي هٿن کان نڪري ويندو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 830

○ اهڙي ديني ۽ تحقيقي ڪم لاءِ با اختيار ادارن طرفان ديني عالمن لاءِ با قاعده الڳ ريسرچ سيل (Research Cel) قائم ڪيو وڃي جتي فقط نج ديني ۽ تاريخي ڪتابن جو مطلوبہ ذخيرو موجود هجي.

○ سڄي سند ۾ شهرن ڳوٺن ۽ وستين واهڻ جو سروي ڪرائي ماضيءَ ۾ علماءِ ڪرام جو ذاتي ديني تحريري مواد ڳولڻ ڪري ان جي محفوظ ڪرڻ جو جوڳو بندوبست ڪيو وڃي.

○ سند ۾ ڪيترن عالمن جي ڪتبخانن/علمي ميڙي چونڊي جي حالت سندن پونيرن جي سقيم حالي يا بي توجهي سبب تشويش ناڪ حد تي پهتل آهي جيڪڏهن ان ڏس ۾ مزيد غفلت ڪئي ويئي تہ شايد اهو انمول اثاثو هميشہ لاءِ برباد ٿي وڃي تنهنڪري منهنجي اها تجويز آهي تہ اهڙن ڪتبخانن/علمي ميڙي چونڊي جي سرڪاري طور سار سنڀال لڏي وڃي ۽ انهن جي حفاظت جو انتظام ڪيو وڃي.

○ ڏٺو ويو آهي تہ گذريل وقت جي مقابلي ۾ هن دور ۾ علماءِ ڪرام جو تعداد ڏينهون ڏينهن گهٽجو رهيو آهي. بلند پايہ جا عالم تہ تمام گهٽ پيدا ٿي رهيا آهن. عوام جو ديني علم ڀاڻڻ لاءِ تہ تشويش ناڪ حد تائين هٿ ويو وڃي. جنهن جو بنيادي سبب اهڙن عالمن ڏانهن سرڪار خواہ عوام جي بي توجهي آهي. ماضيءَ ۾ تاريخ گواهہ آهي تہ گذريل دور جي حاڪمن توڙي عوام طرفان ديني عالمن جي تمام گهڻي قدر داني ٿيندي هئي ۽ جنهن ڪري هو مالي مسائل کان گهڻي قدر آجا هوندا هئا. هن دور ۾ جيڪي عالم دين جي خدمت جا خواهشمند آهن انهن جو بنيادي مسئلو معاش آهي. هن قحط سالي واري دور ۾ ڪو عالم سڪڻ هٿ ڪيتري خدمت ڪري سگهي ٿو.

هن دور جي پڙهايا بنيادي تقاضا آهي تہ اهڙن سموري علماءِ ڪرام

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

(۲۸۴)

ء ديني مدارس جي سرڪاري طور توڙي صاحبِ ثروت ماڻهن طرفان همت افزائي
تي گهرجي، جيئن اهي عالم سڳورا مالي پريشاني کان آجائي توڙي سان ديني خدمتون
سرانجام ڏئي سگهن. ايئن ڪرڻ سان ئي صحيح معنيٰ ۾ دين جي خدمت جو حق ادا
ڪري سگهبو ۽ عوام کي دين ڏانهن رغبت ڏيارڻ ۾ مدد ملندي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ضمیمہ



Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 833

(الف) سوانح حيات

مولانا غلام رسول چانڊيو

مولانا غلام رسول ولد نبي بخش چانڊيو ڳوٺ ڏرمحمد هڪڙو ڳ "چچا" تعلقو قنبر سندس ولادت جي تاريخ معلوم ٿي نه سگهي آهي. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺائي مسجد ۾ پڙهي پوءِ مدرسي ڏوڙهي ۾ سن ۱۳۱۹ھ/۱۹۰۱ع ۾ آيو ۽ يارهن سال مسلسل پڙهي عالم ٿيو.

مولانا غلام رسول علمي فراغت کان بعد ڳوٺ ڏورمحمد شيخ (تعلقو قنبر) جي جامع مسجد جو پيش امام ۽ مدرسي ۾ مدرس مقرر ٿيو. مدرسي ۾ ڪيترائي سال ديني درس ڏنائين ۽ تانئس ڪيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو. اڪثر شاگرد بلوچستان جا هئا. پر سنڌ جا جيڪي شاگرد معلوم ٿيا آهن اهڙن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:-

مولوي غلام فريد سپرو (تعلقو قنبر)، مولوي ڏنڪ محمد شيخ، مولوي ستار ڏنو شيخ، ميان صاحب ڏنو شيخ ۽ ميان حاجي شيخ (تعلقو قنبر) علامه رحمت الله مگسي ملتاني [۱] مولوي امام بخش روهي، مولوي عبدالحي چانڊيو، ميان محمد عمر چانڊيو جيڪو تعليم دوران گذاري ويو ۽ ميان محمد هاشم سندس وڏو پٽ ۽ ٻيا شامل آهن. (۲)

---

[۱] - علامه رحمت الله مگسي ۱۹۴۲ع ۾ هجرت ڪري ملتان هليو ويو ۽ اتي هميشه لاءِ رهي پيو. وٽس هڪ عظيم ۽ ناياب لائبريري آهي ۽ پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف آهي. هڪ تفسير به ڪليل اٿس ۽ نهايت محقق عالم آهي. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ پير حسام الدين راشدي سندس لائبريري مان ڪتاب مطالع ڪيا آهن (بروايت مولوي عبدالحيءِ چانڊيو.

(۲) - مولوي عبدالحيءِ چانڊيو (مولانا غلام رسول جو شاگرد عمر ۶۵ سال) ڪان ۲۳-۳-۱۹۹۲ع تي قنبر ۾ ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 834

(الف) سوانح حيات

مولانا شمس الدين جوٽيجو

مولانا شمس الدين ولد آخوند پير محمد جوٽيجو ويٺل گوٺ ڪرل، لڪ آباد تعلقو لاڙڪاڻو. سندس جنڊ ۽ وفات جي تاريخ نه ملي سگهي آهي مولانا شمس الدين سومرو علم ابوالفنين، مولانا غلام عمر جتوئي وٽ مدرسه دارالفنين سونڌي جتوئي ۾ پڙهيو.

مولانا شمس الدين علمي فراغت ڪانپوء ڪجهه وقت هندستان ۽ پنجاب جا تعليمي دورا ڪيا. ان ڪانپوء گوٺ ڪرل ۾ واپس اچي درس تدريس جو ڪم شروع ڪيائين. پاڻ هڪ زاهد عابد شخص هو. سندس ديندارين ڏسي سڄو گوٺ ديندار ٿي ويو. ان ڪري گوٺ جو نالو به ڪرل مان قيرائجي دين آباد ٿي ويو. جيڪو اڄ تائين انهيءَ نالي سان سڏجي ٿو.

ڪجهه وقت ڪان پوء ڀرڪن، (ضلعي ٺٽي) جي سرهندي بزرگن مولانا غلام عمر جتوئي ڪان ديني تعليم لاءِ هڪ عالم جي گهرڪئي، جنهن ٿي مولانا غلام عمر پنهنجي هن شاگرد مولانا شمس الدين کي اوڏانهن وڃڻ لاءِ حڪم ڏنو. مولانا شمس الدين، پنهنجي استاد جو حڪم بجا آڻيندي پنهنجو گوٺ ڇڏي اوڏانهن هليو ويو ۽ سڄي عمر انتي ئي ديني درس تدريس ۾ گذاريائين.

مولانا شمس الدين انتي درس تدريس ۾ ايڏو ته مشغول ٿي ويو جو هو، نه گهر گوٺ آيو ۽ نه ئي وري شادي ڪيائين. پاڻ سڄي عمر مجرد رهيو مولانا شمس الدين درس تدريس ڪان سواءِ تصنيف تاليف

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 835

جوکم به کيو. من کجهه رسالا ۽ تحريرون کديون ۽ ڪن اختلافي مسئلن جا جواب ڏنا. غير مقلدن طرفان حنفي مسلڪ جي مخالفت ۾ گهوڙ کجهه ڪيو ويو، جيئن ته مولانا شمس الدين پاڻ حنفي مڪتب فڪر جو ديني عالم هو. انڪري هن صاحب حنفي مسلڪ جي تائيد ۾ قرآن ۽ حديث جي حوالن سان اهڙن جو اعتراض جا جواب ڏنا. ان سلسلي ۾ "ڪڏهن (ضلعي نوابشاه) جي هڪ عالم مولانا محمد عمر صاحب هڪ رسالو "وجوب الفاتحة على المقتدى خلف الامام" نالي ڪيو. جنهن ۾ هن امام جي ڪيل نماز ۾ سورة "الفاتحة" پڙهڻ ثابت ڪيو ۽ حنفي مسلڪ موجب نماز جي صحيح هجڻ جو انڪار ڪيو. مولانا شمس الدين ان جي رد ۾ فارسي زبان ۾ هڪ رسالو لکيو، جنهن جو نالو "خير الكلام فى عدم جواز قراءة الفاتحه على المقتدى خلف الامام" رکيائين. سندس ان رسالي جو ذڪر آلبتي ڪجو مولانا شمس الدين سڄي عمر ديني درس تدريس ۾ گذاري ۽ سندس وفات به ڀرڪن ۾ ٿي.

مولانا صاحب کي هڪ پاڻ هو، جنهن جي اولاد اڃڪلهه محلي رحمتپور، لاڙڪاڻي ۾ رهي ٿي. (١)

---

(١) ـ رحمت الله ابڙو ڊاڪٽر، "مولانا غلام عمر جلوئي لاڙڪاڻوي سندس ديني ۽ فقهي خدمتون" ڊي. فل لاءِ لکيل تحقيقي مقالو، ١٩٨١ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو، ص. ٤٠٧ کان ٤١٢

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 836

(ب)

ديني اشاعت ۾ تحريري خدمتون

مولوي شمس الدين جوٽيجو پنهنجي دور جو نامياروديني عالم، مدرس ۽ بهترين فقيه هو. من اهل علم شخصيت فتوىٰ نويسيءَ ۾ خاصي خدمت سرانجام ڏني. هو پنهنجي تڙ جي ماڻهن جا مسئلا بڌي قرآن وحديث جي روشنيءَ ۾ انهن مسئلن جا حل پيش ڪندو هو، ان کان سواءِ پنهنجي همعصر ديني عالمن جي تحريرن جو به جائزو ونيا درست فتوىٰ جي تائيد ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندو هو ۽ غير درست فتوائن جي رد ۾ بيٺ قلمي خدمتون سرانجام ڏيڻ کان ڪين گسندو هو

مولانا شمس الدين کي مولانا خدا عمر ڪنڈهڑيءَ (ضلعو نوابشاه) جوهڪ رسالو مليو جنهن ۾ امام جي پٺيان مقتدي کي سورة فاتحه پڙهڻ جي وجوب ۾ فتوىٰ لکيل هئي ته هن عالم خاموشي ڪين ڪئي ۽ علمي استعداد موجب هڪ مدلل رسالو لکي مولانا ڪنڈهڑائي کي جواب ڏنو. مولوي شمس الدين جوٽيجي اهڙن ضالين جو اظهار "خير الكلام في عدم جواز قرأت الفاتحة على المقتدي خلف الامام" (قلمي) جي مقدمي ۾ من ربيت كيو آهي. مثال ملاحظه فرمايو:

"لما وصل الى التحرير المولوى مد ڪنڈهڑى الذى حرره فى وجوب الفاتحة على المقتدى خلف الامام فى الصلوات سريه كانت او جهريه فنظرت فيه فوجدته مخالفًا لمذهب الحنيفة المقدسته فاردت رده على نهج موافقة المذهب الحنفية فكتبته قسميته خير الكلام فى عدم جواز قرأة الفاتحه على المقتدى خلف الامام" (۱)

---

(۱) - جوٽيجو شمس الدين مولوي، "خير الكلام في عدم جواز قرأت الفاتحه على المقتدى خلف الامام" (قلمي)، ۱۳، جماد الاول ۱۳۳۵هـ ص - ۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 837

ترجمو:

جڏهن مون کي مولوي قمر کڏهريءَ جي تحرير پهتي

جيڪا امام پٺيان مقتدي کي سورة فاتحه ڏاڍيان يا هوريان پڙهڻ جي وجوب بابت هئي ته پوءِ مون ان تحرير کي جڳي طرح پڙهي ڏٺو ته اها تحرير مونکي مقدس مذهب حنفي جي مخالفت ۾ نظر آئي، پر مون اراد و ڪيوته موافق مناسب طريقي سان ان فتويٰ جو رد لکان. پوءِ مون اهو رد ڪيو ۽ ان جو نالو رکيم "خير الڪلام في عدم جواز قرأت الفاتحة على المقتدي خلف الامام".

سن ۱۳، جمادالاول ۱۳۳۵ھ/۱۹۱۷ع ۾ مولانا شمس الدين

جيڪا تحرير مولانا قمر کڏهريءَ جي رد ۾ لکي سا رسالي جي صورت ۾ پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪئي. ان سلسلي ۾ هن فاضل عالم قرآن وحديث جي معاونت ۽ مطابقت سان حنفي مذهب جي تائيد ۾ قلم کنيو ۽ هن پنهنجي علمي استعداد آهر ڪوشش ورتي، ان ڏس ۾ هن فاضل فقيه معياري ڪتابن جهڙوڪ تفسير مدارڪ، تفسير فتح القدير، ابوداؤد، سنائي، ابن ماجه، صحيح مسلم، ۽ بيهقي شريف جي حوالن سان پڻ رد ڪيو آهي.

امام پويان مقتديءَ کي سورة الفاتحه نه پڙهڻ گهرجي

ان سلسلي ۾ هن عالم سڳوري قرآن مجيد جي آيت سڳوري ۽ حضرت ابو هريره رضه جي روايت پڻ نقل ڪئي آهي جنهن جو متن ملاحظ ٿئي:

(۱) وَاِذَا قُرِئَ الْقُرْاٰنُ فَاسْتَمِعُوْا لَهٗ وَاَنْصِتُوْا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ [۱]

ترجمو: ۽ جڏهن قرآن مجيد پڙهيو وڃي ته اوهين خاموشيءَ سان ٻڌو

---

[۱] - القرآن سورة الاعراف، آيت نمبر ۲۰۴ پاره ۹

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

تہ جيئن لوڏهان ٿيو رحم نازل ٿئي.

(ب) عَنْ اَبِیْ هریرة رضه اِنَّمَا جعل الامام لیؤتم به

ترجمو:- حضرت ابوهريرة رضي الله تعالى عنه کان روايت آهي تہ پاڻ سڳورن جو فرمان آهي تہ امام ان کري مقرر کيو ويو آهي تہ جيئن مقتدي ان جي اطاعت ڪري.

متين آيت ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ فاضل فقيه جي تحريري وزن دار نظر اچي ٿي، يعني صاف ظاهر معلوم ٿئي ٿو تہ امام جڏهن قرأة ڪري تہ مقتديءَ کي خاموشيءَ سان ٻڌڻ گهرجي. جوتہ جيڪڏهن امام پٺيان مقتدي نماز دوران قرأت ڪندو تہ امام جي ڪماحقہ. اقتداء نہ ٿيندي ۽ پڻ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جن جي فرمان جي پڻ مخالفت ٿيندي. (١)

---

(١) - جوٽيجو شمس الدين مولوي، "خير الكلام في عدم جواز قرأة الفاتحة على المقتدى خلف الامام" (قلمي) ١٣ جمادالاول ١٣٣٥ھ ص-٦

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 839

(الف) سوانح حيات

مولانا ميان غلام محمّد قادري

مولانا ميان غلام محمّد ولد محمّد صالح قادري لاڙڪاڻي ۾ تولد ٿيو. ابتدائي ديني تعليم پنهنجي والدوٽ ميان ٻي ڳڙهي [1] قادري مدرسي ۾ حاصل ڪيائين. ميان محمّد صالح قادري ڪي روحاني فيض ميان عبدالحق درازي کان مليو. سندس خاندان سچل سرمست جي درگاهه جو پاڻ سيڙو رهيلو هو. مولانا ميان غلام محمّد فارغ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ علمي فيض ورهائڻ جو شغل شروع ڪيو. ميان علي محمّد قادري ۽ مولوي محمّد عاقل عاقلي سندس ئي صحبت مان فيضياب ٿيا.

ميان صاحب جي تصنيفات ۾ مثنوي، شيرين خسرو، پارسي ديوان، آئينه سلوڪ مشهور آهن. آئينه سلوڪ ۾ ميان عبدالحق درازي جون ملفوظات درج ٿيل آهن. سندس دور جي صحبتي بزرگن ۽ عالمن ۾ ميرامير علي ڪندرن وارو، حضرت بيدل، حضرت بيڪس، فقير نانڪ يوسف، فقير محمّد صلاح ۽ بزرگ محمّد عثمان جاڪي جا نالا قابل ذڪر آهن.

ميان صاحب جي خاندان ۾ سندس ڀاڻائن ڪيترين ئي معروف شخصيتون پيدا ڪيون جن ۾ ميان محمّد صالح، ميان نور محمّد، ميان علي محمّد، ميان غلام سرور، ميان غلام عباس، الطاف حسين قادري ۽ ڊاڪٽر ايازحسين قادري جا نالا اڃان تائين پنهنجي علمي گهراڻي ۾ اهميّ ڏيئي کي روشن رکيو ۽ پنهنجي علمي صلاحيتن سان علم ادب جي دنيا ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو.

مولانا صاحب کي اولاد ۾ ٻه پٽ ميان عبدالفتاح ۽ ميان محمّد عالم ۽ هڪ نياڻي تولد ٿيا، جن مان ميان عبدالفتاح جواني ۾ ئي فوت ٿي ويو. ميان غلام محمّد جي وفات جوسن هلي ڪونه سڳهيو آهي. (2)

---

[1] - (بروايت اُم ڊاڪٽر ايازحسين قادري

(2) - ڊاڪٽر ايازحسين قادري سان ١٥ اپريل ١٩٩٢ع تي ڪيل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 840

(الف) سوانح حيات

مولانا عبدالحليم هرتڑو

مولانا عبدالحليم ولد قمر قاسم هرتڑو جي ولادت ڳوٺ ڳنڍڙ تعلقو قنبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ سن ۱۳۱۹ھ/۱۹۰۱ع ۾ ٿي. سندس خاندان "خليفي خاندان" جي نالي سان سڏيو ويندو. خاندان مان خليفو يونس هرتڑو، خليفو قمر قاسم هرتڑو، سخاوت ۽ همدليءَ ڪان مشهور آهن.

مولانا عبدالحليم پنهنجي ڳوٺ "ڳنڍڙ" ۾ اسڪول جاست درجا پاس ڪيا ۽ ڳنڍڙ ۾ ئي مولانا عبدالڪريم جاگيراڻي وٽ عربي ۽ فارسيءَ جي ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين. بعد ۾ مدرسي نورنگ ۾ مولانا مير قمر نورنگيءَ وٽ باقي عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

ڪيس مطالعي جو شوق حد درجي جو هو. سندس مطالعي ۾ عربي فارسيءَ جا ڪتاب، مثنوي رومي ۽ حڪمت جا ڪتاب شامل هئا. مولانا کي سير سفر جو بيحد شوق هو، جنهنڪري گڏيل هندستان وقت دهلي، اجمير شريف، بمبئي ۽ آگره وغيره سندس سفر ۾ شامل هئا.

مولانا عبدالحليم کي جو مقرر درسگاهه ڪونه هيو، جنهن ۾ ويهي درس ڏئي، باقي ايئن ذاتي طور ڪيترائي سندس تعليم ۽ تربيت مان مستفيض ٿيا، جن باقاعدگيءَ سان ونائش درس ورتو، انهن ۾ مولوي غلام علي هرتڑو، مولوي حافظ قمر حسن هرتڑو، مولوي عبدالحي هرتڑو، رضا قمر هرتڑو، عبدالقيوم هرتڑو، تاج قمر ڏرڙي، محمد اسماعيل سومرو، الهڏنو قاضي، ڏني بخش وڪو، محمد عالم وڪو، شاه قمر هرتڑو، فقير قمر سومرو ۽ فضل قمر سومرو شامل آهن. هن وقت حياته وفات ڪري ويا آهن، باقي مولوي غلام علي هرتڑو، مولوي حافظ قمر حسن هرتڑو، مولوي عبدالحي هرتڑو حال حيات آهن ۽ ڳوٺ جي جداجدا مسجدن ۾ پيش امام آهن.

مولانا عبدالحليم جي همعصر عالمن ۾ جن سان سندس صحبت رهي، انهن ۾ مولانا عبدالڪريم لوتنو لونڙهي بجار، مولوي عبدالڪريم جاگيراڻي (سندس استاد) مولانا عبدالله چانديو ۽ مولانا عبدالڪريم قريشي ٻيرا قابل ذڪر آهن.

اولاد ۾ ڪيس پنج نياڻيون ۽ پنج پٽ ٿيا. مولوي عبدالحليم ۷۹ سالن جي هجري سن ۱۴۰۰ھ/جولاءِ ۱۹۸۰ع ۾ وفات ڪئي. (۱)

---

(۱) - محمد غلام نبي گل هرتڑو (مولوي عبدالحليم جو نياڻو) کان ۲۵ مارچ ۱۹۹۱ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 841

(الف)۔ سوانح حيات

مولوي عطا محمد "عطائي"

مولوي عطا محمد ولد حاجي محمد يامين ٹوڻيو جو جنم گوٺ 'محبوب ٹوڻيو' تعلقو ميروخان ۾ هڪ غريب گهراڻي ۾ سن ۱۳۱۹ھ/۱۹۰۱ع ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم گوٺ ۾ پرسان گوٺ 'بٺيءَ' ۾ مولانا دين محمد بلوچ ۽ ٿ ورتي. بعد ۾ فارسيءَ جي تعليم گوٺ 'چلوجوڻيو' (تعلقو ميروخان) ۾ مولوي حافظ خيرمحمد وٽ ورتائين. 'صرف' ۽ 'نحو' جي تعليم مولانا حبيب الله نوناري گوٺ 'چنگل' (تعلقو ريڙو ديرو) ۾ مولانا خوش محمد ميروخاني وٽ ميروخان ۾ ورتائين. ان کانپوءِ کيس عرصو مدرسه 'دارالرشاد' پير جهنڊي ۾ پڙهيو آخر ۾ وري مولانا خوش محمد وٽ آيو ۽ فارغ التحصيل ٿيو. پاڻ چئن ٽه هڪ غريب گهراڻي جو فرد هو، تنهنڪري پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ ۾ مالي مدد سان پرايائين.

مولوي عطا محمد فارغ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ ديني درس تدريس جو شعل شروع ڪيو. پهرايئن گوٺ 'علي محمد اهير' ڀٽ ٻني (تعلقو ميروخان) ۾ مکتب کولي پڙهائڻ شروع ڪيائين. پوءِ اتان چنڊي گوٺ "هني" (تعلقو قنبر) ۾ ڪجهه وقت تعليم ڏنائين. اتان ڪنهن اختلاف سبب چنڊي گوٺ مونٽي آيو ۽ شادي ڪيائين. ان کانپوءِ مالي مشڪلات سبب حڪمت جو دنڊو اختيار ڪيائين ۽ گڏوگڏ تدريس به جاري رکيائين.

مولوي صاحب شعر و شاعريءَ ۾ به طبع آزمائي ڪئي آهي، شاعريءَ ۾ تخلص عطائي استعمال ڪيو اٿس، پر افسوس جو مولانا جو ڪلام سندس پوين ننڍپڻ ۾ سڙي ويو آهن

ڪيس اولاد ۾ هڪ فرزند نالي حڪيم ميان انوارالدين ۽ هڪ نياڻي ٽي

سندس فرزند حڪيم ميان انوارالدين هينئر شهدادڪوٽ ۾ مطب هلائي رهيو آهي.
مولانا عطا محمد عطائي سن ۱۳۸۰ھ/۱۹۶۰ع ۾ وفات ڪئي. (۱)

---

(۱)۔ مٿيون احوال محترم علي حسن ٹوڻيو عمر ۸۱ سال (مولانا عطا محمد جو غريب ۽ گوٺائي) ڪان قنبر ۾ ۲۰ اپريل ۱۹۹۲ع تي ورتل ذريعي ورتو ويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 842

(الف) سوانح حيات.

مولوي هدايت الله لوتنيو.

مولوي هدايت الله ولد مولانا عبدالواحد لوتيني جي ولادت انڪل ۱۲۹۹ھ/۱۸۸۱ع ۾ نصيرآباد ۾ ٿي. هن ابتدائي تعليم پنهنجي والد مولانا عبدالواحد جي مدرسي گوٺ ’پائي خان وگهڙ‘ لڳ رشيد وگهڙ‘ تعلقي لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪئي.

مولوي هدايت الله علمي فراغت کان بعد نصيرآباد ۾ درس تدريس جو شغل اختيار ڪيو. ۽ تانئس ڪيترن شاگردن علمي فيض پرايو. سندس شاگردن جا گهٽا نالا معلوم ٿي نه سگهيا آهن، پر تڏهن هن بڪابوناالاهيت ڏجڻ تا:

مولوي غلام رسول ڪلهوڙو، گوٺ بازاري ڪاندڙ ترائڊ نصيرآباد، مولوي محمد عيسىٰ بروهي بلوچستاني ۽ مولوي محمد ايوب ڏهر گوٺ ’ڏهر‘ لڳ ’بادهه‘ تعلقو ڏوڪري شامل آهن.

مولوي صاحب مبلغ جي حيثيت ۾ ديني خدمت ڪئي. هو بادهه ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ ويندو هو، ۽ ديني جلسن ۾ تقريرون ڪندو هو. ان کانسواءِ پاڻ فتوىٰ ۽ تحرير جو به ماهر هو.

ڪيس اولاد ۾ پنج نياڻيون ۽ هڪ پٽ نالي محمد پريل ٿيو.

مولوي هدايت الله سن ۱۳۷۶ھ/۱۹۵۶ع ۾ وفات ڪئي. ڪيس نصيرآباد جي جامع مسجد جي صحن سان لڳ دفن ڪيو ويو. (۱)

---

(۱) - عزيز الله لوتنيو عمر ۹۲ سال (مولانا هدايت الله جو ننڍو ڀاءُ) کان ۴ جنوري ۱۹۹۲ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 843

(الف) سوانح حيات

مولانا مولا بخش فنائي

مولانا مولا بخش فنائي مولانا ابوالجمال خدا بخش ابڙي جو وڏو پٽ هو. گوٺ سونو جلوٽي جي مدرسه دارالفيوض مان فيضياب ٿيو. مولانا مفتي غلام عمر جي پوئين دور جي عالمن ۾ شمار ٿئي ٿو. مولانا فنائي حڪمت جو ڏاڍو ڪندو هو ۽ سٺو حڪيم هو. ديني علوم جي تحصيل بعد هن اول اچي گوٺ گل محمد لوڻيو (ڪلب باقراڻي) ۾ درس تدريس جو ڪم شروع ڪيو، تنهن کانپوءِ گوٺ دولت خان ڪوڪر ۾ دين جي درس سان گڏ سماجي خدمات جي ڪم کي جاري رکيو.

مولانا فنائي پنهنجي دور جو هڪ سٺو شاعر به هو. مولانا فنائي عشق رسول ۾ فنا ٿيل هو. سندس مولود شريف گهڻو مشهور هئا. فنائي جو مولانا دين محمد وفائي سان به دوستيءَ وارو رشتو هو. وفائي صاحب کي سندس علمي بصيرت ۽ سماجي اثر رسوخ جي خبر هئي، تنهنڪري هن پنهنجي ڪتاب 'اظهار الڪرامة' ۾ ڪانئس تصديقي صحيح ڪرائي هئي.

مولانا تاج محمد آريجائي پنهنجي ڪتاب 'نورالبصر' ۾ جن ملن ابڙن جي عالمن سڳورن کان صحيح ورتي هئي ان ۾ مولانا فنائي به شامل آهي. (۱)

---

(۱) رحمت الله ابڙو ڊاڪٽر، مولانا غلام جلوٽي جون ديني ۽ فقهي خدمتون، ۱۹۸۲ع سنڌ يونيورسٽي جامشورو ص- ۳۸۸

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 844

(الف) سوانح حيات

مولوي محمد موسىٰ چنجڻي

مولانا محمد موسىٰ ولد خليفو نبي بخش چنجڻي گوٺ ميان داد چنجڻي لڳ نصيرآباد تعلقي وارهه ۾ سن ۱۳۳۸ھ/۱۸۸۰ع ڌاري جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد صاحب کان پرائمري بعد. سندن بي بزرگ عالم دين مولانا محمد صالح رهڙوي جن کان درگاهه رهڙي شريف (ضلعو دادو) مان حاصل ڪيائين. جتي مولانا محمد عثمان مهيسر، مولانا ابوبڪر، مولانا محمد عمر رهڙوي جن بي صحبت ۾ سپرسٽي ۾ رهي ۱۸۴۷ع ڌاري فارغ التحصيل ٿيو.

مولوي محمد موسىٰ علمي ذوق جو ڪان بعد گوٺ ۾ مدرسو قائم ڪيو. جتي فارسيءَ جي تعليم مڪمل ڏيئي شاگردن کي وڏيڪ پڙهڻ لاءِ سندن بين مدرسن ڏانهن موڪليندو هو. سندس شاگردن ۾ سنڌ جي ميراثي دور جو مشهور عوامي شاعر حاجي خانڊ چنجڻي، سرائي علي خان اول چنجڻي، نورل شاه، محمد قاسم اثر ۽ ٻيا قابل ذڪر آهن. پاڻ شاه صاحب عبداللطيف ڀٽائي جا بند واري سان اڪثر ملندو رهندو هو. سندس تصنيفات ملي نه سگهي آهي، جنهن جو ڪارڻ ڪتبخانن ۾ موجود ڪتابن جي گهٽائي ۽ منضبط قلمي نسخن جو هجڻ آهي. جنهن کي احتياط ۽ غور سان جاچڻ به مشڪل آهي. سندس هٿ جا ڪليل ڪاڇ ڪتاب "شرح نصاب" قلمي قدوري قلمي، "جامع تحليل" قلمي وغيره آهن. سندس ذريعه معاش حڪمت هو. سندس ڪتبخاني ۾ ۳۰ ڪن ڪتاب موجود هئا، جن ۾ ست قلمي نسخا موجود هئا.

آخر ۾ پاڻ ۲۵، ذوالحجه ۱۳۶۴ھ/۱۹۴۴ع جمعي ڏينهن وفات ڪيائين. سندس آخري آرامگاهه گوٺ جي جامع مسجد جي اندر ۾ آهي. (۱)

---

(۱) - مولوي عبيدالله چنجڻي (مولوي محمد موسىٰ جو پٽ پوٽو) کان ۱۵، ڊسمبر ۱۹۹۱ع تي ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 845

(الف) سوانح حيات

مولانا محمّد عالم ابڑو ملّوي

مولانا قمّد عالم ولد مولوي فقير قمّد ابڑو جي ولادت
ڳوٺ مُلّا ابڑا ۾ تعلقي ڏوکريءَ ۾ ٿي. سندس ولادت جو سال معلوم نہ
ٿي سگهيو آهي. هن سموري تعليم مدرسہ سُونو جلوٹيءَ ۾ مولانا
غلام عمر جلوٹيءَ وٽان حاصل ڪئي.

فارغ التحصيل ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو
کوليائين. هن کيترائي ديني عالم پيدا کيا. لاڙڪاڻي ضلعي جو
مشهور ۽ معروف عالم مولانا قمّد قاسم مشوري به ابتدائي دور ۾ وٽس
پڙهيو هو. مولوي جمال الدين ولد ابوالجمال ابڑي هڪ انٽرويو ۾ بڌايو:

"مولانا قمّد قاسم مشوري صاحب اسان جي
ڳوٺ مُلن ابڑن ۾ اينڊو هوتہ ادب خاطر جتي لاهي ايندو
هو. چاکاڻ تہ هو اسان جي چاچي سائين مولانا قمّد عالم
وٽ پڙهيو آهي." (۱)

مولانا قمّد عالم هڪ سلوٹ مدرس هو. ان سلسلي
۾ مولوي قمّد بن احمد کوکر مرحوم اصل ڳوٺ سُونو جلوٹيءَ هڪ ملاقات
۾ بڌايو:

"جڏهن آءٌ استاد سائين مولانا غلام عمر جلوٹيءَ
وٽ پڙهندو هوس، تڏهن مولانا قمّد عالم مون کي فارسي
پڙهائيندو هو. پاڻ فارسيءَ جو گوهر هو. استاد سائين جي حڪم
سان هيٺ طالبن کي درس ۾ ڏيندو هو." (۲)

---

(۱) - ابڑو رحمت الله داڪٹر، "مولانا غلام عمر جلوٹي سندس علمي ۽ فقهي خدمتون"، ٿيسز ۱۹۸۲
سنڌ يونيورسٹي جامشورو. ص ۴۸۰

(۲) - مولانا قمّد کوکر کان ورتل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 846

مولانا محمد عالم پنهنجي وقت جي سياسي ۽ مذهبي تحريڪن کان به غافل نه هو. لاڙڪاڻي ۾ منعقد ڪيل خلافت ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو هو. لاڙڪاڻي واري شاهي ميڙ ۾ عالمن جو ذڪر خير ڪيل آهي. ان ۾ مولانا محمد عالم جونالو به ورتل آهي. (۱) اهڙيءَ طرح مولوي فيض الڪريم جي لکيل رسالي "تحقيق الخلافت" جي رد ۾ "اظهار الڪرامة" لکيو ويو هو. ان ۾ جن ۲۵۷ عالمن کان تصديقي صحيحون آهن. ان ۾ هڪ صحيح مولانا محمد عالم ابڙي جي به آهي.

مولانا محمد عالم جي اولاد ۾ هڪ پٽ هو جنهن جو نالو محمد هارون هو. ۽ري محمد هارون جي هڪ پٽ هو. جنهن جو نالو محمد حسن هو، جيڪو مولوي هو ۽ مدرسه سُونو جلوٽي ۾ پڙهيل هو.

مولانا محمد عالم سڄي عمر دين جي خدمت ڪندي سن ۱۳۷۲ھ/ ۱۹۵۳ع ۾ وفات ڪئي. (۲)

---

(۱) - دين محمد وفائي مولانا، "اظهار الڪرامة" انجمن شوريٰ علماء سنڌ ص - ۱۴۶

(۲) - "لاڙڪانو سام سيباڻو" - ص - ۲۳۷

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 847

(الف) سوانح حيات

مولانا سيّد عبدالحق شاهہ

مولانا سيّد عبدالحق ولد سيّد عبداللطيف شاهہ جي ولادت ٻوٽ ڄاڻي بنده ٻگ نصيرآباد تعلقي وارهہ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ سن ۱۲۹۵ھ/ ۱۸۷۸ع ڌاران ٿي.

سندس وڏو شيرشاه جلال اميرتيمور سان اچ ۾ آيو، جنهن جو پوٽو سيّد صالح شاهہ سنڌ ۾ ٻوٽ ٻٽ سرائي (تعلقو ميهڙ) ۾ اچي رهيو، جنهن جي اولاد مان ربن شاهہ پنهنجي وڏي پٽ شاه عبداللطيف کي ڄاڻي بنده ۾ رهڻ لاءِ موڪليو، جنهن اچي هتي درس تدريس جو سلسلو شروع ڪيو.

مولانا سيّد عبدالحق شاهہ جي ابتدائي تعليم جي معلومات نه ملي سگهي آهي.

باقي هن علم جي تحصيل سنڌ جي معروف عالم مولانا عبدالغفور همايوني وٽ ڪئي.

شاهہ صاحب علمي فراغت کان بعد ٻوٽ ڄاڻي بنده ۾ درس ڏيڻ شروع ڪيو ۽ تاحيات هيترن شاگردن علمي فيض پرايو. سندس شاگردن مان چند نالا ملي سگهيا آهن جيڪي هي آهن:
مولانا عطا محمد سومرو نصيرآبادي، علي انورشاه، علي اڪبرشاه (سندس فرزند) سيّد عبدالوهاب شاه (پاڻيٽيو) شامل آهن.

شاه صاحب پنهنجي همعصر عالمن مان مولانا غلام صديق شهداديءَ واري، مولانا پير محمد جوڻاڻي واري سان علمي سلسلو رکيو.

سيد عبدالحق شاه فتويٰ نويسيءَ ۾ پڻ هوندو هو. ۽ سندس هيترائي ماڻو فتويٰ ۽ تحريرن لاءِ ايندا هئا. ڪن مسئلن ۾ خود پنهنجي استاد مولانا عبدالغفور همايوني سان شرعي مسئلن ۾ اختلاف ڪندو هو.

شاهہ صاحب کي اولاد ۾ ٻه پٽ علي اڪبرشاه ۽ علي انورشاه ٿيا. علي اڪبر شاه ۲۸ سال جي عمر ۾ وفات ڪري ويو ۽ علي انور شاه ۷۴ سال جي عمر ۾ وفات ڪري ويو.

مولانا سيّد عبدالحق شاه جي وفات جو سن مليو نه سگهيو آهي. (۱)

---

(۱) — سيّد علي رضا شاه (سيّد عبدالحق شاه جو پوٽو عمر ۶۷ سال ڪان نصيرآباد ۾ ۴ فروري ۱۹۹۲ع تي ڪيل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 848

(الف) سوانح حيات

مولانا حبيب الله نوناري

مولانا حبيب الله سن ١٣١٩ هـ/١٩٠١ع ۾ گوٺ حيدر چانڊيو تعلقي رتي ديري ۾ سندس ولديت جي معلومات ملي نه سگهي آهي.

مولانا صاحب ديني تعليم مولانا خوش محمد ميرخاني ۽ وٺ پڙهيو ۽ ڪجهه مولانا خادم حسين جلوٽي وٽ به تعليم ورتائين. فراغت ڪانپوءِ ٣٠ سال ڪن ڄنگل جي شهر ۾ تعليم ڏيندو رهيو. مولانا عبدالستار جي وفات بعد مولانا عبدالله واري مسجد ۽ مدرسي کي اچي سنڀاليائين. ٽيهارو ڪن مسافر طالب العلم وٽس سنڌ، بلوچستان جا رهندا هئا. طالبن کي شهر جا سيٺ ماڻهو ڪجهه ڪپڙي ۽ کاڌي جي مدد ڪندا هئا. مولانا جي پگهار وغيره مقرر نه هئي. ١٩٥٤ع ڌاري حج ڪيائين ۽ ٦١-١٩٦٢ع ڌاري فوت ٿيو. سندس مزار مولانا عبدالله سان گڏ مولانا عبدالله واري مسجد ۾ آهي. مولانا حبيب الله لاولد فوت ٿيو سندس ٻيو اچا حال حيات آهي. مولانا علي محمد حقاني ۽ مولانا تاج محمد چانڊيو ۽ ٻيا ڪيئي انجا شاگرد آهن. (١)

---

(١) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهنامه شريعت سکر سوانح حيات نمبر ص - ٢٨٣ ۽ ٢٨٤

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 849

(الف) سوانح حيات

مولانا عبدالستار نوناري

مولانا عبدالستار نوناري بن مونڙ جا وڏا اصل کوئٽا کان آيا هئا. انڪن جو ڪاروبار لوڻ ٺاهڻ هو، جڏهن گورنمينٽ لوڻ تي ٽيڪس لاڳو ڪئي ته اهي هين ڏنڊن کي ڳڻي ويا. اسان ٻڌو آهي ته نوناري نالو به لوڻ جي نسبت سان رکيل آهي. مولانا جن اصل ۾ ڪاڪڙ پٺاڻ آهن. مولوي صاحب ديني تعليم مولانا عبدالله نوناري کان ورتي ۽ مولانا فضل قاسم ياسيني وٽ به پڙهيو ۽ پٽ مولانا خادم حسين وٽ به پڙهيو، اڳي ئي دستار بندي به ڪيائين. مولانا جي وفات بعد سندس ئي مسجد ۽ مدرسي کي وسايو ۽ سندس علمي فيض به عام ٿيو. سندس پٽ مولوي عبدالحق ۽ جاءِ عبدالواحد به ڪجهه پنهنجي پيءُ وٽ پڙهيا. پاڻ سن ۱۹۴۲ع ۾ وڏي ڀوڏ کان ٿي مهينا ڪن آڳ ۾ فوت ٿي ويو. (۱)

Gul Hayat Institute

---

(۱) - ماهنامه "شريعت" سکر سوانح حيات نمبر ص ۲۸۳

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 850

(الف) سوانح حیات

مولانا عبدالله رتائي

مشهور استاد مولانا عبدالله نوناري رهتيديري وارو مولانا غلام صديق شهدادكوٹيءَ وٽ پڙهيو ءِ كجهه مولانا محمد هاشم ياسيني وٽ به پڙهيو هو ءِ اتي ئي پڳ بڌائين. مولانا خادم حسين جتوئي، مولانا خوش محمد ميروخاني، مولوي حبيب الله نوناري ءِ ٻيا ڪيئي علماء ان جا شاگرد هئا جيئن مولانا عبدالستار جيڪي مولانا خوش محمد جو هم درس هو. مولانا عبدالله بنگل ديري وارو به مولانا رتائي جو شاگرد هو. مولانا بنگل ديري وارو مولانا محمد اسماعيل ابڙائي (لوٽ گل محمد ابڙو قنبر ڪان ٻه ڪوه اوڀر) وٽ به پڙهيو.

مولانا جو شاگرد مولانا عبدالستار چوندو هو ته مولانا عبدالله دارالعلوم ديوبند مان پڙهي آيو ءِ پاڻ اندازاً سن ۱۳۳۷ھ/ ۱۹۱۸ع ۾ فوت ٿيو. (۱)

---

(۱) ماهنامه "شريعت" سکر سوانح حيات نمبر ص - ۲۸۳

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 851

(الف) سوانح حيات

مولانا قاضي الله بخش كارتڑائي .

مولانا قاضي الله بخش بن قاضي فيض محمد بن قاضي محمد جعفر . قاضي محمد جعفر اسان جي وڏي قاضي محمد ابراهيم جو پاءُ هو. اهي سڀ عالم هئا. قاضي الله بخش مولانا نور محمد جو شاگرد هو ۽ سڄي زندگي شهداد ڪوٽي بزرگن سان گڏ پڙهائيندو رهيو . مولانا عبدالله رتائي فارسي ۽ عربي قاضي صاحب وٽ پڙهيو . مولانا ڪريمداد لوڙهي وارو ، مولانا غلام عمر سيتاوارو ۽ مولوي عبدالله ٽيڻي پاڙ ۾ سوٽ هئا. اهي به ابتدائي ڪتاب مولانا الله بخش وٽ پڙهيا هئا . پاڙ ۱۳۳۴ھ ۾ فوت ٿيو . مان ان وقت ڳوٺي ۾ مولانا ڪوراڻي وٽ پڙهندو هوس . سندس ڪتب خانو هانوڪا شهداد ڪوٽي صاحبزاده ڪيڻي ويا . ڪيس اولاد ٽيو پر اهو به فوت ٿي ويو .

مولانا نور محمد جي زماني ۾ جڏهن طالب علم وڏي ويا ته بزرگن مدرسو بن حسن ۾ ورهايو . مولانا گل محمد کي ڪارڙا ڳوٺ موڪلياڻون اتي مدرسي کي ترقي ونڊايائين قرآن شريف خليفي خان محمد ابڙو ، فارسي مولانا قاضي الله بخش ۽ باقي تعليم مولانا گل محمد ڏيندا رهيا. شهداد ڪوٽ ۾ صرف ڪان ڪافيه تايئن مولانا نور محمد پاڙ ۽ باقي تعليم مولانا غلام صديق ڏيندا رهيا. مولانا نور محمد فوت ٿيو ته مولانا عبدالرحمٰن سڪرو پنهنجي هم استاد جي عذرخواهي ڪرڻ وڏي صاحبزادي مولانا گل محمد وٽ ڪارڙن ۾ آيا. مولانا کين دعوت ڏيئي شهداد ڪوٽ وٺي ويو ، وري مولانا گل محمد فوت ٿيو ته به مولانا عبدالرحمان عذر چوڻ آيو .(۱)

---

(۱) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا ، ماهنامه شريعت ، سکر سوانح حيات نمبر ۱۹۸۱ع

ص - ۲۸۱

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 852

(الف) سوانح حيات

مولانا قاضي خدابخش كارڙائي

مولانا قاضي خدابخش ولد مولانا محمد ابراهيم جي ولادت ۱۲۷۸ھ/۱۸۶۱ع ۾ ٿي. سندس والد (قاضي محمد ابراهيم جي ذاڪي) مولانا محمد ابراهيم جو ذڪر مولانا قاسمي "الرحيم" جي مشاهير نمبر ۾ ڪيو آهي. هو وڏو عالم ۽ حڪيم هو. مولانا خدابخش فارسي پنهنجي والد وٽ پڙهيو. عربي تعليم به كافيه تائين اتي پڙهيو. باقي علم مولانا گل محمد شهدادكوٽيءَ وٽ پڙهي فارغ ٿيو.

علمي واقفيت كان بعد خدابخش پنهنجي گوٺ كارڙن ۾ درس به ڏيندو رهيو ۽ حڪمت به هلائيندو هو. وٽس ڪيئي علماء فاضل تيار جيئن ته مولوي محمد بنيءَ وارو، مولوي فيض محمد فيض آباد، مولوي فقير محمد سومرو كارڙائي، مولوي خير محمد جوٽين وارو، مولوي قادربخش، مولوي عبدالرحمٰن، مولوي فتح محمد شاهن جي گوٺ جو، مولوي گل محمد غيباڻن وارو ماڻهو مختلف درسي كتابن تي حاشيه لكيا آهن.

مولانا قاضي خدابخش ساڍي عمر ديني درس تدريس ۾ گذاري ۽ سن ۱۳۴۸ھ/۱۹۲۹ع ۾ وفات ڪئي. (۱)

---

(۱) - چاچڙ عبدالوهاب مولانا، ماهنامه "شريعت" سکر سوانح حيات نمبر ۱۹۸۱ء ص- ۲۷۹ ۽ ۲۸۰

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 853

(الف) سوانح حيات

مولانا فيض محمّد واعظ

مولانا فيض محمّد ڏوکري جو رهاڪو هو. تعليم مولانا عبدالرزاق صاحب ڪان ورتائين جو خيرپور ناٿن شاهه جي پرسان "ونجهي" نالي ڳوٺ جو رهاڪو هو، ۽ جان محمّد لاکير جي ڳوٺ ۾ سندس مدرسو هو. انهيءَ مدرسي ۾ مولانا فيض محمّد مولانا عبدالرزاق وٽ پڙهيو ۽ فارغ التحصيل ٿيو.

دستار بنديءَ بعد مولانا فيض محمّد ڏوکريءَ ۾ پڙهائيندو هو. حڪيم مولوي قادر بخش ميرپورخاص وارو ڏوکري اسڪول ۾ بدلي ٿي ويو تڏهن اتي مولوي فيض محمّد وٽ عربي پڙهي فارغ التحصيل ٿيو.

حڪيم مولوي قادر بخش چيو ته "مولوي فيض محمّد صاحب نهايت مخلص هو ۽ فضول رسمن کي ختم ڪرڻ لاءِ هر وقت ڪوشان رهندو هو، ايتري قدر جو ملاکڙو ڳلندو هوته اتي به وڃي ماڻهن کي واعظ ڪندو هو."

مولانا فيض محمّد ۽ مولانا محمّد سليمان اڪثر و بيشتر گڏ ٿي وعظ ڪندا هئا.

"هر گلي را رنگ و بو ديگر است" جي مضمون موافق هنهي جي واعظ جو رنگ جدا هو.

خلافت جي تحريڪ ۾ ڪابل ڏانهن هجرت ڪيائين ۽ ڪابل ۾ ئي وفات ڪري ويو ۽ پوءِ سندس هار موتي آيا. (۱)

---

(۱)۔ سمهاڻي مهراڻ سوانح حيات نمبر ۱۹۵۷ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ص ۱۰۴

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 854

(الف) سوانح حيات

مولانا نورالحق شيخ

مولانا نورالحق[١] (نومسلم شيخ) جي ولادت ڳوٺ سنجرپٽي تعلقي شهدادڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. ننڍي هوندي کان ئي اسلام سان محبت هوندي هيس. اسڪول ۾ پڙهڻ دوران ڪي استاد جيڪي امروٽي جماعت جا هئا اسلام جون ڳالهيون ڪندا هئا جيڪي هو غورسان ويهي ٻڌندو هو ڪيس ڏاڍو منو ايندو هو. هڪ ڏينهن من پنهنجي مسلمان دوستن کي مسلمان ٿيڻ جو خيال ڏيکاريو، انهن کيس چيو ته جيڪڏهن هو بزرگ تاج محمود امروٽيءَ جن وٽ وڃي مسلمان ٿيندو ته سندس نالو رجسٽر ۾ داخل ٿيندو ۽ ٻڌاء به ٿيندو. سندس نالو ڪوبه نه ونڊو ادموڪل ڪري مسلمان ٺاهيڻ سان گڏ لڪ چوري اچي امروٽ پهتو.[٢] اهو سال ١٩٣٦ع/ ١٣٤٦هـ ۽ عمر ١٦ ورهيه هيس ان دوران هندن کي خبر پئي ۽ اهي امروٽ پهچي ويا ۽ ڏاڍو گوڙ ٿيو جن کيس ڏاڍو برغلايو ۽ چيائونس ته توتي رهه ايترو وڏو ته مان پل ۾ زورسان پهتو آهيان پر من کين صاف صاف چئي ڏنو ته "مونکي ڪنهن به زورسان ڪونه آندو آهي، مان اڪيلو آيو آهيان" بهرحال گهٽي چڪتاڻ هلي[٣] هندن کيس ڪيو ڏي ڏي هندڪان ٻوءِ مولانا امروٽي جي ڏي کيس ڪيتو. رسم موجب سندس ختنو بروقت ڪرايو ويو هو.

---

[١] - اصل نالو مورج ۽ پئي جو نالو ميلو هو.

[٢] - ڳوٺ کان جيڪو سنگتي کيس امروٽ شريف وٺي آيو ان جو نالو رکيل شاه هو هو ساڻس شهدادڪوٽ جي ويجهو ڳوٺ گل قمبرواري جو هو

[٣] - هي واقعو عام نوڙي خاص ماڻهن ۾ "باگڙ جيءَ جو ڀهڙو" جي نالي سان مشهور آهي

(الرحيم، فبروري، مارچ ١٩٧٣ع ص ٧٥)

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 855

ان بعد بزرگ امروٹي ڇهن مهينن اندر مولانا نورالحق کي
قرآن مجيد پڙهائي پوروڪرايو پاڻ ڪيس فارسي جا پنج سبق ڏيئي باقي ميان
علي محمد ميمڻ کي وڌيڪ پڙهائڻ لاءِ چيائون . فارسي پوري ڪرڻ بعد
ڪيس عربي ارشاد الصرف شروع ڪرائي ويئي ۽ قلبي ذڪر به ڏسيوويو. ان
کانپوءِ جلد ئي سکر ۾ خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ هڪ جلسو منعقد ٿيو،
جنهن ۾ مولانا نورالحق بزرگ امروٽي سان گڏ آيو. جلسي ۾ مولانا حسين احمد
مدني ، مولانا ابوالڪلام آزاد ، مولانا احمد علي لاهوري ۽ ٻيا گهڻا عالم ايل هئا
اتي سندس ذڪر نڪتو، جنهن ۾ مولانا احمد علي ۽ ٻين جي صلاح سان بزرگ
امروٽي جن مولانا نورالحق کي ٽٽڙهي جي مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ چيڏيو .
مدرسي جي مهتمم مولانا حبيب الله کي پارٽ ڪيائون تہ ڪيس جدا پڙهائجم
۽ جدا رهائجم"

مدرسي ٽٽڙهي ۾ ٽن سالن بعد "ڏل" حبيب آباد ۾ گهوٽيو
۾ ڇهه مهينا ۽ سجاول جي "مدرسي هاشميه" ۾ هڪ سال پڙهيو. ان دوران
بزرگ تربيچائي واراپاڻ وٽ گهرائيندا هئس. سجاول کانپوءِ وري ٽٽڙهي آيو ۽ اتان دستار
بندي ڪري نڪتو.

حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽي جي پارٽ موجب سندس
جماعت بي ماڻهن جي ڪوشش سان مولانا عبدالڪريم "ڪمارڙي" جي نياڻي سان سندس شادي ٿي.
مولانا ڪمارڙي ڪيس پاڻ سان گڏ ڪيو.(۱)
مولانا نورالحق جي اولاد ۾ ٻه پٽ نورمصطفيٰ ۽ نورالله آهن . مولانا
بي وفات ۸ مارچ ۱۹۸۹ع ۾ ٿي .(۲)

---

(۱) - پروفيسر سيد محمود شاه ڊاڪٽر "مولانا سيد تاج محمود امروٽي علمي ۽ قومي
خدمتون" ۱۹۸۴ع - شهباز پبليڪيشنز حيدرآباد - ص ۷۵ - ۷۶ - ۸۰ ۽ ۸۱
(۲) - ڊاڪٽر نورالله (مولانا نورالحق جو فرزند) کان ۱۰ جون ۱۹۹۲ع ٿي ورتل انٽرويو .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 856

(الف) سوانح حيات

مولانا قمرالدين مهيسر

مولانا قمرالدين ولد ميان قد اسماعيل ولد ميان عبدالرحمان مهيسر
جي ولادت اندازاً سن ۱۳۱۱ هـ/۱۸۹۳ع ۾ گوٺ ڏگاڻو مهيسر تعلقو ميرو خان ۾ ٿي.

هن پنهنجي تعليم گوٺ وسايو پوٺ تعلقو رتوديرو ۾ مولانا عطا محمد
کلهوڙي وٽ ۽ مولوي نورالحمد لغڙهي ياسيني کان سائبئي گوٺ وسايو پوٺ ۾ پڙهي فارغ التحصيل ٿيو.
مولانا قمرالدين علمي فراغت کان بعد گوٺ بکر مهيسر تعلقي ميرو خان
۾ گوٺ سجڻ ساڻگي تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ڪجهه وقت پڙهايو، جتان 'القمر' نالي هڪ ديني رسالو
جاري ڪيائين. بعد ۾ ڪوٺ لعل بخش مهيسر تعلقو ميرو خان ۾ ۱۹۴۰ع ۾ درگاهو شهداد ڪوٺ
صديقي مدرسي ۾ پڙهايائين. وٺ ائين ڪيترن ئي شاگردن علمي فيض پرايو، جن مان ڪجهه
نالا هيٺ ڏجن ٿا:

مولوي محمد رفيق خوش نويس لاڙڪاڻو، مولوي عبدالحليم ميڪڙ
شهدادڪوٽي، مولوي عبدالله ميڪڙ شهدادڪوٽي، مولوي عبدالرحمٰن ميڪڙ شهدادڪوٽي،
حافظ فيض محمد شهدادڪوٽي، خليفو حاجي غلام رسول شهدادڪوٽي، مولوي عبدالحق پٺ ڪوٺ
لعل بخش، مولوي عبدالسلام کلهوڙو ڪوٺ لعل بخش ۽ مولوي محمد قاسم ڏگاڻو مهيسر، جا نالا
قابل ذڪر آهن.

مولانا قمرالدين مناظر به هو. مولوي برڪت علي چانديو سان صغير
جي طلاق جي مسئلي تي شهدادڪوٽ ۾ مناظرو ڪيائين، هن مناظري جو منصف مولانا
غلام رسول عباسي هو. هي مناظرو شهدادڪوٽ جي عيدگاهه ۾ ٿيو هو، مولانا صاحب
مخالفت ۾ هو. اهو زماني اندازاً سن ۱۳۶۵ هـ/۱۹۴۵ع جو هو جنهن ۾ مولانا قمرالدين
کٽيو هو.

مولانا قمرالدين کي اولاد ۾ ٽي پٽ ميان بدرالدين، صدرالدين ۽
فخرالدين ٿيا. سندس وفات ذوالحجه مهيني ۾ سن ۱۳۶۸ هـ/۱۹۴۸ع ۾ اٽڪل ۵۵ سال
جي عمر ۾ ٿي. (۱)

---

(۱) - مولوي عبدالرحمان ميڪڙ ۽ حافظ فيض محمد پٺي ساڪن شهدادڪوٽ (مولوي قمرالدين جا
شاگرد) کان ۱۳ مارچ ۱۹۸۷ع تي ڪيل انٽرويو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مددي کتابت

جو

وڇو

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 858

۱- الانا غلام علي ڊاڪٽر سنڌي سور تخطي سنڌي زبان پبليڪيشن حيدرآباد ۱۹۶۹ع

۲- آلومل ٽيڪمداس پوچواڻي سنڌ جي مختصر تاريخ ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ ڪراچي ۱۹۰۷ع

۳- احمد ڪمال (مرتب) چانبڪا ڊئريڪٽري انصاف پريس لاڙڪاڻو

۴- ايڇ ٽي لمبرڪ سنڌ هڪ جائزو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۸۲ع

۵- اميراحمد مخدوم تاريخ معصومي 〃 〃 〃 〃 ۱۹۸۵ع

۶- اميراحمد مخدوم چچ نامو 〃 〃 〃 〃 ۱۹۶۶ع

۷- آڏواڻي پيرومل هرچند سنڌي ٻولي جي تاريخ 〃 〃 〃 〃 ۱۹۷۲ع

۸- ايس پي چبلاڻي سنڌ جي اقتصادي تاريخ 〃 〃 〃 〃 ۱۹۵۸ع

۹- بلوچ بني بخش خان ڊاڪٽر سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ نئين ادبي مرڪز حيدرآباد ۱۹۸۰ع

۱۰- 〃 〃 〃 〃 مصلح المفتاح سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد ۱۹۷۰ع

۱۱- 〃 〃 〃 〃 واتھاڻي بيت سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۶۱ع

۱۲- بٽ الهڪيو سنڌي ڪتبخانن جي مختصر تاريخ سنڌ پبلشرس حيدرآباد ۱۹۸۰ع

۱۳- پيرومل ڪاڪو قديم سنڌ سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي ۱۹۵۷ع

۱۴- تنويري جوٽيجو سنڌ اندر قديم آثارن واراماڻ آڪسفورڊ پبليڪيشن حيدرآباد ۱۹۸۴ع

۱۵- ٽنوڻي قمرهاشم مخدوم تفسيرهاشمي سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۸۷ع

۱۶- ثنائي ثناءالله مولوي اعتقادنامو مدينه پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻو

۱۷- 〃 〃 〃 شاهنامو شريف 〃 〃 〃 〃 〃

۱۸- 〃 〃 〃 خطبات ثنائي ڪاينات بوڪ اسٽور لاڙڪاڻو

۱۹- 〃 〃 〃 گلشن عرف ميلادالنبي ﷺ قاضي قمر ڪتب فروش لاڙڪاڻو

۲۰- 〃 〃 〃 ديوان نعتيه ثنائي شيوا پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻو

۲۱- 〃 〃 〃 شرح رسالت شيخ حاجي عنايت الله لاڙڪاڻو

۲۲- 〃 〃 〃 اشعار ثنائي مولوي قمر عظيم اينڊ سنز شڪارپور

۲۳- پٺاڻ ممتاز حسين ڊاڪٽر نئين مصرجا پراڻا ورق سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۷۳ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 859

۲۴- جي ايم سيّد سنڌ کان بمبئي جي آزادي حيدري پريس حيدرآباد ۱۹۶۸ع

۲۵- جتوئي سلطان احمد حولوي سلطاني مولود مولوي محمد عظيم اڪيڈمي شڪارپور ۱۹۸۳ع

۲۶- جتوئي غلام رسول مولانا خطبات رسولي " " " " " "

۲۷- " " خطبات هرابپوري مجمع واعظ آر ايڇ احمد برادرس حيدرآباد

۲۸- " " ديوان جتوئي ويڙهو مل کنڊ مل پبلشر لاڙڪاڻو

۲۹- ڏوڏيجا لوڪرام منهنجو وطن منهنجا ماڻهو پونا ۱۹۸۱ع

۳۰- راشدي علي محمد پير اهي ڏينهن اهي شينهن (جلد پهرين) سندي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۸۷ع

۳۱- راشدي علي محمد پير اهي ڏينهن اهي شينهن (جلد ٻيو) سندي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۸۴ع

۳۲- " " " " " " " (جلد ٽيون) سندي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۸۱ع

۳۳- رائچند هريجن تاريخ رگستان پاگو پهرين سندي ادبي بورڊ ڪراچي ۱۹۵۶ع

۳۴- راشدي حسام الدين سيّد گالهيون ڪوٽ ۽ ڙن جون انجمن تاريخ سنڌ حيدرآباد

۳۵- " " مقدمه حديقه الاوليا ڪراچي ۱۹۸۱ع

۳۶- چانڊيو عبدالله مولوي مقابلات پاڪستان پرنٽنگ پريس شڪارپور

۳۷- " " تفسير سورة الفاتحه - الناس - فلق نوابشاهه پرنٽنگ پريس

۳۸- " " تفسير ۽ ترجمو سورة يٰسين مدرسه عربيه نورالهدیٰ لکي ضلعو شڪارپور

۳۹- " " الظهور تفسير سورة النور اداره اشاعت القرآن گمبٽ ۱۹۸۰ع

۴۰- " " عشق محمدي مولوي محمد عظيم اڪيڈمي شڪارپور

۴۱- چانڊيو نواب الدين مولوي 'سيف السنة علیٰ راس البدعت' شيخ محمد مستقيم دهلوي ڪراچي ۱۹۲۵ع

۴۲- خدادا خان لب تاريخ سنڌ سندي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۸۹ع

۴۳- خليفو عبدالرحمٰن مولانا ملفوظات غفاريه مڪتبه غفاريه سيتارجه ضلعو خيرپور

۴۴ دوارڪا پرساد پراچين سنڌو سيتا جو نظارو تاج محل پريس حيدرآباد

۴۵ عباسي غلام رسول مولوي تفسير تنوير الايمان في تفسير القرآن مولوي محمد عظيم اڪيڈمي شڪارپور ۱۳۹۶ھ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan.com # 860

۴۶- سيوهاڻي فتح محمد حڪيم ميرن جي ماحبي الوحيد پريس ڪراچي

۴۷- سومرو حبيب الرحمان حافظ جي جوت جلائي ويا محمد پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻو ۱۹۹۱ع

(مرتب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سندي)

۴۸- سندي عبيدالله مولانا خلاصة القرآن الهام الرحمٰن

۴۹- " " الهام الرحمٰن فی تفسير القرآن مولانا عزيزالله پنوعاقل حيدرآباد حيدرآباد

۵۰- سرڪي شمس سنڌو ماتري جي سپيتا سندي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۷۹ع

۵۱- شهواڻي غلام محمد شاهه جو رسالو حيدرآباد ۱۹۵۰ع

۵۲- شيدا محمد عظيم مولوي سيرت مصطفیٰ سندي ادبي بورڊ حيدرآباد

۵۳- صديقي محمد حنيف سنڌ ۽ سنڌي ۽ سندرا قومون سندي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۷۱ع

۵۴- صديقي خاڪ درمحمد مولانا اعانة الغنی الوحيد فی رد عقايد السنی الجديد اداره يماني نصيرآباد

۵۵- " " " " الاعجة فی تحقيق البجمعة عربي

۵۶- " " " " خزانة العارفين (حصه اول) مدينه پريس لاڙڪاڻو ۱۹۶۲ع

۵۷- عباسي غلام رسول مولوي تفسير تنوير الايمان فی تفسير القرآن مولوي محمد عظيم اڪبه سنز شڪارپور ۱۳۹۶ھ

۵۸- فيض الڪريم مولوي تحقيق الخلافت ديلي گزيٽ پريس ڪراچي ۱۹۱۹ع

۵۹- " " اظهار الڪرامة فی مقاصد الخلافت والامامة انجمن شوریٰ علماء سنڌ

۶۰- فتح علي بيگ مرزا شهادت نامه حضرت امام حسينؓ صداقت بوڪ ڊپو حيدرآباد ۱۹۸۰ع

۶۱- قليچ بيگ مرزا رعيت نامو منگومل تلسيداس سنڌ حيدرآباد ۱۹۱۶ع

۶۲- قاسمي غلام مصطفیٰ مولانا مقدمه مفيد الطلباء فی تعريفات الاشياء ڪتبخانه اعزازي ديوبند

۶۳- قليچ بيگ مرزا قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو سندي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۶۶ع

۶۴- قانع علي شيرٻڌوي تحفة الڪرام (جلد ٽيون) سندي ادبي بورڊ حيدرآباد ۱۹۵۷ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 861

٦٥۔ کھارڑو عبدالکریم مولوي گلشن کھارڑو محمدیہ پریس سکر

٦٦۔ " " " دیوان عبدالکریم کھارڑو قادریہ پریس لاڑکانو

٦٧۔ کاظرائي محمد ابراهیم مولوي تذکرہ کریمیہ (فارسي) شاہ ولي الله اکیڈمي حیدرآباد ١٩٨١ع

٦٨۔ گربخشاڻي هوتچند شاہ جو رسالو (جلد چوٿون) کراچي ١٩٢٤ع

٦٩۔ لیلارام مترجم جاگرافي مڪمل اسٹینڈرڈ کمپني بمبئي ١٩٢٧ع

٧٠۔ میمڻ رحیم بخش جدید تعلیمي طریقا ۽ مسئلا آر ایچ احمد برادرس حیدرآباد ١٩٦٧ع

٧١۔ میمڻ عبدالمجید داکٹر سندي نعتیہ شاعري سندي ادبي اکیڈمي لاڑکانو ١٩٨٠ع

٧٢۔ مشوري محمد قاسم مولانا معلم الفرائض حاڪظ برادران مکتبہ شمسیہ کراچي ١٩٢٣ع

٧٣۔ " " " پرده عورت ادارہ دارالاشاعت قاسمیہ غوثیہ نوابشاہ ١٩٩٠ع

٧٤۔ میان نصیرالدین انوارات صدیقیہ درگاهہ صدیقي شهدادکوٽ ١٩٧٢ع

٧٥۔ مولائي رحیمداد شیدائي تاریخ تمدن سنڌ سنڌ یونیورسٹي حیدرآباد ١٩٥٩ع

٧٦۔ " " " جنت السنڌ سندي ادبي بورڈ حیدرآباد ١٩٨٥ع

٧٧۔ مهر غلام رسول تاریخ کلهوڑا (جلد ٻیو) سندي ادبي بورڈ حیدرآباد ١٩٦٤ع

٧٨۔ میمڻ محمد صدیق سنڌي ادبي تاریخ (جلد اول) سنڌ مسلم ادبي سائنس سوسائٹي حیدرآباد ١٩٣٧ع

٧٩۔ نیاز همایوني سنڌي طبي تاریخ (حصو ٻیو) سنڌ سائنس سوسائٹي حامشورو ١٩٧٦ع

٨٠۔ وفائي دین محمد مولانا یادجانان حکیم عبدالحق کتب فروش سکر ١٩٢٠ع

٨١۔ " " " تذکرہ مشاهیر سنڌ (پاڻو چوٿون) سندي ادبي بورڈ حیدرآباد ١٩٨٥ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 862

تيسز/ مونوگراف/ مقالا

(تيسز)

۸۳- تالپور، قمر جمن داڪٽر سنڌ جا اسلامي درسگاهه هجرو پبليڪيشن سنڌ ثقافت کاتو ڪراچي ۱۹۸۲ع

۸۳- شاد بشير احمد داڪٽر مولانا ثناءالله ثاني بي شاعريءَ جو تنقيدي جائزو سنڌ يونيورسٽي جامشورو ۱۹۸۹ع

۸۴- قريشي حامد علي خاناڻي داڪٽر ساهتيءَ جا قديم علمي مرڪز " " " ۱۹۸۵ع

۸۵- ابڙو رحمت الله داڪٽر مولانا غلام محمد جتوئي سندس ديني ۽ فقهي خدمتون " " ۱۹۸۲ع

۸۶- يار محمد قاضي داڪٽر سنڌي ٻوليءَ ۾ فقهي ادب جي ارتقا " " "

۸۷- سومرو مظهرالدين داڪٽر تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو " " " ۱۹۸۳ع

۸۸- سيد محمود شاهه داڪٽر حضرت مولانا تاج محمود امروٽي پنهنجي پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۱۹۸۴ع

۸۹- سيد ممتاز حسين شاهه داڪٽر سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌي علمي ادب .
سنڌ يونيورسٽي ۱۹۷۹ع
۽ سماجي تاريخ ۾ حصو

مونوگراف

۹۰- جويٽيجو غلام رسول مولانا غلام رسول جتوئي جي شعر و شاعري (مونوگراف) سنڌ يونيورسٽي ۱۹۶۵ع

مقالا

Gul Hayat Institute

۹۱- پنهور قمر داڪٽر سنڌ ۾ عيسائين جي تبليغ ۽ سنڌي علم ادب مقالو

۹۲- علامه داؤد پوٽو سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۱۹۴۹ع

۹۳- ميمڻ عبدالمجيد داڪٽر لاڙڪاڻي جو تاريخي پس منظر

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 863

قلمي كتاب

۹۴- پانڈوي عبدالعزيز مولانا فتوىٰ

۹۵- ثناءالله ثنائي مولوي معراج نامو

۹۶- " " " رسالت نامو

۹۷- " " " جنگ نامو

۹۸- " " " حليما

۹۹- جويڙيجو شمس الدين مولوي خيرالكلام فى عدم جواز قرأت الفاتحه على المقتدى خلف الامام

۱۰۰- چانڊيو عبدالله عبد مدح عربي

۱۰۱- " " " شبنم شريعت ۱۹۵۲ع

۱۰۲- " " " مونس جان

درثنائے رسول كريمؐ

۱۰۳- حامي عطاءمحمد داكتر مولانا شيدا جو كلام ۱۹۸۰ع

۱۰۴- شيدا محمد عظيم مولوي ديوان شيدا

۱۰۵- راشدي يحيى الله پير مولانا فقيد المثل ۱۳۴۴ھ

۱۰۶- " " " " عديم النظر ۱۳۴۴ھ

۱۰۷- شيدا محمد عظيم مولوي امول حديث

۱

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 864

(اُردو کتب)

۱۰۸- ابو سلمان ڈاکٹر — تحریک ریشمی رومال اور سندھ

۱۰۹- اظہر مبارکپوری تامنی — ہندوستان میں عربوں کی حکومتیں — فکر نظر پبلیکیشن سکھر ۱۹۸۷ء

۱۱۰- ایبک ظفر حسین — آپ بیتی — منصور بک ہاؤس لاہور ۱۹۶۸ء

۱۱۱- پادری برکت اللہ — قرون وسطیٰ کی ایشائی اور ہندستانی کلیسائیں — رلیجن بک سوسائٹی لاہور ۱۹۶۲ء

۱۱۲- جعفری رئیس احمد سیّد — اوراقِ گم شدہ — محمڈن اکیڈمی لاہور ۱۹۶۸ء

۱۱۳- حافظ نذر احمد — جائزۃ المدارس عربیہ — سلم اکیڈمی لاہور

۱۱۴- خلیفہ حبیب الرحمٰن — فیوضاتِ غفاریہ — مکتبہ غفاریہ سیٹھارجہ خیرپور

۱۱۵- ریاض حسن سیّد — پاکستان ناگزیر تھا

۱۱۶- سلمان ندوی سیّد — عرب و ہند کے تعلقات — دارالمصنفین اعظم گڑھ ۱۹۸۴ء

۱۱۷- سندھی عبیداللہ مولانا — کابل میں سات سال — سنگر اکیڈمی لاہور ۱۹۷۶ء

۱۱۸- سیّد ہاشمی — تاریخ مسلمانانِ پاک و بھارت — انجمن ترقی اردو کراچی ۱۹۵۳ء

۱۱۹- شبلی نعمانی — الفاروق — کریمی پریس لاہور ۱۹۲۴ء

۱۲۰- شیخ محمد اکرم — رودِ کوثر — ادارہ ثقافت اسلامیہ لاہور ۱۹۸۷ء

۱۲۱- صدیقی محمد ادریس — وادیٔ سندھ کی تہذیب — محکمہ آثار قدیمہ کراچی ۱۹۵۰ء

۱۲۲- علی بلگرامی سیّد — تمدنِ عرب — مقبول اکیڈمی لاہور ۱۹۶۰ء

۱۲۳- فریدی نور احمد مولانا — تاریخ ملتان (جلد دوئم) — قصہ ادب ملتان ۱۹۷۷ء

۱۲۴- قدوسی اعجاز الحق — تاریخ سندھ (جلد اول) — اردو سائنس بورڈ لاہور ۱۹۸۵ء

۱۲۵- قاسمی غلام مصطفیٰ مولانا — سحابی انصاف اور اجتماعیت — شاہ ولی اللہ اکیڈمی حیدرآباد ۱۹۷۳ء

۱۲۶- 〃 〃 〃 (مترجم) مقصد الانبیاء کی رموز اور ان کی حکمتیں — شاہ ولی اللہ اکیڈمی حیدرآباد ۱۹۹۱ء

۱۲۷- محمد اکرم شیخ — آبِ کوثر — ادارہ ثقافت اسلامیہ لاہور ۱۹۸۷ء

۱۲۸- سنہاج سراج — طبقات ناصری (حصہ اول) — مرکزی اردو بورڈ لاہور ۱۹۷۵ء

۱۲۹- مدنی حسین احمد مولانا — تحریک ریشمی رومال

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 865

۱۳۰- میاں قمد نصیرالدین — تجلیات صدیقیہ — کوئٹہ ۱۹۵۸ء

۱۳۱- نول کشور — تاریخ فرشتہ — لکھنؤ

۱۳۲- یوسف بن ابوالقاسم نمکین — تاریخ مظہر شاہجہانی

اُردو رسائل و جرسیدے

۱۳۳- ماہنامہ — 'روح ادب' — کراچی — ۱۹۵۶ء

۱۳۴- " — 'الطاہر' — (پیر مہتا نمبر) — حیدرآباد اپریل ۱۹۹۱ء

۱۳۵ " — شاہکار اسلامی انسائیکلوپیڈیا — مئی ۱۹۷۶ء
مکتبہ شاہکار لاہور

۱۳۶- ہفت روزہ — 'جدوجہد' — کراچی — ۱۸ نومبر ۱۹۵۹ء

۱۳۷- " — 'اصلاح' — کراچی — ۲۰ اگست ۱۹۳۷ء

۱۳۸- روزنامہ — 'جنگ' (منڈویک میگزین) — ۲۰ اپریل ۱۹۸۸ء

۱۳۹- " — 'جسارت' — کراچی — ۹ جنوری ۱۹۹۲ء

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ENGLISH BOOKS

140 Aitkon Gazetteer of the province of Sindh
141 A chills Meere Manchy stiamty in Sind & Baluchistan
142 Burtan Histry of Sind
143 BL Groner & R.R. Sethi studies in Modern
144 Domes ML the book of Dwarte Barbosa 1918
145 Elliot Histry of India
146 F. Walens Wienk In the Land of the Sind and Balochi Karachi 1947
147 Gazetteer of Larkana (VOL. IV) Bombay 1927
148 G. Allana Our Freedom Fighters Karachi Paradies Subscription Agency 1969
149 Hanif M.A Muslim Rule in India Pakistan Dacca Ideal Library 1964
150 H.T Sorley Gazetteer West Pakistan 1968
151 Harison A Hand book of Karachi 1933
152 J.W Smyth Gazetteer of the province of Sind Larkana District 1919
153 Jamaluddin Ahmed Middle Age of Muslim Political movement- Lahore Publishers United 1969
154 L.F Rush Book William the state of Pakistan London Feber & Feber 1962
155 Mubarak Ali Khan A Social and cultural Histry of Sind Mustafa Waheed book traders 1987
156 Muhammed Hamiduddin Khan Histry of Muslim Education Karachi VOL. III All Pakistan Education Conferance 1973
157 P.N Pondy The break up of British India
158 Rajput AB Muslim leage yesterday & today 1948
159 Rechard Burton The Races that inhabit Sind
160 Reehard F. Burton served as an officer in the canal Department under Major W.S. Scott
161 Shaik A Razak Past and Present- Sukkur 1962
162 Sir Gorge clerks minute 24. April 1854
163 Ram Gopal Indian Muslims Asia Publishing House 1964
164 Waheed-u Zaman To Wards Pakistan. Lahore 1954

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 867

سماهي رسالا

۱۶۵-	سماهي	"مهراڻ"	سوانح نمبر	۱۹۵۷ع
۱۶۶-	سماهي	"مهراڻ"	جلد چوٿون	۱۹۵۷ع
۱۶۷-	سماهي	"مهراڻ"	جلد ستون	۱۹۶۸ع
۱۶۸-	سماهي	"مهراڻ"	شاعر نمبر	۱۹۶۹ع
۱۶۹-	سماهي	"مهراڻ"	جولاءِ آگسٽ سيپٽمبر	۱۹۷۵ع
۱۷۰-	سماهي	"مهراڻ"	جلد نيون	۱۹۸۱ع

ماهوار رسالا

۱۷۱-	ماهنامه	"شريعت"	سکر	سوانح حيات نمبر ۱۹۸۱ع
۱۷۲-	ماهنامه	"شريعت"	سکر	الفتوىٰ الشريعت نمبر
۱۷۳	ماهنامه	"شريعت"	سکر	علامه غلام مصطفىٰ قاسمي نمبر جنوري فبروري ۱۹۹۰ع
۱۷۴	ماهوار	"الرحيم"	حيدرآباد	جولاءِ ۱۹۶۲ع
۱۷۵-	ماهوار	"الرحيم"	حيدرآباد	مئي ۱۹۶۴ع
۱۷۶-	ماهوار	"الرحيم"	حيدرآباد	مشاهير سنڌ نمبر ۱۹۶۷ع
۱۷۷-	ماهوار	"نئين زندگي"		دسمبر ۱۹۶۲ع
۱۷۸-	ماهوار	"نئين زندگي"		اپريل ۱۹۶۵ع
۱۷۹-	ماهوار	"نئين زندگي"		اپريل ۱۹۶۸ع
۱۸۰-	ماهوار	"نئين زندگي"		جولاءِ ۱۹۷۰ع
۱۸۱-	ماهوار	"نئين زندگي"		سنڌ نمبر جون جولاءِ ۱۹۷۰ع
۱۸۲-	ماهوار	"نئين زندگي"		آگسٽ سيپٽمبر ۱۹۷۰ع
۱۸۳-	ماهوار	"نئين زندگي"		مئي جون ۱۹۷۱ع
۱۸۴-	ماهوار	"نئين زندگي"		فبروري ۱۹۷۲ع

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 868

۱۸۵- ماهوار "نئين زندگي" جون جولاءِ ۱۹۷۷ع

۱۸۶- ماهوار "الصادق" ڪراچي ڏهسالا يادگار نمبر ۱۹۸۹ع

۱۸۷- ماهوار "اديب سنڌ" سيپٽمبر ۱۹۴۲ع

۱۸۸- ماهوار "فيوضات صديقيه" صديقيه درسگاه صديقي شهدادڪوٽ ۱۹۶۰ع

۱۸۹- ماهوار "نئين زندگي" فبروري ۱۹۸۰ع

۱۹۰- ماهوار "نئين زندگي" فبروري ۱۹۸۲ع

۱۹۱- ماهوار "توحيد" سيپٽمبر ۱۹۳۷ع

۱۹۲- ماهوار "توحيد" ڪراچي مارچ ۱۹۴۵ع

۱۹۳- ماهوار "توحيد" ڪراچي اپريل ۱۹۴۶ع

۱۹۴- ماهوار "توحيد" جنوري ۱۹۷۸ع

۱۹۵- ماهوار "پيغام" فبروري مارچ ۱۹۸۲ع

۱۹۶- ماهوار "پيغام" مارچ اپريل ۱۹۸۴ع

۱۹۷- هفته روزه "الفتح" ڪراچي مارچ ۱۹۶۸ع

Gul Hayat Institute

۱۹۸- روزانه "الوحيد" ۲۷- اپريل ۱۹۲۰ع

۱۹۹- روزانه "الوحيد" ڪراچي جون ۱۹۲۰ع

۲۰۰- روزانه "الوحيد" ڪراچي ۶- جولاءِ ۱۹۲۰ع

۲۰۱- روزانه "الوحيد" ڪراچي ۱۴- جولاءِ ۱۹۲۰ع

۲۰۲- روزانه "الوحيد" ڪراچي ۲۴- جولاءِ ۱۹۲۰ع

۲۰۳- روزانه "الوحيد" ڪراچي ۷- آگسٽ ۱۹۲۰ع

۲۰۴- روزانه "الوحيد" ڪراچي ۱۵- سيپٽمبر ۱۹۲۰ع

۲۰۵- روزانه "الوحيد" ڪراچي آڪٽوبر ۱۹۲۰ع

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 869

۲۰۶ -	روزانہ	"الوحید"	کراچی	۱۰، ستمبر	۱۹۳۴ء
۲۰۷ -	روزانہ	"الوحید"	کراچی	۱۹، جون	۱۹۳۳ء
۲۰۸ -	روزانہ	"الوحید"	کراچی	۹، مارچ	۱۹۳۴ء
۲۰۹ -	روزانہ	"الوحید"	کراچی	جنوری	۱۹۳۵ء
۲۱۰ -	روزانہ	"الوحید"	کراچی	۲۱، مارچ	۱۹۳۰ء
۲۱۱ -	روزانہ	"الوحید"	کراچی	ستمبر	۱۹۳۱ء
۲۱۲ -	روزانہ	"الوحید"	کراچی	۲۷، اپریل	۱۹۳۵ء
۲۱۳ -	روزانہ	"الوحید"	کراچی	جون	۱۹۳۶ء
۲۱۴ -	روزانہ	"الوحید"	کراچی	ستمبر	۱۹۳۷ء
۲۱۵ -	روزانہ	"مہران"	سالگرہ نمبر	۵، جنوری	۱۹۶۲ء

۲۱۶ - "الراشد" رمضان، شوال، ذوالقعدہ ۱۳۹۷ھ جمعیت العلماء سکندریہ پیر جو گوٹھ

۲۱۷ - "لڑکانو گزیٹ" ۱۷، جولائی ۱۹۳۲ء

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 870

"ضلعي لائبريري جي ديني عالمن جو دين جي اشاعت ۾ حصو"

انگريزن جو دور (۱۸۴۳ع-۱۹۴۷ع)

پي-ايڇ-ڊي ايوارڊ جي سلسلي ۾ منعقد ڪيل
انٽر ڊپارٽمينٽل سيمينار جي موقعي تي تيار ڪيل پيپر

مقالہ نگار
حافظ عبدالرزاق سومرو

زير نگراني
مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
۱۹۹۲ع

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 871

تمهيد

سنڌ قديم زماني کان وٺي تهذيب و تمدن ۽ علم و عرفان جو مرڪز رهي آهي، ورهي سنہ ۷۱۲ع ۾ اسلامي حڪومت جي قائم ٿيڻ سان ئي اسلامي علوم جي ترويج ۽ ديني نشر و اشاعت جو سلسلو شروع ٿي ويو. اسلام جي آمد کانپوءِ سنڌ جا مکيہ شهر جهڙوڪ ديبل ۽ الور، بکر ۽ سيوهڻ، ٺٽو ۽ ملتان علم جا مرڪز بنجي ويا. ان کانسواءِ عربن سنڌ ۾ فوجي لحاظ کان 'منصوره'، 'محفوظہ' ۽ 'بيضاء' جهڙا شهر تعمير ڪرايا، جن ۾ پڻ اسلامي علوم ڦهلائڻ لاءِ عرب جي ڪيترن عالمن کي مقرر ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ اسلامي تعليم، تبليغ ۽ ديني اشاعت جو باقاعده اهتمام ڪيو ويو، تاريخ جي ورقن اٽلائڻ سان معلوم ٿئي ٿوته سڀ کان پهريائين حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي خطن مبارڪن کي ديبل جي هڪ عالم ابو جعفر ديبلي 'مڪاتيب النبي' جي نالي سان گڏ ڪيو. قرآن پاڪ جي تفسير، حديث، فقہ ۽ ٻين اسلامي علوم جي ترقي ۽ تدوين لاءِ پڻ ڪوششون ٿينديون رهيون، جنهن جو ثبوت قرآن حڪيم جو سنڌي زبان ۾ ۲۵۱هـ ۾ ترجمو آهي، ان کانپوءِ سومرن ۽ سمن، ارغونن، ترخانن ۽ مغلن ويندي ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن تائين هر دور ۾ سنڌ جي عالمن اسلامي علوم جي ڦهلائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. جنهن جو واضح ثبوت ٿئي جي علمي عظمت مان ملي ٿو. مشهور سياح اليگزينڈر هيملٽن جيڪو ۱۶۹۹ع ۾ سنڌ ۾ آيو سو لکي ٿو تہ:

'صرف ٺٽي جي شهر ۾ چار سئو کان وڌيڪ مکتب يا مدرسہ موجود هئا'

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مطلب تہ سنڌ جو سمورو خطو هر دور ۾ علم جو وڏو مرڪز رهيو آهي. هن سلسلي ۾ لاڙڪاڻو ضلعو سنڌ جي ٻين حصن کان ڪنهن بہ ريت گهٽ نظر نٿو اچي. ضلعو لاڙڪاڻو هونئن بہ قديم تهذيب جو مرڪز آهي. هن خطي جي تهذيب ۽ تمدن موئن جي دڙي ۽ ٻين ڪيترن قديم ڪنڊرن جي هزارين مڙ مٽيءَ اندر مدفون آهي. جنهن جي آثارن کي ڏسي دنيا جي عالمن ۽ ماهرن هن تهذيب جي واکاڻ جا ڏڪ ٻريا آهن.

ان ڪانپوءِ اسلامي دور ۾ هي خطو سنڌ جي قديم علمي مرڪزن، ملتان، سيوهڻ ۽ بکر جي نزديڪ هئڻ ڪري پڻ علم جو مرڪز رهيو. هن خطي جي قديم دور خاص طرح اسلامي تاريخ بابت ڪو مفصل ۽ مستند احوال ملي ڪونہ سگهيو آهي. پر جڏهن تاريخ جو مطالعو ڪجي ٿوتہ مغل دور ۾ هيءَ علاقو 'چانڊڪي' يا 'چانڊڪا' پرڳڻي جي نالي سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. خاص طرح سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي طاقت ۽ سياسي افق تي ايرڻ ڪانپوءِ چانڊڪا جو علاقو يعني موجوده لاڙڪاڻو نمايان طور ظاهر ٿيو.

لاڙڪاڻي جي اهڙي شاندار ماضيءَ ۽ سندس عالمن جي ديني ۽ علمي، تعليمي ۽ تبليغي سرگرمين کان متاثر ٿي مون 'لاڙڪاڻي ضلعي جي ديني عالمن جو دين جي اشاعت ۾ حصو' جي موضوع جي انتخاب ڪيو تہ جيئن سنڌ جي ٻين خطن وانگر ضلعي لاڙڪاڻي جي عالمن طرفان دين جي تبليغ ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ ڪيل خدمتن کي اجاگر ڪيو وڃي. لهذا سنڌ جي عظيم تعليمي درسگاهہ سنڌ يونيورسٽي سان مذڪوره موضوع بابت ضروري لهہ وچڑ قائم ڪرڻ بعد ملڪ جي برڪ عالم ۽ محقق علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي رهنمائي ۽ رهبريءَ هيٺ تحقيقي ڪم شروع ڪيو ويو.

ضلعي لاڙڪاڻي جي ديني شخصيتن ۽ مشاهيرجي ڪن پهلوئن تي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ويجهڑائي ۾ اسان جي ڪن عالمن ۽ محققن ڪافي ڪم ڪيو آهي مثال طور سياسي، سماجي ۽ ٻين ڪيترين ملڪي تحريڪن ۾ هتان جي عالمن جيڪو نمايان ڪردار ادا ڪيو، تنهن تي ڪافي روشني وڌي ويئي آهي. البت انهن جي ديني، تبليغي ۽ اشاعتي سلسلي ۾ ڪيل خدمتن متعلق ڪابه تفصيلي معلومات ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. انهيءَ پس منظر ۾ مون جڏهن ضلعي لاڑڪاڻي جي ديني عالمن جي باري ۾ مواد ڪٺو ڪرڻ شروع ڪيو تہ مون کي انهيءَ سلسلي ۾ ٻن قسمن جي عالمن جو مواد ملڻ لڳو. هڪڙا اهي عالم ۽ بزرگ نظر آيا جن ڪهڙي ياڳي رکو فن خطابت يعني صرف وعظ ۽ تقرير جي ذريعي عام مسلمانن کي دين اسلام جا احڪام ۽ هدايتون ٻڌائيندي پنهنجي حياتي گذاري. البت ان سان گڏ انهن درس و تدريس جو عظيم عمل ب جاري رکيو.

اهڙن عالمن جي زبان ۾ الله تعالي اهڙو اثر وديعت ڪري ڇڏيو هو جو انهن جي شعلہ بيانيءَ کان متاثر ٿي ڪيترائي راه ٻڪيل انسان سڌي رستي تي آيا. در اصل وڏو انگ اهڙن عالمن جوآهي، عالمن جو ٻيو طبقو اهو نظر آيو، جنهن وعظ ۽ خطابت ، درس ۽ تدريس سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو شغل پڻ جاري رکيو آهي، بهر صورت اهڙي ريت قائم ڪيل ديني مدرسن ۽ درسگاهن منجهان ڪيترائي عالم فارغ التحصيل ٿي نڪتا، جن وري پنهنجي لائق استادن جي علمي مشعل کي روشن رکيو. لهذا مون پنهنجي قابل احترام استاد علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن جي هدايت موجب هن تحقيقي مقالي ۾ پنهي قسمن جي عالمن جي تدريسي، تبليغي ۽ اشاعتي خدمتن کي موضوع بڻايو آهي. يعني جن عالمن جو تحريري مواد مليو تہ انهن جي اهڙي علمي سرمايي، جنهن ۾ تفسير، حديث، علم، اصول فقہ، فتويٰ نويسي، منظوم مذهبي شاعري وغيره اچي وجن ٿا ان تي تحقيقي انداز ۾ روشني وڌي وئي آهي . جنهن مان اها ڳالهہ چگيءَ ريت، معلوم ٿئي ٿي تہ انهن بزرگن خاص طرح لاڑڪاڻي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ضلعي جي عوام لاءِ دين جي تبليغ ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ ڪيتري حد تائين ڪم ڪيو آهي.

بهرحال علماءِ ڪرام متعلق مواد گڏ ڪرڻ وقت وڌ ۾ وڌ مستند معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. ان سلسلي ۾ تحقيق جا جديد طريقا استعمال ڪيا ويا آهن، جن ۾ انٽرويوز، ڪتب بيني ۽ سوال نامہ شامل آهن.

انٽرويو :- مواد جي حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ضلعي جي دور دراز ڳوٺن، شهرن، واهڻن ۽ وستين تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ڪيترن عالمن جي پوئنيرن ان ڏس ۾ فراخدليءَ سان تعاون ڪيو. البت ڪن وري لا علمي ۽ غير مثبت رويو ۾ ڏيکاريو. تاهم جيڪي ڪجهہ مواد فراهم ٿي سگهيو، ان کي هتي چنڊي چاڻي پيش ڪيو ويو آهي.

ڪتب بيني: مستند مواد حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ لاڙڪاڻي ضلعي خواه ٻين معروف لئبررين ۽ ڪتبخانن ۾ بار بار وڃڻ ٿيو جتان پڻ ڪافي مواد مليو. اهڙين لئبررين ۽ ڪتبخانن ۾ سر شاهنواز ٻٽو ۽ پاڪستان نيشنل سينٽر لاڙڪاڻي جون لئبرريون، مولانا غلام صديقي قريشي جوڻائين وارو ڪتبخانو، پير نجي الله شاهہ راشدي پير ڳوٺ (تعلقو وارهہ) وارو ڪتبخانو، مولانا محمد قاسم مشوري وارو ڪتبخانو اچي وڃن ٿا. جڏهن تہ ٻاهرين لئبررين ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي لائبرريءَ جنرل لائبرري سنڌ يونيورسٽي جامشورو جا نالا اچي وڃن ٿا. ان کان علاوه ڪن ٻين مهربان دوستن وڏا ڀال ڀلائي پنهنجي ذاتي لئبررين جا دروازا منهنجي لاءِ کولي ڇڏيا. جن وٽان پڻ مون تمام گهڻو استفادو ڪيو. اهڙن مهربانن جا نالا مقالي جي پيش لفظ ۾ ڏنا ويا آهن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سوالنامو : هن سلسلي ۾ مون هڪ جامع سوال نامو پڙ تيار ڪيو، جنهن جي روشنيءَ ۾ عالمن جي سوانح حيات ۽ سندن تبليغي تدريسي ۽ تحريري خدمتن متعلق معلومات ڪٺي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان ڏس ۾ پڙ تمام سئي موٽ ملي.

هتي آءُ انهيءَ ڳالهه کي واضح ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان، ته مون هن مقالي ۾ ڪوشش ڪري اهڙن عالمن جي ديني ۽ علمي ڪارنامن جو مفصل طريقي سان احوال ڏنوآهي، جيڪي مذڪوره عرصي دوران تولد ٿيا ۽ فارغ التحصيل ٿي ديني خدمتون سر انجام ڏنائون، ليڪن انهن مان جن بزرگن ڏيل هندستان جي آزاديءَ لاءِ هلايل نيم مذهبي ۽ سياسي تحريڪن ۾ سرگرم حصو ورتو، انهن جي اهڙي مجاهدانه جذبي جي مناسب هنڌن تي ضروري اپٽار ڪيل آهي.

هتي اها وضاحت به ضروري آهي ته مون پنهنجي هن تحقيقي مقالي ۾ جن علماءِ ڪرام جي تبليغي ۽ تدريسي، تقريري ۽ تحريري ڪارنامن جو ذڪر ڪيو آهي، انهن جو تعلق لاڙڪاڻي ضلعي جي موجوده جغرافيائي حدن سان اهي. ياد رهي ته لاڙڪاڻي کي پهرين آگسٽ ۱۹۰۱ع تي ضلع جو درجو ڏنو ويو هو، ليڪن ان وقت منجهس موجوده ضلع دادو جو وڏو حصو شامل هو.

هينئر انهيءَ سموري تحقيقي مقالي جو مختصر خاڪو (SYNOPSIS) پيش ڪجي ٿو، جيئن توهان حضرات جي آڏو ان جي چٽي تصوير اچي وڃي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

باگو پهريون

منهنجو هي تحقيقي مقالو پنهنجي عنوان جي روشنيءَ ۾ هڪ سئو ڇٽن سالن تي محيط آهي، جيڪو ۱۸۴۳ع کان شروع ٿي ۱۹۴۷ع تي ختم ٿئي ٿو. مون مقالي کي ٻن باگن ۾ ورهايو آهي، پهريون باگو ٽن بابن تي مشتمل آهي جڏهن ته ٻئي کي ڇٽن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. هيٺ مقالي جي ٻنهي باگن جو سرسري جائزو پيش ڪجي ٿو. جنهن مان مقالي جي اهميت ۽ افاديت جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

باب پهريون:

پهرين باگي جو موضوع سنڌ ۾ اسلام جي آمد ۽ ديني تعليم جي شروعات آهي. هي موضوع عربن جي دور کان ٽالپرن جي دور تائين ڦهليل آهي، هن باگي جو باب پهريون جملي ٽن عنوان تي مشتمل آهي. جنهن جو پهريون عنوان سنڌ ۾ اسلام جي آمد آهي. هن عنوان تحت سڀ کان اول مختصر تعارف پيش ڪيو ويو آهي، جنهن ڪانپوءِ تاريخي پس منظر ۾ عرب جا هند ۽ سنڌ سان پراڻا لاڳاپا سرسري طور بيان ڪيا ويا آهن. اهڙي ريت سنڌ تي عربن جي ڪاهه جا اسباب ۽ پوءِ محمد بن قاسم جي سنڌ تي حملي ۽ فتوحات کي مختصر پيش ڪيو ويو آهي. هن عنوان جي پڇاڙي ۾ عربن جي آخري دور تي نظر وڌي ويئي آهي ۽ ان جا اثرات بيان ڪيا ويا آهن.

پهرين باب جو ٻيو عنوان ديني تعليم جي اشاعت رکيو ويو آهي، جنهن تحت سنڌ ۾ اسلام جي

آمد ڪانپوءِ عربن واري دور ۾ ديني تعليم جي ڦهلاءُ جو ذڪر آهي،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جنهن ۾ ان دور جي معروف علماءِ ڪرام مثلاً ابوبڪر محمد منصوري، قاضي ابو العباس محمد بن محمد صالح تميمي منصوري، قاضي ابو محمد دائودي منصوري، ابو محمد عبدالله بن جعفر بن مره منصوري، ابو العباس احمد بن عبدالله ديبلي، ابوبڪر احمد بن محمد بن هارون حربي ديبلي، ابو محمد حسن بن حامد ديبلي بغدادي، خلف بن محمد موازيني ديبلي بغدادي، ابو جعفر بن محمد ابراهيم ديبلي، امام مسعود شيبہ بن حسن سنڌي، ابوبڪر محمد بن حسين بن محمد ديبلي شامي، قاضي شيخ اسماعيل بن علي بن محمد بن موسيٰ طائيءِ علي بن حامد سنڌي وغيره. مشهور علمي مرڪزن ۾ منصوره، ديبلءِ الورجي علمي عظمت کي اجاگر ڪيو ويو آهي.

پهرين باب جو ٽيون عنوان سومرن جو دور حڪومت آهي. جنهن ۾ سڀ کان اول ان دور جو مختصر پس منظر پيش ڪيو ويو آهي، جنهن ڪانپوءِ ان دور جي ديني تعليم جو جائزو ورتو ويو آهي. سومرن جي دور ۾ جيڪي معروف عالم ٿي گذريا آهن، انهن جي ديني خدمتن تي هڪ نظر وڌي ويئي آهي، اهڙن عالمن ۾ مخدوم نور الله، مخدوم عبدالله، مخدوم فاضل شاهم ءِ قاضي ڏتو جا نالا اچن ٿا. هن دور جي مشهور علمي مرڪزن اڳهم ڪوٽ، سيوستان ءِ بڪر بابت پڻ ڄاڻ ڏني ويئي آهي.

چوٿين عنوان تحت سمن جي دور حڪومت جوجائزو ورتو ويو آهي. مختصر سياسي پس منظر ڪانپوءِ ديني تعليم جي اشاعت ، تعليمي مرڪزءِ معروف ديني عالمن جو ذڪر پڻ ڪيو ويو آهي. اهڙن عالمن ۾ مولانا عبدالعزيز ابهري، مولانا اثير الدين ابهري، مخدوم عباس هنگورجو، مخدوم فخرالدين، مخدوم لطف الله، جام بايزيد ءِ ملڪ محمد عرف انڙ جا نالا قابل ذڪر آهن. علمي مرڪزن ۾ بوبڪ ءِ ٺٽو هن دور جا اعلي ديني مرڪز هئا، جن جي علمي ءِ ديني عظمت جو چرچو پري پري تائين پهتل هو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

پهرين باب جو پنجون عنوان ارغونن ۽ ترخانن جو دور حڪومت آهي، جنهن جي شروع ۾ ارغونن ۽ ترخانن جي حڪومتن جي قيام جو مختصر سياسي جائزو پيش ڪيو ويوآهي. جنهن بعد ان دور ۾ ديني تعليم جي فروغ تي نظر وڌي ويئي آهي. ۽ وقت جي معروف ديني علماء ڪرام ۽ علمي مرڪز جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن دور جي مشهور عالمن ۾ قاضي عبدالله، شيخ عبدالله متقي درهيلوي، مخدوم عبدالڪريم ميران ۽ سندس پٽ مخدوم محمد جعفر بوبڪائي، علامہ طاهر محدث سندي، شيخ ميرڪ ابو سعيد پوراني، شيخ عبدالوهاب پوراني، شاهہ قطب الدين بڪري، مخدوم بلال، قاضي شرف الدين عرف مخدوم راهو بن شيخ محمود سيوهاڻي، مخدوم رڪن الدين عرف مخدوم متو، مخدوم فضل الله ٺٽوي وغيره. هن دور جي مشهور علمي مرڪزن ۾ بوبڪ، سيوهڻ، درهيلو ۽ ٺٽو وڏي اهميت جا حامل رهيا آهن.

ڇهون عنوان مغلن جي دور حڪومت متعلق آهي، هتي مختصر سياسي پس منظر پيش ڪرڻ کانپوءِ ان دور ۾ ديني تعليم جي اشاعت جو جائزو ڏنل آهي. جنهن ۾ ديني عالمن ۽ علمي مرڪزن جو ذڪر پڻ ٿيل آهي. ڏارين جي ظلمن ۽ ڏاڍائي کي سهندي ۽ سنڌ پنهنجي علمي عظمت کي قائم رکيو. ٺٽو، نصرپور، سيوهڻ، بکر، روهڙي ۽ سکر تعليم جا اهم مرڪز هئا. هن دور ۾ ٺٽو تعليمي لحاظ کان عروج تي هو.

هن دور جي مشهور عالمن ۾ شيخ ابو الحسن بڪري سندي، ابو القاسم نقشبندي ٺٽوي، مخدوم محمد ابرهيم ٺٽوي، قاضي محمد فاضل سندي ۽ مخدوم ضياء الله جا نالا قابل ذڪر آهن.

Gul Hayat Institute

پهرين باب جو ستون عنوان ڪلهوڙن جو دور حڪومت آهي، جيئن ته ڪلهوڙن جي دور کي سندي علم و ادب جي لحاظ کان سونهري دور ڪري

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ڪوٽيو ويندو آهي، تنهنڪري هن دور جي جائزي وٺڻ وقت ڪي قدر تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت محسوس ٿي آهي، هن دور ۾ ڪيترائي بلند پايه عالم ۽ علمي مرڪز موجود هئا. تنهنڪري انهن عالمن ۽ علمي مرڪزن متعلق ڇڪي خاصي معلومات فراهم ڪئي ويئي آهي.

هن دور ۾ به ٺٽو علم ۽ عرفان جو مرڪز هو، هن شهر ۾ وڏا وڏا جيد عالم، محدث، مفسر، فقيه، صوفي، ۽ درويش ٿي گذريا آهن. جن ۾ مخدوم ابو الحسن ٺٽوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، سندس فرزند مخدوم عبداللطيف ۽مخدوم عبدالرحمان، علامه مخدوم محمد معين شامل آهن. ان کانسواءِ هن دور جي ٻين شخصيتن ۾ شيخ محمد حيات سنڌي، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، مخدوم عبدالله نربي وارو، مير علي شير قانع ٺٽوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، حاجي فقير الله علوي، خواجه محمد زمان لواريءَ وارو، پنهنجي بزرگي ۽ فضيلت سبب نهايت ممتاز حيثيت جا مالڪ آهن.

ٽالپورن جو دور پهرين باب جو اٽون ۽ آخري عنوان آهي جنهن جي شروع ۾ ٽالپرن جي حڪومت جي قيام متعلق مختصر ذڪر ڪيو ويو آهي جيتوٽيڪ هي دور ڪلهوڙن جي دور سان هم سري نٿو ڪري تاهم ڪافي ديني ۽ ادبي ڪم ٿيوآهي تنهنڪري هن دور ۾ ديني تعليم جي اشاعت ۽ ڦهلاءَ توڙي علمي مرڪزن بابت قدر تفصيلي ذڪر ڏنو ويو آهي. سيوهڻ، ڪهڙا، مٽياري، ولهار ۽ چوٽياريون هن دور جا معروف علمي ۽ ديني مرڪز شمار ٿين ٿا. معروف شخصيتن ۽ علماءِ ڪرام ۾ مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي، علي محمد شاهه ، حافظ عبدالوهاب عرف سچل سرمست، پير محمد راشد روضي ڏڻي، آخوند عزيز الله مٽياروي، مخدوم عبدالخالق ڪهڙوي، مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي، شاهه عبدالرحيم سنڌي شڪارپوري، مخدوم فضل الله پاٽائي، خليفو محمد يعقوب همايوني جا نالا قابل ذڪر آهن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 880

باب ٻيو:

پاڳي پهرين جي ٻئي باب جو مکيہ موضوع انگريزن جي دور جو تاريخي پس منظر آهي، هي باب فقط ٻن عنوانن تي مشتمل آهي.

ٻئي باب جو پهريون عنوان 'سنڌ جون سياسي حالتون' آهي جنهن ۾ سڀ کان اول انهن حالات ۽ واقعات جو پس منظر پيش ڪيو ويو آهي، جن جي ڪري سنڌ ۾ انگريزن جي آمد جو دروازو کليو. ان کانپوءِ انگريزن جي دور ۾ جيڪي سياسي تبديليون رونما ٿيون انهن جو جائزو ورتو ويو آهي. جنهن ۾ سنڌ جو بمبئي سان الحاق شامل آهي.

۱۸۵۷ع ۾ پوري هندستان اندر انگريزن جي خلاف جيڪا نفرت جي باهه ٻرڪي ٻئي ۽ فرنگين کان نجات حاصل ڪرڻ لا هندن ۽ مسلمانن گڏجي جيڪي ڪوششون ڪيون، انهن مختلف تحريڪن کي جنم ڏنو. گڏيل هندستان جي انهن تحريڪن کي فقط سياسي تحريڪون سڏي نٿو سگهجي، بلڪ آزادي واري جدوجهد ۾ علماءِ ڪرام، جيڪو ڪردار ادا ڪيو ان جي روشني ۾ انهن تحريڪن کي نيم سياسي ۽ مذهبي تحريڪون سڏڻ حق بجانب آهي.

مذڪوره عنوان تحت اسان هتي انهن مختلف تحريڪن جو مختصر جائزو ورتو آهي. اهڙين تحريڪن ۾ ريشمي رومال تحريڪ، تحريڪ خلافت، عدم تعاون جي تحريڪ، تحريڪ ترڪ موالات، هجرت تحريڪ ۽ جميعت علماءِ اچي وڃن ٿيون.

Gul Hayat Institute

سنڌ جي ذڪر ڪرڻ وقت وري ضلعي لاڙڪاڻي جي علماءِ ڪرام ۽ اڪابرين جي جدوجهد کي خاص طور اجاگر ڪيو ويو آهي. ان ڏس ۾

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 881

لاڙڪاڻي ضلعي جي پير تراب علي شاهه راشدي، مولانا محمد عظيم شيدائي، مولانا تاج محمد آريجوي، مولانا عبدالڪريم ڪورائي، مولانا خوش محمد ميرو خاني، مولانا غلام رسول عباسي، مولانا محمد قاسم مشوري، مولانا غلام عمر جتوئي جا نالا هميشه ياد رکيا ويندا.

ٻئي باب جو ٻيو عنوان انگريزن جي دور ۾ تعليمي نظام جو جائزو آهي. جنهن ۾ ان دور جي ڪن معروف انگريزي تعليم جي ماهرن ۽ سياسي عملدارن جي سنڌ جي تعليمي نظام بابت ڏنل پاليسين ۽ سفارشن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اهڙين تعليمي پاليسين ۾ ميڪالي جي تعليمي پاليسي، سرچارلس ووڊ جي سفارش، برٽن جي رپورٽ وغيره پيش ڪيون ويون آهن. هن ئي دور ۾ سنڌيءَ کي سرڪاري زبانن بڻائڻ جو عمل شروع ٿيو. انگريزي دور ۾ جن ديني عالمن قرآن، حديث، فقه ۽ ٻين ديني علوم جي فروغ لاءِ پاڻ پتوڙيو انهن جو پڻ کي قدر تفصيلي جائزو ورتو ويو آهي.

باب ٽيون :

پهرئين پاڳي جو باب ٽيون پنهنجي موضوع جي لحاظ کان نهايت اهم ۽ بنيادي حيثيت رکي ٿو. باب ٽئين جو پهريون عنوان جاگرفيائي پس منظر آهي، ڪنهن به علائقي جي سياسي، معاشي، معاشرتي يا مذهبي جائزي وٺڻ وقت ان علائقي جي جاگرافيائي پس منظر کي ضرور ڏسڻو پوندو آهي. ڇاڪاڻ ته جاگرافيائي اثرات علائقن جي ماڻهن جي مزاج، ماحول ۽ معاشري تي تمام گهڻو اثر انداز ٿين ٿا.

Gul Hayat Institute

ضلعي لاڙڪاڻي جي جاگرافيائي جائزي وٺڻ وقت جن خاص ڳالهين

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جوذکر کيو ويوآهي، انهن ۾ ضلعي جي جاگرافيائي بيهڪ، تعلقي وار ورڇ، آمدرفت جا ذريعا، آبپاشي نظام ۽ زراعت، جبل، ڍنڍون، ڍورا ۽ قديم آثار اچي وڃن ٿا. جن جو بالواسطه هتان جي رهواسين جي مزاج ۽ ماحول تي اثر نظر اچي ٿو.

باب ٽئين جو ٻيو عنوان ضلعي لاڙڪاڻي جو تاريخي پس منظر آهي. لاڙڪاڻي کي اها عظمت حاصل رهي آهي جو هتي انساني تهذيب جا پراڻا آثار موئن جو دڙو جي صورت ۾ موجود آهن. تنهنڪري مختصر نموني ۾ ان پراڻي تهذيب جي پهرين گهر موئن جو دڙو جي تهذيب ۽ تمدن جو ذکر کيو ويو آهي.

ان کانپوءِ هن علائقي جي جيڪا پراڻي شناس ملي ٿي سا چانڊڪا پرگڻي جي نالي سان آهي، تنهنڪري هتي چانڊڪا پرگڻي متعلق مناسب معلومات ڏني ويئي آهي.

هر هڪ شهر جي نالي جي ڪا تاريخ هوندي آهي. شهر لاڙڪاڻي جي نالي جي به هڪ تاريخ آهي. ڇيو وڃي ٿوته هتي لاڙڪ قوم جي آبادي سبب هن علائقي جو نالو لاڙڪاڻو پئجي ويو، بهر حال لاڙڪاڻي جي تاريخي پس منظر بيان ڪرڻ وقت ان جي نالي متعلق بحث کيو ويو آهي. هتي انهن قومن جو به ذکر آيو آهي، جيکي ٻين هنڌان لڏ پلاڻ ڪري هتي آيون ۽ هن علائقي تي مسلط ٿي ويون. هتي لاڙڪاڻي جي عظمت جو بيان تاريخ جي روشنيءَ ۾ ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ٻڌايوويو آهي ته لاڙڪاڻو پنهنجي خوشحالي ۽ شادابي سبب سنڌ جو عدن سڏيو ويندو هو، جنهن ڪري لاڙڪاڻي بابت ڪيتريون چوٽيون ۽ پهاڪا وجود ۾ آيا.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 883

باگو ٻيو :

منهنجي هن تحقيقي مقالي جو ٻيو ياگو لاڙڪاڻي ضلعي جي انهن بزرگن ۽ عالمن جي ديني خدمات لاءِ مخصوص آهي جن تدريسي ۽ تبليغي، تقريري ۽ تحريري ذريعن سان دين جي خدمت سر انجام ڏني ۽ علم جي پياسن جي اڃ اجهائي. هي تحقيق ۱۰۴ سالن تي ڦهليل آهي. ايڏي وڏي عرصي ۾ هن مردم خيز ڌرتي بيشمار ديني عالم پيدا ڪيا. جن جي فيض جو سلسلو ايا تائين جاري ۽ ساري آهي. تحقيق دوران جيترن مستند ۽ فارغ التحصيل علماءِ ڪرام جي سوانح حيات توڙي ديني خدمات جي متعلق معلومات توڙي مواد ميسر ٿيوآهي، انهن جو تعداد ۱۰۸آهي، ايتري وڏي انگ کي فقط هڪڙي باب ۾ سمائڻ صحيح ڪونہ هو، تنهنڪري سموري عرصي کي چئن حصن ۾ ورهائي هر هڪ باب لاءِ ۲۶ سالن جو عرصو مقرر ڪيو ويو.

پهرين باب ۾ ۱۸۴۳ع کان ۱۸۶۹ع وارن علماءِ ڪرام جي سوانح ۽ سندن تدريسي ۽ تبليغي تقريري ۽ تحريري خدمات جو مفصل ذڪر ڪيو ويو آهي. سوانح حيات ۾ هر هڪ عالم جي جم، خانداني پس منظر، ابتدائي ديني تعليم، مدارس، اساتذه، همعصر عالم، شاگردن ۽ وفات جو ذڪر پڻ مستند حوالن سان ڪيو ويو آهي. جنهن ڪانپوءِ ان عالم جي تحريري طور ڇڏيل ديني شهپارن جي اهميت ۽ افاديت جو جائزو ورتو ويو آهي ۽ سندن تصنيفات جي علمي ۽ ديني حيثيت متعلق راءِ جو اظهار ڪيو ويوآهي جيئن تہ علماءِ ڪرام جو مواد نثر کان علاوه نظم ۾ بہ ملي ٿو تنهنڪري اهڙي مواد مان مثال وٺي سندن ديني خدمتن کي واضح ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح ڪيترن عالمن جو مواد سنڌي زبان کان علاوه عربي ۽ فارسي زبانن ۾ پڻ مليو آهي، جنهن جي افاديت کي پيش نظر رکندي، انهن زبانن ۾ مليل مواد مان مثال لاءِ ڪنيل

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ٽکرن جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ۽ سمجهاڻي ڏني ويئي آهي.

ٻيو باب ۱۸۷۰ع کان ۱۸۹۵ع ۽ ٽيون باب ۱۸۹۴ع کان ۱۹۲۱ع ۽ چوٿون باب ۱۹۲۲ع کان ۱۹۴۷ع تي مشتمل آهي. مذکوره بابن مان هر هڪ باب ۾ آيل علماءِ ڪرام متعلق معلومات لاءِ پهرين باب وارو طريقو اختيار ڪيو ويوآهي.

جن علماءِ ڪرام جي ولادت ۽ وفات يا سندن متعلق ڪا مستند خبر ڪانہ پئجي سگهي آهي، انهن جو احوال پنجين باب ۾ ضميمي طور ڏنو ويو آهي. ان کان علاوه هن باب ۾ مقالي جي پڇاڻي، نتيجا ۽ تجويزون ڏنل آهن ۽ آخر ۾ سموري تحقيق دوران ڪم آيل ڪتابن جي ببلو گرافي ڏني ويئي آهي. هن سان گڏ ضلعي لاڙڪاڻي جي انهن علماءِ ڪرام جي فهرست پڻ شامل آهي جن جي تدريسي ۽ تبليغي ۽ تحريري ۽ تقريري خدمات ڪي هن مقالي جو عنوان بڻايو ويو آهي.

آخر ۾ آءُ پنهنجي بزرگ استاد محترم علامہ غلام مصطفي قاسمي صاحب جو بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن صاحب پنهنجي گوناگون مصروفيتن ۽ طبع جي ناسازي جي باوجود بہ رهبري ۽ رهنمائي جو حق ادا ڪيو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 885

ضلعي لاڙڪاڻي جي ديني عالمن جي فهرست

۱۸۴۳ع--------- ۱۶۴۷ع (انگريزن جو دور)

۱ – مولانا نور محمد شهداد ڪوٽي

۲ – مولانا غلام عمر جتوئي

۳ – مولانا پير محمد قريشي

۴ – مولانا گل محمد شهداد ڪوٽي

۵ – مولانا محمد هاشم

۶ – مولانا غلام محمد صديق شهداد ڪوٽي

۷ – مولانا عبدالله پيرائي

۸ – مولانا عبدالرحمن تنيو

۹ – مولانا ڪريم داد چانڊيو

۱۰– مولانا محمد اسماعيل ابڙن وارو

۱۱– مولانا محمد عاقل 'عاقلي'

Gul Hayat Institute

۱۲– مولانا حاجي احمد ملوي

۱۳– مولانا عبدالرحمن ڏامراهو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 886

۱۴- ابو الجمال مولانا خدا بخش ابڑو

۱۵- پير تراب علي شاهه راشدي

۱۷- مولانا عبدالله بنگل ديرائي

۱۸- مولانا عبدالكريم 'كهاڑو'

۱۹- عبدالله بنگل ديرائي

۲۰- مولانا دين محمد بٹوي

۲۱- مولانا مير محمد نورنگي

۲۲- مولانا شير محمد كوسو

۲۳- مولانا خادم حسين جتوئي

۲۳- مولانا شمس الدين جتوئي

۲۴- مولانا حبيب الله 'حبيب'

۲۵- مولانا محمد صالح 'وصالي'

۲۶- مولانا حافظ عبدالرحمٰن پير

۲۷- مولانا غلام رسول جتوئي

Gul Hayat Institute

۲۸- مولانا سيد عبدالحق شاهه

۲۹- مولانا غلام رسول جوٹيجو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۳۰- پیر محمد عبدالغفار عرف 'پیر مٹو'

۳۱- مولانا محمد عظیم 'شیدا'

۳۲- مولانا غلام حسین ولیدائي

۳۳- مولانا عبدالکریم کورائي

۳۴- مولانا جان محمد وگڑ

۳۵- مولانا حافظ محمد هاشم قاسمي

۳۶- مولانا خوش محمد میروخاني

۳۷- مولانا حافظ محمد کامل دایو

۳۸- مولانا لطف الله عباسي

۳۹- مولانا حبیب الله نوناري

۴۰- مولانا درمحمد 'خاک'

۴۱- مولانا عطا محمد کلهوڑو

۴۲- مولانا غلام صدیق نوناري

۴۳- مولانا فقیر هدایت علي نجفي

Gul Hayat Institute

۴۴- مولانا پیر نجي الله شاهه راشدي

۴۵- مولانا الکریم ککل بٹوي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۴۶- مولانا غلام فريد سپرو

۴۷- حافظ امام بخش سومرو

۴۸- مولانا عبدالكريم جلباڻي

۴۹- مولانا ثناءُ الله ثنائي

۵۰- مولانا عطا محمد 'عطائي'

۵۱- مولوي ولي محمد ابڙو

۵۲- مولانا فقير كريم بخش چانڊيو

۵۳- مولانا حكيم فقير الله جتوئي

۵۴- مولانا محمد عالم ابڙو ملوي

۵۵- مولانا محمد قاسم مشوري

۵۶- مولانا فضل حق چانڊيو

۵۷- مولانا محمد ابراهيم 'خليل' كارڙائي

۵۸- مولانا غلام عمر چانڊيو

۵۹- مولانا محمد دائود تنيو

Gul Hayat Institute

۶۰- مولانا غلام رسول چانڊيو

۶۱- مولانا عبدالحليم برڙو

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

٦٢- مولانا غلام رسول تنيو

٦٣- مولانا عبيدالله چانڈيو

٦٤- مولانا نواب الدين چانڈيو

٦٥- مولانا خالد داد ابڑو

٦٦- مولانا قاري امان الله كربلائي

٦٧- مولانا تاج محمد آريجوي

٦٨- مولانا محمد اسماعيل قريشي

٦٩- مولانا غلام صديق قريشي

٧٠- مولانا امان الله آريجوي

٧١- مولانا عبدالعزيز سومرو 'ياندوي'

٧٢- مولانا غلام رسول جهتيال

٧٣- مولانا محمد نواز سيئار

٧٤- مولانا شاهه محمد هكڑو

٧٥- مولانا محمد ايوب لاكو

٧٦- مولانا محمد كواكر

٧٧- مولانا محمد ابراهيم بٹوي

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

٧٨- مولانا محمد قاسم چانديو

٧٩- مولانا عبدالحق پتو

٨٠- مولانا عبيدالله لاشاري

٨١- مولانا سلطان احمد جتوئي

٨٢- مولانا هدايت الله تنيو

٨٣- مولانا عطا محمد عباسي

٨٤- مولانا عطا محمد سومرو

٨٥- مولانا محمد ابرهيم ميمڻ

٨٦- مولانا محمد رفيق بروهي

٨٧- مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

٨٨- مولانا احمد علي مهيسر

٨٩- مولانا حافظ سرفراز عرف عبدالقادر تنيو

٩٠- مولانا عطا محمد مهيسر

٩١- مولانا عزيز الله جروار

٩٢- مولانا قمرالدين مهيسر

٩٣- مولانا عبدالقادر عباسي

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

۹۴- مولانا عبدالعلیم میکن

۹۵- مولانا محمد صالح پٹو

۹۶- مولانا الله بخش تنیو

۹۷- مولانا علي انور تنیو

۹۸- مولانا غلام قادر مهیسر

۹۹- مولانا غلام قادر برڑو

۱۰۰- مولانا غلام صدیقي چنجڻي

۱۰۱ مولانا قاضي دوست محمد 'بلبل سنڌ'

۱۰۲- مولانا قاري خیر محمد بلوچ

۱۰۳ مولانا عبدالرشید پیرزادو

۱۰۴- مولانا نور الدین 'نور'

۱۰۵- مولانا مفتي محمد سلیمان بگهیو

۱۰۶- مولانا عبدالغفار

۱۰۷- مولانا حبیب الرحمن تنیو

Gul Hayat Institute

۱۰۸- مولانا عبدالحي چانڈیو

۱۰۹ - مولانا نذیر حسین جتوئي.

۱۱۰ - مولانا نورالحق ▲▲▲▲▲

شیخ

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 892

UNIVERSITY OF SINDH

The contribution of Religious Scholars of District Larkana in propagating Islamic learning and literature during the British period 1843-1947.

Thesis submitted to Sindh University Jamshoro
for award of Ph.D in Islamic Culture under the guidance of
Allama Ghulam Mustafa Qasmi.

By

Hafiz Abdul Razaq Soomro

Gul Hayat Institute

A brief of the thesis presented at the
inter-departmental seminar
Sindh University, Jamshoro.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 893

Introduction.

Sindh has been the cradle of civilization and culture throughout the ages. However, the advent of Islam in 712 A.D in Sindh, laid the solid foundations of acquiring knowledge as now the order of the day has been to seek knowledge from cradle to grave. During the Arab rule, many religious scholars and Ulema came and settled in the cities of Sindh, such as Debal, Alore, Mansoorah and 'Mehfoozah', and with this started the teaching and learning of the Holy Quran and other religious subjects. It is a matter of record that a religious scholar from Debal- Abu Jafar was the first person who collected and compiled the letters written by the Holy Prophet under the title, 'Makateebu-n-Nabi'. Again it was during the Arab period around 251 A.H. that an scholar from Sindh translated the Holy Quran into Sindhi Language.

The Arabs were succeeded by Soomras (1050-1351 A.D) who were followed by Sammas (1351-1520 A.D) Arghuns & Turkhans (1520-1592), Mughals (1592-1737), Kalhoras (1737-1782 A.D) and finally Talpurs (1782-1843 A.D). During all these phases of history Sindh produced a galaxy of Ulema and Scholars,Faqih and Khatibs whose laudable services towards the cause of spreading education and learning would require many volumes to

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

highlight their efforts properly. Alexander Hamilton who happened to visit Thatta in 1699 A.D. reported :

'There were at least 400 Makatabs and Madarsas in that town of Thatta only'.

The area which is now known as Larkana District is famous all over the world due to the ruins of the Moen-Jo-Daro-- the great centre of the Indus Valley civilization.In the recent history of Sindh, we find Larkana in lime light during Mughal and Kalhora times. During Kalhora period, when it was known as Chandka Pargana it appears to have very important position in every sphere of life. It continued to occupy this position during the Talpur days and the British rule. In view of its increasing importance Larkana was declared as district in 1901 by the British Administration. It then included some parts of Dadu district which were taken away from Larkana when Dadu was given the status of a district.

Impressed by the glorious past of Larkana, and especially the role played its scholars in the socio-religious field, the singular work done by them in spreading/propagating the message of Islam, their contributions in producing Islamic--literature, their missionary zeal in unveiling the real spirit of Islam-convinced me to undertake research on this very important but forgotten chapter of its history viz. *'The contribution of religious scholars of Larkana district towards the propagation of Islamic learning and literature during the British period 1843-1947'*. The topic was selected in consultation with the renowned scholar

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Allama Ghulam Mustafa Qasmi who is acknowledged to be an authority in this field. Fortunately he himself belonged to Larkana district and he happily agreed to be my guide for this topic. The Sindh University authorities also approved my topic and allowed me to proceed with my research work.

When I started collecting material for my thesis. I found that there were mainly two categories of Ulemas/Scholars. First who had mainly specialized in delivering *waiz*/speeches and consequently had enlightened common Muslim masses about the fundamental teachings of Islam. Their whole emphasis was centred on understanding Islam as a religion of truth. In their speeches they highlighted the injunctions of Islam as laid down in the Quran and Sunnah. Their contribution from practical point of view was second to none.

The Ulemas falling in second category were those who had contributed more in writing through producing literature whether it was prose or poetry. However, imparting of religious education through Maktabs and Madarsahs was common to both. In fact this madarsah education was much more significant, as it was this process that kept constantly producing the chain of Ulemas and scholars . The latter were replacing the preceding ones. It was in these madarasas that a full fledged syllabus was taught and those who graduated or became *Farigh-ut-tashil* were supposed to continue the mission of teaching as well as propagating and preaching of Islam. This system of Islamic teaching continued for

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

centuries in Sindh and for the first time, it suffered great set-back during the British days. They replaced it to a great extent with their own system of education.

In my research methodology, I have adopted the following techniques to procure required material :-

i) Personal interviews

ii) Information through Questionnaire

iii) Published/un-published material in the Public/Personal Libraries.

i) Personal Interviews: It is relevant to point out here that personal interviews were the main source of collecting the required material. In this regard I have to go from village to village and visit the far-off corners of district to contact the person concerned in case he was alive otherwise relatives/descendents of those Ulemas. In order to extract the relevant information I have to make long sittings with them. In many cases I received encouraging replies, but sometimes it was hopeless also.

ii) Questionnaire: This is a modern technique of research. Accordingly I devised a very comprehensive proforma in the beginning. In the first instance questionnaire was delivered to the concerned persons with the view to collect as much information as possible. This questionnaire form was comprehensive one and it contained as many as 20 columns. Besides biographic

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 897

details, it provided for their socio-religious activities also.

iii) Public/Personal Libraries: Published/un-published material whether in public or private possession is considered to be the most authentic source of information for research purpose. Accordingly, every effort was made to lay hands on such material, wherever it was said to be available. In this connection, I must mention the names of personal libraries or collections of Maulana Ghulam Siddiq Qureshi of Junani, Pir Najullah Shah Rashdi of Pir Goth Taluka Warrah, Maulana Mohammad Azim 'Sheda' of Nasirabad, late Dr. Abdul Karim Sandelo of Larkana, Late Moulvi Abdullah 'Asr' Chandio of Biro Chandio, Late Maulana Mohammad Qasim Mashori of taluka Dokri, Maulana Abdul Karim Qureshi of Ber Sharif Taluka Kambar and last but not the least has been the personal library of my worthy guide Maulana Ghulam Mustafa Qasmi.

So far as the public libraries are concerned, I frequently benefited from the following:-

i) Sir Shah Nawaz Bhutto Library
ii) Government Degree College Larkana Library
iii) Pakistan National Centre Library
iv) Library of Sindhology
v)General Library of Sindh University Jamshoro.

Gul Hayat Institute

Besides, I had an access to the collections of some of my personal friends, whose names I have mentioned in my introduction. Hence they need not be repeated here.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 898

SYNOPSIS

After these introductory remarks, now I present synopsis of my thesis, which I have divided into two parts. The first part contains three chapters, whereas second contains four chapters. Here I briefly provide birds'-eye view of the main topics covered in each part and under each chapter.

First Part:-

In the first part we have mainly dealt with the advent of Islam in Sindh and its impact upon Sindhi Society. We have provided the general survey of the Islamic system of education, right from the Arab period up to rule of Mir Talpurs.

After having discussed the conquest of Sindh by Muhammad Bin Qasim, we have briefly narrated the names of Ulema and scholars who came to Sindh during Arab period. We have also thrown light on Debal, Alor and Mansoorah which had become the centres of Islamic sciences and Arts during Arab rule.

Next we have Soomra period under discussion. Here we have tried to mention the names of very reputed scholars. Also we have thrown light on the centres of learning of this period such as Agham Kot, Sewistan and Bakhar.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 899

Under the Samma period, the importance of Boobak and Thatta had increased. Besides, the role of Ulema has also been examined in nutshell.

In so far as the Arghun, Tarkhan and Mughal rule, we have highlighted the activities of religious scholars and critically examined their role. In short Nasarpur, Rohri, Darbelo have also been discussed as centres of knowledge.

The Kalhora period has been examined rather in detail, as it was golden period for religious literature as well as Sindhi classical poetry. We have very great names of religious Scholars in this period. Although the rule of Talpurs was not as bright as Kalhoras and there was a general decline. Yet it was important in many respects.

In the succeeding chapter of first part I have given the analysis of socio-political conditions of Sindh in the first half of 19th Century. I have briefly thrown light on the conditions under which the British conqured Sindh in 1843. I have also discussed the annexation of Sindh to Bombay in 1847 and the revolt of 1857 and its after effects in Sindh.

After this historical background, I have thrown light on the introduction of English system of education in Sindh. In this regard I have briefly reviewed the policies/reports of the British educationists, especially Lord Macauly, Sir Charles Wood and Burton.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 900

In the third chapter I have presented geographical and historical background of district Larkana. Here I have analysed to show how these two factors have played their role in shaping the temperament and character of the people of this district. Besides, I have discussed the probable theories regarding the name of Larkana.

Second Part:-

The contents of the Second part of my thesis are directly related with the topic. Here I have tried to cover as far as possible all the prominent Ulemas and scholars of this period which is spread over more than a century or to be precise it comes to about 104 years i.e. 1843-1947. It is interesting to note that the number of Ulemas, whose services in the field of teaching, writing and propagating Islam have been highlighted here is also more than one hundred, rather the exact number is1108. For sake of convenience I have divided the entire period into four parts or epochs.

In the first chapter, I have dealt with the Ulemas who belonged to 1843-1869 period. The strategy has been to start with the date and place of birth of each individual, family background, initial education, the names of Madrasas and teachers wherefrom graduated or became *Farigh-ut-tahsil*. His own activities in the field of teaching, the names of madrasas where he taught, his contemporaries, his writings, prose or poetry or both. His *Fatwa Nawisi*, socio-political activities, if any.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute www.drpathan .com # 901

Mostly their writings were in Persian and Arabic. Keeping in view their importance, the relevant portions have been translated into Sindhi.

In the above manner, second chapter deals with 1870-1895 period, third covers the years between 1896-1921 and fourth starts with 1922 and ends with 1947, the year in which we got freedom and Pakistan came into existence.

It must be admitted that the canvass of my subject matter is very wide, especially from the point of view of time, as it is spread over more than a century. I, therefore, faced many difficulties also. In many cases I got enough material in respect of certain personalities which was more than enough from my view point. But in a very few cases there was such scarcity of material that I have to really starve for months altogether and after a very hard struggle some one would point out or indicate the availability of a very sketchy material. However, I have tried to throw as much light as was possible from the material available with me. I feel this can be supplemented in future at appropriate time and after the availability of the required information. In the last chapter as usual I have given the conclusion of my research together with the results which I have arrived at or the recommendations which I have formulated as a result of my present research on this very important topic.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

In the end I have provided the bibliography of the reference books.

I would be failing in my duty if I do not mention here that I owe special thanks to my guide and teacher Allama Ghulam Mustafa Qasmi, who despite his very busy schedule, was always very kind to spare some time for me. He was always open to discussion and would do his utmost to satisfy my curiosity. During my frequent meetings with him, I was really impressed by his unimaginable memory. He can be termed as mobile encyclopaedia in respect of the Ulemas mentioned here, as I always found the much required information at his finger-tips.

I close the summary by providing the list of 108 Ulemas, whose names appear like stars over the horizon of 104 years.

1. Maulana Noor Muhammad Shahdad Koti
2. Maulana Ghulam Umar Jatoi
3. Maulana Pir Muhammad Qureshi
4. Maulana Gul Muhammad Shahdad Koti
5. Maulana Muhammad Hashim
6. Maulana ~~Muhammad~~ Ghulam Siddiq Shahdad Koti
7. Maulana Abdullah Berai

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

8. Maulana Abdul Rehman Tunio
9. Maulana Karim Dad Chandio
10. Maulana Muhammad Ismail Abran Waro
11. Maulana Muhammad Aqil 'Aqli'
12. Maulana Haji Ahmed Malvi
13. Maulana Abdur Rehman
14. Maulana Khuda Bux Abro
15. Pir Turab Ali Shah Rashdi
16. Maulana Abdullah Banguldervi
17. Maulana Abdul Karim Khuharo
18. Maulana Din Muhammad Bhuthvi
19. Maulana Mir Muhammad Norangi
20. Maulana Sher Muhammad Khoso
21. Maulana Khadim Hussain Jatoi
22. Maulana Shamasuddin Jatoi
23. Maulana Habibullah Habib
24. Maulana Muhammad Saleh ' Wasali'
25. Maulana Hafiz Abdur Rehman Babar

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

26. Maulana Ghulam Rasool Jatoi
27. Maulana Syed Abdul Haq Shah
28. Maulana Ghulam Rasool Junejo
29. Pir Muhammad Abdul Ghaffar Alias Pir Mitho
30. Maulana Ghulam Hussain Sodhar
31. Maulana Muhammad Azim 'Shaida'
32. Maulana Ghulam Hussain Walidai
33. Maulana Abdul Karim Koorai
34. Maulana Jan Muhammad Wagan
35. Maulana Hafiz Muhammad Hashim Qasmi
36. Maulana Khush Muhammad Miro Khani
37. Maulana Hafiz Muhammad Kamil Dayo
38. Maulana Lutfullah Abbasi
39. Maulana Habibullah Noonari
40. Maulana Dur Muhammad 'Khak'
41. Maulana Atta Muhammad Kalhoro
42. Maulana Ghulam Siddiq Noonari
43. Maulana Faqir Hidayat Ali Najafi 'Tarik'

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

44. Maulana Pir Najullah Shah Rashdi
45. Maulana Abdul Karim Kakhal Bhutavi
46. Maulana Ghulam Farid Sipro
47. Hafiz Imam Bux Soomro
48. Maulana Abdul Karim Jalbani
49. Maulana Sanaullah Sanai
50. Maulana Atta Muhammad Atai
51. Maulana Wali Muhammad Abro
52. Maulana Faqir Karim Bux Chandio
53. Maulana Hakim Faqirullah Jatoi
54. Maulana Muhammad Alim Abro
55. Maulana Muhammad Qasim Mashori
56. Maulana Fazal Haq Chandio
57. Maulana Muhammad Ibrahim 'Khalil'
58. Maulana Ghulam Umar Chandio
59. Maulana Muhammad Daud Tunio
60. Maulana Ghulam Rasool Chandio
61. Maulana Abdul Halim Buriro

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

62. Maulana Ghulam Rasool Tunio
63. Maulana Abdullah Chandio
64. Maulana Nawabuddin Chandio
65. Maulana Khaliq Dad Abro
66. MaulanaQari Amanullah 'Karbalai'
67. Maulana Taj Muhammad Arijavi
68. Maulana Muhammad Ismail Qureshi
69. Maulana Ghulam Siddiq Qureshi
70. Maulana Amanullah Arijavi
71. Maulana Abdul Aziz Bhandvi
72. Maulana Ghulam Rasool Jhatial
73. Maulana Muhammad Nawaz Sethar
74. Maulana Shah Muhammad Hakro
75. Maulana Muhammad Ayoub Lakho
76. Maulana Muhammad Khokhar
77. Maulana Muhammad Ibrahim Bhutvi
78. Maulana Muhammad Qasim Chandio
79. Maulana Abdul Haq Bhutto

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

80. Maulana Ubedullah Lashari
81. Maulana Sultan Ahmed Jatoi
82. Maulana Hidayatullah Tunio
83. Maulana Atta Muhammad Abbasi
84. Maulana Atta Muhammad Soomro
85. Maulana Muhammad Ibrahim Memon
86. Maulana Muhammad Rafiq Brohi
87. Maulana Ghulam Mustafa Qasmi
88. Maulana Ahmed Ali Mahesar
89. Maulana Hafiz Sarfraz Alias Abdul Qadir Tunio
90. Maulana Atta Muhammad Mahesar
91. Maulana Azizullah Jarwar
92. Maulana Qamaruddin Mahesar
93. Maulana Hafiz Abdul Qadir Abbasi
94. Maulana Abdul Halim Mekan
95. Maulana Muhammad Saleh Bhutto
96. Maulana Allah Bux Tunio
97. Maulana Ali Anwar Tunio

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

98. Maulana Ghulam Qadir Mahesar

99. Maulana Ghulam Qadir Buriro

100. Maulana Ghulam Siddiq Chinjni

101.Maulana Kazi Dost Muhammad 'Bulbul-e-Sindh'

102. Maulana Qari Khair Muhammad Baloch

103. Maulana Abdur Rashid Pirzado

104. Maulana Nooruddin 'Noor' Chandio

105. Maulana Mufti Muhammad Suleman Bughio

106. Maulana Abdul Ghaffar

107. Maulana Habib-ur-Rehman Tunio

108. Maulana Abdul Hai Chandio

109. Maulana Nazir Hussain Jatoi.

11. Maulana Noor-ul-Haq-Shaikh.



Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.